# جوئاري

## (THE GAMBLER)


مصنف:

دوستووسڪي

مترجم:

قاضي خادم



سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ

١٩٧٦ع

# جوئاري

# (THE GAMBLER)

مصنف:

دوستو وسڪي

مترجم:

قاضي خادم

سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ

١٩٧٦ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇاپو پهريون [ سال ١٩٧٦ع [تعداد هڪ هزار

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن

ملڻ جو هنڌ :

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
جنرل پوسٽ آفيس باڪس نمبر ١٢
حيدرآباد سنڌ

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت: ڇهه رپيا

هيءُ ڪتاب سردار پرنٽنگ پريس، ڪاڌي ڪاتي، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو، ۽ مسٽر غلام رباني آگري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻه لفظ

ترجمي جو فن ڪنهن به صورت ۾ تخليقي عمل کان گهٽ ناهي. هن فن جو واسطو گهڻي مطالعي ۽ ٻوليءَ جي مهارت سان آهي. تخليقي فنڪار کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ تخليق تي ڪرڻي پوي، جڏهن ته ترجمي ڪندڙ کي اصلي لکڻيءَ جي ٻوليءَ جي صحت ۽ مفهوم جو روح برقرار رکڻ سان گڏ ان کي ٻيءَ ٻوليءَ ۾ اهڙي ته انداز سان پيش ڪرڻو ٿو پوي جو ان جي اصليت تي به ڪو اثر نه پوي ۽ اهو گهربل ٻوليءَ ۾ سهڻي انداز سان منتقل به ٿي وڃي.

ڪنهن به فن پاري کي ترجمي ڪرڻ سان ترجمي ڪندڙ جو خاص مقصد اهو هوندو آهي ته ڌارين ٻوليءَ جي ڪا اهم ۽ خوبصورت لکڻي پنهنجيءَ زبان ۾ يا وري پنهنجي ٻوليءَ جي ڪا نمائنده لکڻي ڌارين ٻوليءَ ۾ منتقل ڪجي. ان طرح ٿي دنيا جا مختلف ادب ۽ انهن جا پارکو هڪٻئي جي ويجهو آيا آهن ۽ انسان ذات جا قدم عظيم تر ۽ وسيع تر انساني مفادن جي طرف وڌيا آهن— يونان جو ادب انگلستان ۾، انگلستان جو ادب روس ۾ ۽ روس جو ادب سنڌيءَ ۾، مطلب ته دنيا جون سموريون ٻوليون ۽ انهن جو ادب ترجمي جي صورت ۾ ملي هڪ ٿي ويو آهي— ان طرح انسان جو بين الاقوامي تصور به حقيقت ٿيندڙ پيو نظر اچي.

هيءُ ناول روس جي عظيم ليکڪ دوستووسڪيءَ جو اڪيل آهي. اها حقيقت آهي ته 'ڪرائم اينڊ پنشمينٽ'، 'برادرز ڪارمزاف' ۽ 'ايڊيٽ' جي اڳ هن ناول جي ڪا خاص حيثيت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڻهي، پر تنهن هوندي به هيءَ هڪ عظيم ليکڪ جي اهم ڪوشش آهي ۽ خاص طرح پڙهندڙن لاءِ هن ۾ وڏو دلچسپيءَ جو مواد آهي.

دوستووسڪي دنيا جي انهن چند اديبن مان هڪ آهي، جن کي انساني نفسيات جي چڱيءَ طرح ڄاڻ آهي. هو انسان جي ظاهري عمل نه بلڪ داخلي محرڪات کي سمجهي ٿو ۽ هن ڪهاڻيءَ ۾ اهڙن ئي ڪردارن جو ذڪر ڪيو اٿس.

”جوئاري“ هڪ اهڙي شخص جي ڪهاڻي آهي، جيڪو جوئا کان توبهه ڪري چڪو آهي؛ پر پنهنجي محبوبه جي خاطر پنهنجو قسم ٽوڙي ٿو ۽ جوئا جي ميز تي پهچي وڃي. هن کي پڪ آهي ته جي هو پاڻ ڪانسواءِ ڪنهن به ٻئي لاءِ کيڏندو ته ضرور کٽندو ۽ هو واقعي ٻين لاءِ کٽي به ٿو. ليڪن جڏهن سندس دل جو وارو ٿو اچي ته هارائي ٿو وڃي. هن کي ڪڏهن به اها خبر نه پئجي سگهي ته جنهن واقعي کي هو پنهنجي شڪست سمجهي پنهنجي محبوبه کي ڇڏي چڪو آهي سو غلط آهي، بلڪ جنهن کي هو ڇڏي آيو آهي سا حقيقت ۾ سندس نالي کي پوڄيندي آهي. پر هاڻ ان واقعي کي گهڻي دير ٿي چڪي هئي، هو بازي هارائي چڪو هو. هاڻ هو وري ڪنهن نئين داءَ لاءِ سوچي ٿو — ڪو نئون داءُ — اميدن ۽ آسرن تي پڙل نئون داءُ.

هن ڪتاب جي ڇپائيءَ جي سلسلي ۾ سنڌي ادبي بورڊ، خاص طرح جناب غلام ربانيءَ جو ڏاڍو ٿورائتو آهيان. هن صاحب مسودي جي خريداريءَ کان وٺي ڪتاب جي اشاعت تائين جنهن ريت مون کي همٿايو ۽ مدد ڪيائين، تنهن کي بيان ڪرڻ لاءِ مون وٽ لفظ نه آهن.

قاضي خادم

۱۹ آگسٽ ۱۹۷٦ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انتساب

آءُ پنهنجي پيار جو هي پورهيو،
سنڌ جي عظيم انقلابي شاعر
**شيخ اياز**
ڏانهن منسوب ٿو ڪريان، جنهن جي
سڀاجهي شخصيت هميشه منهنجو آئيڊيل
رهي آهي.

— قاضي خادم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب پهريون

پندرهن ڏينهن جي غير حاضريءَ کان پوءِ آخرڪار آءٌ واپس اچي ويو آهيان. منهنجا پيا ساٿي ٻن ڏينهن کان رولٽنبرگ ۾ ئي رهيل آهن. سون پيانيو ته هنن کي منهنجو ڏاڍو اونو هوندو پر هتي ته قصو ئي ٻيو هو. جنرل پنهنجي منهن ڏاڍو موج ۾ هو. هن مون سان ڏاڍي قرب سان ڳالهايو ۽ پوءِ پيٽس ڏانهن اشاڻياڻيمر. مون کي ڪجهه ائين پئي لڳو، ڄڻ ته جنرل مون ڏانهن نهاريندي ڪجهه ڦڪو پئي ٿيو. ماريا فلپانا به ڪم ۾ رڌل هئي. هن ته مورڳو مون سان گهٽو ڳالهايو ئي ڪونه. بهرحال مون کان پئسا وٺي ڇڏيائين ۽ بي خياليءَ سان منهنجي سفر جو احوال پڇايائين. هاڻ هنن کي بنڌري فرينچ، ميزڊوف ۽ ڪنهن انگريز جو انتظار هو. پئسا هٿ ۾ ايندي ئي هنن هميشه وانگر ماسڪو واري طرز جي هڪ دعوت جو انتظام ڪري ورتو. پالينا اليگزينڊرونا مون کان هيترا ڏينهن ٻاهر رهڻ جو سبب پڇيو ۽ منهنجو جواب ٻڌڻ بنان ئي اندر ڪمري ڏانهن هلي وئي. ائين ڪرڻ ۾ به هن جو هڪ مقصد هو. ڪيس خبر هئي ته اسان وٽ هڪ ٻئي کي ٻڌائڻ لاءِ جام ڳالهيون گڏ ٿي ويون هيون.

هنن مون کي هوٽل جي چوٿين ماڙ تي هڪڙو ڪمرو وٺي ڏنو. سڀني کي خبر هئي ته آءٌ 'جنرل جي لڏي' منجهان آهيان. هوٽل به هر ڪنهن ائين ٿي سمجهيو ته جنرل ڪو روس جو وڏو شاهوڪار ماڻهو آهي ۽ هنن به ته ٻين کي مرعوب ڪرڻ لاءِ ائين ٿي ڪيو. دعوت کان ٿورو اڳ جنرل مون کي ٻين ڪمن سان گڏ هزار هزار فرانڪن جا ٻه نوٽ به مٽائڻ لاءِ ڏنا، جيڪي آءٌ هوٽل جي آفيس سان مٽائي آيس. هاڻي اسان پڪ هئي ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ هفتي تائين ته هو

اسان کي لڳاتي پيا سمجهندا. منهنجو خيال هو ته ميشا ۽ ناديا کي ٻاهران گهمائي اچان. پر اچا آءٌ ٻارن کي وٺي ڏاکڻ ڏائين مس پهتس ته جنرل صاحب جي نظر پئجي وئي. هن هڪدم واڪو ڪندي پڇيو ته ڪيڏانهن ٿو وڃين. ٻڍا ڙيو ماڻس پر هن سون مان نظرون ڪونه ملايون ڇو جو هاڻ مون به ڏاڍي گستاخيءَ مان هن جي اکين ۾ اکيون وجهي ڳالهايو. بهرحال وڏا وڏا جملا ۽ ڳرا ڳرا اکر استعمال ڪندي مون کي صلاح ڏنائين ته ٻارن کي ڪاسينو کان جيترو پري ٿي سگهي، گهمائڻ لاءِ وٺي وڃان. ائين چوندي جوش اچي ويس ۽ چيائين ته ٿي سگهي ٿو ته تون هنن کي به جوئا خاني ڏانهن وٺي وڃي رهيو هجين. ڇو جو توکي ته جوئا جي پيٽ آهي. خراب لڳندي ته پلي باقي اها پڪ آهي ته تون جوئا کان سواءِ رهي نٿو سگهين. آءٌ ڪو تنهنجو صلاحڪار ڪونه آهيان پر ته به ايترو ضرور چوندس ته اهڙو ڪم نه ڪجهين ڪٿي مون کي ڏنو نه ڪري وجهين. اهو پڌي مون هوريان هوريان جواب ڏنو مانس ته سائين، هارائڻ لاءِ به ته ماڻهوءَ کي پئسا گهرجن، مون وٽ ته پئسا آهن ئي ڪونه. ان تي هن جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو ۽ چيائين ته پئسا توکي هينئر به ملي سگهن ٿا. هن ائين چئي ميز جي خاني ۾ هٿ وڌو ۽ ڪجهه ڪاغذ اٿلائي پٿلائي منهنجو ڪاتو ڏسي چيائين ته تنهنجا هڪ سؤ ويهه روپيا اچا مون ڏانهن آهن.

”پر هاڻ چا ٿيندو، اهي ته اسان کي فرانسيسي سڪي ۾ مٽائڻا پوندا.“ ائين چئي هن منهنجي رقم منهنجي حوالي ڪئي. ”ڏس، منهنجي ڳالهه دل ۾ نه ڪجئين، تون هوندين به جلدي چڙي پوندو آهين. آءٌ ته تنهنجو ڀلو ٿو چاهيان، سو اهي ڳالهيون رڳو توکي خبردار ڪرڻ لاءِ ڪندو آهيان.“

شام جو ٻارن کي وٺي گهر پئي آيس ته واٽ تي سوارين جو هڪ جلوس ويندو نظر آيو. خبر پئي ته اها اسان جي پارٽي هئي ۽ ڪي پراڻا کنڊرات ڏسڻ لاءِ وئي هئي. ٻه شاندار گهوڙي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گاڏين ۾ ماد موزئيل بلانشي، ماريا فلپانا ۽ پاليما وينل هيون. فرينچ، انگريز ۽ جنرل گهوڙن تي سوار هئا. وات ويندڙ به هنن کي اچرج وچان ڏسي رهيا هئا. پر ان هوندي به جنرل خوش ڪونه ٿي ڏٺو. مون دل ۾ حساب ڪيو ته چار هزار فرانڪ ته آءٌ کٽي آيو هوس، ان کانسواءِ جيڪا رقم هنن هتان هتان کٽي هئي سا به ست اٺ هزار فرانڪ مس هئي. سو اها رقم مادام بلانشي لاءِ بلڪل اڻپوري هئي.

ماد موزئيل بلانشي، مائس سميت هوٽل ۾ رهيل هئي. فرينچ به اتي ئي رهندو هو. بيرا هن کي ڪائونٽ چوندا هئا ۽ مادام بلانشي جي ماءُ کي ڪائونٽيس. هنن کي پلا ڪهڙي خبر ته اصل ۾ هو ڪير هئا!

ماني کائڻ مهل مون کي اها پڪ هئي ته موسيو ڪائونٽ مون کي ڪونه سڃاڻندو، نڪو ئي جنرل صاحب ڪا سڃاڻپ ڪرائيندو. هوئڻ به موسيو ڪائونٽ روس ۾ رهي چڪو هو تنهنڪري کيس خبر هئي ته مجلسي قسم جي ماڻهن جي ڪا خاص اهميت ڪانه هوندي آهي. بهرحال هن مون کي سڃاڻي ورتو. هتي آءٌ پنهنجي غلطي ضرور مڃيندس ته آءٌ بنان دعوت جي ئي مانيءَ تي هلي آيو هوس. شايد جنرل کي دعوت ڏيڻ وسري وئي هئي نه ته مون کي ضرور چوي ها. اها ٻي ڳالهه آهي ته مون کي مانيءَ تي ايندو ڏسي هو ڪجهه حيران به ٿيو هو. ماريا فلپانا رڳو مون کي ٿوري جاءِ ڏني ۽ پوءِ جڏهن انسٽلي صاحب به مليو ته مڙئي ڳالهه ٺهي وئي. هاڻ آءٌ به انهيءَ پارٽيءَ جو هڪ حصو نظر پئي آيس.

ان انگريز سان منهنجي ملاقات پرشيا جي هڪ سفر دوران ٿي هئي. اسين ٻئي هڪ ٽرين جي ماڳئي گاڏي ۾ آمهون سامهون سيٽ تي ويٺا هئاسين. ٻن هفتن جي سفر دوران هو ٽي دفعا مون سان مليو هو. فرانس ۽ سوئٽزرلينڊ جي سفر ۾ به هن سان ملاقات ٿي هئي ۽ هاڻ اوچتو رولٽن برگ ۾ ملياسين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءٌ پنهنجي عمر ۾ اهڙي شرميلي طبيعت واري ماڻهوءَ سان ڪونه مليو آهيان. پريشيا واري پهرين ملاقات ۾ ئي مون هن جي طبيعت سمجهي ورتي هئي ته ڏاڍو پيارو ماڻهو هو. سمجهه ۾ نٿو اچي ته جنرل سان مندس واقفيت ڪيئن ٿي. باقي پاڻ پنهنجا ڏانهن جن نگاهن سان ڏنائين ٿي تنهن مان مندس بي پناهه عشق جي خبر ٿي پئي. هوءَ جڏهن ڪمري ۾ گهڙي هئي ته هن جي منهن تي خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي هئي ۽ هو ڪڙنڊڙ مکڙيءَ وانگر ٽڙي پيو هو. وري جو ميز تي منهنجي پر واري جاءِ مليس تنهن ته هيڪاري خوش ڪري ڇڏيس، هن مون ڏانهن جگري دوست وارن نگاهن سان پئي ڏٺو.

مانيءَ جي ميز تي فرينچ ڏاڍي وڏ ماڻهپائي ڏيکاري رهيو هو. هو ميني سان ڏاڍو مرد مهريءَ سان پيش پي آيو. مون کي ياد آهي ته هو ماسڪو ۾ اٿيل پيو هوائون جهڙيندو هو پر اڄ هو روس جي اقتصاديات ۽ سياست تي وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪري رهيو هو. جنرل صاحب ڪنهن ڪنهن مهل همت ڪري ترديد ٿي ڪئي پر اها به ايتري حد تائين جو ڪنهن جي عزت ۾ خلل نه پوي.

منهنجو حال به ٺيڪ ڪونه هو. اڄ مانيءَ کائي مون هميشه وانگر پنهنجو پاڻ کان سوال پڇيو ته آخر آءٌ اڃا تائين جنرل سان ڇو چنبڙيو پيو آهيان. جهڙا افعال هئا، تنهن مطابق ته هيستائين هن کي ڇڏي وڃڻ گهربو هوم. مون هر هر پاڻ پنهنجا ڏانهن پئي ڏٺو پر هن هڪ ڀيرو به مون ڏانهن ڪونه نهاريو. اهو ڏسي ڪاوڙ اچي ويم سو خيال ڪيم ته ڪجهه گوڙ ڪجي. سو اوچتو ڏاڍيان ڳالهائڻ شروع ڪري ڏنم. ڪا خاص ڳالهه ته ذهن ۾ ڪونه هوم، بس ان فرينچ کي منهن جون ٻڌائڻ تي دل اچي ٿيم. مون جنرل ڏانهن منهن ڪيو ۽ هن جي هلندڙ ڳالهه کي وچان ڪاٽيم. ”منهنجو خيال آهي ته هن موسم ۾ هڪ روسيءَ لاءِ ته اهو ممڪن ئي ڪونهي ته هو ڪنهن هوٽل

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪاڏي واري ڪمري ۾ پورجي ماني ڪائي." منهنجي ڳالهائڻ جي انداز تي جنرل جو حيرانيءَ ڪان وات ڦاٽي ويو. مون وري چيو، "جي توهين خوددار آهيو ته توهان کي اهي ڳالهيون تحمل سان ٻڌڻيون پونديون." جنرل اڇا مون ڏانهن ڏسي رهيو هو. پر خبر نٿي پيئي ته هن جي اکين ۾ حيرت آهي يا ڪاوڙ. ان تي فرينچ نفرت وچان چيو ته "پانئجي ٿو ته ڪنهن جا هٿ لڳا اٿئي."

مون ورتي چيو ته "ها، منهنجو هڪ پولستانيءَ سان جهيڙو ٿيو هو. تنهن ڪان پوءِ وري هڪ فرينچ آفيسر سان جهيڙو ٿيو هوم جنهن ان پولستانيءَ جو پاسو ورتو هو. خبر اٿو ته ڪاوڙ سان مون هن جي ڦهوڙي ۾ ٽڪ اڇلائي هئي."

"تو!" جنرل حيران ٿي چيو ته "تو ڦهوڙي ۾ ٽڪ اڇلائي هئي!"

فرينچ به اکيون ڪرڙيون ڪري مون ڏانهن ڏسڻ لڳو.

'ها' مون چيو "جڏهن آءٌ ڪاروبار لاءِ روم پئي ويس تڏهن سفارتخاني ۾ هڪ فرينچ آفيسر مون سان اهڙي قسم جي هلت ڪئي هئي ۽ جواب ۾ مون به ڪارروائي ڪئي. بهرحال پوءِ ڳالهه ٽري وئي."

"تنهنجيون ڳالهيون به عجيب آهن" جنرل ٽڪائيءَ سان چيو. "تو اڇا ڏنوئي ڇا آهي."

"سائين، جڏهن مون فرينچن کي ٻڌايو ته ٻه سال اڳ ١٨١٢ ۾ مون هڪ اهڙي شخص کي ڏٺو هو جنهن کي هڪ فرينچ سپاهيءَ رڳو پنهنجي بندوق خالي ڪرڻ لاءِ نشانو بنايو ته هو حيران ٿي ويا، پر جڏهن ٻڌايومان ته اهو شخص ڏهن سالن جو هڪ معصوم ٻار هو، جنهن جا مائٽ ماسڪو ڇڏڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيا هوا، ته هو اڇا به حيران ٿي ويا."

"ناممڪن، ناممڪن، هڪ فرينچ سپاهي ڪڏهن به ڪنهن ٻار تي فائر نه ڪندو." فرينچ اهو چوندي ڪاوڙ ۾ اصل ٽپي

ڏاڍو ٿي ويو.

”بهرحال، اهو ٿيو هو، ان ڳالهه جو شاهد هڪ رٽائرڊ معزز ڪپتان به آهي ۽ مون پاڻ ان پار جي ڳل تي گوليءَ جو نشان ڏٺو هو.“ مون جواب ڏنو.

موسيو فرينچ صاحب تڪڙو ۽ زور زور سان ڳالهائڻ شروع ڪيو. جنرل صاحب هن جي تائيد ڪرڻ لڳو. ليڪن مون فرينچ کي مثال جي لاءِ جنرل پيروسڪيءَ جي ڪتاب ”يادگيريون“ جي ڪجهه حصن جي پڙهڻ لاءِ چيو، جو ۱۸۱۲ ۾ فرانس جو قيدي رهي چڪو هو. آخرڪار ماريا فلپانا گفتگوءَ جي موضوع بدلائڻ جي خاطر هڪ ٻيو مسئلو ڇيڙيو. جنرل صاحب مون کان ڏاڍو خفا هو. ڇو جو فرينچ ۽ مان گارگند تي لهي آيا هئاسين. منهنجو خيال آهي ته انسٽلي صاحب کي منهنجي ۽ فرينچ جي جهڙپ ڪري ڏاڍي خوشي ٿي هئي. ميز تان اٿندي، هن مون کي پاڻ سان شراب جو هڪ گلاس پيئڻ لاءِ چيو.

شام جو مان پالينا اليگزنڊروونا سان پنڌرهن منٽ ڳالهائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس اها گفتگو ان وقت ٿي، جڏهن اسين سڀ سير ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتا هئاسين. اسين سڀ ڪاسينو جي ويجهو هڪ پارڪ ۾ هليا وياسين. پالينا ڦوهاري جي سامهون واريءَ بينچ تي ويهي رهي ۽ ناديا کي ٻين ٻارن سان کيڏڻ لاءِ موڪلي ڇڏيائين. مون به ميشيا کي ڦوهاري ڏي ٻجي وڃڻ ڏنو، ۽ ان طرح اسين ٻئي اڪيلا رهجي وياسين.

شروع ۾ ته ظاهر آهي ڪاروباري قسم جون ڳالهيون ٿيون. جڏهن مون پالينا کي ست سؤ گلڊن ڏنا ته هوءَ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿي ويئي. هن کي پڪ هئي ته مون پئرس ۾ هن جا جواهرات وڪڻي نه ته گهٽ ۾ گهٽ ٻن هزارن گلڊن ۾ ضرور گروي رکيا هوندا.

”مون وٽ هر صورت ۾ پئسا هئڻ کپن، چاهي ڪجهه به

ڏٺي ڀڃڻ کان سواءِ مان برباد ٿي ويندس.“

ڳالهہ شروع ڪرڻ خاطر مون پڇيس تہ ”توهان کان پوءِ ڇا وڌيڪ واپريو هو.“

”ڪجهہ بہ نہ. ها، پئرس برگ مان بہ خبرون آيون آهن. پهرين هيءَ تہ ڏاڏي سخت بيمار آهي. پوءِ ٻن ڏينهن کان پوءِ هيءَ خبر آئي تہ هوءَ پوئين پساهن ۾ آهي. اهي خبرون ٽموفي پيٽرووچ موڪليون آهن ۽ هو ڀروسي جو ماڻهو آهي. اسين هر روز ڏاڏي جي وفات جي خبر ٻڌڻ لاءِ تيار ٿيا ويٺا آهيون.“

”ان جي معنيٰ تہ اوهين سڀ آسري ۾ ويٺا آهيو؟“ مون پڇيو.

”بي شڪ، بي شڪ. گنرل ڇهن مهينن کان اسان کي اهوئي انتظار آهي.“

”ڇا توکي بہ ان جو انتظار آهي؟“

”ڇو؟ هن جي مون سان ڪا مائٽي تہ ڪانهي. مان جنرل جي ماٽيجي ڌيءَ آهيان. پر مون کي پڪ آهي تہ هوءَ پنهنجي وصيت ۾ مون کي نہ وساريندي.“

مون ڳالهہ تي ٿورو زور ڏيندي چيو، ”منهنجو خيال آهي تہ توکي گهڻو ڪجهہ ملندو؟“

”ها، ڏاڏيءَ جو مون سان ڏاڍو پيار آهي. پر، هي تہ ٻڌاءِ تون مون کان اهي ڳالهيون ڇو پڇي رهيو آهين؟“

مون سوال ڪندي جواب ڏنو. ”پهرين مون کي هي ٻڌاءِ تہ اسان جو ’مارڪئس‘ [فرينچ نواب] اسان جي سڀني رازن کان واقف تہ نہ آهي؟ لڳي تہ ائين ٿو؟“

پالينا مون ڏي نهايت ئي رکائي ۽ تلخيءَ سان ڏسندي چيو، ”پر توکي ان سان ڪهڙي دلچسپي آهي.“

”ڪابہ نہ، پر منهنجو اهوئي ويچار آهي؛ جي مان غلطي نٿو ڪريان تہ جنرل صاحب هن کان اڳي ئي قرض کڻي چڪو آهي.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تنهنجو اندازو بلڪل صحيح آهي.“

”ته پوءِ، تون سمجهين ٿي ته جي هن کي ڏاڏي جي باري ۾ خبر نه هجي ها، ته هو ايترو قرض ڏئي ها؟ تو غور ڪيو ته مانيءَ تي ڳالهائيندي، هُن ٽيئي ڀيرا هن کي ڏاڏي ڏاڏي چئي پڻي ياد ڪيو. ڪيترا نه ويجها تعلقات آهن. هن جا اوهان سان!“

”ها تون ٺيڪ ٿو چوين. جيئن ٿي هن کي اها خبر پوندي ته وصيت نامي مطابق ڪجهه مون کي به ملي رهيو آهي، ته هو يقيناً مون ڏي مائل ٿيندو. تو اهو ٿي چاهيو ٿي چاهيو نه؟ هان؟“

”توڏي مائل ته هو، منهنجو خيال آهي، گهڻي وقت کان ٿي رهيو آهي.“

”حالانڪ تو کي چڱيءَ طرح خبر آهي ته ائين نه آهي—“ پالينا ڪاوڙجندي چيو. هڪ گهڙيءَ کان پوءِ ڳالهه جاري رکندي چيائين، ”تنهنجي هُن انگريز سان واقفيت ڪٿي ٿي هئي؟“

”مون کي خبر هئي ته تون ان باري ۾ ضرور پڇنديءَ.“

مون اسٽلي صاحب سان سفر دوران پنهنجي گذريل ملاقاتن بابت هن کي ٻڌايو.

”هو شرميلو ۽ عاشق مزاج آهي.... تنهنجي پيار ۾ ته به ته ونجي ويل ٿو ڏسجي.“

”ها، هو مون تي سڙيو ٿي نثار آهي.“ پالينا جواب ڏنو.

”هو سچ پچ فرينچ کان وڌيڪ مالدار آهي. يا واقعي فرينچ وٽ به ڪجهه آهي! ڇا ان ۾ ڪنهن شڪ جي گنجائش ڪانهي؟“

”نه، شڪ جي ڪا ڳالهه ڪانهي. هن وٽ ڪو نه ڪو محل ضرور آهي. مون کي ياد آهي ته جنرل صاحب ان باري ۾ ڪا ڳالهه ڪئي هئي. هاڻي ته بس، ٺيڪ ٺيڪ پڪ!“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”جي مان تنهنجي جڳهه تي هجان ها ته پڪ انگريز سان شادي ڪريان ها.“

”ڇو؟“ پالينا پڇيو.

”ڇو جو فرينچ بيشڪ مهانڀي جو ناهوڪو آهي، پر وڏو بد نيت آهي ۽ هيءُ انگريز ديانتدار هجڻ ڪان سواءِ پڻسي ۾ هن ڪان ڏهوڻو وڌيڪ آهي.“ مون جهٽ جواب ڏنو.

”اهو ته ٺيڪ آهي، پر ان جي ابتڙ فرينچ ’مارڪئس‘ آهي ۽ هوشيار به.“ پالينا ڏاڍي اطمينان سان جواب ڏنو.

”ڇا، واقعي ائين آهي؟“ مون پنهنجي ساڳئي شڪي نموني ۾ ڇيو.

”بلڪل ائين آهي.“

پالينا کي منهنجا سوال ڏاڍا ڏکيا پئي لڳا، تنهنڪري هوءَ پنهنجن ابتڙ جوابن سان مون کي ڪاوڙ ڏيارڻ جي ڪوشش به ڪري رهي هئي. مون به اها ڳالهه ڇڏي ڏنس.

هن ڇيو ”توکي اهڙيءَ طرح ڪاوڙيل ڏسي، مون کي سچ پچ ڏاڍي خوشي ٿي آهي. مان جو توکي اهڙا سوال ڪرڻ ڏيندي آهيان ۽ تون پنهنجي دليلن سان جيڪي ڪجهه سمجهي وٺندو آهين، انهن سڀني جي سزا به توکي ئي ڀوڳڻ گهرجي.“

مون ڏاڍي جهيڻي نموني جواب ڏنو ”مان توکان هر قسم جي سوال ڪرڻ جو حق رکان ٿو، رڳو ان لاءِ جو مان ان حق کي برقرار رکڻ لاءِ ڪابه وڏي ۾ وڏي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. ان حق جي آڏو ته مون کي پنهنجي جان به بي قيمت ٿي لڳي.“

پالينا کلڻ لڳي ”تو اڳئين ڀيري شلنگبرگ ۾ مون کي چيو هو ته تون منهنجي هڪ اشاري تي جبل تان ٽپو ڏيڻ لاءِ تيار آهين. مون کي خبر آهي ته جبل هزارين فوٽ اوچو ٿيندو آهي، پر توکي آزمائڻ لاءِ هڪ ڏينهن ضرور. رڳو اهو ڏسڻ لاءِ ته تون اها قيمت ڪيئن ٿو ادا ڪري سگهين. پڪ

ڪر مان ڪڏهن به ڪونه ڇڏيندس. مون کي توسان نفرت آهي. رڳو ان لاءِ ته مون توکي ايتري آزادي ڏيئي ڇڏي آهي ۽ ان ڪان به وڌيڪ نفرت ان ڪري ٿي اٿم جو احساس اٿم ته تون منهنجي لاءِ تمام سخت ضروري بڻجي پيو آهين. پر جيستائين تون منهنجي لاءِ ضروري آهين، مون کي تنهنجو خيال رکڻو ئي پوندو.“

هوءَ اٿڻ لڳي. هوءَ ڏاڍي چڙ مان ڳالهائي رهي هئي. اسان جي گفتگو هميشه چڙ ۽ ڪاوڙ تي ختم ٿيندي هئي — سچي پچيءَ ڪاوڙ تي.

”چا، مان مادموزيل بلانشي جي باري ۾ توکان ڪجهه پڇي سگهان ٿو؟“ مون ٿي چاهيو ته هرءَ ڳالهه جي صفائي ڪرڻ بنان هلي وڃي.

”مادموزيل بلانشي جي باري ۾ توکي هر ڳالهه جي خبر آهي. ان کان سواءِ ٻي ڪابه نئين ڳالهه ڪونه ٿي آهي. ڏاڏيءَ جي وفات جي افواهه جي سچ ٿيڻ شرط هوءَ مادام جنرل بڻجي ويندي. هن وقت ته مادموزيل بلانشي، هن جي ماءُ، هن جو تمام پري جو سؤٽ، يعني ’مارڪئس —‘ سڀني کي خبر آهي ته اسين تباهه ٿي چڪا آهيون.“

”۽ چا واقعي جنرل صاحب جي هن سان محبت آهي؟“

”خير، هاڻ ان ڳالهه کي ڇڏ. منهنجي ڳالهه ٻڌ. هي وٺ ست سؤ فلورن، وڃ، ’رولت‘ [قيٽي] جي جوا خاني مان تون منهنجي لاءِ جيترو به کٽي سگهين، کٽي اچ. هاڻ هر صورت ۾ مون وٽ پئسا هجڻ ضروري آهن.“

اهو چئي، پالينا ناديا کي سڏيو، ۽ ڪاسينو ۾ هلي ويئي ۽ پسارڪيءَ جي ٻين ماڻهن ۾ شامل ٿي ويئي. آءٌ حيران ٿي سوچيندو، کاٻي هٿ واري گس تي هلڻ لڳس. مون کي ايئن لڳي رهيو هو، چڻ ’رولت‘ جي جوا خاني ۾ جوا کيڏڻ جو چئي، ڪنهن منهنجي ذهن تي مترڪو هنيو آهي. عجيب ڳالهه آهي. حالانڪ سوچڻ لاءِ سوين ڳالهيون آهن. پر آءٌ صرف پالينا

متعلق پنهنجي جذبي جي اصل حقيقت ڳولڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هوس. سچ ته اهو آهي ته آءٌ گذريل ٻن هفتن جي دوري مان وڌيڪ خوش هوس. حالانڪ سفر ۾ آءٌ چڙيل وانگر اداس ۽ پريشان رهيو هوس. گهڻائي ڀيرا مون ڀاليتا کي پنهنجي خوابن ۾ ڏٺو. هڪ ڀيرو سوئٽزرلئنڊ ۾ گاڏيءَ ۾ جاڳندي پنهنجي منهن زور زور سان ڳالهائڻ لڳس ۽ ظاهر آهي ته ڀاليتا سان ڳالهائي رهيو هوس. گاڏيءَ جا سيئي مسافر منهنجي چريائي مان مزو وٺي رهيا هئا. هڪ ڀيرو وري مون پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو. ''ڇا مون کي هن سان محبت آهي؟'' پر هميشه جيان ان سوال جو جواب ڏيئي نه سگهيس. بلڪ سچ پڇو ته اڄ به مون هميشه وانگر پنهنجي ان سوال جو جواب هي ڏنو ته مون کي هن سان نفرت آهي. هان، مون کي هن سان نفرت آهي. گهڻائي ڀيرا اسان جي ڳالهين جو خاتمو اهڙيءَ طرح ٿيو آهي، جو ان وقت آءٌ اصل زور سان گهنو ڏيئي ماري ڇڏيانس ها. خدا جو قسم جي ان وقت سندس سيني ۾ خنجر هڻي ڪيان ها ته مون کي ڏاڍي لذت ملي ها. پر ان هوندي به هر مقدس شيءِ جو قسم! جي شلنگبرگ ۾ هن مون کي اُن جبل تان ٽپ ڏيڻ لاءِ چيو هجي ها ته آءٌ ساڳيءَ ئي لذت جي احساس کان يڪدم ٽپو ڏيان ها. ايتري ته مون کي خبر هئي، ۽ منهنجو پنهنجو هي صاف خيال آهي ته هوءَ منهنجي پهچ کان ٻاهر آهي. آخر ان کهڙيءَ طرف وڃڻ ٿو چاهي ـــ ان ڳالهه کي هوءَ به باقاعدي سمجهي ٿي. منهنجو هي احساس ته منهنجا جنوني خواب ڪاميابيءَ کان ڪيترو پري آهن ـــ هن کي تمام گهڻي تسڪين پهچائي رهيا هئا ۽ جي ائين نه آهي ته، ايتري عقلمند ۽ محتاط هوندي، هوءَ مون سان ايتري قدر ويجهي ڇو ٿي پيئي رهي؟ پڪ سان هوءَ مون کي اڇا تائين اهڙيءَ نگاهه سان ڏسندي آهي، جهڙيءَ نگاهه سان اڳئين زماني جي ڪا ملڪه پنهنجي ڪنهن غلام کي ڏسندي هوندي، جنهن جي سامهون هوءَ اگهاڙي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڻ ۾ به عار محسوس نه ڪندي هوندي ڇو جو هوءَ ان کي
انسان ڏي نه سمجهندي هوندي، پالينا به مون کي اڪثر انسان نه سمجهيو
آهي، ڀوءِ به مون کي هن جي حڪم جي ڀونواري ڪرڻي هئي.
مون کي هر قيمت تي 'رولت' جي جوڙا ۾ هن لاءِ پئسا ڪمائڻا
هئا. مون وٽ هي سوچڻ لاءِ ته وقت ڏي ڪونه هو ته آخر آءٌ
جوا ڇو ڪريان! ڪرڻ سو به اينڊي شرط ۽ ايترو جلدي! ۽
نه هيءَ سوچڻ جي فرصت هئي ته پالينا جي سوچ ويچار جي
عادي ذهن ۾ ڪهڙا نوان منصوبا تيار ٿي رهيا هئا. تنهن کان
سواءِ گذريل ٻن هفتن ۾ منهنجي ڀرپٽ جهڙيون نيون حالتون
پيدا ٿيون هيون، انهن جي به اها مون کي چڱيءَ طرح پروڙ
ڪانه پئي هئي. مون کي انهن سڀني ڳالهين جي خبر ڪيڏي
هئي، ۽ جلد کان جلد انهن جي انت تائين پهچڻو هو. پر هاڻ
ته مون وٽ وقت ڏي ڪونهي. مون کي هر صورت ۾ 'رولت'
جي جوا خاني ۾ پهچڻ کپي.

---

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ڇهون

آءٌ ڄاڻان ٿو ته اها ڳالهه منهنجي سمجهه جهڙي نه هئي. جيتوڻيڪ مون جوا ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو — پر وري به پنهنجي ساٿين لاءِ جوا ڪرڻ جي خيال سبب پنهنجي پاڻ کان ڪجهه بيزاري پئي محسوس ڪيم، ۽ نيٺ لٿل دل سان جوا خاني ۾ گهڙيس. پهرئين ئي نظر ۾ مون کي هتان جي هر شيءِ کان نفرت وٺي وئي. هوندي ته سڄيءَ دنيا جي، پر خاص طرح روس جي اخبارن جي خوشامد ته اصل برداشت نٿو ڪري سگهان، جن ۾ صحافي موسم بهار ۾ گهڻو ڪري ٻن شين تي مضمون لکندا آهن: هڪ ته رائين نديءَ جي ڪناري وارن جوا خانن جي غير معمولي شان و شوڪت تي ۽ ٻيو ان سون ۽ چانديءَ تي جي هنن جي چوڻ موجب جوا خانن جي ميزن تي ڍير ڍيا پيا هوندا آهن. هنن کي ان خوشامد جو معاوضو ڪونه ملندو آهي. هي ڪم صرف خوشامد خاطر ڪن ٿا. انهن ردي ڪمرن ۾ شان و شوڪت ۽ سون چانديءَ جا ڍير ته ڇڏيو پر چند سڪا به مشڪل سان نظر ايندا آهن. اهو سچ آهي ته موسم ۾ ڪڏهن ڪو بي پرواه انگريز يا ڪنهن قسم جو ايشيائي يا، جيئن اُنهن گرمين ۾ ٿيو هو، ترڪ اوچتو بي شمار پئسا کٽي يا هارائي ويندو آهي. پيا ويچارا ته ائين ئي بنهه معمولي 'گلڊن' سان کيڏندا آهن. عام طرح هنن ميزن تي ته ائين ئي ڪي ٿورڙيون پئسن ٽڪن جون ڍڳيون رکيون هونديون آهن.

جيئن ئي (زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو) آءٌ جوا خاني ۾ داخل ٿيس ته گهڻيءَ دير تائين پاڻ کي کيڏڻ لاءِ تيار نه ڪري سگهيس. هڪ ته اتي ساٿين جو هجوم ئي ايڏو وڏو هو، جو همت ئي نه پئي ٿئي. جي مان اڪيلو به هجان ها ته به

مون کي يقين هو تہ يڪدم اتان پڇي وڃان ها ۽ راند شروع تہ ڪريان ها. مون کي اعتراف آهي تہ ان وقت منهنجي دل زور زور سان ڌڙڪي رهي هئي. مون کي سڪون نہ هو. مون کي پڪ هئي ۽ گهڻي وقت کان اهو ارادو بہ ڪري چڪو هوس تہ مون کي، رولٽن برگ کي ڪايا پلٽ ٿيڻ کان سواءِ نہ ڇڏڻ گهرجي. ڪا نہ ڪا ڏرت ۽ بنيادي ڪايا پلٽ منهنجي مقدر ۾ لکيل هئي. اِهين ضرور ٿيڻ کپي ۽ ائين ٿي رهندو. هوندي بہ هر ڪو ماڻهو جوئا ۾ کٽڻ چاهيندو آهي پوءِ ڀلي مون بہ اهو چاهيو تہ ان ۾ ڪهڙي اربع خطا ٿي پئي. ڪي عقل جا انڌا يلي چوندا هجن تہ اها ڳالهہ ممڪن ناهي. پر مون کي پڪ هئي تہ هڪ ڏينهن آءٌ ضرور اتان وڏي دولت حاصل ڪندس. آءٌ پڇان ٿو تہ آخر پئسا ڪمائڻ جي ٻين ذريعن، مثلاً: واپار کان جوئا ڇو گهٽ آهي؟ اهو ٺيڪ تہ ڏهہ مان صرف هڪ کي راس ايندو آهي پر تنهن ۾ منهنجو ڇا؟

شروع ۾ تہ جوئا مون کي ڏاڍي خراب لڳي خاص ڪري انهن مڪروہ ۽ لالچي شڪلين ڏسڻ کان پوءِ تہ هڪ قسم جي نفرت ٿي ويئي، جيڪي سَون جي تعداد ۾ جوئا جي ميز تي مڙيا بيٺا هوندا آهن. آءٌ ذرت گهڻي کان گهڻن پئسن کٽڻ جي خواهش ۾ ڪابہ خرابي نٿو سمجهان. منهنجي آڏو تہ ان ٿلهي ۽ خوشحال ناصح جون ڳالهيون احمقاڻيون آهن، جنهن ڪنهن جي اِنهيءَ عذر تي تہ "مان تمام ٿوري بازي لڳائيندو آهيان." هي جواب ڏنو هو تہ "هيءَ ٿوري ٿوري جي لالچ تہ اڃا بہ خراب آهي." ان جو مطلب تہ ٿوري يا گهڻي لالچ ساڳي ڳالهہ نہ آهي. هي رڳو تناسب جو معاملو آهي. بيرن رٿشيلڊ لاءِ جا رقم حقير آهي، اها مون لاءِ بيش بها خزانو آهي. جيستائين نفعي ۽ کٽڻ جو سوال آهي تہ ماڻهو رڳو رولٽ جي جوئا ۾ ئي نہ بلڪ هر جڳهہ هڪٻئي کي ڦرڻ جي ئي ڪوشش ٿا ڪن، پوءِ ڇا ٿا ڪن! اها ٻي ڳالهہ آهي تہ نفعو هڪ نحس ۽

ڦاٻاڪ شيءِ آهي يا نه. هتي اهو مسئلو حل ڪونه ٿو ڪريان ۽ چاڪاڻ ته ڪنهن جي شديد خواهش مون تي ڇانيل هئي، تنهنڪري جوا خاني ۾ گهڙندي ئي مون کي لالچ يا ائين سمجهو ته حريصائي غلاظت هڪ لحاظ کان مناسب ۽ معقول نظر آئي. مون کي هيءَ ڳالهه ڏاڍي سٺي لڳندي آهي ته ماڻهو هڪٻئي ۾ تڪلف کان ڪم نه وٺن، بلڪ هر ڪم ظاهر ظهور ڪن ۽ سچ پچ ته پاڻ کي فريب ڏيڻ جي ضرورت به ڪهڙي آهي؟ جوئا هڪ انتهائي بيوقوفيءَ جو ۽ هوڙهائي وارو ڪم آهي، پر جا شيءِ پهرين ئي نظر ۾ خاص طرح خراب لڳيم، سا ماڻهن جو آن ڪم لاءِ غير معمولي احترام ۽ ان لاءِ وڏيءَ سنجيدگيءَ سان ميز جي چوڌاري سندن جمع ٿيڻ هو. آن ڪري ئي هتي کيڏڻ لاءِ خاص ۽ عام جو جدا جدا امتياز رکيل هو. ان طرح جوئا جا ٻه قسم ٿي ويا آهن. هڪ شريف ماڻهن جي جوئا ۽ ٻي عام ماڻهن جي جوئا، جنهن ۾ لالچ رهي ٿي ۽ هي قسم هر ايرو غيرو کيڏي سگهندو آهي. ان امتياز جي هتي سختيءَ سان پابندي ڪئي ويندي آهي. اصل ۾، هي امتياز ڪيترو نه قابل نفرت آهي! مثلاً، هڪ شريف ماڻهو سؤ ڏيڍ سؤ فرانڪ جي بازي هڻندو يا جي هو وڏيڪ رئيس آهي ته ڪٿي هڪ هزار فرانڪ هڻندو — پر رڳو کيڏڻ جي لاءِ، رڳو دل بهلائڻ لاءِ، رڳو جيتڻ ۽ هارڻ جو طريقو ڏسڻ خاطر؛ هن کي هر صورت ۾ ڪنهن کان بي نيازي ظاهر ڪرڻي آهي. هاڻ فرض ڪريو ته هو کٽي ٿو ته پڪ هو زور سان ٽهڪ ڏيندو، پاڻ وٽ بيٺل ڪنهن تماشائيءَ کي ٽوڪ هڻندو، ۽ ٻيهر بازي هڻندو، پر پهرينءَ کان ٻيڻي رقم کٽڻ جي هلڪڙي خواهش جي ڪري نه، بلڪ رڳو شوق جي ڪري ۽ امڪانات جي حساب ۽ مطالعي جي خاطر. يقيناً هر طرح جي جوئا، خواه دولت جي جوئا هجي يا نشان چٽڻ جي جوئا، هن جي لاءِ آهي رڳو وقت گذارڻ ۽ دل بهلائڻ جو هڪ وسيلو آهي، ۽ ٻيو ڪجهه به نه. هن کي انهن ناهموار چالن ۽ نفعي ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لالچ جي سلسلي ۾ ٿورو به، شڪ ڏيکارڻ نه گهرجي، جن تي هن جي ٻنهي ٻچت جو دارومدار ٿي سگهندو هجي. سڀ ڪان سٺو طريقو ته هيءُ آهي ته هو سيني جوارين ۽ جن ڪيءِ جن جو پئسي پئسي تي ساهه نڪرندو آهي، پاڻ جهڙو شريف ۽ امير سمجهي ۽ خيال ڪري ته هو به دل وندرائڻ ۽ سنهن جو ذائقو بدلائڻ لاءِ جوئا کيڏي رهيا آهن. حقيقت ڪان هيءَ لاپرواهي ۽ ماڻهن کي ٻنهي پولو پالو سمجهڻ به ته امير پاڻيءَ جو مظاهرو آهي. مون ڪيترين امڙين ماڻن کي ڏٺو آهي، جي پنهنجين پندرهن سورهن ورهين جي معصوم ۽ خوبصورت ڌين کي سونا سڪا ڏيئي، جوئا ڪرڻ سيکاريندي ون آهن. پوءِ آها دوشيزه ڪٿي يا هارائي، هميشه مشڪندي ۽ کلندي ٻاهر نڪري ويندي آهي. امان جو جنرل صاحب وڏي وقار سان جوئا جي ميز تي ويندو هو. نوڪر ويچارو وڏيءَ ڦڙتيءَ سان ڪرسي کڻڻ ڊڪندو هو. پر هو ان کي نظرانداز ڪري، آهستي آهستي وڏي شان سان ميز وٽ اچي بيهندو هو، ۽ رعب سان ٻئون ڪيئي ان مان آهستي ٽي سؤ فرانڪ ڪيئي، ڪاري نشاني تي بازي لڳائيندو هو ۽ داءُ کٽي ويندو هو. پر کٽيل پئسا کڻندو ڪونه هو. آهي ميز تي ئي ڇڏي ڏيئا هئس. سندس ڪاري نشان وارو داءُ وري نڪرندي، ۽ هيئنر به کٽيل رقم اتي ئي پيئي هوندي ۽ ان کي هٿ ڪونه لائيندو. ٽيون ڀيرو ڳاڙهو نشان نڪري ايندو، ۽ هو هڪدم ٻارهن سون فرانڪن جي بازي هارائي ويهندو. پنهنجي وقار کي برقرار رکندي، پوءِ هو مرڪندو ٻاهر ويندو هو. مون کي پڪ آهي ته هو اندر ئي اندر ڪاوڙ ۾ ڪڙهندو رهندو هوندو ۽ اتفاق سان جي بازي پيٽي يا ٽيٽي هجي ته هن جو وقار قائم رهڻ ڏکيو ٿي پوي ها، ۽ هن جا جذبا اصل لڪي نه سگهن ها. مون هڪڙي فرينچ کي ٽيهه ٽيهه هزار فرانڪ هارائيندي ۽ کٽيندي ڏٺو آهي. هن جي منهن مان ڪنهن به قسم جي جذبي جو اظهار ڪونه ٿيندو هو. اصل نسل معزز ماڻهوءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي نہ پنهنجي سچي قسمت هارائڻ تي بہ ڪاوڙجڻ نہ کپي. پئسا تہ هڻ جي شرافت آڏو هڪ حقير شيءِ آهن، جنهن جي لاءِ نہ هڻ کي ڪو خيال ڏي ڪرڻ نہ کپي. بي شڪ ناپسند ماحول ۽ ڇڻن جي خسيسپڻي کي خاطر ۾ نہ آڻڻ انتهائي قسم جي وڏ ماڻهپي آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن ٻيءَ طرح جي روش بہ وڏماڻهپ جو گهٽ دليل نہ هوندي آهي. مثلاً، هيڏانهن هوڏانهن غور سان ڏسڻ ۽ مائي عينڪ مان ڇڻن کي گهورڻ ۽ انهن جي حرڪتن کي دل وندرائڻ لاءِ هڪ رونشو سمجهڻ، ڇڻ تہ هي سچو تماشو شريفن کي پرپائڻ لاءِ ئي ڪيو ويو آهي. پلي هو هڻ هجوم ۾ ڪيئن بہ ۽ ڪيترو بہ قائل هجي پر هڻ کي يقين هئڻ کپي تہ هو صرف هڪ تماشائي آهي ۽ ڪنهن بہ طرح هن هجوم جو حصو نہ آهي. اهڙيءَ حالت ۾ باقاعدي ڪنهن ڏانهن ڏيان ڏرڻ مناسب نہ آهي. اِها ڳالهہ بہ امير ماڻهوءَ جي شان وتان نہ آهي. ڇو جو هي منظر ڪنهن بہ صورت ۾ ايترو ڌيان طلب نہ آهي ۽ اهڙا منظر تہ ڪڏهن ڪڏهن ئي ڏسڻ ۾ ايندا آهن جي ڪنهن معزز ماڻهوءَ جي گهري ڌيان جا طالبو هوندا آهن. مون کي بهرحال ائين محسوس ٿي رهيو هو تہ هي منظر واقعي توجہ جو مستحق آهي ــــ خاص طرح ان ماڻهوءَ جي لاءِ، جيڪو هتي رڳو تماشو ڏسڻ لاءِ ئي نہ آيو آهي بلڪ پنهنجو پاڻ کي ڏاڍي خلوص سان واقعي انهن ڇڻن ۾ شمار ڪري ٿو. جيتري قدر منهنجي پنهنجي اصل عقيدن جو واسطو آهي، تہ مان ايترو چوندس تہ انهن جو منهنجيءَ هين دليلبازيءَ ۾ ڪو دخل ڪونهي. بس ان لاءِ ايترو چوڻ ئي هتي ڪافي آهي تہ آءٌ هي ڳالهيون رڳو ضمير تان بار هلڪي ڪرڻ لاءِ ڪري رهيو آهيان. البت هڪ ڳالهہ مون کي کٽڪي ٿي. ڪجهہ ڏينهن کان منهنجي لاءِ پنهنجي عملن ۽ خيالن کي ڪنهن اخلاقي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي. منهنجي رهنمائي کن هين ڳالهين پئي ڪئي آهي....

هي ڳالهه بيشڪ صحيح آهي تہ جت ڏاڍي خراب نموني سان جوڙا ڪيڏن ٿيا ۽ انهن جي ميزن تي انتهائي معمولي قسم جون چوريون تہ عام ٿينديون آهن. خزانچي جي ميز جي ٻنهي ڪنڊن تي ٻنهي هو ڪئميل پئسا ڳڻيندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن گهوٻيون بہ هڻندا آهن. هو ٻہ تہ صفا چٽ آهن. آءٌ باقاعدي 'رولٽ' جي جوڙا کي ڏسي ۽ جانچي رهيو هوس — انهيءَ لاءِ نہ تہ ڪٿي ان جو ڪو بيان ڪرڻو هون. آءٌ نہ رڳو پنهنجي فائدي لاءِ ان کي غور سان ڏسي رهيو هوس، تہ جيئن پاڻ کيڏڻ وقت خبردار رهي سگهان. مون ڏٺو پئي تہ گهڻو ڪري ماڻهن هٿ وڌائي، هڪ ٻئي جا ڪئميل پئسا ڦُري ٿي ورتا ۽ جهڳڙو شروع ٿي ٿيو ۽ اهڙي وقت ڪنهن جي چال ثابت ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي لڳو.

شروع ۾ تہ منهنجي لاءِ اهو سمجهڻ ئي ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو هو جو منهنجي سمجهہ ۾ تہ رڳو ايترو ٿي آيو تہ ڇڪو طاق ۽ رنگين انگن تي اڇلايو ٿي ويو. مون پالينا اليگزينڊرونا جي پئسن مان هڪ سؤ گلڊن تي بازي هڻڻ جو فيصلو ڪيو. ان خيال؛ تہ آءٌ پنهنجي لاءِ ڪونہ کيڏي رهيو آهيان، منهنجا هوش حواس بيڪار ڪري ڇڏيا هئا. اهو خيال مون لاءِ دل ڏکوئيندڙ هو، ۽ آن ڪان سڀ جلد از جلد جيءُ آجو ڪرڻ ٿي چاهيو. پر منهنجو ذهن هر هر سوچي رهيو هو تہ مان پالينا لاءِ راند شروع ڪندي، ڄڻ پنهنجي محنت سان کيڏي رهيو هوس. ڇا، وهم جو شڪار ٿيڻ ٻنان، جوڙا جي ميز تائين پهچڻ ممڪن نہ آهي؟ مون پنج فيڊرڪ (پنجاه گلڊن) ڪڍيا ۽ ٻڌيءَ واري انگ تي لڳايم. چڪر ڦريو، ۽ تيرهن جو انگ نڪتو. آءٌ هارائي چڪو هوس. ڏاڍيءَ ڀڃي دليءَ سان مون پنج فيڊرڪ ڳاڙهي نشان تي هنيا. ان ڪري تہ جيئن جلد از جلد ڪم پورو ٿئي ۽ آءٌ هتان ڀڄي وڃان. ڳاڙهو نڪري آيو. مون ٻيهر ڏهن ڏهن جي بازي هنئي. ٻيهر ڳاڙهو نڪري آيو. مون وري سڄي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رقم ان تي هنئي ۽ هاڻ بہ ٻارهو نڪتو. چاليهہ فيبرڪ ماڻ تي مون يڪدم اڌهن مان وچين ٻارهن انگن تي هنياه هن پيري مون کي سنهنجي رقم مان ٽيٽا پئسا ملياه. ان طرح هاڻ مون وٽ ڏهن فيبرڪن جي بجاءِ اسي فيبرڪ ٿي ويا. ان ڪاميابيءَ تي مون کي هڪ عجيب و غريب احساس اچي ورايو، جو سنهنجي لاءِ ايترو تہ ناقابل برداشت هو، جو مون هتان ڀڄي وڃڻ جو ارادو ڪيو. مون کي ائين ٿي لڳو تہ جي مان پنهنجي ذات لاءِ کيڏي رهيو هجان ها تہ ائين نہ کيڏي سگهان ها. تڏهن بہ اسيءَ جا اسي فيبرڪ ٻڏي واري انگ تي هنيم. هن پيري مون کي اسي فيبرڪ ٻيا ملي ويا ۽ مان هڪ سؤ سٺ فيبرڪن جي ڍيري کڻي، پالينا کي ڳولهہ نڪتس.

هو سڀئي پارڪ ۾ چهل قدمي ڪرڻ ويا هوا. ان ڪري مان رات جي ماني کان پوءِ ئي هنن سان ملي سگهيس. هن گڏجاڻيءَ وقت فرينچ موجود ڪونہ هو. ان لاءِ، جنرل صاحب جي دل جي زبان تي ڳالهہ اچي ويئي. هن شين سان گڏوگڏ هن مون کي چيو تہ هو آئينده مون کي جوئا جي ميز تي ڏسڻ پسند نہ ڪندو. هن جو خيال هي بہ هو تہ جي مان وڏي رقم هارائي ويٺس تہ هو پاڻ نہ مصيبت ۾ ڦاسي وڃي. هن کليو کلايو چئي ڏنو، ”جي تون ڪا وڏي رقم کٽي بہ ويٺين تہ بہ مان مصيبت ۾ ڦاسندس. يقيناً مان تنهنجي ڪمن تي چوڪسي رکڻ جو حق نٿو رکان، پر ايتري ڳالهہ تون ضرور مڃيندين نہ....“ هن جاءِ تي حسب عادت هن ڳالهہ اڌ ۾ ڇڏي ڏني. مون ڏاڍيءَ رکائيءَ سان جواب ۾ چيو تہ ”سائين، مون وٽ پئسا تمام گهٽ آهن. تنهنڪري جي کيڏندس بہ تہ ڪا وڏي رقم هارائي نٿو سگهان.“ ائين چئي مان اٿيس ۽ پنهنجي ڪمري ڏانهن ويندي، ڏاڪڻ تي پالينا کي کٽيل رقم ڏنم ۽ کيس صاف صاف چيم تہ آئينده مان هن لاءِ ڪڏهن بہ نہ کيڏندس.

”پر ڇو نہ؟“ هن ڪنهن جذبي کان ڏڪندي پڇيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ان لاءِ جو مان پاڻ لاءِ ڪيڏڻ چاهيان ٿو، ۽ اهو ئي احساس مون کي تنهنجي لاءِ ڪيڏڻ کان روڪي ٿو.“ مون هڻ ڏي لاپرواهي سان ڏسندي چيو.

هن ڏوڪ ڪندي پڇيو، ”معنيٰ ته توکي اڃا اِهو ئي يقين آهي ته ’رولٽ‘ تنهنجي لاءِ فرار ۽ نجات جو واحد ذريعو آهي؟“

مون ان سوال جو جواب يڪدم ڏنو ته ”ها، هي سچ آهي، پيو ته مون کي پنهنجي ڪَٽڻ جو يقين آهي.“ اها ڳالهه بيوقوفيءَ جي ئي سهي، ۽ مان خود به ان کي ائين مڃڻ لاءِ تيار هوس؛ ليڪن هاڻ مون پنهنجي مٿي پاڻ ئي ڪيڏڻ ٿي گهريو.

پالينا الگزينڊرونا اصرار ڪرڻ شروع ڪيو ته اڄ جي ڪٽيل رقم مان اڌ مان کڻان. هوءَ مون کي اسي فيڊرڪ ڏيئي رهي هئي ۽ اها تجويز پيش ڪري رهي هئي ته مان اڳتي به هن لاءِ انهيءَ شرط تي کيڏندو رهان. مون رقم وٺڻ کان اصل انڪار ڪيو، ۽ هن کي ٻڌايم ته ”آءٌ ٻين لاءِ ڪيڏي نٿو سگهان. ان لاءِ نه ته ڪو آءٌ ائين ڪرڻ نٿو چاهيان، بلڪ ان لاءِ ته جي مون ائين ڪيو ته پڪ هارائيندس.“

هن سوچ ۾ ٻڌندي چيو، ”حالانڪ اها بيوقوفيءَ جي ڳالهه آهي ليڪن مون پنهنجيون سڀئي اميدون رولٽ سان وابسته ڪري ڇڏيون آهن. ان ڪري توکي ضرور کيڏندو رهڻ کپي — منهنجي تنهنجي ڀائيواري — پي ڪا ڳالهه ئي ڪانهي، تون ضرور ڪيڏندين.“

اهو چئي، هوءَ منهنجا وڌيڪ اعتراض ٻڌڻ کان سواءِ تيزيءَ سان مٿي هلي ويئي.

—

# باب ٽيون

ڪالهه هن سڄو ڏينهن مون سان جونا جي باري ۾ ڪابه ڳالهه ڪونه ڪئي بلڪ ڳالهائڻ کان ٿي لنوائيندي رهي. مون سان هن جو رويو ساڳيو ئي هو. مون سان ملڻ تي اها ئي بي پرواهي، جنهن سان نفرت ۽ ناپسنديدگي نظر ايندي هئي. هن پنهنجي نفرت لڪائڻ جي ضرورت ئي نه ٿي محسوس ڪئي. اِها ڳالهه مان ڏسي چڪو هوس. ان جي باوجود، هن مون کان اِهو به لڪائڻ نٿي چاهيو ته مان هن لاءِ ڪنهن نه ڪنهن طرح ضروري بڻجي چڪو آهيان، ۽ اهو به ته مون کي ڪنهن مقصد لاءِ استعمال ڪرڻ ٿي چاهيائين. اسان جي وچ ۾ هڪ عجيب قسم جو تعلق پيدا ٿي ويو هو. خاص طرح اِنهيءَ ڪري جو مون کي خبر هئي ته هي تعلق گهڻين ئي ڳالهين ۾ منهنجي سمجهه کان مٿي هو. هوءَ هر شخص سان آڪرائيءَ سان پيش ايندي آهي. مثال طور هن کي خبر آهي ته مون کي مادس چريائپ جي حد تائين محبت هئي، ايتري قدر جو مون کي محبت جي اظهار جي به آزادي ڏيئي ڇڏي هئائين. بلاشڪ هوءَ پنهنجي نفرت جو اظهار ان کان بهتر طريقي سان نٿي ڪري سگهي ته هوءَ مون کي بنا ڪنهن رڪاوٽ ۽ پابنديءَ جي محبت جو اظهار ڪرڻ ڏئي. ان جو مطلب هي ٿيو ته هن منهنجي جذبات کي ايترو ڪريل ٿي سمجهيو، جو اهو سوچڻ جي به پرواهه نٿي ڪيائين ته مان سندس لاءِ ڇا ڇا ٿي رهيو هوس، ۽ ڇا محسوس ڪري رهيو هوس. هن مون سان پنهنجي ذاتي معاملن جي باري ۾ ڪافي ڳالهيون ڪيون. پر دل جي ڳالهه ڪڏهن به نه ٻڌايائين. هن جي نفرت ۾ ڪي خاص باريڪيون به هيون. مثلاً هوءَ سعيو ڪري، هيءَ خبر رکندي هئي ته مون کي سندس زندگيءَ جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن خاص واقعي جي خبر هئي يا سندس دلچسپيءَ جي ڪا خاص ڳالهه معلوم هيم! يا جي هن کي مون مان ڪنهن غلام يا پيغام آڻڻ واري ڇوڪري جي حيثيت سان ڪو ڪم ڪڍڻو هوندو هو ته هوءَ خود ئي مون کي پنهنجو ڪو واقعو ٻڌائيندي هئي. پر هوءَ مون کي هميشه ايترو ٻڌائيندي هئي جيترو ڪنهن نوڪر کي يا پياسبر کي ٻڌائجي ۽ جي مان سچي واقعي کان باخبر نه هوندو هوس يا هوءَ پنهنجي اکين سان ڏسندي هئي ته مان ڪيس پريشان ۽ فڪرمند ڏسي ڪيترو پريشان ۽ فڪرمند ٿيندو هوس ته هوءَ ڪڏهن به دوست جيان مون تي ڀروسو ڪري سچي ڳالهه مون کي نه ٻڌائيندي هئي. هوءَ ڪڏهن ڪڏهن مون کان اهڙا ڪم به ڪرائيندي هئي، جي ڏکيا هجڻ سان گڏ خطرناڪ به هوندا هئا، اهڙي وقت منهنجي خيال ۾ ايندو هو ته هوءَ ڪڏهن نه ڪڏهن مون مان ڳُلي پنهنجا دلي حال ضرور اوريندي. هوئڻ هن کي منهنجي اهڙي ڪا پرواهه ڪانه هئي جو منهنجي جذبات ۽ پريشانيءَ جو خيال ڪري. مان، مو هن جي پريشانين ۽ ناڪامين تي شايد ڪائنس به، وڌيڪ پريشان ٿيندو هوس، ۽ اندر ۾ پچرندو هوس.

مون کي ٽن هفتن کان خبر هئي ته هوءَ 'رولٽ' جي جوئا کيڏڻ جو ارادو رکي ٿي. هن مون کي به خبردار ڪري ڇڏيو هو ته هن لاءِ خود کيڏڻ مناسب ڪونهي، ان ڪري سندس جڳهه تي مون کي کيڏڻو پوندو. هن جي ڳالهائڻ جي نموني مان ئي مون سمجهي ورتو ته هوءَ ڏاڍي فڪرمند آهي ۽ ان جو سبب رڳو پئسن حاصل ڪرڻ جي خواهش نه هيس. پئسن جي ڪيس آخر ڪهڙي ضرورت هئي! پڪ ان جو ڪو ٻيو سبب آهي. ڪا اهڙي ڳالهه آهي، جنهن جي باري ۾ في الحال ته مون کي ڪا خبر ڪانه هئي، پر آءٌ ان متعلق ٽڪو ضرور هڻي سگهان ٿو. هن جي بي خياليءَ ۽ تڪبر واري لهجي مون کي ان قابل بنائي ڇڏيو هو ته مان به هن کان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گستاخيءَ ۽ گهرائپ سان سوال ڪري سگهان. ڇو جو آءٌ هن جي نظر ۾ هڪ بي حيثيت غلام هوس، انڪري منهنجي گستاخيءَ واريءَ ڳچا ڳاچا تي هن کي ناراض ٿيڻ جي ضرورت ئي نه پوندي هئي. حقيقت هيءَ آهي ته هوءَ مون کي هر قسم جو سوال ڪرڻ ته ڏيندي هئي، پر جواب ڪڏهن به نه ڏيندي هئي. بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ته منهنجي سوالن کي اصل نظرانداز ڪري ڇڏيندي هئي. اهو هو منهنجو ۽ هن جو تعلق.

ڪالهه چار ڏينهن اڳ موڪليل ان تار جي باري ۾ ڏاڍيون ڳالهيون ٿينديون رهيون جنهن جو اڃا ڪو جواب ڪونه آيو هو. سو جنرل صاحب به ڏاڍو پريشان هو. ڏاڍيءَ جي باري ۾ ڪا نه ڪا اهم ڳالهه ضرور هئي. فرينچ به پريشان هو. ڪالهه شام جو ٽي مانيءَ کائڻ کان پوءِ هنن ۾ ڪافي دير تائين سنجيده ڳالهيون هلنديون رهيون. فرينچ جو رويو توقع جي خلاف سيني سان ڏاڍو رکو آڪرائي وارو هو. شايد هو به بور ٿي پيو هو. هن جو رويو پالينا سان به ڏاڍو بي رخيءَ وارو هو. هونئن سائن گڏ هو به خوش خوش باغ ۾ سير ۽ تفريح لاءِ ويندو هو، گهوڙن جي سواري به گڏ ٿيندي هئي، ۽ ٻي پري پهاڙي ۾ پڻ مجلسون ٿينديون هيون. مون کي چڱي عرصي کان انهن حالتن جي خبر هئي، جن جي ڪري فرينچ جنرل صاحب سان گڏ رهڻ تي مجبور ۽ پابند هو. حقيقت ۾ هنن گڏجي روس ۾ هڪ ڪارخانو کولڻ جو منصوبو ٺاهيو هو. خبر نه آهي ته اهو منصوبو ڪامياب ٿي چڪو هو يا اڃا تائين زير بحث اٿن. ان کان سواءِ اتفاق سان مون کي هڪ گهرو راز جي خبر پئجي ويئي هئي. گذريل سال فرينچ صاحب جنرل صاحب کي واقعي هڪ وڏي مصيبت مان نجات ڏياري هئي ۽ هن کي ٽيهه هزار روبل هڪ اهڙي سرڪاري رقم پوري ڪرڻ لاءِ ڏنا هئائين جيڪا هن جي استعيفا ڏيڻ وقت غائب هئي، ۽ هاڻي جنرل صاحب سندس چنبي ۾ هو. پر منهنجي خيال ۾ هن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناٽڪ جو اصلي ڪردار مادموزيل بلانشي ئي آهي.

مادموزيل بلانشي ڪير آهي؟ ڇيو ڏو وڃي ته هڪ معزز فرينچ خاتون آهي، جنهن وٽ تمام گهڻي دولت آهي، ۽ ساڻس گڏ سندس ماءُ به آهي. پڌو اٿم ته هن جي اسان واري فرينچ 'مارڪئس' سان به ڪا مائٽي آهي ـــ پر پري جي، شايد سوٽ آهن يا اهڙي قسم جي ڪا ڏورانهين مائٽي اٿن. مون کي خبر پيئي آهي ته منهنجي پئرس وڃڻ کان پهرين فرينچ ۽ مادموزيل بلانشي جا تعلقات بي تڪلف هئا ـــ يعني ڏاڍا لطيف ۽ شاناڻي قسم جا، پر هاڻ هنن جي شناسائي، هنن جي دوستي ۽ هنن جا تعلقات ڪجهه هلڪڙا ۽ زياده ويجها آهن. غالباً هو اسان جي مٺيري آسرڻ جا امڪان ايترا گهٽ ڏسن ٿا جو هو اسان سان بي تڪلف ٿيڻ ۽ پاهرئين شان نه رکڻ ۾ ڪو هرج ڪرنه ٿا سمجهن. مون ٿيون ڏينهن ئي ڏٺو هو ته انگلي صاحب مادموزيل بلانشي ۽ هن جي ماءُ کي عجيب انداز سان ڏسي رهيو هو. مون کي اڻين لڳو ڄڻ هو هنن کي سڃاڻندا هجن، بلڪ هي به محسوس ٿيو ته اسان جو فرينچ صاحب پهرين به انگلي صاحب سان ملي چڪو آهي. انگلي صاحب ايتري قدر شرميلو، خاموش طبع ۽ گهٽ ڳالهائو آهي جو هر ڪو ان جي باري ۾ هي اندازو لڳائي سگهي ٿو ته هو ڍيڍورو ڏيڻ جي قابل ناهي. فرينچ ڄڻ ته وڏي تڪليف سان انگلي صاحب کي سلام ڪندو هو، بلڪ هن ڏي نظر کڻي ته ڏسندو به نه هو ـــ مطلب ته هو هن جي پرواهه ئي نه ڪندو هو. اها ڳالهه ته هرڪو سمجهي ٿي سگهيو. پر مادموزيل بلانشي هن ڏي ڇو نٿي نهاري؟ خاص ڪري جڏهن ڪالهه ڳالهه ٻولهه جي وچ ۾ 'مارڪئس' جي زبان تي الائي ڪهڙي سلسلي ۾ ـــ اتفاقاً هيءَ ڳالهه اچي وئي ته انگلي صاحب وڏيءَ دولت جو مالڪ آهي، ۽ ان جي ڪيس، يعني 'مارڪئس' کي چڱيءَ طرح خبر آهي ـــ تڏهن ته مادموزيل بلانشي ضرور هن ڏانهن نهاري ها! بهرحال جنرل صاحب ڏاڍو پريشان ٿي لڳو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر ڪو سمجهي سگهي ٿو ته ان صورتحال ۾ جنرل صاحب جي چاچيءَ جي وفات جي خبر آڻڻ واري تار جي ڪيڏي اهميت ٿي سگهي ٿي.

مون کي يقين هو ته پالينا کنهن خاص ڳالهه جي ڪري، مون مان ڳالهائڻ کان ننائي رهي هئي. تنهنڪري مون به رڪائيءَ وارو رويو اختيار ڪيو. مون اهو ٿي سوچيو ته هوءَ جلدي پاڻهي مون وٽ ايندي. ڪالهه کان وٺي منهنجي توجه جو مرڪز مادموزئيل بلانشي هئي. ويچارو جنرل! هو ته بلڪل تباه ٿي چڪو آهي. پنجونجاه سالن جي عمر ۾ اهڙي شديد جذبي سان عشق ڪرڻ واقعي آسماني قهر آهي. ڪو ويچار ته ڪري ته هو ڪيڏي عذاب ۾ ورتل آهي. هڪ ته رنڊڙ، ٻيا ٻار، ملڪيت سڄي برباد ۽ تباه، خاصي رقم جو مقروض ۽ انهن سڀني جي مٿان ڳالهه هيءَ ته ان خاص عورت سان عشق.... مادموزيل بلانشي بي شڪ سهڻي عورت آهي. پر جي آءٌ اهو چوان ته هن جو منهن اهڙي قسم جو آهي جو ڏسي هڪ قسم جو ڀوت ڏو محسوس ٿئي ته الائي منهنجي اها ڳالهه ڪنهن جي سمجهه ۾ به ايندي يا نه. آءٌ پاڻ ته اهڙي قسم جي عورتن کان هميشه ڊڄندو آهيان. هوءَ شايد پنجويهن ورهين جي آهي. صحت مند، مضبوط ۽ ويڪرو جسم، ٿلهيون رانون، خوبصورت ڳچي ۽ وڏيون ڇاتيون ـــ رنگ زرديءَ مائل ڳاڙهو، وار ايترا ڪارا جهڙا هندوستاني مَسُ ۽ ايترا گهاٽا جو انهن مان ٻه جهوپڙا ته ضرور جڙي پون. هن جون اکيون وڏيون ۽ ڪاريون آهن، جن جي اڇن تارن ۾ هلڪا هلڪا گلابي رنگ جا ڏورا نظر ٿا اچن. نگاهه ۾ گستاخي، ڏند تمام اڇا، چپن تي هميشه سرخي. هن جي جسم مان مشڪ جي خوشبوءِ ايندي آهي. هوءَ پر اثر، وضع دار، قيمتي ۽ باذوق لباس پهريندي آهي. هٿ ۽ پير ڏاڍا نفيس ۽ جميل، آواز حالانڪ ڳرو اٿس، پر ڏاڍو مڌم ـ ڪڏهن ڪڏهن هوءَ ٽهڪ ڏيندي آهي جو ٻتيهه ڏند ڏسڻ ۾ اچن. باقي هن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي عام انداز ۾ خاموشيءَ جو اثر گهڻو هوندو آهي - خاص طرح پالينا ۽ ماريا فلپانا جي آڏو (ها، هڪ عجيب افواه آهي ته ماريا فلپانا واپس روس وڃي رهي آهي). منهنجو خيال آهي ته مادموزيل بلانشي تعليم يافته نه آهي. هوئن هوءَ ذهني طور تي به ايڏي تيز نه آهي. بهرحال هوءَ ذاتي پر ڪشش آهي. منهنجو خيال آهي ته هن جي زندگيءَ ۾ ڪي ڳالهيون ضرور ٿيون آهن. سچ پڇو ته اهو به ممڪن آهي ته هن جي 'مارڪئس' سان اصل ڪا مٽي ڏي نه هجي ۽ ماءُ به هن جي اصلي ماءُ نه هجي. ها اهو ضرور آهي ته برلن ۾، جتي اسين سڀ گڏ ويا هئاسين، مادموزيل بلانشي ۽ ان جي ماءُ جي چڱن ماڻهن سان واقفيت ضرور هئي. جيستائين 'مارڪئس' جو تعلق آهي، مون کي ته اڃا تائين هن جي مارڪئس هجڻ ۾ ڪي شڪ آهي — پر هن حقيقت ۾ ڪنهن شڪ جي گنجائش نه آهي ته هو روس ۾ مثلاً ماسڪو ۽ جرمنيءَ جي چند جڳهن تي وڏن وڏن ماڻهن جي مجلسن ۾ اٿندو ويهندو آهي. اها خبر ڪانهي ته فرانس ۾ سندس حيثيت ڪهڙي آهي. چون ٿا ته اتي وڏو محل اٿس.

منهنجو خيال هو ته منهنجي غير حاضريءَ وارن ٽن هفتن ۾ گهڻو ڪجهه ٿي ويو هوندو، پر مون کي اڃا تائين خبر نه پئجي سگهي هئي ته جنرل صاحب ۽ مادموزيل بلانشي جي وچ ۾ ڪا فيصلہ ڪن ڳالهه ٿي چڪي آهي يا نه؟ اصل ۾ هر ڳالهه جو انحصار اسان جي 'قسمت' تي ٽڪيو هو، يعني هن تي ته جنرل، صاحب دولت پيش ڪري سگهيو ٿي يا نه! فرض ڪريو ته هيءَ خبر ٿي اچي ته ڏاڏي اڃا ڪانه مئي آهي ته مون کي پڪ آهي ته مادموزيل بلانشي يڪدم گم ٿي ويندي. اهو سوچي ته مان ڪيترو گهڻ ڳالهائو ٿي ويو آهيان، هنن ڳالهين تي جتي مون کي تعجب ٿيندو آهي اتي خوشي به ٿيندي آهي. اف! مون کي انهن سڀني ڳالهين کان ڪيتري نه نفرت آهي. مون کي انهن سڀني ڳالهين کان جند ڇڏائيندي بي انتها خوشي ٿيندي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر چا مان پالينا کي ڇڏي سگهان ٿو؟ ڇا، مان هڻ سان ڳڏو گڏ هلڻ ڇڏي سگهان ٿو؟ مون کي خبر آهي ته هر وقت ڪنهن جي پٺيان لڳو رهڻ خراب آهي ۽ معيوب به آهي، پر مون کي ان جي به پرواه ڪانهي.

هاڻي ته آءٌ انسٽلي صاحب جي شخصيت ۾ به دلچسپي وٺندو آهيان. پڪ ٿي ويئي اٿم ته هو پالينا سان محبت ڪري ٿو. هيءَ ڪيڏي نه عجيب ۽ پڻ چريائپ جي ڳالهه آهي ته هڪ شرميلو ۽ انتهائي پارسا ماڻهو جڏهن عشق ڪري ٿو، تڏهن پنهنجي اکين سان پنهنجي دل جي ڳالهين جو اهڙو ڪجهه اظهار ڪري ٿو ڇڏي، جنهن جي بدران هو هوند وڏيءَ خوشيءَ سان موت قبول ڪري پر پنهنجي واتان يا ٻيءَ طرح اها ڳالهه ظاهر ٿيڻ نه ڏئي. انسٽلي صاحب اسان کي گهڻو ڪري سير تفريح جي وقت ملندو آهي. هو ٽوپي مٿي تان لاهي هٿ ۾ ڪندو آهي ۽ اسان وٽان اکين لنگهي ويندو آهي، جڏهن اسان سان ملندي ئي مري پوندو. جي اسان مان ڪو سڏيندو به اٿس ته يڪدم انڪار ڪري ڇڏيندو آهي. انهن جڳهن تي جتي اسين آرام ڪندا آهيون، ڪاسينو ۾ يا بئنڊ واري ٿلهي تي يا فوهاري تي — هو هميشه اهڙيءَ جڳهه تي اچي بيهندو آهي، جتان اسان کي ڏسي سگهي. اسين ڪٿي به هجون، پارڪ ۾ يا جهنگ ۾، يا شنگلبرگ جي جبلن ۾ — جي ڪو رڳو هيڏانهن هوڏانهن نظر ڊوڙائيندو ته ڪنهن نه ڪنهن ويجهي رستي تي يا وڻ ٽڻ جي پٺيان انسٽلي صاحب جي سسي ڏسي وٺندو. منهنجي خيال ۾ ته هو مون سان اڪيلائيءَ ۾ ڳالهائڻ جو موقعو ڳولي رهيو آهي. انهن ڏينهن صبح جو منهنجي ساڻس ملاقات ٿي، پر مختصر، هو ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍي بي ربط نموني سان جلدي جلدي ڳالهائيندو آهي. عليڪ سليڪ ڪرڻ بنا هن هڪدم چيو:

”او مادموزيل بلانشي .... مون بلانشي جهڙيون گهڻيون ئي عورتون ڏٺيون آهن.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو مون ڏانهن پر معنيٰ تيز نگاهن سان ڏسندو ٻيهي رهيو، هن جي ان سچيءَ ڳالهه جو مطلب ڇا هو. مان ڪجهه به نه سمجهي سگهيس. ڇو جو جڏهن مون هن کان پڇيو ته سندس مطلب ڇا هو، تڏهن هن مُشڪي، ڪنڌ لوڏيندي چيو، ”اوه! مطلب اِهو ئي آهي.... ڇا، مادموزيل پالينا ڪي ڳالهه ونندا آهن؟“

”مون کي خبر نه آهي—مون کي بالڪل خبر نه آهي.“ مون چيو.

”هان! ته ڇا اوهان کي اها خبر به ڪانهي؟“ انگلش صاحب حيرت مان چيو.

”آءٌ سچ ٿو چوان ته مون کي خبر ڪانهي — مون ڪڏهن ان تي غور ئي نه ڪيو آهي.“ مون ورائيو.

”عجيب ڳالهه آهي؟“

هو ڪنڌ لوڏيندو هليو ويو. البت هو خوش نظر اچي رهيو هو. عجيب غلط سلط فرينچ ٻولي هڪ ٻئي کي ٻڌائي هئيسون!

---

# باب چوٿون

اڄ جو ڏينهن نهايت ئي واهيات، مضحڪه خيز ۽ ناخوشگوار هو. هن وقت رات جا ٻارنهن لڳا آهن. آئون پنهنجي ڪئبن جيتري ڪمري ۾ ويٺو، گذريل ڏينهن کي ياد ڪري رهيو آهيان. ان جو آغاز ٻالينا جي خاطر ڪيڏڻ لاءِ منهنجي روانت جي جوا خاني ۾ وڃڻ سان ٿيو. مون هن کان هڪ سئو سٺ فيابرڪ ورتا هئا. ليڪن ٻن شرطن تي — پهريون هيءُ ته مان اڌو اڌ وارو معاملو قبول ڪونه ٿو ڪريان، يعني جي مون کٽيو ته مان پنهنجي لاءِ ڪجهه به نه وٺندس ۽ ٻيو هيءُ ته شام جو ٻالينا ان ڳالهه جي وضاحت ڪندي ته هوءَ ڇو ۽ ڪيترا پئسا کٽڻ چاهي ٿي. مان ته هي ڪنهن به حالت ۾ سوچي نٿو سگهان ته اهو سڀڪجهه رڳو پئسن خاطر آهي! ظاهر آهي پئسن جي ضرورت ۽ جيتريقدر به جلد ممڪن ٿي سگهي، ڪنهن خاص مقصد لاءِ ٿي هوندي آهي. هن جڏهن مون سان وضاحت ڪرڻ جو واعدو ڪيو، ته مان هليو ويس. جوا خاني جي هال ۾ زبردست هجوم هو. هو سڀئي ڪيڏا نه بدتميز ۽ لالچي هئا؟ آءٌ هجوم کي چيريندو وچ ۾ هليو ويس ۽ خزانچيءَ وٽ وڃي بيٺس. پوءِ ڊڄندي ڊڄندي هڪ ئي وقت ٻن ٻن ٽن ٽن سڪن جي بازي هڻڻ جو تجربو شروع ڪيم ۽ ان وچ ۾ راند جو باقائده نظارو ڏسندو رهيس. مون کي محسوس ٿيو ته ڳڻپ ڪري، بازي هڻڻ ڪا معني ڪانه ٿي رکي. حالانڪ ڪجهه رانديگر ان کي وڏي اهميت ڏيئي رهيا هئا. هو ڪاغذ کڻيو ويٺا هئا، جن تي پينسل سان آڏيون ابتيون ليڪون ڪڍيل هيون. هنن هر داءَ مهل غور سان ڏسي، امڪانات جو اندازو ڪندي، ڳڻپ ڪندي، پوءِ ئي چڪو ٿي اڇلايو ۽ بلڪل اسان اناڙين وانگيان هارايائون ٿي، جيڪي بنا ڳڻپ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏي رهيا هئاسين. ان جي ابتڙ سون هڪ نتيجو ڪڍيو، جنهن
جي متعلق منهنجو ايمان آهي ته بلڪل ٺيڪ آهي ۽ اهو هي ته
رولٽ جي جوئا ۾ ڪو منظم طريقو نه آهي. پر ٻه امڪانات
جي سلسلي ۾ هڪ خاص قسم جو ربط ضرور آهي ۽ .... بيشڪ
اها هڪ عجيب ڳالهه آهي. مثلاً هي ٿيندو آهي ته، وچ وارن
ٻارهن انگن ڪان پوءِ وري ان ڪان پوءِ جا ٻارهن انگ نڪرندا
آهن، يعني ٻه ڀيرا داءُ پوين ٻارهن انگن تي پوي ٿو ۽ ان ڪان
پوءِ وري شروع جي ٻارهن انگن تي. شروع جي ٻارهن انگن
ڪان پوءِ داءُ وري وچ وارن ٻارهن انگن تي پوندو آهي. اٽين
١٣ ۽ چوويهن جي انگن جي وچ ۾ ٽي يا چار ڀيرا لڳاتار داءُ
پوي ٿو. ان ڪان پوءِ پوئين نڪي ۾ داءُ لڳندو ۽ پوءِ پنجويهه
۽ ڇٽيهه جي انگن جي وچ ۾ ٻه ڀيرا لڳي، وري ٻيهر شروع
جي ٻارهن انگن جي وچ ۾ پوندو ان ڪان پوءِ شروع جي ٻارهن
انگن جي وچ ۾ پوءِ لڳاتار ٽي چالون وچ جي ٻارهن انگن جي
ويجهو ويجهو نڪرن ٿيون ۽ انهيءَ طريقي سان اها راند ڪلاڪ
يا ٻن ڪلاڪن تائين جاري رهندي آهي. هڪ، ٽي ۽ ٻه ---
هڪ، ٽي ۽ ٻه. ڪيڏي نه حيرت جهڙي ڳالهه آهي! وري فرض
ڪريو ڪنهن ڏينهن يا ڪنهن صبح ڳاڙهي نشان کان پوءِ ڪارو
نشان نڪري ٿو ۽ ان ڪان پوءِ ڪابه ترتيب ڪانه ٿي رهي،
بلڪ داءُ هر گهڙيءَ بدلجندو ٿو رهي. ايتريقدر، جو لاڳيتو
ٽن چالن تائين ڳاڙهو يا ڪارو نشان بلڪل نٿو نڪري.
ٻئي ڏينهن يا ٻيءَ شام جو هي ٿيندو ته ڳاڙهو نشان هر هر
نڪرندو — لاڳيتو ٻارهن ڀيرا. بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ته سڄو سڄو
ڏينهن ڳاڙهو نشان ئي نڪرندو رهندو آهي. انهيءَ بابت مون کي
اُسٽلي صاحب گهڻو ڪجهه ٻڌايو آهي. هو سڄا سڄا ڏينهن،
رولٽ جي ميز تي گذاريندو هو ۽ ويٺو جاچيندو هو. ليڪن
بازي نه لڳائيندو هو.

جيستائين منهنجو تعلق آهي، سون جلد ئي آخري ڪرڏيءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنائين سڀ رقم هارائي ڇڏي. ٻهريائين هڪدم ويهه فيڊرڪ ٻڏيءَ واري انگ تي هنيم ۽ کٽي ويس. وري بازي لڳايم ۽ کٽي ويس. ان طرح ٻه ٽي بازيون مون کٽيون. منهنجو خيال آهي ته پنجن ڏي منٽن ۾ مون چار سؤ کن فيڊرڪ کٽي ورتا. ان موقعي تي مون کي اُتي هليو وڃڻ کپي ها، پر منهنجي اندر ۾ هڪ عجيب خيال پيدا ٿيو. تقدير جي خلاف سرڪشي. ان کي للڪارڻ جي خواهش. اُن کي چيڙائڻ جو جذبو. مون وڏي کان وڏي مجمل بازي چار هزار گلڊن لڳائي ۽ هارايم. وري کاوڙ ۾ اچي کيسي ۾ بچيل سڀ رقم سا کڻي انگ تي هنيم. وري هارايم. جنهن کان پوءِ مون تان اٿيس ۽ هليو آيس. آءٌ سمجهي نه سگهيو هوس ته مون کي ڪهڙو حادثو پيش آيو هو ۽ مون پنهنجي هار جي ڳالهه پالينا سان ماني کائڻ کان پوءِ ڪئي. مون باقي سڄو ڏينهن پارڪ ۾ رلندي گذاريو.

ڪاڏي جي وقت آءٌ انهيءَ ڪاوڙيل حالت ۾ هوس، جنهن ۾ ٽي ڏينهن ٻهرين هوس. اڄ فرينچ ۽ مادموزيل بلانشي به ڪاڏي ۾ شريڪ هئا. اُئين ٿي لڳو ڄڻ مادموزيل بلانشي ان جوئا خاني جي هال ۾ منهنجيون سڀ حرڪتون ڏٺيون هيون ۽ منهنجي ڪارنامن کان چڱيءَ طرح واقف هئي. ان موقعي تي هن مون کي خاص ڌيان سان خطاب ڪيو. فرينچ ته سڌي سنئين مطلب جي ڳالهه ڪئي ۽ مون کان پڇيائين ته جا رقم مون هارائي هئي، سا منهنجي ذاتي رقم هئي ڇا؟ منهنجو خيال آهي ته هن کي پالينا ۾ شڪ هو. اصل ۾ ان مخصوص سوال جو پس منظر به آهي. مون يڪدم ڪوڙ ڳالهايو ۽ چيم ته "ها، اها رقم منهنجي ئي هئي."

جنرل صاحب کي ڏاڍي حيرت ٿي ته مون ايتري وڏي رقم ڪٿان حاصل ڪئي. مون وضاحت ڪندي هن کي ٻڌايو ته اڄ مون شروع ۾ ڏهه فيڊرڪ هنيا ۽ پوءِ يڪا ڇهه ست داءَ هنيم ۽ هر ڀيري کٽي ويس ۽ ٽيندي ٽيندي، مون وٽ پنج ڇهه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنھو فيلبرڪ تي ويا، جي آخرڪار ٻن دائن ۾ هارائي ويٺس.

هن هڪدم ويساهه ڪري ورتو. جڏهن آءٌ صفائي پيش ڪري رهيو هوس، تڏهن پاڻينا ڏانهن به ڏٺم. پر هن جي منهن مان ڪجهه به ظاهر ڪونه ٿي ٿيو. مطلب ته هن مون کي ڪوڙ ڳالهائڻ ڏنو ۽ هڪ دفعو به نه ٽوڪيائين. ان مان مون نتيجو ڪڍيو ته مون کي ڪوڙ ڳالهائڻو ئي پوندو ۽ اهو راز لڪائڻو پوندو ته مان ڪو هن جو رازدار آهيان. بهرصورت آءٌ سوچي رهيو هوس ته هن جي اڳ ضرور وضاحت ڪرڻي پوندي، هونءَ به هن اڄ صبح مون سان ڪجهه احوال ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو.

منهنجو خيال هو ته جنرل صاحب مون کي ضرور ڪا نصيحت ڪندو. پر هو صفا چپ ويٺو رهيو. البت مون ڏٺو ته هن جي چهري تي مونجهاري جا نشان چٽيل هئا. ٿي سگهي ٿو ته هن کي اها ڳالهه ٻڌي ڏک ٿيو هجي ته هڙي تنگدستيءَ جي وقت ۾ ايڏي وڏي رقم آئي ۽ مون جهڙي بيوقوف جي هٿان پندرهن منٽن ۾ غارت ٿي وئي.

مون کي خبر پئي آهي ته ڪالهه جنرل صاحب ۽ فرينچ جي وچ ۾ گرما گرم بحث ٿيو آهي. هو سيئي بند ڪمري ۾ گفتگو ڪندا رهيا هوا. فرينچ ڪاوڙجي هليو ويو هو ۽ اڄ صبح ساڻ وري، شايد ڪالهوڪي گفتگوءَ کي جاري رکڻ لاءِ موٽي آيو هو.

اهو ٻڌي ته آءٌ هڪ وڏي رقم هارائي چڪو آهيان، فرينچ ٽوڪ هڻندي چيو ته ماڻهوءَ کي ٿورو عقل رکڻ کپي. الائي ڇو هن اها ڳالهه ڪئي حالانڪ تمام گهڻا روسي جوا ڪندا آهن پر هن جو خيال آهي ته روسي جوئا کيڏڻ ۾ ڪابه قابليت ڪانه ٿا رکن.

”ليڪن منهنجي خيال ۾ رولٽ جي جوئا نهي ئي روسين لاءِ آهي“، مون چيو.

منهنجي چيلنج تي فرينچ حقارت مان کلڻ لڳو، ان تي مون چيو ته ”مون بلڪل نيڪ چيو آهي، ڇو جو روسين کي

جوئاري چوڻ هئن جي تعريف نه آهي بلڪ بي عزتي آهي؛ تنهن ڪري هن کي منهنجي ڳالهه تي يقين اچڻ گهرجي.

”پر آخر اوهان جي ان راءِ جو بنياد ڪهڙو آهي؟“ فرينچ پڇيو.

”ان بنياد تي ته دولت گڏ ڪرڻ جي صلاحيت، تاريخ جي وهڪري ۾ مغرب جي مهذب ۽ شائسته انسانن جي صلاحيتن ۽ خوبين ۾ هڪ اهم جڳهه اچي والاري آهي. هڪ روسي نه صرف دولت گڏ ڪرڻ جي صلاحيت نه ٿو رکي، بلڪ بنا سوچ سمجهه جي ڏاڍي بي پرواهيءَ سان ان کي وڃايو ڇڏي. ان هوندي به آخر اسان روسين کي به ته پئسي جي ضرورت پوي ٿي“ مون ڳالهه کي جاري رکندي چيو، ”۽ ان لاءِ اسين رولٽ جهڙا ذريعا استعمال ڪرڻ جا وڏا شوقين آهيون. ڇو جو ان ۾ بنا محنت جي هڪ ڪلاڪ ۾ ڪو ماڻهو مالدار بڻجي سگهي ٿو. رولٽ اسان لاءِ دلفريب آهي ۽ جاڪاڻ ته اسين جهڙي نموني ۽ لاپرواهيءَ سان ۽ سواءِ ڪنهن خاص ڪوشش جي کيڏندا آهيون، انڪري هار هميشه اسان جي هوندي آهي.“

”اها ڳالهه ڪنهن حد تائين صحيح آهي،“ فرينچ هڪ وڏو ساهه کڻندي چيو.

”نه اها ڳالهه صحيح ڪانهي. توکي پنهنجي ملڪ متعلق اهڙيون نيچ ڳالهيون ڪندي شرم اچڻ کپي.“ جنرل صاحب ڏاڍي باوقار انداز ۾ چيو.

”مون کي ڳالهه ته پوري ڪرڻ ڏيو. حقيقت ۾ آءٌ اڄ تائين سمجهي نه سگهيو آهيان ته روسين جي اهڙي اُڇلائي ۽ لاپرواهي وڌيڪ قابل نفرت آهي يا جرمنن جو ديانتداراڻو سچي محنت سان پئسو ڪمائڻ.“

”تنهنجو اهو خيال ڪهڙو نه بيهودو آهي؟“ جنرل چيو.

”۽ تنهنجو اهو خيال بلڪل روسين وارو آهي“ فرينچ چيو. مان کلڻ لڳس. حقيقت ۾ مون کي انهن پنهي کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويڙهاڙن جو ڏاڍو شوق هو.

”خدا جو سنهن مان جرمنيءَ جي ان بت جي سامهون مٿي ٽيڪڻ کان سچي عمر خانه بدوش قوم جي خيمن ۾ گذارڻ بهتر سمجهان ٿو.“

”ڪهڙو بت؟“ جنرل صاحب ڪاوڙجندي چيو.

”جرمنن جي دولت گڏ ڪرڻ جي صلاحيت جو بت. حالانڪ آءٌ هت تمام ٿورو وقت رهيو آهيان پر جيڪي ڪجهه مون ڏٺو آهي يا ٻڌو آهي، اهو منهنجي تاتاري رت کي ٿڪائڻ لاءِ ڪافي آهي. هتي ڪابه شيءِ منهنجي مزاج مطابق نه آهي. خدا جو سنهن مون کي اهڙي قسم جي ڪابه خوبي نه گهرجي. ڪالهه به مون اٿين ٿي اٺن ميلن جو چڪر هنيو. هتي جي هر شيءِ جرمنن جي وِنڊز باتصوير ڪتابن جيان آهي. هتي جي گهر گهر ۾ هڪ مذهبي قسم جو شخص ضرور هوندو آهي. جنهن حد کان وڌيڪ پرهيزگار ۽ غيرمعمولي طور تي ديانت دار هوندو آهي. ايتريقدر ديانتدار، جو اوهان کي ان جي ويجهو ويندي ڊپ خوف ٿيندو. مون کي اهڙي قسم جا ديانت دار ماڻهو اصل ڪين وڻن، جن وٽ ويندي خوف لڳي. اهڙي هر مذهبي شخص جو هڪ وڏو ڪٽنب آهي. جتي روزانه شام جي وقت وڏي آواز سان اصلاحي ڪتاب پڙهيا ويندا آهن. شاه بلوط جو وڻ گهر جي ڀت سان گڏ بيٺو آهي. هوڏانهن اولهه جي افق ۾ سج غروب ٿيڻ جي ڪوشش ۾ اڱل آهي. ڇت تي ٻگهه بيٺو آهي. غرض ته هڪ هڪ شيءِ نهايت ناهوڪي ۽ پراثر نظر ايندي آهي. ناراض نه ٿيو جنرل صاحب! مون کي ٿورو اثرائتي نموني ۾ بيان ڪرڻ ڏيو. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته منهنجو پيءُ به مون کي ۽ منهنجي والده کي اهڙا ئي اصلاحي ڪتاب باغ ۾ ليمن جي وڻن هيٺان ويهي پڙهي ٻڌائيندو هو، سو انڪري آءٌ به انهيءَ مسئلي تي اهم راءِ ڏيئي سگهان ٿو. چا، اوهان کي خبر آهي ته هتي جو هر ڪٽنب ۾ هر ماڻهو مڪمل پابنديءَ ۽ غلاميءَ ۾ جڪڙيل

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. هو چوويهه ئي ڪلاڪ نار جي ڏڳي وانگيان وهي ۽ يهودين وانگر پئسا بچايو تجوزيون ڀريا پيا ڀرين. فرض ڪريو ته ڪنهن چڱا خاصا گلدن گڏ ڪري ورتا آهن ۽ هاڻي هو دڪان کولڻ ۽ ٻنيءَ ٽڪر وٺڻ جي سوچي رهيو آهي. خبر اٿو اُن ڪم ڪرڻ لاءِ هو ڇا ٿو ڪري؟ هو پنهنجي ڌيءُ جي شادي ٿو ڪري جو هن کي ڏاج ڏيڻو پوندو ۽ گلدن گهٽجي ويندا. ايستائين، جو هوءَ پوڙهي ٿيو ٿي وڃي، هو پنهنجي سڀني کان ننڍي پٽ کي مزدورن وٽ يا فوج ۾ وڪرو ڪيو ڇڏي. ان طرح حاصل ڪيل پئسا ظاهر آهي ته تجوزيءَ ۾ ئي پون ٿا. يقين ڪريو، اها سچي حقيقت آهي، مون خود پنهنجن اکين سان ڏٺو آهي، ۽ ماڻهن کان پڇندو رهيو آهيان. مزي جي ڳالهه هيءَ آهي ته اهو سڀ ڪجهه ڏاڍي خلوص ۽ ديانتداريءَ سان ٿيندو آهي. اهڙي خلوص ۽ ديانتداريءَ سان، جو سڀ کان ننڍو پٽ جنهن کي وڪيو ٿو وڃي، اهو ائين ٿو سمجهي ته هن کي ائين وڪڻڻ ئي ديانتداريءَ جي تقاضا هئي. ڪمال ته واقعي تڏهن آهي، جو خود شڪار پنهنجي قرباني تي خوش ٿيندو هجي. ڪجهه وڌيڪ ٻڌڻ چاهيو ٿا ڇا؟ وڏي پٽ سان به ڪو گهٽ ويل ڪرڻ ٿو وڃي. هو ڪنهن مس آميلا سان عشق ٿو ڪري. ٻنهي جون دليون گڏ ٿيون ڌڙڪن. پر هنن جي شادي نٿي ڪئي وڃي. رڳو ان لاءِ ته پئسا گهڻا نه آهن. هو ٻئي ڏاڍي اخلاق، پاڪبازيءَ، پاڪ دامنيءَ يا نيڪ آرزوئن سان پنهنجي شاديءَ جو انتظار ڪندا رهن ٿا ۽ ائين مشڪندي پنهنجو پاڻ کي انهيءَ بت جي قربان گاهه تي قربان ڪيو ڇڏين. آميلا جا ڳلن جهڙا ڳل پيلا ٿيو وڃن، هوڏانهن ويهن سالن ۾ هنن جي مالي خوشحاليءَ ۾ وڏو اضافو ٿئي ٿو. وڏي ديانتداريءَ ۽ نيڪ نيتيءَ سان تجوزين ۾ دولت جو انبار گڏ ٿيو وڃي. هو مذهبي بزرگ وڏي اطمينان سان پنهنجي چاليهه يا پنجاهه سالن جي پٽ ۽ ٽيهن يا پنجٽيهن ورهين جي آميلا کي، جنهن جون پيريل پيريل ڇاتيون ڪوڪليون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي چڪيون آهن ۽ رنگ پيلو ٿي ويو آهي، آشيرواد ڏئي ٿو، آشيرواد ڏيندي، هو باقاعده گرڙها ٿو وهائي. هنن کي ڪو وعظ ٿو پڙهائي ۽ پوءِ ترت ٿي مري ٿو وڃي. تنهن کان پوءِ هن جو اهو سڀ ڪان وڏو پٽ ساڳيو مذهبي بزرگ بڻجيو ٿو وڃي ۽ پيءُ ۽ ڏاڏي جي ڪهاڻي ٿو ورجائي. ان طرح پنجاهه يا سٺر سالن ۾ پهرئين مذهبي بزرگ بوڙي وٽ ڪافي رقم گڏ ٿيو وڃي، جنهن کي هو پنهنجي پٽ لاءِ ورثي ۾ ڇڏيو وڃي ۽ هو پنهنجي پٽ لاءِ ۽ هو پنهنجي پٽ لاءِ ۽ ان طرح ڇهن پنجن نسلن کان پوءِ هنن مان هڪ 'بيرن رٿشيلڊ' ۽ خدا ڄاڻي ڇا ڇا بڻجيو وڃي. اوهين خود ئي ٻڌايو ته هي تماشو ڪيڏو نه عظيم‌الشان آهي! سؤ ٻن سؤ سالن جي سخت محنت، صبر ۽ تحمل، هوش مندي، ديانت داري، ڪردار، مصمم ارادو، پيش بيني، ڇت تي پکيءَ پکي! اوهان کي ٻيو ڇا کپي. ان کان وڌيڪ ارفع ۽ اعليٰ ۽ پروقار شيءِ دنيا ۾ ٿي ئي ڪانه ٿي سگهي. هو ان خاص نقطهء نظر سان سڄيءَ دنيا کي ڏسندا آهن ۽ پنهنجن ڏوهارين کي سزا ڏيندا آهن — يعني انهن کي جيڪي هڪ رتيءَ ماتر به ڪاڻن مختلف هوندا آهن. هيءَ آهي اصلي ڳالهه: مان ته روسي طريقي سان دولت ضايع ڪرڻ يا روليٽ جي ذريعي مالدار بڻجڻ وڌيڪ پسند ڪندس. مان پنجن نسلن کان پوءِ جاگيردار رٿشيلڊ يا 'گاپ اينڊ ڪمپني' بڻجڻ نٿو چاهيان. مان پئسا پنهنجي لاءِ ٿو چاهيان. ياد رکو، مان پنهنجو پاڻ کي پئسي جو زيردست نٿو سمجهان ۽ نه ئي پنهنجي وجود کي ان لاءِ لازم ٿو سمجهان. مان ڄاڻان ٿو ته اوهان جي اڳ اهي سڀ ڳالهيون بڪواس آهن، پر منهنجا اصلي خيال اهي ئي آهن."

جنرل صاحب ٿورو سوچي چيو، "اهـا ته مون کي خبر ڪانهي ته تو جيڪي ڪجهه چيو ان ۾ ڪيتري سچائي آهي، پر اها خبر ضرور اٿم ته جي تو ڪي پنهنجي حد کان ٻاهر نڪرڻ جي ٿوري به اجازت ڏني ٿي وڃي ته تون ايڏيءَ جلد ۾ وڃي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو ٻوڙيُن، جو...."

همیشہ جيان هن ڳالهہ اڎ ۾ ٿي ڇڏي ڏني. اسان جي جنرل صاحب جي عادت آهي تہ هو روزمره جي عام گفتگو ڪان سٽي ٿوري بہ اهم ڳالهہ ڪندو، تہ هميشہ پنهنجا جملا اڎ ۾ ڇڏي ڏيندو آهي. فرينچ ڪجهہ ڪجهہ اڪيون ڦاڙي منهنجي ڳالهہ ٻڌي. منهنجي خيال ۾ هو منهنجي ڳالهين جو مطلب مشڪل سان سمجهي سگهيو هوندو. پاليئا وڎي خود داريءَ ۽ بي نيازيءَ سان ٻئي پاسي گهور پائي ڏسي رهي هئي، هن اٿين پئي ڏِڪ ڏني ڇڻ هن منهنجي يا ان ڏينهن ميز تي ڪيل ٻي ڪابہ ڳالهہ ٻڌي ئي ڪانہ هئي.

# باب پنجون

پالينا خلاف معمول فڪرمند هئي. مون تان اٿندي ئي هن مون کي پاڻ سان گڏ سير تي هلڻ لاءِ چيو. اسان ٻارن کي گڏ کنيو ۽ پارڪ ۾ ٿوري دير لاءِ هلڻ لڳاسين.

ان وقت آءٌ خاص طور تي ڏاڍو ڪاوڙيل هوس، ان ڪري ئي مون ڪانئس هيءُ بي ڍنگو سوال ڪري ورتو ته هاڻ جڏهن به هوءَ ڪيڏانهن ٻاهر وڃي ٿي ته ڇا هو مارڪئس ڊي گريو، اسان جو جناب فرينچ صاحب ساڻس گڏ ڇو نٿو وڃي، ۽ گهٽ ۾ گهٽ ڏينهن ڪان ساڻس ڳالهه ٻولهه به بند ڪري ڇڏي اٿس، سو ڇو؟

”ان لاءِ ته هو وڏو ذليل ماڻهو آهي.“ هن ڏاڍي عجيب انداز ۾ وراڻيو.

مون ڪڏهن به پالينا جي واتان مارڪئس گريو متعلق اهڙي سخت ڳالهه نه ٻڌي هئي، پر هن جي وڏيڪ تنگ ٿيڻ جي خيال کان چپ رهيس.

”تو ڏٺو ته اڄ جنرل صاحب ساڻس به سڌيءَ ريت روئيو نيڪ نه هو!“

هن ڪجهه چڙ مان ۽ رڪائيءَ سان چيو، ”تون اصل ڳالهه ڄاڻڻ ٿو چاهين، ته توکي خبر آهي ته جنرل صاحب هن جي مُٺ ۾ آهي. جنرل صاحب جي سڄي ملڪيت هن جي آهي جي ڏاڏي نٿي مري ته فرينچ انهن سڀني شين جو مالڪ ٿي ويندو، جيڪي وٽس گروي رکيل آهن.“

”ته ڇا اها ڳالهه صحيح آهي ته هر شيءِ گروي رکي ويئي آهي؟ مون به اهو ٻڌو ته ضرور آهي، پر اها خبر ڪانه هيم ته سڀئي شيون گروي آهن.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”بلڪل.“

”تہ پوءِ ماد موزيل بلانشي جو بہ خدا ئي حافظ آهي.
هوءَ جنرل جي زال ٿئي بہ جي سگهي. توکي خبر آهي يا نہ،
پر مونکي تہ ائين ٿو لڳي تہ جنرل صاحب هن سان ايتري
محبت ٿو ڪري، جو جي هوءَ ڪيس ڇڏي هلي وڃي تہ هو
خودڪشي ڪري ڇڏيندو. هن عمر ۾ ايتري محبت ڪرڻ
خطرناڪ آهي،“ مون چيو.

پالينا ڪجهہ سوچيندي، پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو،
”منهنجي خيال ۾ هن سان ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ٿيندو.“

مون ٿورو بلند آواز ۾ چيو، ”۽ پوءِ اهو سڀڪجهہ
ڪيترو نہ عجيب لڳندو. ماڻهن تي ان ڳالهہ وڌيڪ ڪليل نموني
ظاهر نہ ٿي سگهندو تہ هوءَ جنرل صاحب سان رڳو هنجي پئسي
خاطر شادي ڪري رهي هئي! ڇا، دنيا ۾ شرافت ڪا شيءِ نہ
آهي؟ پنهنجي شان ۽ مان جهڙي ڪابہ ڳالهہ ناهي؟ هيءَ تہ وڏي
حيرت جهڙي ڳالهہ، جنهن ۽ جيستائين ڏاڏيءَ جو تعلق آهي،
ڇا ان ڳالهہ وڌيڪ مضحڪ خيز ۽ ذلت آميز بہ ٻي ڪا ڳالهہ
ٿي سگهي ٿي تہ يڪدم هڪ ٻئي پٺيان بہ تارون موڪليون وڃن
انهيءَ لاءِ تہ خبر پوي تہ هوءَ مري چڪي آهي يا نہ؟ پالينا
ان باري ۾ تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟“

”اها سڄي بڪواس آهي، هن بيزاريءَ سان منهنجي ڳالهہ
ڪٽيندي چيو. مان حيران آهيان تہ تون ايتريقدر خوش ٿيو
آهين! ايتري خوشي! آخر ڪهڙيءَ ڳالهہ آهي؟ ڇا اها منهنجن
پئسن جي هارائڻ تي تہ نہ آهي!“

”ليڪن تو مون کي اهي هارائڻ لاءِ ڏنا ڇو؟ مون توکي
صاف چئي ڇڏيو هو تہ آءٌ ٻين ماڻهن لاءِ، خاص طور تي تنهنجي
لاءِ، بلڪل کيڏي نٿو سگهان. آءٌ تنهنجو فرمانبردار آهيان.
تنهنجي هر حڪم جي تعميل ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. پر نتيجي
جي جوابداري بہ نٿو کڻان. مون توکي پهرين ئي چئي ڇڏيو

هو ته ان مان ڪجهه به نه ورندءِ. ڇا توکي ايتري رقم هارائڻ جو ڏک آهي؟ آخر توکي ايترا پئسا ڇو کپن؟"

"تون اهڙا سوال ڇو ٿو ڪرين؟"

"واه، تو مون کي سمجهه ڀڏائڻ جو انجام ڪيو هو.... ڀڏاءِ، مونکي ڀڪ آهي ته جڏهن آءٌ پنهنجي لاءِ ڪپڙا ڀڏندس (۽ هينئر مون وٽ ڀارنهن فيبرڪ آهن)، تـه ضرور ڪٽيندس. پوءِ توکـي جيترا پئسا کپن اڌارا وٺي سگهين ٿي."

پالينا جي رويي مان شديد بيزاري ۽ نفرت جو اظهار پئي ٿيو.

"منهنجي هن صلاح تي تون رنج نه ٿي. مون کي خبر آهي ته تنهنجي آڏو آءٌ هيچ آهيان. پر تون مون تي يقين ڪر ته تنهنجي بي عزتي اصل ڪونه ٿيندي. مون کي خبر آهي تـه تنهنجي نظرن ۾ منهنجي ايتري اهميت به ڪانهي جو تون مـون کان پئسا اڌارا وٺي سگهين- پر اهو به ته خيال ڪر ته مـون تنهنجا پئسا هارايا آهن."

هن تيز نظرن سان مون ڏانهن ڏٺو ۽ اهو ڏسي ته منهنجي لهجي ۾ ڪاوڙ سان گڏ ٽوڪ جو انداز به شامل هو، هن هڪدم ڳالهه ڪٽي ڇڏي.

"منهنجي خانگي حالتن ۾ توکي ڪابه دلچسپي ڏسڻ ۾ ڪانه ايندي. پر پوءِ به جي تون ڄاڻڻ چاهين ٿو ته ٻڌ، حقيقت ۾ آءٌ ڏاڍي مقروض آهيان. هاڻ اهو قرض موٽائڻو اٿم. هونئن ته مون وٽ پئسا ڪونه آهن، پر مون کي خيال اچي ٿيو آهي ته، شايد جوئا ۾ آءٌ کٽي، اهو قرض موٽائي سگهان. آهي ته بيشڪ ڇربائپ وارو خيال پر ڇا ڪريان. دل کي ان تي يقين اٿـم. شايد اهو يقين انڪري به اٿم جو پئسن حاصل ڪرڻ جو ٻيو ڪو ذريعو ڪونهيم."

"اوه ته ان ڪري تنهنجو کٽڻ لازمي آهي. مون کي ته هيءَ ڀڏنڌڙ ۽ ٻوڙي واري ڳالهه ٿي لڳي. خبر اٿئي تـه ڀڏنڌڙ

کي ٻُوڙو ۽ ٻنڊ وانگي محسوس ٿيندو آهي.“

ڀالينا وري مون ڏانهن ڏٺو.

”تنهنجي معنيٰ ته تو مون کي چاڙهي ڇڏهي زيرباد ڪرڻ تي گهريو. حالانڪ پندرهن ڏينهن اڳ تو مون کي ڪي ڏياري هئي ته تون رولٽ جي جوئا ۾ ضرور کٽندين. تو اهو به چيو هو ته ان ڳالهه تي مون کي چرئو نه سمجهه. هاڻ لڳي ٿو ته ان وقت شايد تون مون سان چرچو ڪري رهيو هئين، پر مون کي ياد آهي ته ان وقت تون تمام سنجيدو هئين. اهڙي گفتگو کي ته ڪو به چرچو نٿو چئي سگهي.“

مون سوچيندي چيو ”ها، مون کي به ياد آهي. هينئر به ڪ اٿم ته آءٌ ضرور کٽندس. تنهنجي ڳالهين مون کي سوچڻ تي مجبور ڪيو آهي، هوئن به اچوڪي ناڪاميءَ مون کي اصل بدل ڪونه ڪيو آهي. مون کي هينئر به ڪ آهي ته جي آءٌ پنهنجو پاڻ لاءِ جوئا کيڏان ته ضرور کٽندس.“

”تون آخر ايڏو پراميد ڇو آهين؟“

”مون کي پاڻ خبر ڪانهي، پر مون کي لڳي ائين ٿو ته مون کي ضرور کٽڻ گهرجي. شايد اهو انڪري جو مون وٽ به پئسا حاصل ڪرڻ جو ٻيو ڪو وسيلو ڪونهي. شايد انهيءَ سبب جي ڪري آءٌ ضرور کٽندس.“

”جيڪڏهن واقعي تون اهو سمجهين ٿو ته پوءِ ضرور کٽندين.“

”شايد تنهنجي خيال ۾ مون کي اهو سوچڻ جو حق به ڪونهي ته ڪو مون وٽ به ڪا شيءِ هجي.“ مون تلخيءَ وچان چيو.

ڀالينا بي نيازيءَ سان جواب ڏنو. ”تنهن ۾ منهنجو ڇا ٿو جي تون ان ڳالهه تي زور ڏين ته ٿو ته پوءِ پڌ ته واقعي مون کي اهو به شڪ آهي ته تون ڪڏهن ڪنهن شيءِ کي شدت سان چاهي به سگهين ٿو! تي سگهي ٿو ته تو کي ڪنهن شيءِ جي ضرورت

هجي پر تون ان جي لاءِ ڪڏهن به ايڏو شدت سان محسوس نه ٿو ڪري سگهين. تون جلد باز آهين. توتي ڪو ڀروسو ڪري ڏي نه ٿو سگهجي. تون ڀاڻ ٻڌاءِ ته آخر توکي پئسن جي ايتري ضرورت ڇو آهي. انهيءَ ڏينهن جيڪي سبب تو مون کي ٻڌايا هئا، تن مان ته هڪڙو به ٺيڪ ڪونه هو.

"تو هينئر ڇيو نه ته توکي قرض موٽائڻو آهي، شايد قرض به گهڻو اٿئي! منهنجي خيال ۾ ته انهيءَ فرينچ جو قرض اٿئي."

"اڄ ته ڏاڍو گستاخ ٿي پيو آهين. عجيب سوال پيو ڪرين! شراب ته ڪونه پيتو اٿئي."

"اها به توکي چڱيءَ طرح خبر آهي ته آءٌ توکان هر سوال پڇڻ جو حق رکان ٿو، تنهنڪري ڪڏهن صافگوئيءَ سان سوال ڪري وجهندو آهيان. آءٌ هڪ دفعو وري چوان ٿو ته آءٌ تنهنجو غلام آهيان. جيئن پنهنجي غلام کي سڀڪجهه ٻڌائي سگهجي ٿو تيئن تون به مون کان ڪجهه نه لڪاءِ، نه ڪو منهنجي ڳالهين جو دل ۾ ڪر."

"پر آءٌ ته تنهنجي ان غلام واري خيال کي ميڄان ڏي ڪونه ٿي."

"ڏس هيڏانهن، آءٌ ڪو پنهنجي غلاميءَ متعلق ان ڪري ڪونه ٿو ڳالهايان جو واقعي تنهنجو غلام ٿيڻو اٿم، آءٌ ته اهو ئي ڪجهه چوان ٿو جيڪي دل ۾ اٿم."

"چڱو ڀلا مون کي اهو ٻڌاءِ ته توکي پئسن جي ايتري ضرورت ڇو آهي؟"

"تون اها ڳالهه ڇو ٿي پڇين؟"

"نه ٻڌاءِ ته نه ٻڌاءِ، تنهنجي مرضي." هن غرور مان ڪنڌ ڌوڻيندي چيو.

"تون منهنجي غلام هجڻ واري خيال کي رد ٿي ڪرين پر غلام واري ذهنيت برقرار رکڻ تي به زور ٿي ڏين. جواب ڏي، بحث نه ڪر. خير، ائين ئي سهي. تون ٿي پڇين ته مون کي پئسن جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ ان ڳالهه جو آخر ڪهڙو جواب

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيان، پئسن جي ته سيٺ کي ضرورت پوندي آهي.“

”اها ته مون کي به خبر آهي، پر تون جهڙيءَ طرح پئسن لاءِ چريو ٿيو پيو وتين، تنهن جي پويان ضرور ڪا خواهش لڪل آهي. منهنجو خيال آهي ته تون هٿ جون ناهڻ بدران مون کي ان جو صحيح جواب ڏي.“

هوءَ ٿوري ڪاوڙ ۾ اچي وئي هئي ۽ ان ڪري مون خوشي پئي محسوس ڪئي. مون جواب ڏيندي چيومانس، ”بي شڪ انهيءَ جو هڪ خاص مقصد آهي. پر اهو ڪهڙو مقصد آهي تنهن جي آءٌ وضاحت نه ٿو ڪري سگهان. ڀلا اهو مقصد هڻ ڪان سواءِ پيو ڇا ٿي ٿو سگهي ته دولت مند ٿيڻ ڪان پوءِ آءٌ توکي هڪ ٻئي قسم جو انسان نظر ايندس. غلام نه!“

”اهو ڪيئن ٿيندو! ته توکي اها به خبر ڪانهي ته اهو ڪيئن ٿيندو؟ اهڙي بي يقيني آخر ڇو، واقعي تون مون کي هڪ غلام ڪان وڌيڪ ڪجهه به سمجهڻ لاءِ تيار ناهين پر مون کي ان جي ڪابه پرواهه ناهي.“

”تو ته چيو ٿي ته ان غلاميءَ مان توکي خوشي ٿي حاصل ٿئي، حالانڪ منهنجو خيال هو ته خوشي توکي صرف مون مان ٿي حاصل ٿئي.“

”ته تون پاڻ، اهو ٿي سوچين!“ ته منهنجي جسم ۾ جڻ خوشيءَ جي لهر دوڙي وئي. تنهنجي اها سادگي ڪيڏي نه سٺي آهي! ڪنهن کي ذليل ڪرڻ مان به، ته خوشي حاصل ٿيندي آهي. پڪ خوشي ان هنر کي به ٿيندي هوندي جيڪو ڪنهن غريب جي پٺن تي لڳي ان جي کل لاهي ڇڏيندو آهي. پر مون کي هڪ ٻئي قسم جي خوشي حاصل ڪرڻي آهي. تو ڪالهه ٻڌو هوندو ته جنرل صاحب مون کي ست سئو روبل ساليانه ڏيڻ جو چيو هو (جنهن جي مون کي ڪابه اميد ڪانهي) مارڪئس گريو به ته اٺي ويٺو هو. منهنجي دل ٿي ته هڻ جي ڪا چڱي خاصي بي عزتي ڪريان ته جيئن تون به ڏسي سگهين.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”آخر اها ڪهڙي ڳالهه آهي؟ هڪ ماڻهو هر وقت، هر هنڌ ۽ هر حالت ۾ وقار ۽ مان واري حالت جو مظاهرو ڪري سگهي ٿو.“

”اهي ڪتاب جون ڳالهيون آهن. توکي ته بس اهو احساس ٿي ويو آهي ته مون کي وقار سان ڳالهه ڪرڻ ٿي ڪونه اچي. توکي ته خبر آهي ته اسين روسي سادا سودا انسان آهيون. اخلاق ته اسان وٽ به آهي پر ان جو مظاهرو مناسب نموني سان ڪونه ڪري سگهون. اصل ۾ اسان وٽ خوبيون ته آهن پر فطري صلاحيتون تمام گهٽ اٿون. اهو ئي سبب آهي جو فرينچ مرد اسان جي روسي عورتن لاءِ هڪ قسم جي ڪمزوري بڻجي چڪا آهن. پر منهنجي خيال ۾ فرينچن جو اهو رويو به نمائشي ڏيک هوندو آهي. ڏرڙي ڪڪڙ وانگر سجو ڏينهن اڪڙيا وتندا آهن. ٿي سگهي ٿو ته اهي ڪڪڙ ڏرڙا نه پر اصلي ٿي هجن! آءٌ ڪيتري دير کان بڪان پيو. تو مون کي اصل روڪيو ئي ڪونه، تون مون کي وچ ۾ روڪيندي رهندي ڪر. جڏهن آءٌ توسان ڳالهائيندو آهيان ته اهو چاهيندو آهيان ته مان توسان پنهنجي دل جي هر ڳالهه، بلڪ سڀ ڳالهيون ڪري ڇڏيان. مان سيني مٿن طريقن کي وساري ويهندو آهيان. بلڪ آءٌ ته هي به ميچڻ لاءِ تيار آهيان ته مون ۾ نه اطوار آهن نه اخلاقي گڻ. آءٌ هيءَ ڳالهه توکي پڌرڻ ٿي پڌائي چڪو آهيان ته آءٌ پنهنجي ذهن کي ڪنهن قسم جي اخلاقي گڻن لاءِ فڪرمند ٿيڻ نه ڏيندو آهيان. هاڻ ته مون کي هر شيءِ بيمثل ٿي لڳي. توکي خبر آهي ته مون ۾ انسانن جهڙي هڪ به ڳالهه نه آهي. هڪ عرصي کان مون کي هيءَ به خبر نه آهي ته دنيا ۾، روس ۾ يا هتي ڇا ٿي چڪو آهي يا ٿي رهيو آهي. هتي مان ڊريسڊن شهر مان آيو آهيان. پر مون کي ياد ڪونهي ته ڊريسڊن ڪهڙي قسم جو شهر هو. توکي چڱيءَ طرح خبر آهي ته مون کي ڪنهن ڳڙڪائي ڇڏيو آهي ۽ ڇاڪاڻ ته مون کي تو مان ڪابه توقع نه آهي ۽

آءٌ پنهنجي نظر ۾ ڪابہ وقعت نہ ٿو رکان، تنهنڪري صاف صاف ٿو چوان تہ هر هنڌ توکان سواءِ ڪابہ شيءِ نٿو ڏسان. توکان سواءِ دنيا منهنجي نظرن ۾ هيچ آهي. توسان ڇو ۽ ڪيتري محبت اٿم؟ اها خود بہ خبر ڪانہ اٿم. غالباً اها ڳالهہ تون خود چاهين ٿي تہ تون مون سان مٺي نموني ڪانہ ٿي هلين. مان تہ تو لاءِ اڏين بہ نٿو چئي سگهان تہ تون مٺڙي آهين يا نہ! پڪ تنهنجي دل نيڪ نہ آهي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ تنهنجي دماغ ۾ بہ اجايون ڳالهيون پيريل هجن."

"شايد انڪري تون مون کي دولت سان خريدڻ جو سوچيندو رهندو آهين،" هن چيو، "جاڪاڻ تہ توکي منهنجي عزت نفس جي جذبي جو يقين ڪونهي."

"پر مون توکي دولت سان ڪڏهن خريدڻ چاهيو؟"

مون يڪدم چيو.

"تون اوستائين ڳالهائيندو ٿو رهين، جيستاءِ خبر نہ ٿي پوي تہ ڇا پيو ڳالهائين. جي تون مون کي خريدڻ نٿو چاهين تہ پوءِ منهنجي عزت نفس جي جذبي کي خريدڻ جو خيال ضرور اٿئي."

"بلڪل نہ، اها ڳالهہ اصل ڪانهي. مان چئي چڪو آهيان تہ منهنجي لاءِ پنهنجي دل جي ڳالهہ جي وضاحت ڪرڻ تمام ڏکي آهي. تون اها ڳالهہ چئي، هر هر مون تي بار وجهي رهي آهين. منهنجي ڳالهين سان ناراض نہ ٿيندي ڪر. توکي خبر آهي تہ تون مون سان ناراض نٿي ٿي سگهين! ان لاءِ تہ مان پاڳل آهيان. جي تون ناراض ٿي بہ وڃين تہ مان ان جي پرواہ نٿو ڪريان. جڏهن مان پنهنجي ڪمري وارين ڏاڪڻين تي هوندو آهيان تہ مون کي رڳو تنهنجي لباس جي سرسراهٽ تصور ۾ آئي پوندي آهي. ان کان پوءِ پنهنجا ننهن ڏندن سان چباڙڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهيان ۽ تون مون سان ناراض بہ ڇو آهين؟ منهنجي، پنهنجو ٻانهن کي، غلام چوڻ ڪرڻ ڪري! خدا جي واسطي منهنجي غلام هجڻ جو ڪو فائدو نہ وٺ. ڇا توکي خبر آهي

ته هڪ نه هڪ ڏينهن آءُ توکي قتل ڪري ڇڏيندس. آءُ توکي ان لاءِ قتل ڪونه ڪندس ته ڪو منهنجي محبت سري وينديءَ يا مان حاسد بڻجي ويندس! بلڪ آءُ توکي رڳو ان لاءِ قتل ڪندس ڇو جو آءُ توکي گهڙڪائي ڇڏڻ ٿو گهران. تون ڪاڻ ٿي...."

"آءُ ڪلان ڪاڻ ٿي." هن غضبناڪ لهجي ۾ ورائيو.

"آءُ رڳو ايترو ٿي چوانءِ ته چپ ڪر!"

هوءِ ڪجهه دير لاءِ بلڪل چپ ٿي ويئي. حد ڪان وڌيڪ ڪاوڙ جي ڪري هوءِ بلڪل بي جان ٿي لڳي. ايمان سان مون کي خبر ڪانه هئي ته هوءِ ڪا واقعي سهٽي هئي. پر جڏهن هوءِ ڪاوڙ مان ڳاڙهي ٿي سنهنجي اڳيان اچي بيهندي آهي ته ڏاڍي خوبصورت لڳندي اٿم. تنهن ڪري آءُ گهڻو ڪري کيس ڪاوڙائيندو رهندو آهيان. شايد هوءِ به اها ڳالهه سمجهي ويئي هئي. تنهنڪري جاڻي ٻجهي ناراض ٿي رهي هئي. بلڪل اهي اکر مون هن کي چئي ڏنا.

"ڪهڙي نه واهيات ڳالهه ڪئي اٿئي." هن نفرت وچان چيو.

"مون بلڪل ٺيڪ چيو آهي." مون چيو "ڇا توکي اها خبر آهي ته پاڻ ٻنهي جو گڏ گهمڻ ڪيڏو نه خطرناڪ آهي! ڪڏهن ڪڏهن منهنجي خواهش ٿيندي آهي ته توکي لڪڻ سان ايترو ته ماريان جو شڪل ٿي ڦري وڃئي. يا گهڻو ڏيئي ماري ڇڏيانءِ! متان اهو سمجهين ته اٿين ٺٺو ٿي سگهي! تنهنجون ڳالهيون ٻڌي مون کي هونئن ئي تپ چڙهي ويندو آهي. تون سمجهين ٿي ته آءُ بدناميءَ کان ڏڄان ٿو؟ آخر مون سان تنهنجي ڪاوڙ جو سبب ڇا آهي، اهو ته آءُ توسان بي پناه عشق ٿو ڪريان، پر مون کي خبر آهي ته توکي مارڻ کان پوءِ آءُ توسان اڃا به هزار ڀيرا وڌيڪ عشق ڪندس. آءُ توکي خون ڪندس ته مون کي به آپگهات ڪرڻو پوندو پر آءُ جلدي آپگهات ڪونه ڪندس. ان لاءِ ته جيئڻ توسان گڏ نه هجڻ جو ڏک محسوس ڪندو رهان. ڇا توکي هڪ بي حيرت انگيز ڳالهه جي خبر آهي!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي محبت روز بروز وڌي رهي آهي. ايتريقدر جو هاڻ مون کي پنهنجي حياتيءَ جي به پرواه نه آهي. ياد اٿئي ته تيون ڏينهن مون شلنگبرگ ۾ تنهنجي ڪاوڙ جي وقت چيو هو "تون هڪ معمولي اشارو ته ڪري ڏس. مان هڻ اوچي چوٽيءَ تان ڪيئن ٽو ٽپ ڏيان. ان وقت چوين ها ته واقعي ٽپ ڏيان ها. ڇا توکي شڪ آهي ته مان ٽپ نه ڏيان ها."

"ڪهڙيون نه احمقائيون ڳالهيون پيو ڪرين!" هن چيو.

"هي احمقائيون ڳالهيون آهن يا هوشمندن واريون، مون کي ان جي پرواه نه آهي. مون کي ته رڳو ايتري خبر آهي ته مون کي تنهنجي موجودگيءَ ۾ ڳالهائڻ کپي .... ۽ مان ڳالهايان پيو. تنهنجي موجودگيءَ ۾ مون کي عزت نفس جي به ڪا پرواه نه هوندي آهي، ۽ آءٌ ان جي به پرواه ڪونه ڪندو آهيان ته ڀيا ڇا چوندا...."

"توکي شلنگبرگ تان ٽپ ڏيڻ جو چئي پوءِ مون کي ڇا ملندو؟" هن طنز آميز انداز ۾ چيو، "منهنجي لاءِ اهو بلڪل بي سود ٿيندو."

"واه!" مون چيو "تو هي شاندار لفظ 'بي سود' ڇاڪاڻ پڇهي چيو آهي ته جيئن آءٌ اڇا به سڙان. آءٌ توکي چڱيءَ طرح سمجهاڻان ٿو. بي سود! تون ائين ٿي چئين نه! واقعي خوشي ته هميشه فائدي مان ٿيندي آهي. طاقت ۽ لامحدود اختيار، پوءِ اهي ڪٿي هڪ مکڙ تي هجن، اهي خوشي ڏئي سگهن ٿا. انسان فطرتاً ظالم ٿيندو آهي ۽ هميشه ڏاڍي بڻجڻ جو خواهشمند هوندو آهي. تون به اها ئي ڳالهه ٿي چاهين."

مون کي ياد آهي ته ان وقت هوءَ مون ڏانهڻ خاص ۽ گهري ڏيان سان ڏسي رهي هئي. منهنجي چهري مان پڪ ئي پڪ منهنجا پريشان احساس ظاهر ٿيندا هوندا. مون کي اڇا ٺاڻين ياد آهي ته اسان ٻنهي جي وچ ۾ لفظ بلفظ اهي ئي ڳالهيون ٿيون هيون، جي مان مٿي بيان ڪري چڪو آهيان. منهنجي اکين ۾ رت ڌمي آيو هو، وات مان گف پئي نڪتي. جيستائين شلنگبرگ

جو تعلق آهي، مان اچا به حلفيه چوان ٿو ته جي هوءَ مون کي ڌپ ڏيڻ لاءِ چوري ها ته آءٌ واقعي ڌپ ڏيان ها. جي هوءَ رڳو چرچي، نفرت يا صرف ڏوڪ خاطر به چوري ها ته مان ڌپ ڏيئي پاڻ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيان ها.

”بالڪل نه ــــ مون کي تو ۾ پورو پورو اعتماد آهي،“ هن اهڙيءَ ريت چيو ڄڻ صرف هوءَ ئي ڳالهائڻ چاهي ٿي. سو به اهڙي نفرت، حقارت ۽ درشتيءَ سان، جو خدا جو قسم ان وقت ئي گهٽو ڏيئي ماري ڇڏيانس ها.

پر هوءَ بچي ويئي، جيڪي ڪجهه مون هن کي چيو هو، تنهن ۾ ڪوڙ جو ذرو به ڪونه هو.

”تون بزدل ته نه آهين؟“ هن مون کان اوچتو پڇيو.

”شايد آءٌ بزدل آهيان، مون کي خبر نه آهي.... ان باري ۾ مون ڪڏهن سوچيو ئي ڪونهي.“

”جي آءٌ توکي چوان ته فلاڻي شخص کي خون ڪري ڇڏ ته ڇا تون ان کي ماري ڇڏيندين؟“

”ڪنهن کي؟“

”جنهن کي آءٌ چوان.“

”فرينچ کي!“

”سوال نه ڪر، جواب ڏي. جنهن کي به آءٌ چوان. آءٌ رڳو اهو ڄاڻڻ ٿي چاهيان ته ڇا تون هينئر سنجيدگيءَ سان ڳالهائي رهيو هئين؟“

هوءَ اهڙي شوق ۽ اشتياق سان منهنجي جواب جو انتظار ڪرڻ لڳي، جو مون کي حيرت ٿيڻ لڳي.

”ڇگو ته پڌاءِ ڳالهه ڪهڙي آهي!“ مون ٿورو وڏي سڏ چيو، ”توکي ڪنهن جو ڊپ آهي؟ منهنجو يا ڪنهن ٻئي جو؟ هتي جي هر شيءِ منهنجي لاءِ خراب ۽ بي ڍنگي آهي. تون هڪ چريو ۽ برباد شخص جي اڳڇائي آهين، جنهن جي دل ۾ هن شيطان ــــ بلانشي جي محبت جو ديرو آهي. هڪ هو فرينچ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جنهن جي پراسرار اثر ۾ تون قاتل آهين ۽ هاڻ تون مون کان اهڙي اشتياق مان اهڙو سوال پڇين ٿي...! خير مون کي ٻڌاءِ، ته تو آءٌ هٿ جو ڇريو ٿي ٻڌندس. ڇا، تون مون سان بي تڪلف ٿيڻ ۾ شرم ٿي محسوس ڪرين! ڇا، واقعي توکي ان ڳالهه جي پرواه نه آهي ته آءٌ تنهنجي لاءِ ڇا ٿو سوچيان!"

"پر آءٌ توکي ان باري ۾ وڌيڪ ڪجهه به نٿي چوان. مون ته توکان هڪ سوال ڪيو، ۽ ان جي جواب جو انتظار پئي ڪريان."

"بي شڪ تون جنهن به ماڻهوءَ لاءِ چوندينءَ آءٌ ان کي خون ڪري ڇڏيندس." مون يڪدم چيو، "پر ڇا تون واقعي ائين ڪرڻ لاءِ چوندينءَ؟"

"نه ڇا تنهنجو خيال آهي ته آءٌ توکي ائين ئي ڇڏي ڏيندس! آءٌ توکي ضرور چوندس ۽ پاڻ هڪ طرف بيهي ڏسندس. ڇا تون اهو برداشت ڪري سگهندين؟ جي توکي چوان ته تون شايد هن کي ماري وجهندين ۽ پوءِ مون وٽ ايندين ۽ پوءِ مون کي به ماري ڇڏيندين——! ڇو جو مون ئي هن کي مارڻ لاءِ توکي چيو هو!"

مون کي ائين لڳو ڄڻ انهن اکرن منهنجا هوش حواس اڏائي ڇڏيا هجن. آءٌ ته ان وقت به ان سوال کي رڳو هڪ چئلينج ۽ چرچو سمجهي رهيو هوس ته به هن ڏاڍيءَ سنجيدگيءَ سان ائين چيو هو. پر هن جي ايتريءَ بي تڪلفيءَ سان ڳالهائڻ ڪرڻ، مون تي پنهنجا ايترا حق قائم ڪرڻ، مون تي اهڙو اختيار ڄمائڻ ۽ بي حجابائيءَ سان چوڻ ته "وڃ، وڃي تباهه ٿي ته مان هڪ طرف بيهي ڏسندي رهان!" مون کي سخت حيرت ٿي. انهن اکرن هڪ صاف ۽ کليل ڳالهه چئي هئي. منهنجو ذهن پري جي ڳالهه سوچڻ لڳو هو. ان جي معني ته هوءَ مون کي ان نظر سان ڏسي ٿي! هيءَ ته غلاميءَ ۽ حقارت جي نظرن کان به وڌيڪ ۽ خراب ٿي لڳي. جي ڪو ڪنهن کي انهن نگاهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڻ ڏسي ته ان جو مطلب ڇا هو. ان کي ڪٿي ڪٿي پنهنجي سطح تائين آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. حالانڪ اسان جي گفتگو بلڪل بي معنيٰ ۽ منجهيل هئي. تڏهن به خبر ناهي ته ڇو منهنجي دل زور ساڻ ڌڙڪي رهي هئي.

اوچتو هوءَ ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳي. اسين ٻئي هڪ بينچ تي ويٺا هئاسين. اتي ٻار به کيڏي رهيا هئا. سامهون ٿي اها جڳهه هئي، جتي گاڏيون بيهنديون آهن ۽ اهو رستو هو، جتان ساٿين ڪاميٽو ڪاڻ نڪري راه وٺندا هئا.

کلندي کلندي، هوءَ چوڻ لڳي، ”ڇا توڻ هن تلهيءَ ستاريءَ جاگيرداريائيءَ کي ڏسين ٿو! اها برمرهه جي جاگيرداريائي آهي. هوءَ هتي رڳو ٽي ڏينهن رهي آهي. هڻ جي مڙس ـــ هن بدگهي ۽ سنهي پرشيائيءَ کي به ڏٺو اٿئي؟ جيڪو هٿ ۾ هميشه لڪڻ کنيو ٿو وتي. ياد اٿئي ٽيون ڏينهن هن اسان کي کهڙيءَ طرح گهوريو هو! ته توڻ يڪدم هن جاگيرداريائي وٽ وڃ، ۽ پنهنجي ٽوپي لاهي، هن کي فرينچ ٻوليءَ ۾ ڪجهه چئو.“

”ڇو؟“

”تو شلنگنبرگ تان ٽپ ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو. ۽ اڃا هينئر تو عهد ڪيو آهي ته جنهن کي چوندين تنهن کي ماري ڇڏيندين. ان خونا خونيءَ جي بدران آءٌ رڳو کلڻ ٿي گهران. بحث جي ضرورت ڪانهي. آءٌ به ڏمان ٿي ته جاگيردار پنهنجي ڏنڊيءَ ساڻ ڪيئن تو تنهنجي خبر وٺي.“

”اوه ته مون کي آزمائڻ ٿي چاهين، ڇا تنهنجي خيال ۾ آءٌ اهو ڪم نه ڪندس؟“

”ها، آءٌ توکي آزمائڻ ٿي چاهيان. وڃ، منهنجي اها ئي خواهش آهي.“

”ته چڱو آءٌ وڃان ٿو. حالانڪ آهي ته وحشيانه خيال. مون کي رڳو اهو خيال آهي ته اها ڳالهه ڪٿي جنرل صاحب کي نه خراب لڳي ۽ ايمان سان آءٌ پنهنجي لاءِ ڪونه سوچي رهيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوس. رڳو تنهنجي ۽ جنرل صاحب جي لاءِ سوچي رهيو هوس.
هڪ خاتون جي توهين ڪرڻ چريائي نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي!؟"
"مون کي خبر آهي تہ تون رڳو ڳالهيون ڪرڻ ٿو ڄاڻين،"
هن بيزاريءَ مان چيو، "تنهنجي اکين مان رت ٿمي رهيو هو،
سو رڳو انڪري جو تو شراب پيتو هو. ڇا تنهنجي خيال ۾
اِهو نشي سمجهي سگهان ٿو، اها چريائي آهي ۽ جنرل صاحب
ناراض ٿي ويندو! آءٌ رڳو ڪلهہ ٿي گهران، ۽ بس — ۽ اهو سڀڪجهہ
انهي لاءِ ٿي آهي، هوڻ توکي هڪ خاتون جي بي عزتي ڪرڻ
ملندو بہ ڇا؟ رڳو موچڙا."

آءٌ مڙيس ۽ هن جي حڪم جي تعميل ڪرڻ لاءِ خاموشيءَ
مان هلڻ لڳس. بي شڪ اها چريائي هئي ۽ يقيناً مون کي خود
خبر ڪانہ هئي تہ آءٌ هي ڪم ڪيئن ڪري سگهندس. پر
جيئن جيئن مان جاگيرداريائيءَ جي ويجهو پئي ويس، تيئن تيئن
مون کي ياد آهي تہ منهنجي اندر ڪو جذبو مون کي اڳتي ڌڪڻ
لڳو. پاڻ ٿي حرڪت جو جذبو. ان کان سواءِ منهنجي حالت خطرناڪ
حد تائين جوش ۾ بہ هئي. مون کي ائين پئي لڳو، ڄڻ مان
شراب جي نشي ۾ مست ٿي چڪو آهيان.

---

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ڇهون

ان اڻ وڻندڙ واقعي کي گذري، ٻه ڏينهن ٿي چڪا آهن. اهڙو گوڙ، گهمسان، ناشائستگي - بس خدا پناهه ڏئي. هي سڀ ڪجهه ڪيترو نه واهيات، بيجا ٿيندو هو؟ ۽ سچي ڳالهه جو سبب آءٌ هوس. هوئن ڪڏهن مون کي ان تي ڪل ايندي آهي. آءٌ پورو ياد به نٿو ڪري سگهان ته مون کي ڇا ٿي ويو هو. يا ان وقت مان واقعي ڇريو ٿي پيو هوس، اهو رڳو دماغي پريشانيءَ جو نتيجو هو. اهڙي ضرور خبر اٿم ته جي منهنجي باقاعدي ڪن ڪوششي نه ڪئي وڃي ته آءٌ وري به شرمناڪ حرڪتون ڪندو رهندس. ڪڏهن ڪڏهن اهين ٿي لڳم ڄڻ منهنجي ذهن منهنجو سات ڇڏي ڏنو هو. ڪڏهن اهين ٿي لڳو، ڄڻ مان پنهنجي ٻاراڻيءَ وهيءَ کان مٿي ڪونه چڙهيو آهيان ۽ اها سڀ ٻاراڻي حرڪت هئي جيڪا آءٌ ڪري رهيو هوس.

اها ڀالينا هئي. اهو سڀ ڪجهه ڀالينا جي ڪري ٿيو هو. مان هيءَ ٻاراڻي حرڪت اصل نه ڪريان ها، جي ان جو سبب هوءَ نه هجي ها. خدا بهتر ٿو ڄاڻي - شايد مون نااميديءَ کان مغلوب ٿي ائين ڪيو. (اگرچه اها ڳالهه ٿي بيوقوفيءَ جهڙي ٿي لڳي، جو اهڙا دليل ويهي ڪيجن)، مون کي خبر نه آهي، مون کي بلڪل خبر ڪانهي ته ڀالينا ۾ آخر اهڙي ڪهڙي خوبي آهي. هوئن هوءَ خوبصورت ته ضرور آهي. مون کي پڪ آهي ته هوءَ خوبصورت آهي. هوءَ وڏن وڏن کي ٺڳ ڪري ڇڏڻ جهڙي آهي. هوءَ سروقد، دلربا ۽ ڏاڍي نازڪ آهي. مونکي، ائين ٿو لڳي ڄڻ هن جي جسم کي سولائيءَ سان موڙي ٻٽو ڪري ٿو سگهجي. هن جا پير ڊگها ۽ سنهڙا آهن - اصل دل تي عذاب! هن جي وارن ۾ گلابي گلابي جهلڪ آهي. اکيون ٻليءَ جهڙيون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳول ڳول، جن ۾ تڪبر ۽ خودداري اٿس. چار مهينا اڳ جڏهن آءٌ هن وٽ نئون آيو هوس، تڏهن هڪ ڀيري مانجهيءَ جو هن ديوان خاني ۾ مارڪس ڳريو سان ڏاڍي ڪاوڙ ۾ ٿي ڳالهايو. ڳالهيون ڪندي ڪندي، هن ڳريو ڏانهن اهڙيءَ طرح نهاريو جو ڀوءِ مون پنهنجي ڪمري ۾ اچي سوچيو ته هاڻي هن کي ضرور چماٽ به ٺهڪائي ڪڍي هوندي. بس انهيءَ ڏينهن کان سندس محبت ۾ گرفتار ٿي ويس.

هاڻ مطلب جي ڳالهه تي اچڻ کپي. آءٌ در مان نڪري رستي تي هلڻ لڳس ۽ هڪ دفعو وري بي تابيءَ سان جاگيردار ۽ جاگيرداريائيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳس. جڏهن هو مونکان صرف پنجن قدمن جي فاصلي تي اچي پهتا ته مون ٽوپي لاٿي ۽ سلام لاءِ ٿورو جهڪيس.

مون کي ياد آهي ته ان وقت جاگيرداريائيءَ کي هلڪي ڀوري رنگ جو وڳو پهريل هو. فراڪ ويڪري گهيرجو هوس، جنهن تي چئني ئي طرف جهالر لڳل هئي. پٺيان لڙڪندڙ جهالر به شاندار هيس. هوءَ ٻيئڙي ۽ ٿلهي هئي. ٿلهي ڪاڏي اهڙي ته خوفناڪ هيس جو اُن تي لڳو ته ڄڻ هن عورت کي ڳچي آهي ئي ڪانه. هن جي منهن تي فيروزي رنگ جا ڄڻ چڻبا لڳل هئا. هن جون اکيون ننڍيون ننڍيون ۽ ڏڪار پيريل پئي لڳيون ۽ هوءَ اهڙي انداز سان پئي هلي، ڄڻ ڏسڻ وارن جي سلامي پئي ورتائين. جاگيردار ڏاڍو سنهو ۽ ڊگهو هو. عام جرمن وانگر هن جو منهن به ڦيڏو هو، جنهن تي منهن سنهن گهڃن جو چار پکڙيل هو. هن کي عينڪ به پيل هئي. عمر پنجيتاليهن کان وڌيڪ نه ڏيکاربس. اُن تي نظر آيو ڄڻ ٽنگون ڇاتيءَ کان ئي شروع ٿيس. اها ٻوڙڻ ۾ نمريءَ جي نشاني آهي. هو مور جيان اڪڙيو پئي آيو. هن جي منهن مان رڳ جهڙي معصوميت پئي بکي، جنهن کي ماڻهو بي انت عقل جي کاڻ سمجهندا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو سمجهي، صرف چند گهڙين ۾ منهنجي اکين آڏو ڦري ويو.

منهنجي جهڪڻ ۽ منهنجي هٿ واري ٽوپيءَ آهستي آهستي هن جو ڌيان مون ڏي ڇڪايو. جاگيردار آهستي پيرون مٿي ڪيا. جاگيرداريائي مون ڏي وڌڻ لڳي.

”محترم جاگيرداريائي صاحبه،“ مون هڪ هڪ لفظ کي ڏاڍي واضح انداز ۾ ڇاڙيندي فرينچ ٻوليءَ ۾ چيو. ”اوهان ايتري مهرباني ڪري مون کي وڏو اعزاز بخشيو آهي.“

آءٌ ٻيهر سلام ڪرڻ لاءِ جهڪيس. ٽوپي مٿي تي رکيم ۽ جاگيردار ڏي منهن ڪري سرڪندو هن وٽان لنگهي لڳس.

پالينا مون کي رکيو ٽوپي لاهڻ لاءِ چيو هو. پر مان ته باقاعدي جهڪيس ۽ پنهنجي طرفان هڪ شوخ ۽ ڏنگي ٻار جهڙين حرڪتن ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر باقي نه ڇڏيم. اها خدا کي خبر ته اهو سمجهي مون ڪهڙي جذبي هيٺ ڪيو. مون کي ائين ٿي لڳو جڻ مان خلا ۾ ٽنگيل هوس.

”هون....“ جاگيردار ڪاوڙ ۽ حيرت جي گڏيل ڪيفيت ۾ پڪندي زور سان چيو.

آءٌ وري مڙيس ۽ وڏي احترام سان ٻيهي انهيءَ ٿي لطيف مرڪ سان هن کي ڏسندو رهيس. هو ڏاڍو پريشان ٿي ويو. آخر هن پنهنجي پريشانيءَ ۾ پيرون ايترا ته مٿي کنيا، جيترا هو ڪٿي ٿي سگهيو. هن جي منهن جو پنو ئي بدلجي ويو هو.

جاگيرداريائي عجب ۾ مون ڏانهن ڏسي رهي هئي. پاسي کان لانگهاڙو ماڻهو، هي مفت جو تماشو ڏسڻ ۾ لڳي ويا. انهن مان ڪي ٽهي رهيا.

”هون....!“ جاگيردار وڏيڪ ڪاوڙ ۽ حيرت ۾ پڙندي چيو.

”هون....! واه، واه!“ مون هڪ هڪ لفظ ۽ هڪ هڪ اکر کي چٻيندي ۽ ڇاڙيندي چيو، منهنجون اکيون اڃا تائين هن جي چهري ۾ کتل هيون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تون احمق تہ نہ آهين!“ هن ڏاڍي ٿلهي آواز ۾ چيو. هو ڏاڍو پريشان ٿيندي چيو. هو منهنجي ان رويي مان سرنجهاري ۾ پئجي ويو هو. اُهو خاصو موچارو نهايت نفيس انسان هو جو ٻاهرين ڏيک ۾ ڪو اعلي طبقي جو فرد ٿي لڳس.

”واه، سائين واه.“ مون وڏي واڪي چيو. مون جرمن وانگر خوب جي ’و‘ کي خاص انداز سان چڪيو، جي تقريباً هر فقري ۾ خوب ضرور چوندا آهن. ’خوب‘ جي ’و‘ کي هو پنهنجي خيال ۾ جذبن جي عڪاسيءَ پٽاندڙ گهٽو ۽ ٿورو چڪيندا آهن.

جاگيردار ۽ جاگيردارياڻي ٻئي تيزيءَ سان مڙيا ۽ وٺي ويا. تماشائين مان ڪي ڳالهائڻ لڳا ۽ ڪي وري حيرت مان مون ڏي ڏسڻ لڳا. سڄو منظر مون کي ياد نہ آهي. آءٌ پوءِ فوجي ڊنگ سان وڏيون وڏيون وکون کڻندو پاليندا ڏي وڃڻ لڳس. جيڪا هڪ بينچ تي ويٺي هئي، پر اجا آءٌ هن جي بينچ کان ٻہ قدم پري هوس، تہ هوءَ اٿي ۽ ٻارن کي وٺي، هوٽل ڏي رواني ٿي. مون هن کي ٻاهرئين دروازي وٽ اچي جهليو.

”هاڻ تہ ڏٺئي؟ مون توکي ڪري ڏيکاريو نہ؟“ مون هن وٽ وڃي چيو.

”هون، تہ پوءِ؟ هاڻ تون آرام ڪري سگهين ٿو.“ هن جواب ۾ چيو ۽ مون ڏانهن ڏسڻ بنان ڏاڪڻ چڙهڻ لڳي.

مون سڄي شام پارڪ ۾ رلندي گذاري. آءٌ پارڪ مان لنگهي جهنگ ڏانهن هليو ويس ۽ اتان نڪري، ٻنين ۾ وڃي پهتس. هڪ هاريءَ جي جهوپڙيءَ ۾ ويهي جو آمليٽ کاڌم ۽ ٿورو شراب پيتم. ان معمولي کوناڻي کاڌي جو هن مون کان ڏيڍ ڊالر وصول ڪيو.

جڏهن آءٌ واپس آيس تہ گهڙيال نڪاءُ هئي يارنهن وڄايا. جنرل صاحب يڪدم مون کي گهرايو. هوٽل جي طرفان اسان جي پارٽيءَ وٽ صرف ٻہ نوڪر ۽ چار ڪمرا آهن. انهن مان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪڙو ٿورو وڏو آهي ان کي ڊرائينگ روم بنائي ڇڏيو اٿائون. ان ۾ پيانو به رکيو آهي. ان جي ڀر وارو ڪمرو به چڱو خاصو آهي. ان کي جنرل صاحب پنهنجي پڙهڻ جو ڪمرو بنايو آهي. هو اتي منهنجو انتظار ڪري رهيو هو. جڏهن آءٌ اندر گهڙيس، ته هو ڪمري جي وچ ۾ هڪ شاندار انداز سان بيٺو هو. مارڪس گريو، پير پساريو ڪوچ تي ويٺو هو.

”حضور، مان ڀڄي سگهان ٿو ته ايتري دير ڪٿي رهيو!“ جنرل مون کي مخاطب ڪندي، ابتدا ڪئي.

”جنرل صاحب، اوهان جي سڏيءَ طرح ڳالهايو ته وڏي مهرباني ٿيندي“ مون چيو، ”اوهان جو اشارو شايد ان جرمن سان منهنجي جهڙپ ڏي آهي.“

”جرمن! جناب هو جرمن جاگيردار برهيم صاحب آهي، ۽ تمام وڏي اهم شخصيت جو مالڪ آهي. اڄ صبح تو هن جي ۽ جاگيرداريائي صاحبه جي توهين ڪئي آهي.“

”بلڪل نه، اصل نه.“

”تو هن کي سخت تنگ ڪيو آهي.“

”ها تنگ ڪيو اٿم. ڪجهه به نه، ڳالهه سڄي هيءَ آهي ته جڏهن مان جرمنيءَ ۾ هوس ته منهنجي ڪنن ۾ سڄو ڏينهن 'خوب' جو آواز ايندو هو، جنهن کي اتي جا ماڻهو هر هر چوڻ جا عادي آهن. جڏهن هو ٻئي مون کي رستي تي مليا ته منهنجي ڪنن ۾ اهو جملو گونجڻ لڳو. خبر نه آهي ته ڇو مون کي ڪاوڙ اچي وئي.... ۽ ان کان سواءِ جاگيرداريائيءَ جي (جا مون سان ان کان پهرين به ٽي دفعا ملي چڪي هئي) هيءَ خراب عادت آهي ته هوءَ مونکي ڏسندي ٿي اهڙي انداز سان هلندي آهي، ڄڻ سان ماکوڙي هجان ۽ هوءَ مون کي پنهنجي پير هيٺان چيڀي ڇڏيندي. اوهان کي اها ته پليءَ پٽ خبر آهي ته مون ۾ به ٿوري گهڻي عزت نفس آهي، جڏهن هوءَ مون ڏانهن اچڻ لڳي ته مون ٽوپي لاهي، ڏاڍي مانَ سان نرم لهجي

۾ (اوهان کي يقين ڏيان ٿو ته ڏاڍي نرم لهجي ۾) رکيو هيترو چيو هو ته اوهان ايتري مهرباني ڪري مون کي وڏو اعزاز بخشيو آهي. ڀلا ٻڌايو ته ان ۾ ڪهڙي خراب ڳالهه ٿي! جڏهن جاگيردار مون ڏي گهوري 'هون' چيو ته مون به 'خوب' چئي ڏنو هوانس. هڪ پيرو ته آهستي چيم، ٻيو پيرو ٿورو ڏاڍي چيم. اها آهي ڳالهه. خوامخواه تيليءَ جو ڪٿي ٿنڀ بڻايو اٿن."

اها ڳالهه ضرور هئي ته ان ٻاراڻي صفائيءَ تي آءٌ ڏاڍو خوش ٿيس. منهنجي هيءَ عجيب خواهش هئي ته هي سچو افسانو بيان ڪندي، آءٌ ان کي جيترو به ڦيرائي گهيرائي سگهان، ڦيرايان ته جيئن هر پيري ڳالهه ڪرڻ مان وڌيڪ مزو اچي.

جيئن جيئن اها ڳالهه مان ڪري رهيو هوس، مون کي وڌيڪ خوشي محسوس ٿي رهي هئي.

"چا تون منهنجو مذاق اڏائي رهيو آهين!" جنرل صاحب ٿوري بلند آواز ۾ چيو. هو فرينچ ڏي مڙيو ۽ هن کي فرينچ ٻوليءَ ۾ چيائين ته 'ڇڪ هيءُ ڪنهن شرمناڪ ڪم ڪرڻ لاءِ ويو هو.' مارڪئس گريو ڏاڍيءَ حقارت سان مون ڏانهن ڏٺو ۽ ڪنڌ کي لوڏو ڏنائين.

"غلط، بلڪل غلط. اهڙو خيال اصل نه ڪجو! خدا جو سنهن اها ڳالهه ڪانه هئي!" مون هڪدم چيو. "آءٌ ايمان سان چوان ٿو ته منهنجو رويو بيشڪ ٺيڪ نه هو، پر ان کي هڪ ٻار واري اڻ وڻندڙ حرڪت کان وڌيڪ ڪجهه به چئي نٿو سگهجي. جنرل صاحب يقين ڪريو، مون کي ان جو سخت افسوس آهي. پر هڪ ڳالهه ضرور آهي (گهٽ ۾ گهٽ منهنجي دماغ ۾)، جا مون کي ان افسوس جي عذاب کان بچائي سگهي ٿي ۽ اها هيءَ آهي ته آءٌ ٻن هفتن کان ڪجهه بيمار آهيان ۽ گڏوگڏ ڪاوڙيل به. ڏاڍي افسوس وچان ڪنهن ڪنهن وقت ته ڪپڙن مان ٿي نڪري ويندو آهيان. مون کي پنهنجو پاڻ تي قابو نه رهندو آهي. هيءَ حقيقت آهي ته ڪڏهن منهنجي دل

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوندي آهي ته مارڪئس گريو کي ڇماٽ وهائي ڪيدان. ۽.... بهرحال اها ڳالهه چوڻ جي ضرورت نه آهي. ڪنهن ڇڙي نه پيو. مطلب ته هيءَ ڪهڙي بيماريءَ جي علامت آهي، سا چئي نٿو سگهان. جڏهن مان جاگيرداريائي ۽ برمرهم ڪان معافي وٺڻ وڃان (جنهن جو ارادو اٿم) ته هوءَ ان حقيقت تي غور به ڪندي يا نه؟ ڀانيان ٿو ته ڪانه ڪندي. خاص ڪري ان لاءِ، جو گهڻي وقت کان قانوني حلقن ۾ ان قسم جي معذرت جوئي سڄارو ورتو ويندو آهي. وڪيل به ڏوهارين جي وڪالت ڪندي اڪثر چوندا آهن ته سندن اصيل اهو ڏوهه ڪرڻ وقت هڪ خاص بيماريءَ ۾ مبتلا هو. هو چوندا آهن، 'هن ڪنهن کي قتل ڪيو آهي، اهو به کيس ياد نه آهي' ۽ جنرل صاحب! ڊاڪٽر به انهن جي تائيد ڪندا آهن ۽ ٻڌائيندا آهن ته اهڙيون ذهني بيماريون به ٿي سگهن ٿيون، جن ۾ مريض کي ڪجهه به ياد نه هجي. پر جاگيردار ۽ جوڊس ته پراڻي نسل سان تعلق ٿا رکن. اهي ڀلا ڪيئن ان ڳالهه تي اعتبار ڪندا. ان کان سواءِ هو پرشيا جو وڏو رئيس ۽ جاگيردار به آهي. ان لاءِ کيس طبي دنيا ۾ آيل ترقيءَ متعلق ڄاڻڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. ان ڪري هو اها وضاحت قبول نه ڪندا. اوهان جو ڇا خيال آهي، جنرل صاحب!"

"بس، ميان، بس!" جنرل صاحب تيز ٿيندي چيو. "اهوئي ڪافي آهي. مان تنهنجي انهن حرڪتن کان هميشه هميشه لاءِ ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. هاڻي خدا ڪندو ته توکي هنن کان معافي گهرڻ جي ڪا ضرورت پيش نه ايندي. هنن جهڙي ٽوسان ڪنهن قسم جي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ، پوءِ ڇاهي اها معذرت متعلق ڇو نه هجي، هنن جي وقار کان گهٽ ٿيندي. جاگيردار صاحب کي خبر پئجي چڪي آهي ته تون منهنجي ڪٽنب جو فرد آهين. هو مون سان ڪاسينو ۾ مليو هو، ۽ مون کي سڄي ڳالهه تفصيل سان ٻڌائي اٿس. مان توکي يقين ٿو ڏياريان ته هو مون کي چوڻ وارو ٿي هو ته مان پنهنجي طرفان هن کي آئينده

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ تنهنجي ضمانت ڏيان. خبر اٿئي ته تو منهنجي عزت ڪهڙيءَ طرح مٽيءَ ۾ ملائي آهي؟ مان خرد جاگيردار ڪان معافي وٺڻ تي مجبور ٿي ويس. مون پنهنجي طرفان هن کان معافي وٺي ڇڏي ۽ واعدو ڪيو اٿم ته تون يڪدم يعني اڄ ڪان ٿي منهنجي ڪٽنب جو ڀاتي ٿي نه رهندين."

"ٻڌو، مون کي ته ته ڇوڙ ڏيو... ته ڇاڏهن اوهان جاگيردار کي چيو ته، مان آئينده اوهان جي ڪٽنب جو فرد نه رهندس، ته ڇا اها هن جي گهر هئي؟"

"نه ميان، بلڪ ڪيس اهڙو اطمينان ڏيارڻ تي مان خود مجبور هوس ۽ بي شڪ هو مطمئن به ٿي ويو هو. هاڻ تو کي امان جي جان ڇڏڻي ٿي پوندي. هيءَ آهي تنهنجي ڪل رقم، چار فيبرڪ ۽ ٽي فلورن، جا حساب سان تنهنجي مون ڏانهن نڪري ٿي. هي وٺ پئسا، ۽ هي تنهنجو کاتو. جانچ ڪري ڀڪ ڪر. خدا حافظ! آئينده لاءِ اسين ٻئي هڪٻئي لاءِ ڌاريا آهيون. سواءِ ڏک يا تڪليف جي، مون کي تو وٽان ڪجهه نه مليو. مان هينئر ٿي بيري کي مڏي تو چوانس ته هن هوٽل ۾ تنهنجي آئينده خرچ جو مان ذميدار نه آهيان! بس الله جي امان."

مون رقم ۽ ڪاغذ کنيو، جنهن تي پينسل سان منهنجو حساب اکيل هو. جنرل صاحب کي جهڪي سلام ڪيم. ۽ سنجيدگيءَ سان چيم، "پر جنرل صاحب! هي معاملو اڄهن ختم نه ٿيندو، جيئڻ اوهان جي مرضي آهي. مون کي افسوس آهي جو اوهان کي جاگيرداريائيءَ اڳيان شڪي ٿيڻو پيو. پر معاف ڪجو. ان جا ذميوار به اوهان خود آهيو. جاگيردار جي سامهون منهنجي ذميواري پنهنجي مٿي کڻڻ جي اوهان کي ڪهڙي ضرورت هئي؟ آخر ان ڳالهه چوڻ جو مطلب ڇا آهي ته مان توهان جي ڪٽنب جو فرد آهيان؟ مان اوهان جي گهر ۾ هڪ 'ٽيوٽر' آهيان، ۽ بس. مان نه اوهان جو پٽ آهيان نه نوڪر. اوهين منهنجي اعمال لاءِ قطعي ذميوار ٿي نٿا سگهو. مان قانوناً بالغ، هوشمند ۽ ذميوار

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مائٽو آهيان. منهنجي عمر پنجويهه سال آهي. مان يونيورسٽيءَ جو گرئجوئيٽ آهيان ۽ هڪ شريف مائٽو پڻ. منهنجو اوهان جي ڪنهن به معاملي سان تعلق نه آهي. اوهان جي احترام ۽ وقار جو خيال نه هجي ها ته مان هن ڳالهه جي پوري پوري وضاحت طلب ڪريان ها ته اوهان کي منهنجي پاران جواب ڏيڻ جو حق ڪنهن ڏنو؟"

اِن ڳالهه جنرل صاحب جا اوسان خطا ڪري ڇڏيا. هن جا هٿ خود بخود مٿي کڄي ويا ۽ اوچتو فرينچ کي مخاطب ٿي چيائين ته "مان يعني مان، خواه مخواه جو جهڳڙو پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهي رهيو هوس."

فرينچ زور سان ٺڪ ڏيئي کلڻ لڳو.

مون مارڪئس گريو جي ٺهڪ کي نظرانداز ڪندي، دلجمعيءَ سان چيو. "پر آءٌ ڇڏيندس جاگيردار کي به ڪونه. جنرل صاحب! اڄ اوهان هن جي دانهن ٻڌي چڪا آهيو ۽ هن جي طرفداري ڪري سڄو معاملو پنهنجي مٿي تي کڻي به چڪا آهيو. آءٌ اوهان کي صاف صاف ٻڌائي ٿو ڇڏيان ته سڀاڻي صبح ساڻ جاگيردار کان پڇندس ته هن ڪهڙن سببن جي ڪري هڪ ٽئين مائٽوءَ کي وچ ۾ آندو. ڇا آءٌ خود پنهنجي اعمال جي جوابدهي ڪري نٿي سگهان؟"

منهنجي ڳالهه هاڻ جنرل صاحب کي سمجهه ۾ آئي. هو هن ٽئين عجيب مصيبت جي ڳالهه ٻڌي، سخت پريشان ٿي ويو. هن تنگ ٿي چيو، "اهڙيءَ مردود ڳالهه کي اينگهائڻ مان آخر توکي ڇا هٿ حاصل ٿيندو؟ بخدا تون مون کي عجيب مصيبت ۾ ڦاسائي رهيو آهين. تو ۾ ايڏي جرئت ـــ اُف ايڏي جرئت! خدا جو قسم، مان پنهنجي عهدي جي ڪري ۽ جاگيردار صاحب پنهنجي مرتبي جي زور تي توکي پوليس ۾ ڏيئي ڇڏينداسين. پوليس توکي ملڪ نيڪالي ڏيئي ڇڏيندي ته جيئن تون اڳتي ڪا گڙٻڙ نه ڪري سگهين. ٻڌي رهيو آهين نه؟" هو ڪاوڙ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ڏکي رهيو هو، حالانڪ مُنهن تي ڏپ جا نشان به هئس.

مون اهڙي لهجي ۾ جواب ڏنو، جو جنرل صاحب لاءِ اصل ناقابل برداشت هو ”جنرل صاحب! جڏهن ڪنهن شخص گڙٻڙ ڪئي ڏي نه هجي ته اوهان ان کي ڪيئن گرفتار ڪرائي سگهندؤ! مون اچا تائين جاگيردار مان ڪونه ڳالهايو آهي ۽ اوهان کي خبر ڏي نه آهي ته مان هن کي ڇا ٿو چوڻ چاهيان. مان نه رڳو ان حيثيت جي تشريح ٿو ڳهران جا منهنجي لاءِ بي عزتيءَ واري آهي، يعني هيءَ ته آءٌ ڪنهن شخص جي ضابطي هيٺ آهيان، ڇو، مون کي پنهنجي عمل جي ڪا آزادي ڪانهي! اوهان کي بهرحال پريشان ٿيڻ جي ضرورت نه آهي.“

”خدا جي واسطي اليگزي اِوانو وچ! هي تون ڇا ٿو ڪرڻ گهرين! اهڙو چريائپ جو خيال ڦٽي ڪري ڇڏ!“ جنرل پنهنجي قهر آلود لهجي کي خوشامد ۽ مصلحت آميزيءَ ۾ بدلائيندي چيو. ”خبر اٿئي ته ان جو نتيجو ڇا ٿيندو! هڪ نئين آفت. پر تو کي ڪهڙي خبر! اوه، تو کي خود سوچڻ کپي ها. مان رڳو هتي جي ڳالهه ڪري رهيو هوس. هائي! رڳو هائي .... تو کي منهنجي ان حالت جي ڪابه خبر نه آهي.... جڏهن اسين هتان ڪنهن ٻيءَ جڳهه تي ويندا سون ته پوءِ وري توکي گهرائيندس. مان ته صرف هائي جي ڳالهه ڪري رهيو هوس. حقيقت ۾.... توکي خبر آهي، ڪي اهڙا ئي سبب آهن....“ هن وڏيءَ حسرت سان دانهن ڪندي چيو، ”اليگزي اِوانو وچ! اليگزي اِوانو وچ!“

دروازي ڏي مڙندي، مون جنرل صاحب کي پڪ ڏياري ته، ”سڀڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو. گهبرائڻ جي ڪابه ضرورت نه آهي.“ اهو چئي، آءٌ جلدي ٻاهر نڪري ويس.

هڪ روسي ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ ٻين ڪان جهڙ مرعوب ٿي ويندو آهي. خصوصاً تڏهن جڏهن هو ڪنهن اهميت جو صاحب هوندو آهي. سوچيندو آهي ته الائي ماڻهو ڪيس ڪهڙيءَ نظر سان ڏسندا هجن. هن جي متعلق الائي ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿاهيندا هجن. هيءَ شيءِ موزون رهندي يا هوءَ، اهڙي قسم جون ڳالهيون سوچيندي سوچيندي، هو ڏڄي ويندو آهي. ۽ پنهنجو پاڻ کي زنجيرن ۾ جڪڙيل محسوس ڪندو آهي. جنهن شيءِ کان انتهائي خوشي ٿيندي آهيس، آها آهي ان ملڪ جي روايت ۽ رواج جي پابندي. جنهن جي پوئلڳي هو اندا ڏنڊ هوٽلن ۾، تفريح گاهن ۾، اسيمبليءَ ۾، سفر ۾، مطلب ته هر جڳهه ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رهي ٿو. پر جنرل صاحب جي وات مان گهبراهٽ ۾ اها ڳالهه نڪري ويئي. ان کان سواءِ ڪا ڳالهه اهڙي ضرور هئي ۽ شايد ان خاص ڳالهه جي ڪري ايڏي هيٺائي ڏيکاريائين ٿي ۽ يڪدم مون مان پنهنجي رويي بدلائڻ تي تيار ٿي ويو هو. منهنجي لاءِ سندس اها روش هڪ کليل ثابتي هئي ۽ ان لاءِ ان ڳالهه تي ڪٺي ڳنڍ ٻڌم. بي شڪ هو منهنجي اُن حماقت جي باري ۾ آفيسرن کي آگاهه به ڪري سگهيو ٿي. ان ڪري مون کي ڪجهه خبردار ٿيڻو پيو.

مون جنرل صاحب کي ناراض ڪرڻ به نٿي گهريو. بلڪ اصل ڳالهه هيءَ آهي ته مون پالينا کي ڪاوڙائڻ ٿي چاهيو. پالينا مون سان اهڙو سلوڪ ڪيو هو ۽ مون کي اهڙيءَ حالت ۾ آڻي ڇڏيو هئائين، جو مان دل ۾ هيءَ خواهش ڪرڻ کان رهي نه سگهيس ته هن کي مجبور ڪريان ته هوءَ پاڻ مون کي چپ رهڻ جي درخواست ڪري. ممڪن آهي ته منهنجي پارائي حرڪت جي ڪري خود هن تي به ڪي ڇنڊا پون. ان کان سواءِ هڪ نئون احساس، هڪ نئين خواهش منهنجي دل ۾ پيدا ٿي رهي هئي. اها هيءَ ته بيشڪ هن جي موجودگيءَ ۾ مان بلڪل بي حيثيت ٿيو ٿو وڃان. پر ان جو اهو مطلب ته نه آهي ته ٻين جي اڳيان به منهنجي حيثيت بلڪل گهٽ آهي! نه ڪو آءٌ ايترو گهٽ حيثيت آهيان جو جاگيردار جهڙن کان مار کائيندو وتان. مون ته هنن سڀني جو مذاق اڏائڻ ٿي چاهيو ۽ دل کولي هنن تي کلڻ ٿي چاهيم. هنن کي به ته خبر پوي. هوءَ ان ڳالهه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان ٻچي، سون کي واپس گهرائيندي يا نه، ته به گهٽ ۾ گهٽ
اها ته خبر پئجي ويندس ته آءٌ به پنهنجو وقار قائم رکي سگهان ٿو.

(هڪ عجيب خبر: اڄهو هيئر ڏاڪڻ تي نرس سون کي
ٻڌايو ته ماريا فلپانا پنهنجي سوٽ سان ملڻ اڄ شام جي گاڏيءَ
۾ اڪيلي ڪارلسباد هلي ويئي آهي. ان جو مطلب ڇا؟ نرس
چوي ٿي ته هُن ڪافي وقت کان اوڏانهن وڃڻ جو پئي سوچيو.
پر ڇو؟ تنهن جي ڪنهن کي به خبر نه آهي. حالانڪ حقيقت
هيءَ آهي ته سون کان سواءِ سڀني کي خبر آهي. آخر جلديءَ
۾ نرس جي وات مان نڪري ويو ته ٿيون ڏينهن ماريا فالپانا
جنرل سان ڪي تکا مٺا الفاظ ڳالهايا هئا. هاڻ سون سمجهيو.
اهو سڀ مادموزيل بلانشي جو معاملو هوندو. ها، هاڻ ڪانه ڪا
فيصلہ ڪن ڳالهه ٿيڻ واري آهي.)

# باب ستون

صبح جو مون ٻيري کي سڏي چيو ته آئينده کان منهنجو بل جدا ناهيندو ڪري، منهنجي ڪمري جو خرچ ڪجهه وڌيڪ نه هو جو مون کي پريشاني ٿئي، ۽ هوٽل ڇڏڻ جو خيال ڪريان. مون وٽ سورهن فريڊرڪ هئا ۽ اها منهنجي دولت هئي— عجيب ڳالهه ته هيءَ آهي ته اڄان تائين مون هڪ پئسو به نه ڪمايو هو پر منهنجي هلت چلت ۽ سوچ ويچار سڀ رئيسن جهڙو هو ۽ حقيقت ۾ آءٌ پنهنجو پاڻ کي رئيس سمجهندو به هوس.

صبح سوير هجڻ جي باوجود آءٌ انسٽلي صاحب سان ملڻ جو سوچي رهيو هوس، جيڪو ويجهو ڊي اينگلو هوٽل ۾ رهيل هو. ايتري ۾ هو فرينچ گريو، مون وٽ لنگهي آيو. ان کان پهرين هو ڪڏهن به مون وٽ نه آيو هو. گذريل ڪيترن ڏينهن کان منهنجا هن سان تعلقات خراب ٿيندا پئي وياه هو ته مون سان کليو کلايو نفرت ۽ حقارت جو اظهار ڪندو رهندو هو ۽ آخر ان کي لڪائڻ جي هن کي ضرورت ئي ڪهڙي هئي. پر آءٌ به ساڻس نفرت ڪرڻ ۾ حق تي هوس. مختصر هي ته مون کي هن کان نفرت هئي. هن جي اچڻ ڪري مون کي سخت تعجب ٿيو. مون کي پڪ هئي ته ڪا خاص ڳالهه ٿيڻ واري آهـــي.

هو ڏاڍيءَ نضيلت سان منهنجي ڪمري ۾ گهڙيو، مون سان هٿ ملائيندي، منهنجي هٿ ۾ ٽوپي ڏسي پڇيائين ته اڄ صبح صبح جو ڪيڏانهن وڃڻ جو ارادو هو، ٻڌايومانس ته ضروري ڪم سان انسٽلي صاحب ڏي پيو وڃان. ان تي هو سوچ ۾ پئجي ويو— ۽ آهستي آهستي منهن تي فڪر جا نشان ظاهر ٿيس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گريو سيني فرينچن وانگر هو — يعني ضرورت ۾ نفعي جي وقت تي خليق ۽ خوش گفتار ٿيڻ ۽ ضرورت ختم ٿيڻ تي ناقابل برداشت حد تائين منهن سڙيل ۽ اڻ وڻندڙ. فرينچ ته گهٽو ڪري فطرتاً خليق هوندو ئي ڪونهي. جڏهن به هو خليق ٿيندو ته ضرور ڪنهن مقصد ۽ لالچ جي ڪري. جڏهن هو اعلي بنجڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، تڏهن ناڪام ثابت ٿيندو آهي. مطلب ته هو دنيا کي تنگ ڪرڻ واري هڪ عجيب چيز آهي. منهنجي ذاتي راءِ ۾ رگو ٻوليون پاليون ۽ ناتجربيڪار روسي عورتون ئي منڊن دام ۾ ڦاسن ٿيون. ديوان خاني جو رک رکاءُ، خوش باشيءَ جي مقرر رسومات جي روايت پرستي هر معقول ماڻهوءَ تي يڪدم ظاهر ٿيو پوي ۽ سهڻ کان ٻاهر بڻجيو وڃي.

”مان تو وٽ هڪ ضروري ڪم سان آيو آهيان.“ هن سڌوسنئون بظاهر صاف دليءَ سان شروعات ڪئي. ”مان اهو ته اڪائيندس ته مان جنرل صاحب جي طرفان ايلچي ٻڌڪ ٿياڪڙ بنجي آيو آهيان. ڇو جو مان روسي تمام گهٽ ڄاڻندو آهيان، ان ڪري ڪالهوڪي ڳالهه پوريءَ طرح نه سمجهي سگهيس. پر پوءِ جنرل صاحب سڄو واقعو ٻڌايو ۽ مان مڃان ٿو ته....“

”پر گريو صاحب ٻڌو!“ مون هن جي ڳالهه اڌ مان ڪٽيندي چيو، ”هائي جڏهن اوهان هن معاملي ۾ ٿياڪڙ بنجڻ جي ذميواري کڻي آهي ته ٻڌو، آءٌ بي شڪ هڪ معمولي ٽيوٽر آهيان ۽ گڏوگڏ هن ڪٽنب جي خيرخواه بنجڻ جي دعوي به ڪانه ڪئي اٿم، نه ئي هنن جا مون سان ڪي خاص تعلقات رهيا آهن. ان ڪري مون کي حالتن جي چڱيءَ پروڙ به ڪانهي. پر اوهين پنهنجي ٻڌايو. ڇا، اوهين هن ڪٽنب جا ايترا گهرا فرد بنجي ويا آهيو جو هر معاملي ۾ ذاتي دلچسپي ٿا وٺو ۽ يڪدم پوري پروسي سان ٿياڪڙ بنجي ٿا وڃو....“

ان سوال هن کي بي چين ڪري ڇڏيو، هن لاءِ اهو سوال ايترو ته صاف چئلينج هو، جو هن جواب به ڏيڻ نٿي چاهيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”جنرل سان منهنجو ڪجهه تعلق ته واپاري آهي ۽ ڪجهه ڪن خاص حالتن جي ڪري آهي.“ هن تلخيءَ سان چيو. ”هن مون کي تو ڏانهن انهيءَ لاءِ اماڻيو آهي ته جيئن ڪله تون جيڪو ارادو ڪري رهيو هئين، ان کي دل مان ڪڍي ڇڏ. تو جيڪي ڪجهه ڪرڻ جو چيو، اهو بيشڪ هوشمندانه رويو هو، پر مون کي هن، توکي ان ڳالهه کان آگاه ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي ته تون ان ۾ ڪامياب ڪونه ٿيندين. ان کان سواءِ خود جاگيردار صاحب به توسان ملڻ پسند نه ڪندو. بهرحال هن جي خود اهڙي حيثيت آهي، جو هو آئينده تنهنجي مستيءَ کان محفوظ رهي. اها ڳالهه تون خود به سمجهي سگهين ٿو. پوءِ خوامخواه ڳالهه کي ڊيگهه ڏيڻ مان ڪهڙو فائدو؟ جنرل صاحب توکي پهرئين مناسب موقعي تي واپس گهرائڻ جو واعدو ڪيو آهي ۽ ان وقت تائين تنهنجو پگهار به جاري رهندو. آءٌ سمجهان ٿو ته ان کان وڌيڪ نفعي واري صورت ٻي ڪانه ٿي ٿي سگهي. تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟“

مون جواب ۾ چيو ته جنرل صاحب جو خيال غلط هو ۽ جاگيردار مون کي ڌڪاريندو ڪونه، بلڪ منهنجي ڳالهه غور سان ٻڌندو. مون وڌيڪ هن کي اهو به چيو ته هو پاڻ مون وٽ انهيءَ لاءِ آيو هو ته مون کان معلوم ڪري ته وڌيڪ ان معاملي ۾ مان ڇا ڪرڻ وارو هوس.

”اڙي سائين، خدا خدا ڪر! جي جنرل صاحب واقعي هن ڳالهه ۾ ڏاڍي دلچسپي وٺي رهيو آهي، تنهنڪري هو اهو ڄاڻڻ ٿو چاهي ته هاڻ تنهنجو رويو ڪهڙو هوندو ۽ هاڻ تون ڇا ڪرڻ وارو آهين ته انهيءَ ۾ ڪهڙي اربع خطا ٿي؟“

تنهن تي آءٌ وضاحت ڪرڻ لڳس ۽ هو آرام سان ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏئي غور سان ٻڌڻ لڳو. هن جي چهري تي طنز جا نشان ظاهر هئا. هوندي منهنجو رويو شائستو هو. مون هن کي هيءَ ڳالهه سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته ”جاگيردار، جنرل صاحب کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪايت ڪري اهو ثابت ڪيو آهي، جنهن ۾ آءٌ جنرل صاحب جو نوڪر هوس. ان طرح هن مون کي اصلي حيثيت کان محروم ڪري ڇڏيو آهي ۽ ٻيو ته هن مون کي اهڙو شخص سمجهي، جو پنهنجي اعمال جو ذميوار نه هجي ۽ ڳالهائڻ جي به قابل نه هو، منهنجي سخت بي عزتي ڪئي آهي. ايمان جي ڳالهه هيءَ آهي ته مون کي ڏاڍو ذليل ڪيو ويو آهي. بهرحال عمر جي تفاوت ۽ ڪجهه معاشري ۾ پنهنجي مقام جي پيش نظر ــ ۽ ــ ۽ (ان نقطي تي آءٌ ڪل ضبط ڪري نه سگهيس) آءٌ جاگيردار کان معذرت گهرڻ جي طلب ڪونه ڪندس ۽ نه وري ڪيس ڳالهه کي صاف ڪرڻ لاءِ ئي چوندس. بهرحال اهڙي ڪابه زيادتي ڪانه ڪندس، جنهن مان ڳالهه مان ڪو ڳالهوڙو ئي ٿئي. ان هوندي به آءٌ جاگيردار بلڪ جاگيردارياڻيءَ متعلق سوچي رهيو هوس ته وڃي ڪانئن معافي وٺان. خاص ڪري ان لاءِ ته ڪجهه ڏينهن کان مان واقعي ذهني بيمار ۽ تند مزاج رهيو هوس. پر جاگيردار صاحب جنرل صاحب کي منهنجي دانهن ڏيئي منهنجي ڏاڍي بي عزتي ڪئي آهي ۽ هن کي ان ڳالهه تي مجبور ڪري ته هو مون کي ٻارن جي اتاليقيءَ تان جواب ڏيئي ڇڏي، هن مون کي هڪ اهڙي صورتحال ۾ وجهي ڇڏيو آهي، جو هاڻ وڃي، ڪانئن ڪڏهن به معافي وٺي نٿي سگهيس. ڇو جو هو ۽ جاگيردارياڻي ۽ دنيا ائين سمجهندي ته مون معافي ان ڪري ورتي جو مان ٻڃي ويس ۽ هي ته مون وري نيوڙت ٽيڪ تي گهريو. انهن سڀني ڳالهين مان هاڻ نتيجو هيءُ ٿي نڪتو ته مان جاگيردار صاحب کي مجبور ڪريان ته هو مون کان نهايت رسمي طور تي معذرت گهري. مثلاً ائين چوي ته هن منهنجي توهين ڪرڻ نٿي گهري ۽ جڏهن جاگيردار اهڙي قسم جي ڳالهه ڪري وٺي ته پوءِ آءٌ پاڻ کي ان ڳري بار کان آجو محسوس ڪريان ۽ وڏي خلوص سان ڪانئس ۽ جاگيردارياڻيءَ کان معافي گهران. مطلب هي ته آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان ته هاڻ جاگيردار کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڳو هيترو چوان ته هن جيڪا منهنجي بي عزتي ڪئي آهي، ان جو بار مون تان لاهي ته جيئن آءٌ ڪائنس معافي وٺڻ جهڙو ٿي سگهان."

"ڇي ڇي! ڪهڙي ننڍڙي ڳالهه ڪئي اٿئي! ۽ ايتري ڀري جي! انهيءَ صورت ۾ توکي معافي گهرڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي؟ ها، اهو ڪٿي چئه ته تون اهو سڀڪجهه ويچاري جنرل کي تنگ ڪرڻ لاءِ ڪري رهيو آهين ۽ شايد تنهنجو ڪو خاص مقصد به آهي .... معاف ڪج ... پر تنهنجو خيال غلط آهي .... ڇا ان کي مؤلائيءَ سان نظرانداز ڪري سگهجي ٿو؟"

"ليڪن معاف ڪجو قبلا، اوهان جو ٻين ڳالهين سان ڪهڙو تعلق؟"

"رڳو جنرل صاحب جي ڪري."

"پر جنرل صاحب جي ڪري ڇا ۽ ڇو؟ ڪالهه رات هو ڇڙي رهيو هو ته هن کي محتاط رهڻو پوندو، هو ايتريقدر پريشان هو پر آءٌ سمجهي نه ٿي سگهيس ته ڳالهه ڇا هئي؟"

"ظاهر آهي ته هڪ خاص ڳالهه آهي." گريو مون کي پنهنجي پراسرار آواز جي گرفت ۾ آئي ڇڏيو، جنهن ۾ پريشانيءَ جا آثار به ظاهر هئا. "تون مادموزئيل ڪامنگز کي سڃاڻين؟"

"يعني مادموزيل بلانشي؟"

"ها اها ئي مادموزيل بلانشي ڪامنگز ... توکي به خبر هوندي ته جنرل .... ها ته .... جنرل کي هن سان محبت آهي .... دراصل .... شادي هتي ئي ٿيندي. خيال ڪر ته ڪيتري نه خواري .... گلا ...."

"مان ته شادي ڪرڻ ۾ ڪا واهيات ڳالهه نٿو سمجهان."

"پر جاگيردار جو ڪردار عام جرمن جهڙو آهي. هو ايتريقدر ڇتو آهي، جو اڪيلو ئي سڄيءَ جرمني ۾ فساد مچائي سگهي ٿو."

"پر هو ڇائي آءٌ ڇاڻان. اوهان جو ان سان واسطو ڪونهي."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھاڻ منھنجو جنرل جي ڪٽنب سان ڪوبہ تعلق ڪونھي.... (آءٌ
ڄاڻي ٻجھي وڌيڪ بي سمجھہ ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس)
پر معاف ڪجو، ڇا، واقعي اهو ٻڌجي چڪو آهي تہ مادموزيل
بلانشي ڪامنگز جي شادي جنرل صاحب سان ٿي رهي آهي؟ تہ
پوءِ انتظار ڇاجو؟ منھنجو مطلب آهي اسان سان، پنھنجي ڪٽنب
سان ٿي ايڏي رازداري ڇو؟"

”سان ڪيئن .... بهرحال ... بلڪل .... ان ڪانسواءِ بہ....
توکي تہ خبر آهي تہ هو روس مان خبرن جو انتظار ڪري رهيا
آهن؟ آخر جنرل کي انتظامات بہ تہ ڪرڻا آهن...."

”هون! هون! واهہ! واهہ...."

گريو مون کي حقارت سان ڏٺو ۽ بهرحال، هن مون کي
وچ ۾ ڪاٽيندي چيو، ”مون کي تنھنجي فطري خوشمزاجيءَ،
زنده دليءَ ۽ دانشمنديءَ تي چڱيءَ طرح ڀروسو آهي. تون هن
گهرائي سان اها ڀلائي ضرور ڪندين. جتي توکي هميشہ پيار
سان، وچ ۾ ويھاربو ويو ۽ عزت ۽ احترام سان ڏٺو ويو آهي...."

”پر معاف ڪجؤ مون کي نوڪريءَ سان جواب ڏنو ويو
آهي ۽ هاڻ توهان چئو ٿا تہ اهو سڀ ڏيکاءُ آهي جي آءٌ
توهان کي چوان تہ آءٌ توهان کي لوڏي ڪونہ ٿو ڪيان، پر
پنھنجو بسترو گول ڪري ٻاهر هليا وڃو. رڳو ان لاءِ تہ ماڻھو
ڏسن.... تہ ڇا، توهان کي مڃڻ گهرجي....! ڇا، لوڏي ڪيڻ کي
ڪي ٻيا سنگ ٿيندا؟"

”چڱو، جي خوشامد توتي اثر نٿي ڪري تہ آءٌ توکي
يقين ٿو ڏياريان تہ تون جيڪي وٽڻي ڪر توکي منھن ڏيڻ
هنن لاءِ ڏکيو ڪونھي. هتي پوليس بہ آهي ۽ سرڪاري آفيسر بہ.
توکي اڄ ئي ڌڪا ڏئي ٻاهر ڪيو ويندو. تو جھڙو معمولي
اتاليق، جاگيردار جھڙي اهم شخصيت جي توهين ڪري ۽ سزا
نہ ملي؟ ڇا تون سمجھين ٿو تہ توکي ڇوڙ وارو ڪو ڪونھي؟
آءٌ توکي ٻڌائي ٿو ڇڏيان تہ توکان ڪوبہ ڪونہ ٿو ڊڄي. آءٌ

هتي پنهنجي مرضيءَ سان آيو آهيان. رڳو اُن لاءِ جو تو ويچاري جنرل کي تنگ ڪري ماريو آهي، ڇا، تنهنجي خيال ۾ جاگيردار جا نوڪر توکي ڌڪا ڏيئي ڪڍي ٿا سگهن؟" هن ڪاوڙ وچان چيو.

"پر اُتي آءٌ پاڻ ڪونه ويندس،" مون آرام سان جواب ڏنو. "اوهان کي غلط فهمي ٿي آهي گريو صاحب! هي سڀڪجهه اوهان جي اندازي کان وڌيڪ سٺي نموني سان ٿيندو. آءٌ هينئر اُسٽلي صاحب وٽ وڃي رهيو آهيان ۽ آءٌ هن کي تياڪڙ ٿيڻ لاءِ چوندس. درحقيقت هو منهنجو پاسو ڪٺندو. هو مون کي ڏاڍو پائيندو آهي. پڪ انڪار ڪونه ڪندو. هو جاگيردار وٽ ويندو ۽ جاگيردار ڪلي هن جو استقبال ڪندو. ڇاڪاڻ آءٌ ڪٿي هڪ معمولي ٽيوٽر ٿي سگهان. هيٺو ۽ هيچ ٿي سگهي. پر اُسٽلي صاحب ته هڪ وڏو لارڊ ۽ هڪ لارڊ جو حقيقي پائٽيو آهي. هرڪو ان لارڊ .... لارڊ پيروڪ کي سڃاڻي ٿو ۽ اهو لارڊ اچڪلهه هتي آيل آهي. يقين رکو جاگيردار اُسٽلي صاحب جي ڳالهه يڪدم مڃي ويندو. پر فرض ڪريو جي هو اها ڳالهه نٿو مڃي ته اُسٽلي صاحب ان کي پنهنجي بي عزتي سمجهندو (هيءَ ته توکي خبر آهي ته انگريز ڪيتري قدر ضدي ۽ چڙهالا ٿيندا آهن.) هو ڪنهن دوست کي جاگيردار ڏانهن موڪليندو. هن جا دوست به ڏاڍا دولتمند آهن. هاڻ اوهين خود اندازو لڳائي سگهندؤ ته اها سڄي ڳالهه اوهان جي اندازي مطابق خواريءَ خرابيءَ سان نه پر ڏاڍي شرافت ۽ عزت سان سرانجام ٿيندي."

اها ڳالهه ٻڌي فرينچ جون اکيون ڦاٽي ويون. ان ڳالهه ۾ گهٽي ڪجهه صداقت به هئي. ان ڪري هو سوچڻ لڳو ته ڪٿي مان واقعي ائين نه ڪري ويهان.

"چڱو ته ٻڌ مان توکي درخواست ٿو ڪريان." هن واقعي التجا ڪرڻ واري انداز ۾ چيو، "هي معاملو اتي ئي ختم ڪري ڇڏ! توکي ان خيال کان خوشي ٿي رهي آهي ته اُن مان ضرور ڪا گڙٻڙ ٿيندي. توکي اطمينان ۽ سڪون نه گهرجي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلڪ گڙٻڙ گهرجي. جيئن مون ٻڌڻ ۾ ٿي چيو هو ته اها وڏي خطرناڪ مذاق جي ڳالهه آهي .... ۽ تون چاهين به ائين ٿيو. پر مختصر ته ...،" هن اهو ٻڌندي ته مان آئي چڪو هوس ۽ توهان به ڪٿي ورتي هيم، ڳالهه کي ختم ڪرڻ شروع ڪيو، "مان تو وٽ ڪنهن ماڻهوءَ جون چند سٽون ڪٺي آيو آهيان. مون کي جواب وٺڻ لاءِ ترسڻ جو چيو ويو هو."

اهو چئي، هن کيسي مان هڪ بند لفافو ڪڍيو، جنهن تي مهر لڳل هئي ۽ مون کي ڏنائين. مون لفافو کوليو، هيءَ پاليٽا جي تحرير هئي.

"منهنجو خيال آهي ته تون ان معاملي ۾ ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ جو خيال ڪيو ويٺو آهين. پر ڪي چند ڳالهيون اهڙيون آهن، جيڪي آءٌ تو کي پوءِ ٻڌائينديس. تو کي اهو ارادو ڇڏي ڏيڻ کپي. هيءَ سراسر حماقت آهي. مون کي تنهنجي ضرورت آهي. ۽ خود تو به ته منهنجي اطاعت ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو. شلنگبرگ ياد هوندئي. مان تو کي فرمانبردار ٻنجڻ جي التجا ٿي ڪريان ۽ اجان به نه مڃين ته حڪم ٿي ڪريان."

تنهنجي - پ

"قلم تازو- جي ڪالهوڪي ڳالهه تي مون مان ناراض آهين ته آءٌ معافي ٿي وٺان."

هي سٽون پڙهندي مون کي دنيا جي هر شيءِ ڇتي ڪڇندي نظر آئي. منهنجا چپ اچا ٿي ويا ۽ وار ڪنبڻ لڳو. ڪمبخت فرينچ مون تي آڏي نگاه وجهي، ڏورانهين نموني ڏٺو. جڻ ته ڪيس منهنجي پريشانيءَ جو ڪو خيال ئي ڪونه هو. بهتر هو ته اها ڳالهه کلي پوي ها.

"چڱو سائين،" مون جواب ڏنو، "محترمه کي چئو ته اطمينان رکي. پر هي ته ٻڌايو،" مون جلديءَ ۾ چيو. "اوهان ايتريءَ دير تائين چٺي لڪائي ڇو رکي. جي اوهين ان ئي مقصد

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان آيا هئا ته هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ٻڌائڻ جي بجاءِ سڀ ڪان پهرين اوهان مونکي اها چٺي ڏيو ها.“

”ها، مرضي ته منهنجي به اها هئي پر هي ڳالهيون ايڏيون ته عجيب آهن جو آءٌ فطري طور تي اهي ٻڌائڻ چاهيان ٿو. مون کي رڳو اهو ٻڌاءِ ته هاڻ تون ڇا ٿو ڪرڻ چاهين! ۽ ٻيو ته مون کي اها خبر ته ڪانه هئي ته ان چٺيءَ ۾ لکيل ڇا آهي. تنهنڪري سوچيم ته جلدي ڪهڙي آهي، ڏيئي ڇڏيندس!“

”آءٌ سڀ سمجهان ٿو. مطلب هي آهي ته اوهان کي هيءَ چٺي تمام خراب حالت جي صورت ۾ ڏيڻ لاءِ ڇيو ويو هو. جي اوهان زباني ڪم ڪيو ها ته شايد پوءِ چٺي نه ڏيو ها. ٺيڪ آهي نه، گريو صاحب!“

”بي شڪ“ هن ضبط ۽ احتياط جو انداز اختيار ڪندي، مون ڏي عجيب نگاهن سان ڏسندي ڇيو. مون پنهنجي ٽوپي ڪنئي هن به پنهنجي ٽوپي ڪنئي ۽ وڃڻ لڳو. مون کي ائين لڳو ڇڻ هن جي چپن تي طنزيه مرڪ کيڏي رهي هئي. پوءِ ڀلا هن مان اميد ئي ڪهڙي هئي؟

”هاڻ، اوهان جي ذميواري ختم ٿي، گريو صاحب! هاڻ اسين پنهنجو معاملو پاڻ نبيريندا سين.“ مون ڏاڪڻ تان لهندي ڇيو. مون کي ائين پئي لڳو ڇڻ ڪنهن منهنجي ذهن تي هٿوڙي سان ڌڪ هنيو هجي. ٻاهرين تازي هوا سان وڃي ڪجهه ساهه پيو.

ٿوري ئي وقت ۾ ذهن سوچڻ جي قابل ٿي ويو. هي خيال منهنجي آڏواڇي بيٺا. هڪ هي ته ڪهڙا ڪهڙا نه خسيس واقعا ٿي گذريا هئا ۽ رڳو هڪڙي رواجي ڇوڪري جي چند پُر اثر ڌمڪين ڇوڏاري اهڙي هيبت طاري ڪري ڇڏي هئي. ٻيو خيال هي هئو ته هيءُ فرنيچ آخر پاليندا وٽ ڪهڙي قسم جي حيثيت ٿو رکي؟ هن جو رڳو هڪڙو اشارو ۽ هوءَ سڀڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ٿي وڃي! ۽ اهو ڪجهه ڪري ٿي، جيڪي هو گهري ٿو. چٺي لکي ٿي. حتيٰ ڪ مون کان معافي به گهري

ٿي. جڏهن ڪاڻ آءٌ ڪين سڄاڻان ٿو هنن جا تعلقات منهنجي لاءِ راز بڻجي چڪا هوا، ۽ چند ڏينهن اڳ تہ مون پاليئا جي رويي ۾ عجيب ڦيرو بلڪ گريو لاءِ نفرت ڏٺي هئي. پاليئا ڏي هو نہ صرف ڏسندو ٿي نہ آهي، بلڪ هن مان بدتميزيءَ سان پيش ٿو اچي. مون کي خبر پئجي چڪي هئي، خود پاليئا مون وٽ هن لاءِ نفرت جو اظهار ڪيو هو. هن پنهنجي زبان سان نهايت ٿي معنيٰ خيز اعتراف ڪيا هئا.... تہ هوءَ هن جي مٺ ۾ هئي. هوءَ هن جي ڪنهن نہ ڪنهن دباءَ هيٺ هئي.

# باب اٺون

ٿڌي سڙڪ تي، جيئن ڇهو ويندو آهي، يعني شاهه بلوط جي گهاٽن وڻن واري رستي تي آءٌ انسلٽي صاحب سان مليس.

”اڇو اڇو،“ مون کي ڏسندي ئي هو چوڻ لڳو، ”مان پاڻ اوهان سان ملڻ اچي رهيو هوس ۽ اوهان مون ڏي ئي هليا آيا! تہ آخر اوهان هنن ڪان جدا ٿي ويا!“

”ڀيرين اهو ٻڌايو تہ اوهان کي انهن ڳالهين جي خبر ڪيئن پئي.“ مون حيرانيءَ مان پڇيو. ”چا، ائين تہ نہ آهي تہ اها ڳالهہ هر ڪنهن تائين پهچي چڪي آهي!“

”نہ نہ، ڪنهن کي بہ خبر نہ آهي. ڪنهن کي ڪيڙي پئي آهي جو پڇندو وتي! پيو تہ ڪوبہ ان جو ذڪر ڪونہ ٿو ڪري.“

”تہ پوءِ اوهان کي ڪنهن ٻڌايو؟“

”بس اتفاق سان معلوم ٿي ويو. مون کي ڇو جو اوهان سان انس آهي. ان لاءِ اوهان ڏي پئي آيس. ٻلا هاڻ ڪيڏانهن جو ارادو آهي؟“

”توهان جي مهرباني انسلٽي صاحب،“ مون چيو (حالانڪ آءٌ اجا تائين اهو ٻڌڻ لاءِ بيقرار هوس تہ اها خبر هن تائين ڪيئن پهتي.) ”منهنجو خيال آهي تہ ڪاسينو جي ريسٽوران ۾ هلي وهون، مون اجا ڪافي بہ نہ پيتي آهي ۽ اوهين بہ شايد نيراڻا نڪتا آهيو. ٿورو ويهنداسين، سگريٽ پيئنداسين ۽ آءٌ اوهان کي انهيءَ باري ۾ سڀڪجهہ ٻڌائي ڇڏيندس .... ۽ اوهان مون کي....“

قهوہ خانو هتان سؤ قدمن جي فاصلي تي هو. اسين هڪ ڪنڊ وٽي ويهي رهياسين، مون هڪ سگريٽ ڪڍي دکايو. انسلٽي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب منهنجي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ ايترو تہ آتو هو، جو سگريٽ دکائڻ بہ وسري ويو هوس، ٻيرو هڪدم ڪافي کڻي آيو.

”آءٌ ڪيڏانهن بہ ڪونہ ٿو وڃان . هتي ئي رهندس.“ مون شروعات ڪئي.

”مون کي پڪ هئي تہ اوهين ائين ئي ڪندا.“ اُنسلي صاحب مون کي ساراهيندي چيو.

اُنسلي صاحب ڏي ايندي، منهنجو اصل خيال ڪونہ هو تہ کو مان کيس پالينا سان پنهنجي محبت جي باري ۾ ڪجھ ٻڌائيندس. هونئن بہ هو هڪ خاموش طبيعت ماڻهو هو. آءٌ پهرين ئي ڏسي چڪو هوس تہ پالينا هن تي ڪافي اثر وجهي چڪي هئي . پر هن ڪڏهن بہ سندس نالو زبان تي نہ آندو هو. پر عجيب ڳالهہ آهي جو هينئر جيئن ئي هن ويهي پنهنجون تيز اکيون مون ڏي ڦيرايون تہ خبر نہ آهي ڇو هن جي سامهون سڀڪجھ يعني پنهنجي محبت جي سڀني پهلوئن کي اوڳاري ڇڏڻ جي عجيب خواهش پيدا ٿيم . مان اڌ ڪلاڪ تائين ڳالهائيندو رهيس ! واقعي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي رهي هئي. اهو پهريون دفعو هو ، جو ان باري ۾ ڪنهن سان ڳالهايو هئم . اهو ڏسي تہ هو منهنجي تيز تيز جملن کان پريشان ٿيو ٿي ويو ، مون ڇاڪاڻ ٻجهي پنهنجي لهجي ۾ زور ٿي پيدا ڪيو. مون کي رڳو هڪڙيءَ ڳالهہ جي پشيماني آهي. شايد مان فرينچ متعلق ضرورت کان ڪجھ وڌيڪ چئي ويٺو هوس . هونئن تہ اُنسلي صاحب پنهنجي ڪرسيءَ تي بلڪل چپ چاپ ويٺو هو، رڳو سندس اکين جي ڦير گهير مان خبر ٿي پئي تہ هو مون کي ڏسي رهيو هو پر فرينچ جو ذڪر ڪيم تہ هن هڪدم مون کي ٽوڪيو ! چڀندڙ انداز ۾ چيائين تہ آخر آءٌ اها ڳالهہ ڇو ٿو ڪريان ، جيڪا ڪرڻ جو مون کي ڪو بہ حق ڪونہ هو! اُنسلي صاحب هميشہ ڏاڍي عجيب طريقي سان سوال ڪندو هو .

”اوهان ٺيڪ ٿا چئو، آءٌ سمجهان ٿو تہ مون کي حق ڪونهي.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون جواب ڏنو.

”ڏسو اوهان گريو ۽ پاليما جي تعلقات جي باري ۾ ڪابه ڳالهه يقين سان نٿا چئي سگهو. ان باري ۾ رڳو ڏڪا ڏئي هٽي سگهجن ٿا، آهي نه ائين؟“

انسٽلي صاحب جهڙي خاموش طبيعت ماڻهوءَ جو اهڙو سڌو جواب ٻڌي، آءٌ حيران ٿي ويس. ”ٺيڪ آهي ڪابه ڳالهه پڪ سان چئي نٿي سگهجي،“ مون جواب ۾ چيو، ”بلڪل نه، يقيناً نه.“

”ته پوءِ اوهان رڳو مون کي ٻڌائي، بلڪ خود ائين سوچي به غلطي ڪئي آهي.“

”ٺيڪ، چڱو مان مڃان ٿو؛ پر هاڻ ته اهو مسئلو ئي ڪونهي،“ مون پنهنجو پاڻ تي حيران ٿيندي، وچ ۾ چوڻ شروع ڪيو. ان موقعي تي مون ڪالهوڪو سچو واقعو تفصيل سان ٻڌايو مانس. پاليما جي دل لڳي، مذاق، جاگيردار سان جهڙپ، منهنجي سبڪدوشي، جنرل صاحب جي غير معمولي دهشت ۽ آخر ۾ صبح جو گريو جي اچڻ جي ڳالهه به تفصيل سان ٻڌائي مانس، ۽ چٺي به ڏيکاري مانس.

”ان سڄيءَ ڪٿا جو نتيجو ڪهڙو ٿا ڪيو؟“ مون پڇيو.

”مان اوهان جو خيال معلوم ڪرڻ پئي آيس. منهنجي ڳالهه ڇڏيو مان هڻ فرينچ کي هوند خون ڪري ڇڏيان ۽ شايد ائين ڪندس به! خير، پوءِ!“

”اهڙيءَ طرح آءٌ به،“ انسٽلي چيو. ”جيستائين پاليما جو تعلق آهي، اوهان کي خبر آهي.... جي ضرورت مجبور ڪري ته ماڻهو انهن ماڻهن سان به تعلقات پيدا ڪري ٿو، جيڪي هڻ لاءِ قابل نفرت آهن. اهي تعلق اهڙا ٿي سگهن ٿا، جن جي باري ۾ ڪنهن کي ڪابه خبر نه هجي ۽ اهي رڳو ظاهري حالتن تي منحصر هجن. منهنجي خيال ۾ اوهان کي.... پنهنجي دماغ کي ٿورو آرام ڏيڻ کپي. ڪالهه اوهان جيڪي ڪجهه ڪيو سا هڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي وقوفيءَ واري ڳالهه آهي. ان لاءِ نه ته هن اوهان مان جند ڇڏائڻ لاءِ اوهان کي جاگيردار ڪان مار ڪارائڻ تي گهري (حالانڪ مان اهڙا نائين سمجهي نه سگهيو آهيان ته هن هٿ ۾ ڏنڊي هوندي به ڇو نه استعمال ڪئي،) بلڪ ان لاءِ ته اهڙو مذاق .... هڪ اهڙي .... مهذب جوان خاتون جي لاءِ نازيبا آهي. دراصل هن کي اها توقع اصل ڪانه هئي ته اوهان ڪو هن چرچي کي سايپان ڪري وٺندا ۽ ان کي يڪدم عملي لباس به پهرائيندا!“

”اوهان کي خبر آهي ته ڇا ٿيو هو؟“ مون ائسٽلي صاحب ڏانهن ڏسندي، جهٽ پٽ چيو، ”مون کي ائين ٿو لڳي، ڄڻ اوهان کي ان جي باري ۾ پهرين خبر آهي. اوهان کي ڪنهن ٻڌايو؟ مس پالينا!“

ائسٽلي صاحب مون ڏانهن حيران نگاهن سان ڏٺو.

”اوهان جون اکيون ٻري رهيون آهن، انهن ۾ مان شڪ جا پاڇا پيو ڏسان،“ هن پنهنجو لهجو برقرار رکندي چيو. ”پر اوهان کي پنهنجي شڪ ظاهر ڪرڻ جو حق اصل ڪونهي. تنهنڪري آءٌ اوهان جي سوال جو جواب ڏيڻ کان به انڪار ٿو ڪريان.“

”بس بس ان جي ڪابه ضرورت نه آهي،“ مون گهٻرائجي چيو. نه ڄاڻان اهو خيال مون ۾ ڪيئن پيدا ٿيو. ڀلا پالينا اهو راز ٻڌائڻ لاءِ ائسٽلي صاحب کي ڪٿي ملي هوندي؟ گهڻي وقت کان ائسٽلي صاحب هن جي ذهن ۾ ٿي ڪونه رهيو هو. هونئن به پالينا نه منهنجي لاءِ هميشه کان معمو بڻيل هئي. هڪ اهڙو معمو، جو هاڻ ائسٽلي صاحب جي اڳيان پنهنجي عشق جي اظهار کان پوءِ آءٌ اوچتو حيران ٿي ويس ته اهڙي ڪا واضح ڳالهه آهي به، جا مان پنهنجي ۽ پالينا جي تعلقات جي باري ۾ چئي ٿي سگهيس. ان جي ابتڙ هر شيءِ عجيب ۽ حيران ڪندڙ پئي لڳي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ٺيڪ، بلڪل ٺيڪ. آءٌ هڪ عجيب مونجهاري ۾ ڦاٿي ويو آهيان. ڪيترين ڳالهين اهڙيون آهن، جن کي آءٌ في الحال سمجهي نٿو سگهان." مون سهڪندي، ڏڪندي چيو. ڇو ته بيدم ٿي ويو هوس. "اوهين بي شڪ سٺا ماڻهو آهيو. هڪ بي ڳالهه اوهان سان ڪرڻي آهي. ان ۾ مون کي اوهان جي نصيحت ۽ راءِ کپي."

ٿوري وقت بعد مون چيو، "اوهان جو ڪهڙو خيال آهي؟ آخر جنرل صاحب ايترو ڏڄي ڇو ٿو؟ منهنجي احمقائيءَ عملي مذاق تي هو ايترو گهٻرائجي ڇو ويو؟ اهڙي گهٻراهٽ، جو گريو به مداخلت ڪرڻ ضروري سمجهي (۽ هو نهايت اهم ڳالهين ۾ مداخلت ڪندو آهي) هو مون وٽ هلي آيو. خيال ته ڪريو، هو مون وٽ اچي ٿو، مون کي درخواست ٿو ڪري، خوشامد ٿو ڪري .... يعني گريو مون کي درخواست ٿو ڪري، خوشامد ٿو ڪري! ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه، هيءَ ته هو نوين بجي آيو ۽ ان وقت مس پالينا جي چٺي هن وٽ آهي. حيرت آهي ته اها ڪهڙي وقت لکي ويئي. شايد هنن مس پالينا کي ننڊ سان اٿاري لکائي هوندي. مون کي ته صاف نظر اچي رهيو آهي ته پالينا هن جي قيدي ۾ گرفتار آهي. (ڇو جو هوءَ مون کان به معذرت پئي گهري) پر ان کان سواءِ هن جو آخر انهن ڳالهين سان ڪهڙو تعلق آهي. هوءَ بذات خود ڇو هر ڳالهه ۾ دلچسپي ٿي وٺي؟ هو ڇو ڪنهن جاگيردار کان ايترو ڏڄن ٿا؟ جي جنرل صاحب مادموزيل بلانشي سان شادي ڪري رهيو آهي ته ان ۾ ڇا آهي؟ هو هر هر چوندا ٿا رهن ته ڪا خاص ڳالهه آهي، پر هيءَ ته بنهه خاص ڳالهه ٿي ڏسجي. ان جي باري ۾ ڪهڙو خيال آهي؟ اوهان جون اکيون صاف ٻڌائي رهيون آهن ته اوهان ان باري ۾ مون کان وڌيڪ ٿا ڄاڻو."

"يقيناً مون کي اوهان کان وڌيڪ خبر آهي،" هن چيو، "منهنجي خيال ۾ ته هن راز جو سڀ کان اهم ۽ وڏو مهرو مادموزيل بلانشي آهي ۽ مون کي يقين آهي ته اهو سچ آهي."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هون، سو ڪيئن، مادموزيل بلانشي چو؟“ سون تڪڙ ۾ پڇيو (اوچتو هيءَ ڳالهه منهنجي دل ۾ ڇهنبڙيون پائڻ لڳي ته پالينا جي متعلق ڪجهه نه ڪجهه ظاهر ٿيندو.)

”منهنجي خيال ۾ مادموزيل بلانشي في الحال جاگيردار ۽ هن جي بيگم سان ملاقات ڪان پرهيز ڪرڻ چاهي ٿي جنهن جا خاص سبب آهن، هن سان لڳي ٿو ته اها ملاقات توهين آميز به ٿي سگهي ٿي.“

”هون، هون....“

”ٻه سال ٿيا ته مادموزيل بلانشي هتي رولٽن برگ ۾ آئي هئي. سان به هتي هوس. مادموزيل بلانشي ان وقت مادموزيل ڪامنگن نه سڏائيندي هئي ۽ سندس ماءُ مادام ڪامنگس جو ته وجود ئي ڪرنه هو. بهرحال ان جو ڪٿهن ذڪر ڪونه نڪتو هو. گريو پڻ هتي ڪونه هئو، مان ته يقين سان ٿو چوان ته هنن ۾ ڪا دائمي نه نهيو، پر شناسائي به ڪا تازي ٿي آهي. هو گريو — مارڪئس به هاڻي ٿيو آهي. مان هڪ اهڙي ماڻهو کي سڃاڻان، جو هن جي ڀئي نالي ڪان به واقف آهي.“

”پر هن جو اٿڻ ويهڻ ته وڏن ماڻهن سان آهي.“

”ٿي سگهي ٿو. ممڪن آهي ته مادموزيل بلانشي جو به وڏن ماڻهن سان ڪولڳ لاڳاپو هجي، پر ٻه سال اڳ انهيءَ جاگيردارياڻيءَ جي چوڻ تي پوليس مادموزيل بلانشي کي شهر ڇڏي وڃڻ جو چيو هو ۽ هن کي نڪرڻو پيو هو.“

”اهو ڇو؟“

”هوءَ شروع ۾ هڪ شهزادي قسم جي اطالويءَ سان گڏ آئي هئي، جنهن جو نالو غالباً باربري يا ڪجهه اهڙو ئي هو — هو هر وقت منڊين ۽ هيرن ۾ جهنجهيو پيو هوندو هو — جي ڪوڙا نه هوا هو ڀئي هڪ شاندار گاڏيءَ ۾ ويهي گهمڻ نڪرندا هئا. سون کي ياد ٿو اچي ته مادموزيل بلانشي پهرين داءَ کٽڻ بعد وڏيون شرطون هڻي کيڏڻ لڳي. پر قسمت سندس سات نه ڏنو. سون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي ياد آهي، هڪ شام هوءَ وڏي رقم هارائي ويٺي. ان ڳالهه ۾ وڏي بدنصيبي اها ٿي جو هو سنڌس شهزادو به رفو چڪر ٿي ويو. بس پوءِ ڇا گهوڙا ۽ ڇا گاڏيون، مطلب ته هر شيءِ گم ٿي وئي. هوٽل جي بل جي رقم وڏي وڃي هزارن کي لڳي. مادموزيل سيلما (هوءَ اوچتو بربريءَ جي بجاءِ مادموزيل سيلما ٿي ويئي هئي) ڏاڍي مايوسيءَ ۽ اداسيءَ جي حالت ۾ هئي. هوءَ سڄي هوٽل ۾ رڙيون مٿان رڙيون لائي ويٺي رهي. ڇڙ ۽ تيسي ۾ پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي ڇيري ڇڏيائين. هڪ پولستاني ڪائونٽ هئي هوٽل ۾ رهيل هو (سڀ پولستاني مسافر ڪائونٽ ٿيندا آهن.) مادموزيل سيلما ڪپڙا ڦاڙيندي ۽ پنهنجي خوبصورت آڱرين سان پليءَ وانگر منهن تي رانبوٽا پائيندي، هن تي ڏاڍو اثر وڌو. هنن پاڻ ۾ ڳالهيون ٻوليون ڪيون. آخرڪار پنهنجن جي مائيءَ مهل هن کي ڪجهه آٿت مليو ۽ هوءَ وڃي ڪجهه ماٺ ۾ آئي. شام جو هوءَ ڪائونٽ جي پاڙن تي پائون رکيو، ڪاسنو ۾ آئي. هوءَ زور زور سان ٺهڪ ڏئي کلي رهي هئي. هن جو طور طريقو اهڙوئي ملڇڻل ۽ اطمينان وارو هو. هن پنهنجي روش سان ظاهر ڪري ڇڏيو هو ته هوءَ اهڙين عورتن جي طبقي سان تعلق ٿي رکي، جيڪي جيڪڏهن رولٽ جي جوا خاني ۾ به وڃن ٿيون ته ماڻهن کي نوٽنيون هٿيو پري ڪيو ڇڏين. اهڙين عورتن ۾ هڪ خاص قسم جي چالاڪي هوندي آهي.”

“توهان ذڪ ٿا ڇئو.”

“پر سائين، هيءَ ڏسڻ ڏيکارڻ جي ڳالهه نه آهي. شائسته ماڻهن ۾ هنن جو گذر گهڻيءَ دير تائين ٿئو رهي سگهي. اهي عورتون، جي روزانو رولٽ جي ميز تي هڪ هزار روبل جو نوٽ مٽائي سگهن، تن وٽ جڏهن پئسو ختم ٿي ويندو آهي، ۽ هو هزار جو نوٽ مٽائڻ بند ڪنديون آهن ته هنن کي خاموشيءَ سان راند بند ڪري ٻاهر نڪرڻ لاءِ چيو ويندو آهي. بهرحال مادموزيل سيلما ۾ هارڻ جي باوجود ايتري همت هئي، جو هوءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳاتار نوٽ سنائيندي رهي. پر بدقسمتيءَ سان ويچاريءَ جي راند ئي ڪجهه اهڙي ابتي سبت ٿي ويئي هئي، جهڙي اڳي ڪڏهن به نه ٿي هيس. ياد رکو اهڙيون عورتون هميشه ڪمنديون آهن. ان لاءِ جو هنن ۾ قوت برداشت جو ڏاڍو مادو هوندو آهي. بهرحال منهنجي ڪهاڻي ختم ٿي ويئي. ٽيندي ٽيندي، هڪ ڏينهن ڪائونٽ به ان اطالوي شهزادي جيان اوچتو گم ٿي ويو. غريب مادموزيل اڪيلي ئي رولٽ جي ميز تي آئي. هن پيري ائين ٽيو جو ڪابه پاڻهن هڻ کي وڻڻ لاءِ اڳتي نه وڌي، پڻ ئي ڏينهن ۾ هوءَ سڀڪجهه هارائي ويئي. پنهنجو آخري گلڊن به بازيءَ ۾ لڳائڻ کان پوءِ، هڻ هيڏانهن هوڏانهن نظر ڦيرائي. ڏٺائين ته جاگيردار برمرهم سندس ويجهو بيٺو ڪيس عجيب قسم جي ڪاوڙ ۽ حيرت ڀريل نگاهن سان ڏسي. مادموزيل سيلما هڻ جي ڪاوڙ جو خيال ڪرڻ بنان ئي پنهنجي دلربا مسڪراهٽ سان (جنهن کي پاڻ چڱيءَ طرح سڃاڻون) پاڻ ڏي متوجه ڪري وڌو ۽ جاگيردار صاحب کي هڻ پنهنجي لاءِ ڏهه لوئيس ڳاڙهي نشان تي رکڻ لاءِ چيو. جاگيرداريائيءَ کي خبر پئي ۽ هڻ جي هڪ ٿي شڪايت تي مادموزيل سيلما کي هڪ شام جو نوٽيس وصول ٿيو ته هوءَ آئينده ڪاسينو نٿي وڃي سگهي. اوهان کي منهنجي ايڏي فضول معلومات تي حيرت نه ٿي هوندي پر اها معلومات مون کي منهنجي هڪ مائٽ مسٽر فائيڊر کان ملي هئي. اهو سڀڪجهه مون کي هن ٻڌايو هو. فائيڊر ان شام جو مادموزيل سيلما کي پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويهاري رولٽن برگ کان ٻاهر وٺي ويو هو. هاڻ مادموزيل بلانشي جنرل جي زال بنجڻ ٿي چاهي. شايد ان خيال کان ته اڳتي پوليس طرفان اهڙي نوٽيس جو خطرو نه رهيس- جهڙو ته مال اڳ مليو هوس. اڄڪلهه هوءَ جوا بلڪل نٿي کيڏي. پر انهيءَ مان ئي پاڻ‌جي ڏو ته هن وٽ ذاتي سرمايو آهي، جنهن مان هوءَ هتي جي جوارين کي هڪڙي خاص سيڪڙي نفعي جي حساب تي قرض ڏيندي آهي. ظاهر آهي ته

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها جوئا محفوظ جوئا آهي. مون کي ته شڪ آهي ته بدنصيب جنرل به هن جو مقروض آهي ۽ شايد گريو به، يا شايد گريو هن سان انهيءَ ڌنڌي ۾ شريڪ آهي. هاڻ اوهين سمجهي ويا هوندا ته شاديءَ ڪرڻ هوءَ جاگيردار ۽ جاگيرداريءَ جو ڏيان پاڻ ڏي ڇڪائڻ نٿي گهري. مطلب ته هن جي موجوده حيثيت ۾ اهڙيءَ ڪنهن گڙٻڙ کان وڌيڪ ڪا شيءِ خطرناڪ ڏي نٿي سگهي. اوهين ڇو جو هن پارٽيءَ سان تعلق نه رکو، ان ڪري ممڪن آهي ته اوهان جي اهڙي ڪا غلط روش گڙٻڙ جو باعث بڻجي وڃي - خاص ڪري جڏهن هوءَ روز جنرل جي ٻانهن تي ٻانهن رکيو يا مس پالينا سان گڏ انهن عام جڳهين تي ايندي ويندي رهي ٿي. هاڻ سمجهي ويئو نه اوهين؟"

"آءٌ ڪجهه به ڪونه سمجهيس!" مون زور سان ميز تي ڌڪ هڻي چيو. ٻيرو ڊوڙي اچي پهتو ته الاهي ڪهڙي ڳالهه آهـــي.

"پر انسٽلي صاحب، هي ته ٻڌايو" مون تيزيءَ ۾ اچي چيو، "جڏهن اوهان سڄي ڪهاڻيءَ کان واقف هئا ۽ مادموزيل بلانشي جي اصليت کان به واقف هئا ته پوءِ اوهان گهٽ ۾ گهٽ مون کي يا جنرل صاحب کي يا وري مس پالينا کي ڇو نه ٻڌايو، جا مادموزيل بلانشي جي هٿ ۾ هٿ وجهي ظاهر ظهور ڪاسينو ۾ ايندي رهي آهي؟ ڇا اهڙيءَ ڳالهه کي نظرانداز ڪري سگهجي ٿو؟"

"مون کي ضرورت ئي ڪهڙي هئي، مون کي خبر هئي ته اوهين ڪجهه به ڪري نٿا سگهو." انسٽلي صاحب اطمينان سان جواب ڏنو. "ٻئي ڪندي هنن کي ڇا ٻڌايان ها؟ جنرل ته بلانشي جي باري ۾ شايد مونکان به وڌيڪ ڄاڻي ٿو ۽ ميڪجهه ڄاڻندي به هو مس پالينا سميت هن سان گڏ گهمندو رهندو آهي. جنرل ويچارو ڏاڍو بدنصيب ماڻهو آهي. مون ڪالهه بلانشي کي ڏٺو ته هوءَ گريو ۽ هن روسي شهزادي سان گڏ، هڪ خوبصورت

گهوڙي تي چڙهي وڃي رهي هئي ۽ جنرل صاحب هن جي پٺيان پٺيان پنهنجي ڪميٽ تي پئي ويو. جنرل صاحب صبح جو مون کي ٻڌايو هو ته هن کي ٽنگن ۾ سور هو، پر هو گهوڙي تي سوار بهرحال ڏاڍي اعتماد سان ويٺو هو. ان وقت مون کي خيال آيو ته هو واقعي برباد ٿي چڪو آهي. پر ميان، منهنجو ڪهڙو ڪم جو هڪ هڪ کي ٻڌائيندو وتان. منهنجي ته پالينا سان شناسائي به هاڻي ٿي آهي. بهرحال .... (انسٽلي صاحب جلدي پنهنجو ڀاڻ کي سنڀالي ورتو.) ڏسو، آءٌ ڀرين چئي چڪو آهيان ته آءٌ اوهان کي ڪي سوال ڪرڻ جو حقدار نه ٿو سمجهان. هونئن مون کي اوهان سان اُنس آهي...."

"بس سائين، بس" مون اٿندي چيو، "هاڻ مون کي هيءَ ڳالهه يليءَ پڻ معلوم ٿي وئي آهي ته مس پالينا بلانشي ڪي چڱيءَ طرح سڃاڻي ٿي، پر هوءَ پنهنجي فرينچ کان جدا ٿي نٿي سگهي ۽ يقيناً ان ڪري هوءَ هن سان گڏ ايترو گهمي ٿي. يقين ڪريو، پيو ڪوبه اثر هن کي بلانشي سان گڏ گهمڻ ڦرڻ ۽ مون کي جاگيردار جي معاملي ۾ مداخلت نه ڪرڻ جي التجا ڪرڻ تي مجبور ڪري نٿو سگهي. افسوس آءٌ ايتري ڳالهه به سمجهي نه سگهيس."

"پ-ر اوهان اهو وساري رهيا آهيو جناب ته مادموزيل ڪامنگس جنرل جي مڱيندي آهي. پيو هي ته پالينا جنرل جي اڳ جائي آهي. هن جا ٻه ٻار ٻينر آهن، جي جنرل جا پنهنجا ٻار آهن. جن جي زندگي هن چريي ماڻهوءَ رکيو پنهنجي غفلت سان خراب ڪري ڇڏي آهي."

"جي ها، بلڪل ٺيڪ آهي. ٻارن کي ڇڏڻ، هنن کي بلڪل برباد ڪرڻ جي برابر ٿيندو ۽ اتي رهڻ معنيٰ ته هنن لاءِ ڪجهه ثمر محفوظ رهندو ۽ هنن جي زندگي خوشحال گذري سگهندي. بيشڪ، اهو بلڪل ٺيڪ آهي. اوهه، هاڻ آءٌ سمجهيس ته هو ڏاڏيءَ ۾ ايتري دلچسپي ڇو وٺي رهيا آهن!"

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪنهن ۾، ڪنهن ۾؟“ ائسنلي صاحب پڇيو.

”اها ئي مايڪو واري پوڙهي، جا ڪڏهن نه مرندي، پر هي سڀ هن جي مرڻ جي تار جو انتظار پيا ڪن.“

”برابر — مطلب ته هاڻي هوءَ ئي سڀڪجهه آهي. سڀني ڳالهين جو دارومدار هن جي ملڪيت تي آهي. جيڪڏهن جنرل کي چڱو ڪجهه ملي ويو ته هو شادي به ڪندو ۽ مس پالينا کي به نجات ملندي ۽ گريو.“

”جي ۽ گريو؟“

”گريو کي به ادائيگي ڏيندي. هو ايتري لاءِ ترسيل آهي.“

”اوهان جي خيال ۾ هو صرف انهيءَ لاءِ ئي ترسيل آهـــي؟“

”ان کان وڌيڪ مون کي ڪا به خبر ڪانهي.“ ائسنلي صاحب اڳين چئي، بلڪل چپ ٿي ويو.

”پر مون کي خبر آهي، مون کي خبر آهي.“ مون زور ڏيندي چيو، ”هو خود به ان ورثي جو انتظار ڪري رهيو آهي، ڇو جو پالينا کي سندس ڏاج ملندو ۽ پئسا ملندي ئي هوءَ سندس ڳلي پئجي ويندي. سڀ عورتون اهڙيون ٿينديون آهن. خوددار کان خوددار عورت به اهڙن موقعن تي ذليل کان ذليل غلام بڻجي ويندي آهي. پالينا ته رڳو محبت ڪرڻ جي شيءِ آهي ۽ ان کان سواءِ ڪجهه به نه. هن جي متعلق ته منهنجي اها راءِ آهي ته هن کي ان وقت ڏسو وڃي جڏهن اڪيلي ئي اڪيلي سوچ ۾ پئل هجي. جڻ روز ازل کان اهو ئي هن جي مقدر ۾ اڪيل آهي ۽ هوءَ ان لاءِ ئي خلقي وئي آهي. هو زندگيءَ جون تڪليفون ڪلي برداشت ڪري سگهي ٿي. هن جا جذبات هن جي پوري وس ۾ آهن. هوءَ.... هوءَ.... پر هي ڪير مون کي سڏي رهيو آهي. مان اوچتو چوڻ لڳس. ”هي رڙيون ڪير پيو ڪري؟ مون خود ڪنهن کي ’اليگزي اوانوويچ‘ چوندي ٻڌو! ڪنهن عورت جو آواز هو. ٻڌو، ٻڌو!“

ان وقت اسين هوٽل وچي رهيا هئاسين. قهوه خاني مان نڪتي گهڻو وقت ٿي ويو هو. پر اسان کي ان جو خيال به ڪونه هو.

”ڪنهن عورت جو آواز ته مون به ٻڌو هو. پر خبر نه آهي ڪنهن کي پئي سڏيائين. روسي ٻوليءَ ۾ سڏي رهي هئي هوءَ — هاڻ سمجهيس.“ اڳسٽلي صاحب چيو، ”هوءَ ڏس، هوءَ عورت جا هيٺر معذورن واري ڪرسيءَ تي ويٺي، هتان لنگهي. او! هوءَ- جنهن کي ڪيترائي خادم مٿي ڏاڪڻ تان کنيو پيا وڃن. پنيان هيٺريون پيٽيون به پيا مٿي نين. شايد گاڏي هيٺر آئي آهي.“

”پر هوءَ مون کي ڇو پئي سڏي؟ هوءَ وري وري پيٺي سڏ ڪري. ڏسو پاڻ ڏانهن رومال لوڏي پئي.“

”ها، ها واقعي هوءَ اسان کي ئي پئي سڏي“

”اليگزي اوانووچ -! اليگزي اوانووچ! خدا رحم ڪر، عجيب ماڻهو آهين، ٻڌ ته سهي!“ هوٽل جي ڏاڪڻ تان ڪو ڇئي رهيو هو.

اسين تيزيءَ سان صدر دروازي ڏانهن وڌياسين. آءٌ جيئن تڪڙو تڪڙو ڏاڪڻ چڙهي مٿي پهتس ته حيرت کان منهنجا پير زمين ۾ کپي ويا.

——

# باب ڏهون

هوٽل جي وڏڪرين ڏاڪڻين تي پهريدارن، فرمانبردار نوڪرن ۽ نوڪريائڻين جو ميڙ اچي گڏ ٿيو هو. وڏو بيرو خود موجود هو ۽ پنهنجي معزز مهمان جو پرجوش استقبال ڪري رهيو هو، جيڪو پنهنجي ڪيترن ذاتي نوڪرن جي مٿن تي پيٽيون کڻائي آيو هو، جنهن کي معذورن واري ڪرسيءَ تي وهاري ڏاڪڻين تان چاڙهيو پئي ويو. ڇا ٿو ڏسان! مٿين ڏاڪي تي ڏاڏي ويٺي هئي!! ها هيءَ ڏاڏي هئي!!! ساڳو واري، خوفناڪ پوڙهي، دولت مند زميندار انٽوينٽا واسيلونا تارسوچ، جنهن لاءِ تار تي تار موڪلي ويٺي هئي، پر هوءَ بجاءِ مرڻ جي اوچتو اهڙيءَ طرح اچي ڪڙڪي هئي، ڄڻ ته برف جي ڪا ڇپ اچي اوچتو ڪري هجي. حالانڪ هوءَ پنجهتر سالن جي هئي ۽ هن جون ٽنگون گذريل پنجن سالن کان بلڪل بيڪار ٿي ويل هيون، تنهنڪري هن کي هرهنڌ ڪرسيءَ تي ڍوئڻو ۽ چُڪڻو پوندو هو. پوءِ به هوءَ هتي اچي پهتي هئي ۽ هميشه جيان چاق چوبند، خوش ۽ بي فڪر بنا ڪنهن سهاري جي پنهنجي ڪرسيءَ تي ويٺي، ڏاڍي اوچي ۽ تحڪمانہ انداز ۾ رڙيون ڪري، نوڪرن کي سمجهائي رهي هئي. جنرل صاحب جي ٻارن جي ٽيوٽر ٿيڻ کان پوءِ مان هن سان ٻه ڀيرا مليو هوس ۽ هاڻ ٽيون ڀيرو منهنجي سامهون هئي. هوءَ اصل ڪانہ بدلي هئي، بلڪ جهڙي پهرين هئي اهڙي هاڻ به هئي. هيءَ قدرتي ڳالهہ هئي، جو مان اتي جو اتي ڄمي بيهي رهيس. جڏهن هن کي ڏاڪڻين تي چاڙهيو پئي ويو ته هن مون کي پنهنجي تيز نظرن سان پري کان ئي ڏٺو هو ۽ سڃاتو هو ۽ منهنجو نالو وٺي سڏ ڪيائين، جو هميشه جيان هميشه لاءِ سندس ذهن ۾ وسيل هو. هيءَ اها ئي عورت هئي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن کي ماڻهن ڪفن ۾ ويڙهيل ته ڇا ۾ قبر ۾ مقتل ڏسڻ تي گهريو ته جيئن هنن کي مچي ملڪيت ملي وڃي. اوچتو هي خيال منهنجي ذهن ۾ پاسا ورائڻ لڳو ته هيءَ پوڙهي ته شايد اسان سڀني کان وڌيڪ عمر جي ٿيندي! خدا ڄاڻي هاڻ اسان جا دوست ڪيڏانهن ويندا؟ ڇا ڪندا؟ جنرل جو ڇا ٿيندو؟ هيءَ پوڙهي ته اهڙي تيز آهي جو سڀني کي نيڪ ڪري ڇڏيندي.

”چڱا ماڻهو، مون کي ائين اکيون ڦاڙي ڇو ڏسي رهيو آهين؟“ ڏاڏيءَ ٿورو وڏي سڏ چيو. ”ڇا تو ۾ ايترو اخلاق به ڪونهي، جو ڪٿي مون کي ڪيڪارين! ايترو غرور تو ۾ ڪٿان آيو آهي؟ يا ته تو مون کي سڃاتو ڪونهي؟ پرڙو ته ڪونه آهين، پتين ڇو نتو؟“ هن پنهنجي پوڙهي خانسامي ڏانهن منهن ورائي چيو، جنهن کي اڳيان ڪليل بٽڻن وارو ڪوٽ پهريل هو ۽ وار سخت پورا هئس. ”ڏٺئي! هاڻ ته هي مون کي سڃاڻن به نٿا. هي ته مون کي دفنائي چڪا هئا! تار تي تار پئي ڪيائون ته مان مئيس يا نه. مان ته ڄاڻيءَ ٿي ويهي منگ ڏيندي سان. مئا ماريا ڪٿي جا. مان سڀ ڪجهه سمجهان ٿي. ڏس چڱيءَ طرح ڏس، مان جيئري آهيان!“

”خدا جي واسطي اهڙيون ڳالهيون نه ڪر ڏاڏي! خدانخواسته تون ڇو مرين! موت اچي تنهنجي دشمن کي.“ مون پنهنجا هوش و حواس نيڪ ڪندي، خوشمزاجيءَ سان چيو. ”مان ته توهان جي اوچتي اچڻ تي حيران ٿي رهيو آهيان، اها هڪ قدرتي ڳالهه آهي....“

”ان ۾ حيرانيءَ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ مان ٽرين ۾ ويٺيس ۽ هلي آيس. ٽرين جون سيٽون ڏاڍيون آرام واريون هيون. لوڏا صفا ڪونه ٿي لڳا. تون پلا گهمڻ ڦرڻ نڪتو آهين ڇا؟“

”جي ها، آءٌ ٿورو ڪاسينو تائين ويو هوس.“

”هتي جي موسم ته نيڪ آهي؟“ ڏاڏيءَ هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي چيو ته، ”ٿوري گرمي آهي. وڻ ساوا ٿا نظر اچن.

مون کي اهڙي موسم ڏاڍي وڻندي آهي. پيا سڀ ڪٿي آهن؟ جنرل گهر آهي؟"

"ها، منهنجي خيال ۾ هينئر سيئي گهر هوندا."

"ان جي معنيٰ ته هو هتي مقرر وقت تي ايندا ويندا آهن ۽ پنهنجو پراڻو طريقو نه بدلايو اٿن! هنن ڏاڍو شان رکيو آهي. پڌو اٿم ته هڪ شاندار گاڏي به ورتي اٿن. مزي سان پيا پئسا خرچين ۽ روز سير ڏا ڪندا وتن. چا، پرامڪويا گڏ آهين؟"

"جي ها، پالينا اليگزنڊروفنا به هنن سان گڏ آهي."

"۽ هو فرينچڙو؟ خير، چڱو مان خود اتي وڃي ڏسنديس. اليگزي ايوانوويچ! تون ٿورو مون سان هلجانءِ. ڀلا تون ته هتي وٽ ٺيڪ آهين نه؟"

"الله جو فضل آهي، آئيٺوويندا وڏيسلاونا!"

"پوٽا پڇ! هن بيري کي چئي ڇڏ ته مون کي عمدو ۽ آرام وارو ڪمرو ڏياري ۽ ڏسجانءِ گهڻو ٿڌو نه هجي. هي سڀ سامان هينئر ئي ڪٿي وڃي اتي رکي اچ ۽ هي ماڻهو ڪرسي چڪڻ لاءِ ايترو منتظر ڇو آهن؟ هي اکيان اکيان سڀ ڪندا پيا وڃن؟ خدا پناهه ڏئي ـــ ڪيترا نه ذليل ماڻهو آهن هي."

هن مون کي پيهر مخاطب ڪندي پڇيو، "تو سان گڏ ڪير آهي؟"

"انسٽلي صاحب آهي."

"انسٽلي ڪير؟"

"منهنجو عزيز دوست. هي جنرل جو به واقفڪار آهي."

"شايد انگريز آهي. هي اڏين ماٺ ڪيو ڇو بيٺو آهي. شايد منهنجي متعلق ڪجهه ڄاڻي ٿو گهري. خبر نه آهي ڇا ڳالهه آهي، مون کي انگريز ڏاڍا سٺا لڳندا آهن. چڱو، خير، هاڻ مون کي هنن وٽ وٺي هل. ڪٿي آهن هو؟"

نوڪر ڏاڏيءَ جي ڦيٿن واري ڪرسي چڪڻ لڳا. آءٌ ٽڪڙو ٽڪڙو ڏاڪا چڙهي رهيو هئس. اسان جو هي مختصر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جلوس ڏاڍو دلچسپ هو. جيڪو به اسان کي مليو تي تنهن بيهي غور سان اسان کي ڏٺو ٿي. هيءَ هوٽل هڪ جڳهه جي سڀ کان وڏي هوٽل سمجهي ويندي هئي. ان جو خرچ کي شاهوڪار ئي برداشت ڪري سگهندا هئا. ڏاڍيون خوبصورت جسمن واريون عورتون ۽ معزز انگريز اسان کي ورانڊن ۽ ڏاڪڻين تي ملندا رهيا. هيٺ گهڻا ئي ماڻهو وڏي بيري ڪان، جو پاڻ به چڱو خاصو متاثر ٿي ويو هو، پڇي ڳاڇي رهيا هئا. هن هرهڪ کي اهو ئي جواب ٿي ڏنو ته ڏاڍي معزز خاتون آهي. هڪڙي ٻاهرئين ملڪ مان آئي آهي. هن ۾ نوري به ڪاوڙ ۽ تڪبر ڪونهي. هاڻ هيءَ انهن ڪمرن ۾ رهندي، جن ۾ هڪ هفتو پهرين هوءَ دولتمند بچيس (نوابياڻي) رهيل هئي. هن رعب تاب پيدا ڪرڻ ۾ ڏاڍيءَ جي تحڪمانه ۽ باوقار شخصيت جو ڏاڍو هٿ هو. جڏهن به هوءَ ڪنهن شخص سان پهرين ملي ٿي ته ان ڏانهن ڏاڍيءَ حيرت سان ڏسي، مون کان ان بابت پڇيائين ٿي. ڏاڍي جسم جي خاصي وڏي هئي. حالانڪ هوءَ معذور هئي ۽ ٽنگن جي بيجان هجڻ ڪري ڪرسيءَ تان اٿي نٿي سگهي، پر ڏسڻ وارو يڪدم سمجهي سگهيو ٿي ته قد جي ڊگهي آهي. چيلهه هن جي تختي جيان سڌي رهندي هئي ۽ هوءَ ڪڏهن به پٺيان جهڪي ڪرسيءَ جو سهارو نه وٺندي هئي. هن جو گول گول وڏو منهن پنهنجي وڪريءَ پيشانيءَ سان هميشه سڌو بيٺل هوندو هو. منڊس منهن مان بزرگي، خودداري ۽ سرڪشيءَ جا آثار ظاهر هئا. هن جي ڳالهائڻ جو نمونو ۽ ئي هرڪا ڳالهه ٻولهه بلڪل قدرتي هيون. ڏاهه نوهه جو ڏالو نشان منجهس ڪرنه هو. پنجهتر سال عمر هجڻ جي باوجود، هن جي ڇهري تي هڪ خاص قسم جي سختي هئي ۽ پنهه جا پنهه ڏند سلامت هئس. هوءَ ڪاري ريشم جو وڳو پهريل هئي ۽ متي تي آڇي ٽوپي هيس.

”ڏاڍي دلچسپ عورت آهي“ ائسٽلي صاحب منهنجي ويجهو ايندي ڪن ۾ چيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڏاڏيءَ کي ٿارن جي خبر آهي،“ مان سوچڻ لڳس.
”گريو جي به خبر اٿس. پر اڃا تائين شايد ٻلانشي جي خبر
ڪانه اٿس.“ سون پنهنجو خيال انسٽلي صاحب کي ٻڌايو.

آءٌ گناهگار بندو آهيان، سو جڏهن منهنجي پهرين حيراني
ختم ٿي ته اهو سوچي، دل ئي دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيس ته
جنرل جي مٿان هاڻ هي چڱو ڀرگڙلو ڦاٽندو ۽ آهر آءٌ به ڏسندس.
جيئن جيئن آءٌ ڏاڪڻ تي چڙهندو پئي ويس، سون ۾ جوش ۽
خوشي وڌندا پئي ويا.

اسان جا ڪمرا ٽئين منزل تي هئا. ڏاڏيءَ جو اطلاع ڏيڻ
يا در کڙڪائڻ بنان ئي سون در کوليو ۽ ڏاڏي وڏي شان سان
اندر داخل ٿي. هو سڀئي جنرل جي پڙهڻ واري ڪمري ۾ ويٺا
ڳالهائي رهيا هئا. ان وقت ٻارهن ٿيا هئا ۽ پڪ هو گهمڻ جو
پروگرام ناهي رهيا هئا. ڪن کي گاڏيءَ ۾ وڃڻو هو ۽ ڪن
کي گهوڙن تي. چند ٻين دوستن کي به دعوت ڏني هوائون.
جنرل، پالينا، ٻارن ۽ انهن جي نرس ڪان سواءِ، هن وقت گريو
گهوڙيسواريءَ جي لباس ۾ ملبوس، مادموزيل ٻلانشي، ان جي ماءُ،
بندرو شهزادو ۽ هڪ معزز جرمن جنهن کي سون اڳي ڪونه
ڏٺو هو، ويٺا هئا.

ڏاڏيءَ جي ڪرسيءَ کي ڪمري جي وچ ۾ جنرل ڪان
ٻه ٽي قدم پري رکيو ويو. ان وقت جا عجيب سنسني پيدا ٿي
هئي، ان جو منظر سون ڪان ڪڏهن به نه وسرندو. جڏهن اسين
ڪمري ۾ داخل ٿياسين ته جنرل صاحب ڪا ڳالهه ڪري رهيو
هو ۽ گريو هن جي ڳالهه کي درست ڪري رهيو هو. آءٌ هيءَ
ڳالهه ضرور چوندس ته ڪجهه ڏينهن ڪان گريو ۽ ٻلانشي جو
ڏيان ان بندري شهزادي ڏي گهڻو هو. ان وقت سڀئي ڏاڍا خوش
۽ هڪٻئي جا ويجها دوست پئي لڳا. حالانڪ هيءَ سڄي خوشي
۽ دوستي بلڪل نقلي هئي. ڏاڏيءَ کي ڏسندي ئي غريب جنرل
جو وات ڦاٽي ويو ۽ هو جيڪي لفظ ڳالهائي رهيو هو، سي نڙيءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ اتڪي پيس. اکيون ڪاٺي جون ڪليون رهجي ويس. ڏاڏي چپ چاپ جنرل کي ڏسندي رهي. پر هن جي خاموش نگاهن ۾ هڪ للڪار، چئلينج ۽ طنز هو. ڪمري ۾ هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين چپ چپات لڳي وئي. سڀئي گنگ ٿيا ويٺا هئا. اهڙي عالم ۾ هو ڏهن منٽن تائين هڪٻئي کي تڪيندا رهيا. شروع ۾ ته گريو حيرت کان ششدر ٿي ويو. اهڙو ته، چپ ٿي ويو جهڙي پٿ. پر جلد ئي منهن مان سخت پريشاني بکڻ لڳيس. مادموزيل بلانشي پرون مٿي ڪيا. وات کولياڻين ۽ ڏاڏي وحشت سان ڏاڏيءَ کي تڪڻ لڳي. شهزادو ۽ فاضل جرمن به حيرت کان سڄو منظر ڏسي رهيا هئا. پاليتا جي اکين ۾ حيرت ۽ الجهن بيدار ٿي ۽ ڏسندي ڏسندي هن جو رنگ اڇي رومال جهڙو ٿي ويو. ٻر هڪ ئي لمحي ۾ رت هن جي ڳلن کي ڳاڙهو ڪاندي جهڙو بڻائيندو سڄي منهن تي ڊوڙڻ لڳو. بيشڪ ڏاڏيءَ جي آمد هنن سڀني لاءِ هڪ اوچتي آفت ۽ هڪ آسماني قهر هو. مان پنهنجي نظرن کي ڏاڏيءَ ڏانهن ۽ پوءِ هيڏانهن هوڏانهن ڦيرائيندو رهيس. انگلي صاحب هميشه جيان ڏاڏيءَ خاموشيءَ سان هڪ طرف بيٺو هو.

”اچهو حضور، تار جي بجاءِ مان خود اچي وئي آهيان.“

ڏاڏيءَ ٺهڪ ڏيندي، ڪمري جي خاموشي کي ٽوڙيو. ”چا توکي منهنجو انتظار ڪونه هو؟“

”انٽوينڌا وٿسيلونا.... چاچي.... چا خشڪيءَ جي رستي....“

غمگين جنرل آهستي چيو. جي ڏاڏي ٿورو به خاموش رهي ها ته جنرل صاحب ڪونه ڪو استاديءَ جو هٿ ڏيکاري ڇڏي ها.

”خشڪيءَ جي رستي ڇو؟ مان ريل ۾ وينس ۽ هلي آيس. آخر ريل ڪهڙي مرض جي دوا آهي! تون ته اهو ئي سمجهي رهيو هئين ته مان مري وئي هونديس ۽ تنهنجي لاءِ دولت ڇڏي وئي هونديس؟ تنهنجي تارن جو مطلب آءٌ خوب سمجهان ٿي. خبر انٿي تارن تي تو گهڻا پئسا ضايع ڪيا آهن؟ تمام وڏي رقم ٿي ٿئي جناب! مان پاڻ هلي آيس. هي فرينچ هتي ڇا پيو ڪري؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جو نالو شايد گريو آهي؟“

”جي ها مادام.“ گريو فرينچ ٻوليءَ ۾ جواب ڏنو.
”مون کي گريو چرندا آهن. اوهان ايتريقدر نيڪ، بردبار، سنجيده ۽ جاذب نگاه آهيو، جو ديوي چرڻ تي دل پئي ٿئي. اوهان ۾ ايتري ڪشش آهي، جو ڪوبه متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهي.“

”اها ڳالهه، جڏهن تہ ڪا مون ۾ ڪشش آهي يا نه، پر تون ضرور ڀروسي آهين. چپ ڪر، مون کي توتي اصل اعتبار ڪينهي.“ اهو چوندي، ڏاڏيءَ آڱر سان بلانشي ڏانهن اشارو ڪيو. ”هيءَ ڪير آهي؟“ هوءَ سهڻي فرينچ عورت هن وقت گهوڙيسواريءَ جي لباس ۾ ملبوس هٿ ۾ چهبڪ کنيو ويٺي هئي. هن ڏاڏيءَ کي ڏاڍو متاثر ڪيو. ”هتي ٿي رهندي آهي شايد!“

”جي ها، هيءَ مادموزيل بلانشي ڪامنگس آهي ۽ هيءَ ان جي ماءُ مادام ڪامنگس آهي. هتي هن ئي هوٽل ۾ رهيل آهن.“ مون وضاحت ڪئي.

”چا شادي ٿي چڪي آهيس؟“ ڏاڏيءَ بي تڪلفانه انداز ۾ پڇيو.

”مادموزيل ڪامنگس جي شادي ڪانہ ٿي آهي،“ مون جاڻي ٻجهي نرم آواز ۾ احترام سان جواب ڏنو.

”واه“

”جي، مان سمجهيس ڪونه.“

”تون تہ هن ۾ خاصي دلچسپي وٺندو هوندين؟ چا هي روسي جاڻي ٿي؟ گويو تہ ماسڪو ۾ ٿي سگهي هئي. ڪجهه مزيو ٿي اينڌي هيس!“

”مادموزيل روس ۾ ڪڏهن به نہ رهي آهي.“ مون چيو.

”ٻڌي خوش آهين“ ڏاڏيءَ بلانشي کي مخاطب ٿيندي چيو.

”جي، دعا آهي مادام.“ بلانشي يڪدم منهن تي شرم و حيا ۽ انڪسار جا آثار پيدا ڪندي، جهڪي سلام ڪيو. هن جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهجي منهن تي ان عجيب طرز تخاطب تي حيرانگي بکي رهي هئي.
”اجهو، هيءَ ويچاري تہ شرم کان ٻڏي رهي آهي.
پنهنجو پاڻ کي نئون ويس ڏيئي رهي آهي. ڀلا اهڙيون عورتون بہ ڪڏهن لڪي سگهيون آهن؟ ائڪٽريس ڪٿي جي.“ پوءِ اوچتو جنرل کي مخاطب ڪيائين، ”مان هن ئي هوٽل جي هيٺينءَ منزل ۾ رهيل آهيان. تنهنجي پاڙي ۾ آهيان. ان مان توکي خوشي ٿي آهي يا افسوس؟“

”اوه چاچي، توکي منهنجي مسرت جو.... پرخلوص جذبات جو يقين ڪرڻ کپي،“ جنرل جواب ڏنو. هو پاڻ کي سنڀالي چڪو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍي مناسب طريقي سان پروقار انداز سان ڳالهايائين ٿي. ”اسين تہ اوهان جي بيماريءَ جي سبب ڏاڍو پريشان رهيا آهيون.... اسان اهڙيون مايوس ڪندڙ تارون وصول ڪيون ۽ هاڻ اوهان اوچتو....“

”تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين، سفيد ڪوڙ“ ڏاڏيءَ يڪدم جنرل جي ڳالھ ڪاٽي.

”پر توهان ڪيئن....“ جنرل صاحب هن جي ڳالھ ڪاٽڻ ۾ جلدي ڪئي ۽ پنهنجي آواز کي بلند ڪندي، لفظ ”ڪوڙ“ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، ”پر توهان ايڏو سفر ڇو اختيار ڪيو؟ ڀلا هن عمر ۾، هن ضعيفيءَ ۾ جڏهن صحت بہ خراب آهي.... بهرحال توهان جي هن اوچتي اچڻ اسان کي واقعي ڇرڪائي ڇڏيو آهي. پر مون کي ايتري خوشي ٿي آهي.... ۽ اسين سڀ (هو ڏاڏيءَ جي دل ۾ گهر بنائڻ لاءِ مسڪرائڻ لڳو) اسان سڀني جي ڪوشش اها ئي هوندي تہ هيءَ موسم توهان هتي آرام سان گذاريو.“

”بس ميان بس، خوامخواه جون ڳالهيون آهن. اهو سڀ ڏيکاءُ آهي. تون هميشہ وانگر بڪواس پيو ڪرين. مان خود پنهنجو وقت بهتر نموني سان گذاري سگهان ٿي. منهنجي توسان ڪابہ ڪاوڙ نہ آهي. ڪوبہ بغض نہ آهي. ڪو ڪينو نہ آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون ٻڌين ٿو ته مان هتي ڇو آئي آهيان؟ ان ۾ حيرانيءَ جي ڪهڙي ڳالهه آهي، ڇو ته معمولي ڳالهه آهي. پراسڪويا تون ڪيئن آهين هتي، ڇا پيئي ڪرين؟“

”ڏاڏي، اوهان جي طبيعت ڪيئن آهي؟“ پالينا هن ڏي ايندي چيو. ”سفر ۾ ته گهڻي دير رهڻو پيو هوندو!“

”ڏنو! رڳو هن تميز سان ڳالهايو آهي. باقي سڀئي ته رڳو آهه واهه پيا ڪن. ڏيءَ! منهنجي طبيعت واقعي خراب ٿي ويئي هئي. چوويهه ٿي ڪلاڪ کٽ تي پئي هوندي هيس. منهنجو پاڻ ته چري به ڪانه ٿي سگهيس. ڊاڪٽر تي ڊاڪٽر گهرايم. پر مار پويس مرض جي خبر ڪنهن کي ڪانه پئي پيئي. آخرڪار سينٽ نڪولس جي هڪ پادريءَ کي گهرايم. هن هڪ يوناني جو علاج رڳو گاهه جي ٻجن سان ڪيو هو. ان عورت کي به اهائي بيماري هئي. پادريءَ جي علاج مون کي به چاڪ ڪري ڇڏيو. هن جي دوا مان هي ٿيو، جو ٽيهن ڏينهن سڄو ڏينهن پگهر ايندو رهيو. پگهر جو نڪرڻ ۽ آءٌ بلڪل ٺيڪ ٿي ويس. ۽ جڏهن ٺيڪ ٿيس ته ڳالهيون ناهڻ وارن جي به گهٽتائي ڪانهي. منهنجا چند جرمن دوست پوءِ اکين تي چشما چاڙهي اچي گڏ ٿيا ۽ نصيحت ڪرڻ لڳا. چون ته 'اوهان آب و هوا جي تبديليءَ لاءِ ڪيڏانهن ٻاهر هليون وڃو ته ڏاڍو سٺو ٿيندو. مرض جا سڀ نشان ختم ٿي ويندا.' ۽ واقعي ان ۾ حرج به ڪهڙو آهي— مون سوچيو. هوڏانهن وري زارگنز جي بيوقوفن آهون پڻ شروع ڪري ڏنيون. 'اوهين ڪيڏانهن پيون وڃو؟ ڇو ٿيون وڃون!' هنن پڇيو ۽ مان هيڏانهن هلي آيس.... تياري ڪرڻ ۾ وقت ۾ وڏو هڪڙو ڏينهن لڳو هوندو. گذريل جمعي تي مون نوڪريائي، پوتاپيچ ۽ هڪ چوڪيدار فياڊر کي گڏ ڪيو. پر فياڊر کي برلن مان ئي واپس موڪلي ڇڏيم، ڇو جو مون ڏٺو ته هن جي ضرورت ئي ڪانه هئي. جي هي مون سان گڏ نه اچن ها ته مان اڪيلي به اچي سگهان ها. مون هڪ سڄو گاڏو رزرو ڪرايو هو،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مزدور ته هر اسٽيشن تي موجود هوندا ئي آهن. هنن کي چند ٽڪا ڏيو ۽ جيڏانهن چئو اوڏانهن سامان کڻايو. اڙي ها! ڪهڙا ڪمرا ورتا آهن، هان؟" هن چئني پاسي نظرون ڊوڙائيندي ڳالهه ختم ڪرڻ واري انداز ۾ چيو، "اڄڪله پئسا ڪٿان ٿا اچن. ٻڌو اٿم تو پنهنجي سڄي ملڪيت گروي رکي آهي. رڳو اڪيلي فرينچ کي ئي وڏي رقم ڏيڻي اٿئي! ڇو ٺيڪ آهي نه؟ مون کي سڀ خبر آهي. آءُ سڀڪجهه ڄاڻان ٿي."

"اوه چاچي...." جنرل گهٻراهٽ ۾ چيو. "مان حيران آهيان چاچي.... مان سمجهندو هوس ته مان پنهنجي اعمال ۾ آزاد آهيان.... ان کان سواءِ منهنجو خرچ منهنجي آمدنيءَ کان گهٽ به ته ڪونهي ۽ اسين هتي...."

"خرچ گهٽ ڪونهي! تون اهو ٿو چوين نه! پوءِ ته تو ٻڪ پارن کي پائيءَ پائيءَ کان محتاج ڪيو هوندو. هنن جو سنڀاليندڙ ٻنجيو پيو هلين؟"

"وري ساڳيون ڳالهيون، وري اهي ئي...." جنرل صاحب ڪاوڙجي چيو، "مون کي واقعي خبر ڪانه هئي...."

"چڱو ته تو کي واقعي خبر ڪانه هئي، هڪ چوري ٻي سينه زوري ۽ هي چوويهه ئي ڪلاڪ رولت جي ميزن تي ڪير پيو ڦيريون پائيندو آهي؟"

جنرل صاحب ايترو ته بي اختيار ٿي ويو، جو پنهنجي جذبات جي جوش ۾ ئي ٿو ٿو ڪرڻ لڳو. "رولت، مان.... پنهنجي هن پوزيشن ۾....! چاچي تون خود سوچ ته ڇا چئي رهي آهين؟ ائين ٿو لڳي ته اڃا تائين پريشان آهين؟"

"اوه تون ڪوڙ پيو ڳالهائين. بلڪل غلط، مون کي چڱيءَ طرح خبر آهي ته تون هنن کان جدا ٿي نٿو سگهين، هي سڀ ڪوڙ آهي. مان خود اکين مان ڏسنديس، هي رولت ڪهڙي بلا آهي. پراسڪويا اهو ٻڌائجان ۽ اهو تنهنجي ذمي آهي ته مون کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي ۽ ڇا ڇا ڏسڻو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اليگزي اوانووچ مون سان گڏ هلندو ۽ پوٽا پچ تون مشهور جگهين جي ڏسڻ جو پروگرام ٺاهي وٺ. هتي ڪهڙيون ڪهڙيون شيون ڏسڻ جهڙيون آهن؟“ هن ٻيهر پالينا کي خطاب ڪندي چيو.

”ويجهو ئي هڪ محل جا ڪنڊر آهن، تنهن جي پرسان شلنگبرگ آهي.“

”هي شلنگبرگ ڇا آهي. ڪو جهنگل آهي ڇا؟“

”جي نه، هڪ جبل آهي. ان جي هڪ اوچي چوٽي آهي؟“

”چوٽي ڇا؟“

”جبل جو سڀ کان مٿاهون سرو. اتي جهنگلا لڳل آهن. خدا جو منهن اتي ڏاڍو دلڪش منظر آهي.“

”پر جبل تي منهنجي ڪرسي ڪير کڻندو؟ ڇو!“

”ڪڍائي مزدور ملي ويندا آهن.“ مون جواب ڏنو.

ان موقعي تي نرس فدوسيا جنرل صاحب جي ٻارن سميت اچي پهتي.

”نه ٻائي، ڇمين ٻاڪرن جو ضرور ڪونهي. آءٌ ٻارن جون ڇميون برداشت نٿي ڪري سگهان، هنن جو نڪ ته هميشه وهندو پيو آهي. تنهنجو ڪهڙو حال آهي فدوسيا؟“

”اوهان جي دعا آهي،“ فدوسيا جواب ڏنو، ”هاڻ ڪهڙو حال آهي مادام! اسين ته اوهان جي ڪري ڏاڍا پريشان هئاسين.“

”مون کي خبر آهي ته تون واقعي مخلص ۽ سٺي آهين. ٻڌاءِ هت ته هر وقت مهمانن جو گوڙ متل هوندو!“ ڏاڏيءَ ٻيهر پالينا کان پڇيو، ”هي عينڪ وارو ٻڍو ڪير آهي؟“

”شهزادو نلسڪي“ پالينا آهستي چيو.

”هون ته ڪو روسي آهي، مون سمجهيو ته هو نه سمجهندو. غالباً هن ٻڌو به ڪونه. هي انگلش صاحب آهي. هن سان ته آءٌ ملي چڪي آهيان. اوهين اڃا هتي آهيو؟“ ڏاڏيءَ هن ڏي مڙندي چيو. ”اوهان جو ڪهڙو حال آهي؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿسٽلي خاموشيءَ سان جهڪيو ۽ چيائين، ”نوازش.“
”ڇا اوهان مون سان ڪونه ڳالهائيندؤ! ڪجهه ته ڇئو.“
پالينا هن کي ترجمو ڪري ٻڌاءِ.“
پالينا ترجمو ڪيو.
”ها، ها، مون کي اوهان سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي آهي.
خدا جو فضل آهي. اوهان جي صحت ته ٺيڪ آهي نه؟“ اٿسٽلي صاحب ڏاڍي سنجيدگيءَ پر حاضر دماغيءَ سان چيو. پالينا ترجمو ڪيو ۽ جيئن ٿيڻ کپي، ڏاڏيءَ کي اهو ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي.
”هي انگريز هميشه سئو جواب ڏيندا آهن،“ هن چيو،
”ان ڪري ته مون کي سٺا لڳندا آهن. انگريزن ۽ فرينچن ۾ ته ڪو مقابلو ئي ڪونهي. ڇگو ٻڌو،“ هن اٿسٽلي صاحب کي ٻيهر مخاطب ڪيو، ”آءٌ هنيئر اوهان کي پريشان ڪرڻ نٿي چاهيان. پالينا هن کي ٻڌاءِ ته آءٌ هتي هيٺينءَ منزل ۾ رهين آهيان. هي مون سان ڪنهن ٻئي وقت ضرور ملي، هتي هيٺ.“
هن پنهنجي ڳالهه ورجائيندي چيو.
اٿسٽلي صاحب ان دعوت تي ڏاڍو خوش ٿيو.
ڏاڏيءَ پالينا کي مٿان کان هيٺ ڪيئي ڀيرا ڏاڍي اطمينان سان ڏٺو.
”پراسڪويا، مون کي توکي ڏسڻ جو ڏاڍو اشتياق هو،“
هن اوچتو چيو، ”تون ڏاڍي عجيب ڇوڪري آهين. مون عزارن ۾ هڪ. وصيت نامي ۾ توکي ڪانه وساريندس، فکر نه ڪر. اڙي هي تنهنجي ڳچيءَ ۾ نقلي هار آهي ڇا؟“
”نه ڏاڏي، منهنجو پنهنجو آهي.“
”ها ها، پر مون کي نئون فيشن ڪونه وڻندو آهي ۽ تون ته واقعي سٺڻي پئي لڳين. جي مان جوان هجان ها ۽ گڏوگڏ مرد به ته تو تي عاشق ٿي پوان ها! پر ها! تون شادي ڇو نٿي ڪرين؟ ڇگو وقت ٿي ويو آهي. هاڻ مون کي وڃڻ کپي. ڇگو اجازت ڏي. سڄي ڏينهن جي سفر ٿڪائي وڌو آهي....

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي هڻ جنرل کي نڪ تي ڪاوڙ واري عادت ختم ٿي يا نه؟"

"خدا جي واسطي چاچي! اوهان ڪنهن ڳالهه تان ٻيا ڪريو!" جنرل صاحب خوش نظر اچڻ جي ڪوشش ڪندي چيو. "آءٌ سمجهان ٿو ته هڻ عمر ۾...."

"هن عمر ۾ خالي ڳالهيون ڪرڻ ۽ خيالي پلاءُ رڌڻ کان گهٽ نه آهن." گريو منهنجي ڪن ۾ آهستي چيو.

"آءٌ هتي جي هر شيءِ ڏسڻ تي گهران. ڇا تون انگريزي اوائل ڪي مون سان ڳالهائيندين؟" ڏاڏيءَ جنرل کي چيو.

"اوه، جيتري به تفريح اوهان ڪرڻ چاهيو.... پر آءٌ خود.... ۽ پالينا ۽ گريو.... اسين توهان سان گڏ هلڻ ۾ خوشي محسوس ڪنداسين؟"

"يقيناً مادام! اسان کي ڏاڍي خوشي ٿيندي." گريو دلفريب مرڪ سان چيو.

"واه واه، ڏاڍي خوشي ٿيندي. ڇو ته مون کي خبر آهي ته تون نضول ماڻهو آهين. ياد رک توکي مون وٽان هڪ ڪوڏي به نه ملندي." هن اوچتو چيو، "هاڻ آءٌ پنهنجا ڪمرا ڏسڻ تي وڃان. ان بعد ڪيڏانهن هلنداسين. ڪرسي چُڪيو!"

نوڪر ڏاڏيءَ جي معذورن واري ڪرسي چُکي رهيا هئا ۽ اسين سڀ گڏ انهن جي پٺيان هلي رهيا هئاسين. جنرل صاحب جا هوش حواس بلڪل گم هئا. گريو خبر ناهي الائي ڇا سوچي رهيو هو. مادموزيل بلانشي اتي ئي ترسڻ ٿي چاهيو، پر الائي ڇا سوچي گڏ هلي آئي. شهزادو به هن کي ڏسي گڏ هليو آيو ۽ پوءِ جنرل صاحب جي پڙهڻ جي ڪمري ۾ مادام ڪاسنگز ۽ فاضل جرمن کان سواءِ ٻيو ڪو به ڪونه رهيو.

# باب ڏھون

منھنجي خيال ۾ گرم چشمن وارن ھنڌن تي خاص طرح ۽ يورپ ۾ عام طرح ھوٽل جا بيرا پنھنجي مھمانن کي ڪمرن ڏيڻ وقت بجاءِ ھنن جي خواھشن ۽ ضرورتن جي خيال جي، پنھنجي مرضيءَ مطابق ھلندا آھن ۽ پنھنجي راءِ ۾ جيڪو ۽ جھڙو ڪمرو جنھن لاءِ موزون سمجھندا آھن، اھوئي ان جي حوالي ڪندا آھن ۽ ڪمال جي ڳالھ ھيءَ آھي تہ ھو پنھنجي انتخاب ۽ فيصلي ۾ ڪڏھن بہ غلطي ڪانہ ڪندا آھن. پر ڏاڏيءَ کي ھنن اھڙا شاندار ڪمرا ڏنا، جو سواءِ ان جي ٻيو ڇا ٿو چئي سگھجي تہ ھو پنھنجي فيصلي ۾ ڪجھ حد کان وڌي ويا ھئا. چار سينگاريل ڪمرا ۽ ھڪ وھنجڻ جي جاءِ، نوڪرن لاءِ نڌيا نڌيا ڪوارٽر ۽ نوڪريانيءَ لاءِ ھڪ ڪمرو — ھڪ ھفتو اڳ واقعي انھن ڪمرن ۾ ھڪ مشھور دولتمند ڊچس رھيل ھئي. ان حقيقت کان ڏاڏيءَ کي پوريءَ واقف ڪيو ويو ھو، تہ جيئن ھن جي نظرن ۾ ڪمرن جو قدر ۽ قيمت وڌي وڃي. ڏاڏي پنھنجي معذورن واري ڪرسيءَ تي ويھي، سڀني ڪمرن جا چڪر ھڻي رھي ھئي ۽ ھر شيءِ کي غور سان ڏسي رھي ھئي. وڏو بيرو جيڪو گنجو ھو ۽ چڱيءَ عمر جو ھو، ڏاڏي احترام سان ھن ابتدائي جائزي جي موقعي تي ڏاڏيءَ جي اڳيان ھاي رھيو ھو.

آءٌ چئي نٿو سگھان تہ ھنن سڀني ماڻھن آخر ڏاڏيءَ کي ڇا ٿي سمجھيو. ھنن جي رويي مان ظاھر ٿي اٿين پئي ٿيو جڻ تہ ھو ھن کي بيحد دولتمند خاتون سمجھي رھيا ھئا. ھنن پنھنجي روزنامچي ۾ بہ ھن جو نالو ڏاڏي شد مد سان ھيئن لکيو ھو: 'مادام شھزادي بيگم جنرل تارسو وچ' حالانڪ ڏاڏي ڪڏھن بہ

شهزادي نہ رهي هئي. غالباً هن جي ذاتي نوڪرن، ريل گاڏيءَ جي محفوظ ٿيل خاص گاڏن، گهوڙن، چمڙي جي ٿيلهن ۽ صندوقن هن جي اهميت وڌائي ڇڏي هئي. معذورن واري ڪرسي، بي ربط لهجي، تيز ۽ تند آواز، نرالا سوال، جن جي ترديد ناقابل برداشت هئي.... مطلب تہ ڏاڏيءَ جي سڄيءَ شخصيت، هن جي تحڪمانہ انداز ۽ ٻين سڀني آثارن هن جي ڌاڪ ويهاري ڇڏي هئي. ڪمري جو معائنو ڪندي ڪندي هن ڪرسي ٻيهاري، فرنيچر مان ڪو نقص ٿي ڪڍيو. وڏي ٻيري ڪان ڪو اڻنگو سوال ٿي ڪيائين، ۽ هو ويچارو ڪيس ڏسندو ٿي رهيو، پر ٻوءِ بہ اهو سوال هن لڳي ٿي ڇڏيو. دراصل هو پڻ سخت پريشان ٿي چڪو هو. پر ان ڪان سواءِ ڪري بہ ڇا ٿي سگهيو. ڏاڏي پنهنجا سوال اهڙي ٻيڪل ٽٽل فرينچ زبان ۾ ٿي ڪيا، جو آخر مون کي وضاحت ڪرڻي ٿي پئي.... وڏي ٻيري بہ ڪجهہ اعتزا ٿي جواب ڏنا، جو هوءَ گهڻو ڪري مطمئن ڪانہ ٿي ٿي. بلڪ الٽو ناراض ٿي ٿي. هي تہ آءٌ بہ چوندس تہ ڏاڏيءَ جا سوال واقعي نامناسب ۽ بي وقتا هئا. مثلاً هڪ هنڌ اوچتو هڪ ڏنڌليءَ تصوير جي اڳيان بيهي، جا ڪنهن ديومالا جي مشهور ڪهاڻي جي عڪاسيءَ جي خاطر مصور ناهي هئي، پڇڻ لڳي:

”هيءَ ڪنهن جي تصوير آهي؟“

”شايد ڪنهن ڪائونٽ جي زال هوندي،“ وڏي ٻيري جواب ۾ چيو.

”عجيب ڳالهہ آهي تون هتي رهين ٿو ۽ اها بہ خبر ڪانہ اٿئي تہ هيءَ تصوير ڪنهن جي آهي. آخر هتي ڇو رکي وئي آهي؟ هيءَ آڏين نظرن سان ڪنهن کي ڏسي رهي آهي؟“

غريب ٻيرو ان سوال جو جواب اطمينان بخش طريقي سان ڏيئي نہ سگهيو ۽ سچ پچ خاصو پريشان ٿي ويو.

”اوهہ! هتي جا ماڻهو ڪيترا نہ بي مغز ۽ ٻڌو آهن؟“ ڏاڏيءَ روسي زبان ۾ چيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخر ڏاڏيءَ کي اڳتي وڌايو ويو. بلڪل ساڳي حالت ٻرنيسدن جي هڪ مجسمي وٽ پيش آئي. پوربن تہ الاهي وقت تائين ڏاڏي هن کي ڏسندي رهي، پوءِ خدا ڄاڻي ڇو حڪم ڪيائين تہ ان کي اتان هٽائي ڇڏيو. آخر ۾ وڏي بيري کي هڪ وڏيءَ مصيبت کي منهن ڏيڻو پيو. ڏاڏيءَ خوابگاه ۾ وڇيل غاليچي لاءِ پڇيو: ”هن جي قيمت گهڻي آهي؟ ڪهڙي شهر جو ٺهيل آهي؟ ڪٿان خريد ڪيل آهي؟“ ويچارو ان کان سواءِ ڇئي ڇا ٿي سگهيو: ”ڇگو بيگم صاحبہ پڇي پڌائيندس.“

”بي وقوف ڪٿي جو.“ ڏاڏي زبان سان ڇئي رهي هئي، پر اکيون هنڌ تي ڄميل هيس. ”ڇپر کٽ تہ شاندار آهي. اي، هنڌ تہ کول!“

هنن هنڌ کولڻ شروع ڪيو.

”اڇا .... اڇا .... اڙي اڇا .... بلڪ سڄو کوليوس .... سڀ ويهاڻا ڪيو .... کيس هڪ طرف رکو .... جاهل!“ ڏاڏي مسلسل ڳالهائي رهي هئي.

هنڌ جي هڪ هڪ شيءِ ٻاهر ڪڍي وئي. ڏاڏيءَ غور سان هر شيءِ جو معائنو ڪيو.

”خير، اهو بہ سٺو آهي تہ هتي منگهڻ ڪونهن. سڀ موتي چادرون هڪ طرف رکو ۽ ڏسو منهنجي چادر ۽ ويهاڻا کٽ تي ڇگيءَ طرح پکيڙيو. هي ڪم مون جهڙي ضعيفہ لاءِ اصل موزون ڪينهي. ڪمرا ڏاڍا خراب آهن. سڄو ڏينهن اڪيلي ويٺي مکيون مارينديس ۽ پيو ڇا ٿيندو .... اليگزي اِوانو وچ، تون روز ٻارن کي پڙهائڻ کان پوءِ ۽ هونئن بہ جنهن وقت ضرورت هجيئي، مون وٽ اچجئين.“

”مون ڪالهہ ٻارن کي پڙهائڻ جو ڪم ڇڏي ڏنو آهي ۽ هاڻ هوٽل ۾ پنهنجي منهن پنهنجي خرچ سان رهندو آهيان.“ مون جواب ڏنو.

”سو وري ڇو؟“

”ڪجهہ وقت کان ڪو وڏي عهدي وارو جاگيردار صاحب پنهنجي بيگم سان گڏ برلن کان هت آيو آهي. ڪالهہ جي ڳالهہ آهي. مون قسمت جي ماريل هن سان جرمن زبان ۾ گفتگو ڪئي، پر برلن جي لب ولهجي جو خيال نہ رکيم. بس اها آهي سڄي ڳالهہ.“

”ڇگو پوءِ؟“

” ان ڳالهہ کي هن پنهنجي بي عزتي سمجهيو ۽ جنرل صاحب سان منهنجي شڪايت ڪيائين، سو ڪالهہ هن مون کي نوڪريءَ تان جواب ڏئي ڇڏيو.“

”تو ڪنهن لفظ تي زور ڏيئي ڇيو هوندو. پر اها تہ ڪا اهڙي ڳالهہ نہ آهي.“

”نہ، بلڪل نہ! بلڪ جاگيردار صاحب مون کي ڌڪ هڻڻ لاءِ ڏنڊي بہ الاري هئي.“

”او بيهودا، تو پنهنجي ٻارن جي استاد سان اهڙي سلوڪ کي برداشت ڪيئن ڪيو؟“ ڏاڏيءَ اوچتو جنرل کي مخاطب ڪندي چيو، ”بلڪ هن کي پاڻ وٽان بہ ڪڍيئي. ٻُڍو، توهين سڀ ٻُڍو آهيو.“

جنرل صاحب ڏاڍي انڪسار سان چيو، ”چاچي، اوهان ڇو ائيون خوامخواہ پريشان ٿيو. ان ڳالهہ سان اوهان جو ڪهڙو تعلق؟ مان ڄاڻان منهنجو ڪم ۽ هونئن بہ اليگزي اِوانووچ صحيح واقعو ڪونہ ٻڌايو آهي.“

”۽ تو بہ هيءَ بي عزتي برداشت ڪئي!“ ڏاڏيءَ مون کان پڇيو.

”نہ محترمہ مان تہ جاگيردار سان ڳالهيون ڪرڻ تي گهريون“. مون نهايت صبر ۽ سڪون سان جواب ڏنو. ”مون کي تہ ڪنهن جهيڙي جي بہ پرواهہ ڪانہ هئي پر جنرل صاحب ان جي بہ مخالفت ڪئي.“

”تو مخالفت ڇو ڪئي؟“ ڏاڏيءَ جنرل کي چيو، ”ڇگو

هاڻ تون وڃي سگهين ٿو. خوشخواه وات ڦاڙي ٻيهڻ جي ڪهڙي ضرورت. ڏند ڇو پيو ڪرڪائين؟ ڪونڇي پيو ڇا! مون کي فضول ميڙ ڪرڻ وٽي، وڏي ٻيري کي متوجه ڪندي هن چيو.

هن سلام ڪيو ۽ ڏاڏيءَ جي ڳالهه جو مطلب سمجهڻ بنا سلام ڪندو هليو ويو.

”چاچي! ايمان سان تو چوان ته جهڳڙي جو سوال ئي پيدا نٿي ٿيو.“

”سوال ڇو نٿي پيدا ٿيو. مان ته مڙدن کي ڪکڙ سمجهندي آهيان. ان لاءِ هنن کي هميشه وڙهندو رهڻ گهرجي. توهين پڏو آهيو. توهين ماڻهو پنهنجي هموطنن جي حمايت به نٿا ڪري سگهو. اها به ڪا زندگي آهي. ڏس پوٽا پڇ مون کي متي وني هل، ٻه خادم جهل، ٻن ڪان وڌيڪ ضرورت ڪانهي. مان رڳو ايترو ٿي چاهيان ته هو ڪرسي چڪيندا رهن. شرط هي ته جيڏانهن مان ويندس، هنن کي گڏ هلڻو پوندو. هنن کي بي شڪ اڳوات پگهار ڏيڻي پوندي وڌيڪ خوشيءَ سان ڪم ڪندا. تون به هميشه مون سان رهندو ڪر ۽ اليگزي اوانووچ! تون به. جڏهن ٻاهر هلون ته مون کي به اهو جاگيردار ڏيکارجانءِ. آءٌ به ته ڏسان ڪير آهي هو! ها هو رولت جو جوئا خانو ڪٿي آهي؟“

مون پڏايومانس ته رولت جون ميزون ڪاسينو ۾ چند ڪمرن ۾ آهن. هاڻ وري هميشه جيان سوال شروع ٿي ويا، ڇا رولت جون ميزون گهڻيون آهن؟ هتي ڇگا ماڻهو کيڏندا آهن؟ ڇا هتي سڄو ڏينهن جوئا ٿيندي آهي؟ کيڏڻ جو طريقو ڪهڙو آهي؟ آخرڪار مون تنگ ٿي چيو، ”هتي ويٺي ويٺي سيکجهه ٻڌائڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي، اوهين پاڻ اکين سان ڏسنديون ته چڱيءَ طرح سمجهي وينديون.“

”هل ته پوءِ هنيئر ئي ٿا هلون. اليگزي! ات، دير نه ڪــــر.“

”اوهان سفر ۾ ٿڪجي پيون هونديون، هنئر آرام ڪريو،

پوءِ ڏنو ويندو،“ جنرل صاحب جيءَ نه ڪنهن مونجهاري ۾ اچي ويو هو.

اصل ۾ جنرل صاحب نه بلڪ هو سڀ تنگ ٿي چڪا هئا ۽ جلد جلد هڪٻئي ڏانهن ڏسي رهيا هئا. شايد هنن ڏاڏيءَ جو جوئا خاني ۾ وڃڻ ۽ انهن ظاهر ظهور وڃڻ هڪ وڏو خطرو ٿي سمجهيو! ممڪن آهي ڏاڏي اتي ڪنهن جي بي عزتي نه ڪري وجهي. پوءِ به (مجبوري سمجهي) هو سڀ اتي وڃڻ لاءِ تيار ٿيڻ لڳا.

”نه مان ٿڪي ڪانه آهيان. مون کي آرام جي ڪابه ضرورت نه آهي ۽ انهن وٺي ويئي، گاڏيءَ ۾ ۽ هتي ٿي ڏيئهن ٿي ويا آهن. پهرين جوئا خاني تا هلون. پوءِ پائيءَ جي چشمي تي ۽ گرم چشمن تي به هلنداسين. آهي ڪٿي آهن؟ ان ڪان پوءِ هتي ـــ هتي ـــ ڇا چيو هو تو پراسڪوبا چوٿي؟“

”جي ها.“

”چوٿيءَ تي هلنداسين، پهو ڇا آهي هتي؟“

” ڏاڏي ، هتي گهڻيون ئي شيون آهن . اوهان کي سڀ ڏيکاريندا سين،“ پالينا چوڻ جي ڪوشش ڪئي.

”تون به ته اسان سان گڏ هلنديءَ نه؟ تو به شايد هتي جون عمارتون ڪونه ڏٺيون آهن؟“ ڏاڏي پنهنجي خادم کي چيو.

”پر هن کي وٺي هلڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟“ جنرل پريشانيءَ وچان چيو، ”منهنجي خيال ۾ ته پوتاپچ کي ڪاسينو ۾ گهڙڻ ڪونه ڏيندا.“

”بڪواس آهي. مان هن ويچاريءَ کي رڳو انڪري ڇڏي هلان، جو هيءَ نوڪرياڻي آهي؟ آخر هيءَ به ته انسان آهي. هڪ هفتي کان مون سان پيچ وانگر چهٽي پئي آهي. هن کي به دل آهي . هي به ته شهر ڏسڻ چاهيندي هوندي ، هيءَ ويچاري مون کان سواءِ ڪنهن سان ٿي وڃي سگهي؟ هيءَ پنهنجي منهن ته گهمڻ ۾ به نٿي وڃي سگهي.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پر ڏاڏي....“

”آخر توکي ايڏو شرم ڇو پيو اچي؟ جي پنهنجي وقار جو ايڏو خيال اٿئي، ته اسان سان نه هل، توکي ڇوٿي ڪير ٿو؟ تون جنرل آهين. مان به ته جنرل جي بيگم آهيان. آخر توهان سڀني کي مون سان گڏ هلڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ مان اڪيلي اوانو وڃي سان گڏ هلي وينديس.“

پر فرينچ اصرار ڪرڻ لڳو ته اسان کي هن وقت ڏاڏيءَ سان گڏ ضرور وڃڻ کپي ۽ خود ئي هن سان گڏ وڃڻ جي خوشيءَ کي شاعرانه انداز ۾ بيان ڪرڻ لڳو. آخرڪار سڀئي هلڻ لاءِ تيار ٿي وياسين.

هلندي وقت گريو آهستي جنرل جي ڪن ۾ چيو، ”هي سڀ خالي ڳالهيون آهن. گهٻراءِ اصل نه. هي ته رڳو اجائي بڪ بڪ آهي....“ ان کان وڌيڪ آءٌ ٻڌي نه سگهيس. البته ان مان اهو ضرور ظاهر ٿي ٿيو ته هو پراميد آهن، بلڪ شايد سندس کي اميدون پوريون ٿي رهيون هيون.

ڪاسينو اتان اٽڪل اڌ ميل جي فاصلي تي هو. رستو شاه بلوط جي وڻن جي وچان ٿي لنگهيو، رستو ٽپي هو سڀ ڪاسينو وچي پهتا. جنرل صاحب ٿورو مطمئن نظر اچي رهيو هو، ڇو جو هي مختصر جلوس ڏاڍو بي ترتيب هجڻ جي باوجود شاندار ۽ نمائشي لڳي رهيو هو ۽ واقعي ان ۾ حيرانيءَ جي ڳالهه ٿي ڪهڙي هئي! هڪ معذور پوڙهي، جا خود هلي چري به نه سگهي، ڪاسينو هلي ٿي اچي، پر ته به جنرل صاحب ڪاسينو وڃڻ کان ڪجهه ڊنو پئي. شايد هن کي هي خيال پئي ٿيو ته آخر هڪ معذور پوڙهيءَ کي، جا خود هلي ڦري به نٿي سگهي، جوئا خاني ۾ وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي! مس پالينا ۽ مادموزيل بلانشي ڪرسيءَ جي ٻنهي طرفان هيون. مادموزيل بلانشي هميشه جيان ٺهڪ ڏيئي رهي هئي ۽ ڏاڏيءَ جي دل ۾ گهر ڪرڻ لاءِ ڏاڍيون مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪري رهي هئي. جنهن جو نتيجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي ڏيو تہ ڏاڏي هن کي ڪجهہ قدر پسنديدگيءَ جي نگاہ سان ڏسڻ لڳي. هوڏانهن وچاري پالينا ڏاڏيءَ جي بي شمار سوالن جا جواب ڏيڻ ۾ مشغول هئي. ’هي هنيئر ڪير لنگهي ويو؟ هيءَ عورت ڪير هئي؟ ڇا، هي وڏو شهر آهي؟ ڇا، هي باغ وڏو آهي؟ هي تاريون ڪهڙيءَ شيءِ جون آهن؟ ڇا، هو سامهون جبل آهي؟ ڇا، هتي عتاب بہ ڏيندا آهن؟ هوءَ سامهون پڳهل ڇت ڪنهن جي جاءِ جي آهي؟‘ اهڙي قسم جا عجيب و غريب سوالن جا جواب پالينا تہ ڇا، ڇڳن ڇڳن جا دماغ خراب ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. ائسٽلي صاحب منهنجي پاسي ۾ هو. اوچتو ڇوڙ لڳو تہ صبح کان ٿي مرنکي ائين ٿي لڳو تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ٿيندو. پوتا پچ ۽ خادم ڪرسيءَ جي پٺيان هلي رهيا هئا. پوتا پچ کي هڪ سيرو ڊگهو ڪوٽ پيل هو. گچي ۾ اڇي ٽاءِ ۽ مٿي تي ڪاري ٽوپي پيل هئس. خادم هڪ چاليهن سالن جي ڳاڙهي ڇهري واري عورت هئي، جنهن جو رنگ روز بروز پورو ٿيندو پئي ويو. هن کي هڪ موتي ڪوٽ، ٽوپي ۽ پڪريءَ جي ڪل جو ڇيڪت ڪنڊ ڦ سليپر پيل هو، ڏاڏيءَ ڪنهن ڪنهن مهل مڙي هنن سان ڳالهايو پئي. گريو اطمينان ۽ آرام سان ڳالهيون ڪري رهيو هو. غالباً هو جنرل کي پيهر تسلي ڏيئي رهيو هو يا وري ڪا صلاح ڏيئي رهيو هوس. پر ڏاڏي هي خطرناڪ جملو پهرين چئي چڪي هئي. ”مان توکي هڪ پئسو بہ نہ ڏينديس“ هي اعلان گريو لاءِ حيرت انگيز ثابت ٿي سگهيو ٿي. پر جنرل پنهنجي چاچيءَ کي چڱيءَ طرح سڃاڻندو هو. هڪ خاص ڳالهہ مون هيءَ ڏٺي تہ مادموزيل بلانشي ۽ گريو هر هر هڪٻئي کي معنيٰ خيز نگاهن سان ڏسي رهيا هئا. مون ڏٺو تہ شهزادو ۽ هو فاضل جرمن رستي جي آخري موڙ تي بيهي رهيا هئا ۽ وري ٻئي طرف وڃڻ لڳا.

اسان جو ڪاسينو تي پهچڻ وارو منظر بہ ڏسڻ وٽان هو. نوڪرن چاڪرن جي هجوم جي ڪري هت بہ اها ئي حالت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنڌا ٿي جيڪا ان کان اڳ هوٽل ۾ ٿي هئي. ڪاسينو جا ڪارندا ۽ عام شوقين اسان کي ڏاڍي حيرت سان ڏسي رهيا هئا. ڏاڍيءَ حڪم ڏيڻ شروع ڪيا ته ڪيس سڀ ڪمرا ڏيکاريا وڃن. ڪن جي هن تعريف ٿي ڪئي ۽ ڪن کي معمولي ٿي چيائين. هونئن سوال هر ڪمري لاءِ ٿي ڪيائين — پوءِ چاهي اهو سٺو هجي يا معمولي. آخرڪار اسين رولٽ واري ڪمري ۾ پهتاسين. نوڪر، جيڪي پهريدارن جيان درن تي بيٺا هئا، تن يڪدم دروازا کوليا. اڳين پٺي لڳو چڻ هو به ڪافي متاثر ٿي چڪا آهن.

رولٽ جي ميز تي ڏاڍيءَ جي اچڻ ڏاڍو اثر وڌو. رولٽ جي ميزن تي ۽ ڪمري جي ٻين ڪنڊن ۾ جتي شرط هڻي کيڏڻ واري ميز پئي هئي، ڏيڍ سؤ کن جوئارين جو هجوم هڪٻئي تي مٿيو بيٺو هو. اهي ماڻهو، جن ميز جي بلڪل ويجهو ٿي جڳهه حاصل ڪئي، تن اوستائين اها جڳهه نٿي ڇڏي جيستائين سڀئي پئسا نٿي هارايائون. سيٺي تماشائين کي ميز سان گڏ بيهڻ ۽ جڳهه حاصل ڪرڻ جي موڪل نه هئي. حالانڪ ميز جي چوڌاري ڪافي ڪرسيون وڇايل هيون، پر جڏهن هجوم گهڻو هوندو هو ته تمام گهٽ جوئاري انهن تي ويهندا هئا. ڇو جو ان وقت هو بيهي اهو سڄو منظر ڏسي سگهندا هئا ۽ داءُ هڻڻ ۾ سولائي ٿيندي هين. پٺي ۽ ٽئي قطار ۾ ويٺل جوئاري پنهنجي واري جي انتظار ۾ پهرينءَ قطار وارن تي اٿليو ٿي پيا. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن تيز جوئاريءَ ٻيءَ قطار سان ئي هٿ وڌائي ٿي داءُ لڳايو. ڪڏهن ڪڏهن ته ٽين قطار مان به ڪو ٽپو ٿي آيو. ان جو نتيجو هيءُ ٿي نڪتو، جو ڪنهن نه ڪنهن ڪنڊ ۾ جهڳڙو ٿيو ٿي پيو. هن ڳالهه جي سيٺي کي خبر هئي ته ڪاسينو جي پوليس ڏاڍي تيز آهي، پر هيءَ ڳالهه به ته ڏسڻ جي آهي ته آخر مجمعي تي ضابطو ڪهڙيءَ طرح ٿو رکيو وڃي؟ پوءِ مالڪ به ته انهيءَ ۾ خوش هئا ته گهٽي ڪان گهڻو ميڙ ٿئي ته جيئن کين به نفعو ٿئي. ان ڪري هنن اٺ خزانچي ميز تي ويهاري

ڇڏيا هئا، جن غور سان داءَ تي ڏنا ۽ کٽيائون ٿي. جي ڪو جهيڙو ٿي پيو ته، پاڻ ڏي ٿي اهو چڪايائون. جي جهيڙو قابوءَ کان ٻاهر نڪري ٿي ويو ته يڪدم پوليس کي ٿي گهرايائون ۽ چند ئي لمحن ۾ معاملو رفع دفع ٿي ٿي ويو. پوليس جا چند آفيسر عام لباس ۾ جوارين جي وچ ۾ ئي ويٺا هوندا هئا، جنهنڪري ڪوبه ڪين سڃاڻي نه سگهندو هو. هو گهڻو ڪري چورن ۽ گنڍيڇوڙن جي ڳولا ۾ رهندا هئا، جيڪي رولٽ جي ميزن تي اڪثر گڏ ٿيا ويٺا هوندا هئا. ان ڪري جو هتي ڪين پنهنجي فن جا ڪرتب ڏيکارڻ جا گهڻا ئي موقعا ٿي مليا. حقيقت هيءَ آهي ته ٻئي هنڌ چور ڪنهن جو کيسو ڪتريندي يا ڪنهن جو تالو ڀڃندي پڪڙجي پوي ته هن کي ڏاڍيءَ مصيبت کي منهن ڏيڻو ٿو پوي. پر هتي رڳو ايترو ڪرڻو پوندو اٿن ته ڪليو ڪلايو رولٽ جي جوئا جي ميزن تي وڃي ويهن ۽ ڪنهن واري جا پئسا کڻي چون ته، هي اسان جا آهن. جي ڏسڻ وارن جي اک ٽڙي وڃي ۽ هو ٿورو پاڻ به هوشياريءَ کان ڪم وٺن ته گهڻو ڪري رقم کڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن. ان صورت ۾ رقم گهٽي نه هوندي آهي. رڳو هي ٿيندو آهي ته خزانچي يا ڪو رانديگر اڳتي لاءِ هنن کي نظر ۾ رکي ڇڏيندو آهي. رقم گهٽي نه هجڻ جي صورت ۾ ته ڪڏهن اهي به ٿيندو آهي ته اصلي مالڪ ئي ان تان هٿ کڻي ڇڏيندو آهي ۽ ان بدمعاش سان نه اٽڪڻ جي خيال کان چپ ٿي ويندو آهي. پر جڏهن ڪنهن چوريءَ جي واقعي جي خبر پوندي آهي ته سڀ ماڻهو ملي چور کي موچڙا هڻي ٻاهر ڪڍي ڇڏيندا آهن.

مطلب ته ڏاڏي اهو سڀڪجهه غور سان ڏسي رهي هئي. جڏهن هڪ چور کي ڪڍي ٻاهر ڪيائون ته هن کي ڏاڍي خوشي ٿي. جنهن ميز تي شرطون لڳايون آهن سا به هن ڏٺي، پر اها راند ڪانه وڻيس. هن کي رولٽ ئي ٺيڪ لڳي رهي هئي. خاص ڪري اها ننڍي گولي، جا هر هر چڪري ۾ ڦري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي هئي، هن جي توجهه جو مرڪز بڻجي ويئي. جيئن ڏي هن اها رانـد ڏسڻ جي خواهش ڪئي، خبر ناهي ته ڪهڙيءَ طرح خدمت گارن ۽ فضول ماڻهن (جيڪي گهڻو ڪري پولستاني هئا ۽ پنهنجي رقم هارائڻ بعد خواه مخواه پڻ رئيس رانديگرن جي خدمت لاءِ هر وقت تيار رهندا هئا) يڪدم بي پناه رش جي باوجود ڏاڏيءَ کي وني وچي ميز جي وچ تي وڏي خزانچيءَ وٽ جڳهه ڏيـاري. سڙي جي ڳالهه هيءَ آهي ته هوءَ پنهنجي ڪرسيءَ تي ويٺي رهي ۽ اها ڪرسي ڇڪي نيئي اتي ويهاري ويئي. ڪجهه ماڻهو، جي جوئا کيڏڻ نه آيا هئا، پر رڳو ڏسڻ آيا هئا، رانديگرن جي پٺيان بيٺي ڏاڏيءَ کي ڏسڻ لڳا. بي شمار عينڪن جو رخ ڏاڏيءَ جي طرف ٿي ويو. خزانچين کي ڪجهه بي اميد به ٿيڻ لڳي. اهڙي قسم جي نرالي پوڙهيءَ جو جوئا جي ميز تي اچڻ واقعي هڪ نرالي ڳالهه هئي. ستر سالن جي پوڙهي جا خود هلي به نه سگهي، جوئا کيڏڻ چاهي! واقعي اهڙي ڳالهه هئي، جا نه ڪنهن ڏٺي نه ٻڌي. گهٽ ۾ گهٽ هتي ته ڪڏهن به نه ٿي هئي. ماڻ به ڪنهن نه ڪنهن طرح ميز وٽ پهتس ۽ ڏاڏيءَ جي پٺ ۾ وڃي بيٺس. پر پوٽا پچ ۽ نوڪرياڻي ويچاري گوڙ ۾ ٿي ڪٿي گم ٿي ويا هئا. جنرل، پالينا، گريو ۽ بلانشي، ميڙ ۾ بيٺا هئا.

ڏاڏيءَ پهرين ته غور سان هڪ هڪ رانديگر کي ڏسڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ مون کان هميشه وانگر پڇڻ شروع ڪيائين: هو پاڻي ڪير هو؟ هيءَ ماڻي ڪير هئي؟ وغيره. هوءَ خاص طرح ان نوجوان کان ڏاڊي خوش پئي نظر آئي جيڪو ميز جي ٻئي ڪناري تي ويٺو هو ۽ وڏين وڏين رقمن جا داءَ هڻي رهيو هو. هڪ هڪ بازيءَ تي هزار هزار ٿي هنيائين ۽ ماڻهن جي سُس ڦس مان خبر ٿي پيئي ته چاليهه هزار فرانڪ کٽي چڪو هو، جيڪي هن جي اڳيان سڪن ۽ بينڪ جي نوٽن جي صورت ۾ پيا هئا. هو ڇمڪيو پئي. هاڻ هو ڳڻڻ بنان مٺيون ڀري ڀري داءُ لڳائي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو هو، ڪٿي رهيو هو ۽ پئسا ميڙي رهيو هو. خدمت گار وڏي شوق سان هن جي چوڌاري ويٺا هئا. هنن ان ڪرسيءَ جي چئني ئي پاسي جڳهه خالي ڇڏي ڏني هئي ۽ جيڪڏهن ڪو به آيو ٿي ته ان کي هٽائي ٿي ڇڏيائون، ته جيئن ميز تي ٿئي ۽ هو آرام سان داءُ هڻي سگهي. هيءَ سڄي عزت ۽ خاطرداري رڳو چند ٽڪن جي ڪري هئي. اصل ۾ هي چند ماڻهو کٽڻ کان پوءِ خدمتگارن کي انعام ڏيندا آهن. هڪ پولستاني هن جي ڀر ۾ وڃي ويٺو ۽ آهستي آهستي ڪجهه چيائين به پئي ته جيئن پوءِ ڪجهه پيسا ملي وڃي. پر هن ڪو ڌيان ئي ڪونه ٿي ڏنو ۽ وڏا وڏا داءَ هڻي کٽيندو رهيو. ائين پئي معلوم ٿيو ته ڄڻ هن کي خود به خبر ڪانه هئي ته ڇا ڪري رهيو آهي.

ڏاڏي ڪجهه وقت تائين هن کي ڌيان سان ڏسندي رهي.

"هن کي چئو،" ڏاڏيءَ ٿوري جوش ۾ ايندي مون کي ٺونٺ هڻي چيو، "هن کي چئو ته راند ڇڏي پئسا کڻي يڪدم هليو وڃي، نه ته سڀ پئسا هارائي ويهندو." وري ٿورو ڪاوڙ جي رڙ ڪرڻ واري انداز ۾ چيائين، "پيرتا پچ ڪٿي آهي؟ ڪيڏانهن مري ويو ڪمبخت! اڙي يڪدم راند ڇڏي ڏي!" هن کان رهيو ڪونه ٿيو سو پاڻ هن جوان کي سڌو چوڻ لڳي.

مون جهڪي التجا ڪئي ماڻس ته خدارا هتي ائين رڙيون نه ڪريو. هتي زور سان ڳالهائڻ به منع آهي. ڇو جو انڪري گٽپ ۾ پيل ٿيڻ پوي. جي توهان ماٺ نه ڪئي ته اسان کي هينئر ئي ڪڍي ٻاهر ڪندا."

"تو کي تڪليف ڇو پئي ٿئي. هو وڃارو مفت ۾ تباهه ٿي ويندو. پنهنجي پير تي پاڻ پيو ڪهاڙي هڻي. اف! مون کان ڏٺو نٿو ٿئي. مون کي ته مونجهه پئي ٿئي." ڏاڏيءَ منهن ٻئي طرف ڦيرائي چيو.

ميز جي ٻئي طرف ڪنڊ تي هڪ سهڻي صورت واري جوان عورت ويٺي هئي، جنهن جي پاسي ۾ هڪ چمڙي قسم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ماڻهو ويٺو هو، اهو ڇا مڙو ڪير هو؟ ان جو عورت سان ڪهڙو تعلق هو؟ ڇا هن کي رگڙ پهن تي اثر وجهڻ لاءِ آندو ويو هو؟ ان جي باري ۾ مون کي ڪابه خبر نه آهي. ها مون ان عورت کي پهرين به اتي ڏٺو هو. هوءَ روز نيڪ هڪ وڳي اتي پهچي ويندي هئي ۽ پنج وڳي هلي ويندي هئي. يعني صرف هڪ ڪلاڪ کيڏندي هئي ڪيس هتي جا ماڻهو چڱيءَ طرح سڃاڻندا هئا. ننهنڪري هن لاءِ يڪدم ڪرسي لڳائي ويندي هئي. هن ڪيسي مان ڪجهه سونا سڪاءِ هزار فرانڪ جا نوٽ ڪڍيا ۽ ڏاڍي غرور سان داءُ لڳائڻ لڳي. هوءَ داءَ هڻڻ کان پهرين هميشه ڪاغذ جي هڪ ٽڪري تي پنسل سان غالباً اهي انگ لکندي هئي، جن تي داءَ هڻڻ مان ڪاميابيءَ جي اميد تي سگهي ٿي. هوءَ هميشه وڏين وڏين رقمن جون بازيون هڻندي هئي ۽ گهڻو ڪري هميشه کٽندي هئي. هڪ ٻه يا ٽي هزار فرانڪ پر ان کان وڌيڪ نه. پوءِ کٽڻ بعد يڪدم واپس هلي ويندي هئي. ڏاڍي هن کي ڪافي وقت تائين غور سان ڏسندي رهي.

”هوءَ عورت ڪير آهي؟ ڏس هوءَ نه هارائيندي، هوءَ ڪڏهن نٿي هارائي سگهي. تون سڃاڻينس؟ هيءَ ڪهڙي طبقي سان ٿي تعلق رکي؟“

”ڪا فرينچ پئي لڳي، ڪنهن چڱي طبقي جي ٿي هوندي.“ مون آهستگيءَ سان چيو.

”اسين ته اڏرندڙ پکيءَ کي سڃاڻيو وٺون. ياد رک هيءَ ڏاڍي ظالم عورت آهي. هن جي ڦندي مان ڪوبه بچي نٿو سگهي. چڱو، هاڻ تون مون کي ٻڌاءِ، داءَ تي شرط ڪهڙيءَ ريت هڻي ويندي آهي؟“

بازي هڻڻ ۽ داءَ لڳائڻ جا مختلف نڪتا ۽ انهن انگن اکرن جو باريڪيون جيتريون به مان سمجهائي سگهيس ٿي، نهايت تفصيل سان کيس سمجهايم. گڏوگڏ جوڏا متعلق پنهنجو نظريو به ٻڌايومانس ته ڊپ ۾ هار ۽ همت ۾ جيت هوندي آهي، وغيره.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڏي منهنجيون ڳالهيون ڏاڍي غور سان ٻڌي رهي هئي ۽ ياد رکڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. جڏهن به ڪا ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه ٿي آيس يڪدم ٻيهر سوال ٿي ڪيائين. ائين ٿي لڳو ڄڻ ته هوءَ ان فن جي ماهر ٿي ٿيڻ چاهيو. آءٌ هڪ هڪ نڪتي ۽ باريڪيءَ کي سمجهائڻ لاءِ ڪيئي مثال ڏئي رهيو هوس، ته جيئن هوءَ جلدي گهڻو ڪجهه سکي وڃي.

”۽ هن ٻڙيءَ جو مطلب ڇا آهي؟ ڏس، اڃا هينئر هن گهنگرو وارن واري خزانچيءَ ٻڙي ڇني هئي؟ ۽ ميز جا سڀ پئسا ڇو سوڙيائين؟ ڇا، هي سڀ هن جا پنهنجا ٿيندا. مان ان جو مطلب ڪانه سمجهيس؟“

”ڏاڏي! ٻڙيءَ جو مطلب آهي ته هيءُ داءُ بئنڪ کٽيو آهي. ڪٽيل سڄو پئسو بئنڪ جو ٿيو. جي ڪولي ٻڙيءَ جي انگ تي وڃي بيهي ته ميز جا سڀ پئسا بئنڪ ۾ هليا ويندا آهن. ٺيڪ آهي. اوهين پنهنجو پئسو بازيءَ ۾ انهيءَ ئي انگ تي لڳائي سگهو ٿيون. پر بئنڪ ڪنهن کي واپس نه ڏيندي آهي.“

”اهڙي ڳالهه مون کي نه ٻڌاءِ، ته ڇا مون کي ڪجهه به نه ملندو؟“

”پر ڏاڏي! هن کان ٿوري دير پهرين جي تو ٻڙيءَ تي داءُ هنيو هجي ها، ته پنهنجي رقم کان پنجٽيهوڻي رقم ملي ها.“

”واقعي! پنجٽيهوڻي ۽ واقعي هي انگ نڪرندو به آهي؟ ته پوءِ ماڻهو ٻڙيءَ تي داءُ ڇو نٿا هڻن، صفا ڪي بي وقوف ٿا ڏسجن!“

”ان لاءِ ڏاڏي، جو ان جي مخالف ڇٽيهه امڪان هوندا آهن.“

”واڙي ڇڏ، اها به ڪا ڳالهه آهي. پوٽاپچ ٿورو هيڏانهن اچ. هن وقت مون وٽ به ته پئسا آهن.“ هن کيسي مان ٻٽون ڪڍيو ۽ هڪ فيڊرڪ ڪڍي ڇيائين، ”يڪدم ٻڙيءَ تي هڻ.“

مون ڇيو ماس، ”ڏاڏي ٻڙيءَ جو انگ نه اچا هائي نڪتو

آهي، ٿوري دير ترسي داءُ هڻو. هاڻ ته گهڻيءَ دير تائين نه نڪرندو. ٿورو انتظار ڪريو، نه ته هارائينديون.“

”ڇريا ڪٿي جا، آءٌ ڇوانءَ ٿي يڪدم هڻ.“

”جيئن اوهان جي مرضي، پر هي شام تائين نه نڪرندو. ڀلي اوهين ڪٿي هزار داءَ لڳايو. هميشه اهو ئي ٿيندو آهي، ان جو قاعدو به اهو آهي.“

”توبه توبه، تو ڪي ڪهڙي اڇي پٽي آهي. ڇا، مون هارايو آهي، جو ڀيرين ڪان ماتم ڪٿي وڌو اٿئي! چڱو داءُ هڻ.“

مون داءَ هنيو، پر هارايوسين. پٺي فيڊرڪ تي به اسان هارايو. تنهن فيڊرڪ تي داءُ هنيم. ڏاڏي پنهنجي ڪرسيءَ تان هڪ مريضڻ واريءَ ڏکوئيل نظرن سان ڦرندڙ گوليءَ ڪي ڏسي رهي هئي. هن ٽيون فيڊرڪ به هارايو. جڏهن خزانچيءَ ٻڙيءَ جي بجاءِ زور سان نمبر ڇهه ڇيو، ته ڏاڏي ڪاوڙ ڪان ڪڙن مان ٿي نڪري ويئي ۽ پنهنجيءَ ٿي تيزيءَ ۾ زور سان ميز تي مڪ هنيائين.

”مان به ڏسان ٿي، ڪيئن نٿي اڇي ٻڙي. مري ويندي، پر جيستائين ٻڙي نه نڪرندي، هتان نه اٿنديس. هي سڀڪجهه ان گهنگرو وارن واري خزانچيءَ جو ڪيل آهي، هو ڪمبخت ڪڏهن به ٻڙي نڪرڻ نه ڏيندو، ڇو ته ٻڙيءَ تي داءُ هڻندو رهه. ياد رک، جي ڪٽيم ته به تو کي ڪجهه نه ملندو،“

”اوهان به ڪهڙيون ڳالهيون ٿيون ڪريو ڏاڏي.“

”جلدي ڪر، داءُ هڻ، هي تنهنجا پئسا ڪونهن، جو منجهين پيو.“

مون به فيڊرڪ لڳايا. گولي ڀيرين ته آهستي آهستي گهري ۾ ڦرڻ لڳي، پوءِ يڪدم تيز ٿي وئي. ڏاڏي جوش ۾ اچي منهنجو هٿ جهليو ۽ هوڏانهن ......

”ٻڙي،“ خزانچيءَ زور سان ڇيو.

ڏٺئي مون نه ڇيو هوا! اهو ته خدا جو فضل هو، جو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهه منهنجي ذهن ۾ اچي ويئي. چڱو ھي ٻه فيلرڪ ڏي سگهي؟ چڱو، هاڻ مون کي ڪيترا ملندا! ۽ هي مون کي ڏين ڇو ٿا؟ پوتا پڇ! ڪٿي آهن .... پوتا پڇا .... پوتا پڇا!" ڏاڏي خوشيءَ کان ڪنبي رهي هئي.

مون آهستي چيو، "هو دروازي تي آهي، هن کي اندر اچڻ ڪونه ڏيندا. چڱو ڏسو، هو اوهان کي پئسا ڏيئي رهيا آهن." خزانچيءَ پنجاه فيلرڪ جي نوٽن جو بنڊل اڇلايو ۽ ويهه فيلرڪن جا سڪا ڳڻي اڳيان رکيائين. مون ڪرچو ڳنڍ ڪري، ڪٺي ڏاڏيءَ کي ڏنا.

"هيءَ قسمت جي ڳالهه آهي، محترمه! اهڙي ڳالهه ٻين اڳئين ۾ ڪٿي؟" خزانچيءَ ماڻهن جو توجهه ڇڪيندي چيو ۽ چڪري کي ڦيرائڻ لاءِ ٻيهر تيار ٿي ويو.

"اليگزي جلدي ڪر، دير ٿي رهي آهي، ڏس هو چڪرو ڦيرائي پيو، جهوٽا نه کاءُ، جلدي ڪر." هن سخت ڪاوڙ ۾ ايندي مون کي دڙڪو ڏنو.

"ڏاڏي ڪهڙي انگ تي داءُ هڻان!؟"

"ٻڙيءَ تي. ٻيهر ٻڙيءَ تي ڳڻپ کان گهٽ رقم جي بازي هڻ. اسان وٽ ڪيتري رقم آهي؟ سٺر فيلرڪ، بچائڻ جي ڪابه ضرورت نه آهي. خير چڱو ويهه فيلرڪ هڻ."

"ڏاڏي، توهان ڇا پيا چئو؟، ڪڏهن ته ٻڙي سون دائن تي به نه نڪرندي آهي — ڀلي ڀوءِ اوهين پنهنجي سڄي دولت ڏي ڇو نه هڻي ڇڏيو."

"ڪهڙي نه ڪاري زبان اٿيئي؟ مان چوان ٿي بازي هڻ! جو ڪجهه مان ڪريان پيئي، ان جي خبر اٿم." ڏاڏيءَ جوش ۾ ڪنبدي چيو.

"ٻڙيءَ تي هڪ وقت ٻارهن روبلن کان مٿي داءُ هڻڻ منع آهي. پر جي اوهين چئو ٿيون ته هڻان ٿو."

"منع ڇو آهي. ڪير آهي منع ڪرڻ وارو. تون ڪوڙ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽو ڳالهائين،“ وري خزانچيءَ کي مخاطب ڪري، حڪم ڪرڻ واري انداز ۾ چيائين. ”اي مسٽر، ٻڙي ملاءِ، جلدي ڪر جلدي!“

”ها محترما هي سچ ٿو چوي. قانوناً هڪڙي ڏي داءُ ۾ ڪٽيل رقم ڇئن هزار فلورن کان مٿي نه هئڻ گهرجي.“ خزانچيءَ مٿينجي ڳالهه جي تصديق ڪندي چيو.

”خير ته مجبوري آهي. چڱو ٻارنهن فيلبرڪ هڻ.“

خزانچيءَ هميشه جيان پنهنجي پنهنجي قسمت، چوندي چڪر ڦيرايو. انگ ٽيهه نڪتو ۽ هن هارايو.

”خير، ڪا ڳالهه نه آهي، ٻيهر لڳاءِ!“ ڏاڏي مون کي چيو.

ٻيلا مون کي ڪهڙو اعتراض ٿي ٿي سگهيو. ڪنڌ ڌوڻيندي ٻارنهن فيلبرڪ ٻيا لڳايم. چڪرو آهستي آهستي ڦري رهيو هو. ڏاڏي ان کي تڪي رهي هئي ۽ منهنجو ذهن سوچي رهيو هو، ’ڇا هن کي واقعي اهڙا ٻه کٽڻ جي اميد آهي؟‘ اهو سوچيندي آءٌ حيرانيءَ سان ڏاڏي کي ڏسي رهيو هوس. هن جي منهن کٽڻ جي اميد بلڪ يقين جهڙي ڪري ڳاڙهو ٿي ويو هو. چڪر تيز ٿيو ۽ گولي تيزيءَ سان ڦرڻ لڳي.

”ٻڙي!“ خزانچيءَ رڙ ڪندي چيو.

”ڏٺئي!“ ڏاڏي زور سان ٿڌڪ ڏيئي مون ڏي ڏسندي چيو.

آءٌ خود به جوئاري هوس. ان وقت مون کي ائين پئي لڳو ڄڻ هٿ پير ڪنبي رهيا هجن ۽ دل جي ڌڙڪڻ تيز ٿيندي پئي ويئي. بي شڪ اها ڳالهه تمام گهٽ ٿيندي آهي ته هڪ درجن چالن ۾ ٽي دفعا ٻڙي نڪري. پر اها ڪا اهڙي حيرت واري ڳالهه نه هئي، ڇو جو ٻه ڏينهن اڳ خود منهنجي اکين ٽي پيرا ٻڙي نڪتي هئي. پر هڪ ٻيو جوئاري، جو ڏاڍي غور سان انگن جا امڪان ڏسي رهيو هو، چوڻ لڳو، ”سائين، ٽيون ڏينهن ته سڄي ڏينهن ۾ صرف هڪ ڀيرو ٻڙي نڪتي هئي!“

ڏاڏيءَ جي رقم ڏاڍي خيال سان ڳڻي ويئي، ڇو جو تعداد ۾ تمام گهڻي هئي. هن کي ڪل چار سئو ويهه فيلبرڪ يعني

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چار هزار فلورن ۽ وڌيڪ فيلبرگ مليا هئا، وڌيڪ فيلبرگ جا سڪا ۽ چار هزار فلورن بينڪ جي نوٽن جي شڪل ۾ ڏنا ويا.

هن ڀيري ڏاڏيءَ پوتا پچ کي ڪونه مڃيو. ڇو جو هاڻ هن ۾ بردباري اچي وئي هئي ۽ پهرينءَ واري بڙ بڙ به ختم ٿي وئي هئي. سنديس ڏڪڻي به ختم ٿي وئي هئي. ها هوءَ اندر ئي اندر ۾ ضرور ڪنبي رهي هئي. خبر ناهي ته ڪهڙيءَ سوچ ۾ ٻڏل هئي.

"اليگري! هيئنر هو خزانچي چئي رهيو هو ته هڪ شخص هڪ وقت ۾ رکو چار هزار فلورن ٿو لڳائي سگهي، ڇيو هٽائين نه؟ ته وٺ هي چار هزار فلورن ڳاڙهي نشان تي لڳاءِ." ڏاڏيءَ مون کي حڪم ڪيو.

پلا اعتراض ڪرڻ جي ڪهڙي مجال هئي. چڪر ڦرڻ لڳو.

"ڳاڙهو!" خزانچيءَ هميشه وانگر رڙ ڪئي.

ڏاڏي هڪ ڀيرو وري ڪٽي وئي هئي ۽ هاڻ ڪل اٺ هزار فلورن ٿي ويا هئا.

"ڇگو چار مون کي ڏي ۽ چار هزار ڳاڙهي نشان تي هڻ!" ڏاڏيءَ حڪم ڏنو.

مون وري چار هزار لڳايا. چڪر ڦرڻ لڳو.

"ڳاڙهو!" خزانچيءَ ٻيهر رڙ ڪئي.

"ڪل ٻارنهن هزار ٿي ويا نه — ڇگو ڏي. سڀ مون کي ڏي. سڪا ٻٽوڻ ۾ وجهه ۽ نوٽ رومال ۾ ٻڌي ڇڏ. بس ڪافي آهن. هلو ته هاڻ گهر هلون ـ پاڻي، ڪرسي ڇڪيو، جلدي ڪريو."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ٻارهون

نوڪر معذور بردار ڪرسي ڇڪي ڪمري جي ٻيءَ ڪنڊ ۾ ڪٺي ويا. ڏاڏي خوشيءَ سان ڪپڙن ۾ نٿي ماپي. امان جي پارٽيءَ جا سڀ ماڻهو هن جي چوڌاري بيهي مبارڪون ڏيڻ لڳا. ڏاڏيءَ جو رويو ڪيترو بي ڍنگو ۽ نرالو ڇو نہ هو، تہ بہ هيءَ ڳالهہ لڪل نہ هئي تہ هن جي ڪاميابيءَ ڪيترائي عيب ڍڪي ڇڏيا هئا ۽ ان لاءِ ئي جنرل صاحب اهڙي عجيب ٻوڙهيءَ سان ماڻهن ۾ ايندي خوف نٿي محسوس ڪيو. هڪ عجيب نرالي مسڪراهٽ سان هن ڏاڏيءَ کي مبارڪ ڏني. ڄڻ ڪنهن پار کي ڇٽ پڌي هن جي ناز برادري ڪري رهيو هجي. هوٽل بہ هو پين تماشاين وانگر متاثر ٿيو هو. ماڻهو هڻ شاندار راند تي سس ٺس ڪري رهيا هئا ۽ ڏاڏيءَ ڏي هر هر آڱرين ڪٺي اشارا ڪري رهيا هئا. انهن سان ڪي تہ ڏسڻ لاءِ اڳتي وڌي آيا هئا. انسٽلي صاحب پين پن شناسا انگريزن سان هن جي باري ۾ تعريفي انداز ۾ گفتگو ڪري رهيو هو. چند نهيل نڪيل عورتون هن کي ڪو عجوبو سمجهي، ڏاڏي حيرانيءَ سان هن ڏانهن تڪي رهيون هيون. گريو بہ پنهنجي ٿهڪن سان ڏاڏيءَ تي مبارڪن جي ورڪا ڪري رهيو هو.

”وڏي ڪاميابي آهي!“ گريو چيو.

”محترمہ هيءَ تہ واقعي تمام وڏي ڳالهہ آهي!“ مادموزيل بلانشي ڏاڏيءَ جي دل ۾ گهر ڪرڻ لاءِ ڏاڏي دلفريب مسڪراهٽ سان چيو.

”ها، ڏسو تہ اڃا آئي مس آهيان تہ ٻارهن هزار فلورن بہ کٽي ورتم ۽ سون جي سڪن کي ملايو تہ ڪل تيرهن هزار فلورن!“ وري مون کي مخاطب ڪندي چيائين، ”ڇوڙا ڪل ڪهڙو

سون آهي، ڇهه هزار فلورن جيترو هوندو؟“
مون تفصيل سان ٻڌايومانس ”ستن هزارن کان به گهٽ آهي. موجوده معاملا جي ناڻي جي اڳهه جي مطابق غالباً اٺن هزار فلورن جو ٿيندو.“
”اٺن هزارن جو سون ڪٿان ڪا معمولي ڳالهه ڪانهي. ڪن ڪولي ٻڌو، هتي روز ٿا اچو ۽ هڪ پائي به حاصل نٿا ڪريو! پوٽاپچ! خادم! اڄ توهين ڏسو پيا؟“
”مادام هيءَ نه خدا جو وڏو فضل آهي، ٻيو ڇا. اٺ هزار، منهنجا خدا!“ نوڪرياڻي سؤ سؤ وٽ ڪائيندي، نزاڪت سان چيو.
”ڇگو، وٺو هي پنج سونا سڪا توهان جا آهن“
پوٽاپچ ۽ نوڪرياڻي ڏاڍيءَ جو هٿ چمڻ لاءِ وڌيا.
”اليگزي مزدورن کي به هڪ هڪ فيڊرڪ ڏيئي ڇڏ ۽ هي نوڪر جيڪو پيا هڪٻئي تي ڪرن. ڇا مون کي مبارڪباد ٿا ڏين! ڇگو انهن کي به هڪ هڪ فيڊرڪ ڏيئي ڇڏ.“
”مادام! واقعي توهان شهزادي آهيو. توهان جي قوت اراديءَ ته مون کي حيران ڪري ڇڏيو. اوهين واقعي سخي آهيو. خدا اوهان کي وڏي حياتي ڏي. اوهان جي ڪرم ۽ سخاوت جي طفيل اسين به جي رهيا آهيون.“ هڪ وڏين مڇن وارو ٻڍو شخص جنهن کي ميرو ڪوٽ ۽ پورو واسڪوٽ پيل هو اهي اکر چوندو ڪرسيءَ ڏانهن تيزيءَ سان وڌيو. هو هر هر جوش ۾ ٽوپي لوڏي رهيو هو.
”هن کي به هڪ — نه، به فيڊرڪ ڏي. بس ڪر، هن ماڻهن جو وات ته ڪڏهن به بند نه ٿيندو. هاڻ ڪرسي چڪيو. پراسڪويا!“ هن پالينا اليگزينڊروناکي مخاطب ٿيندي چيو ”سڀاڻي توکي به هڪڙو سهڻو وڳو وٺي ڏينديس ۽ تنهنجي لاءِ به مادموزيل.... خدا نيڪي ڏيئي ڇا نالو اٿئي؟ مادموزيل بلانشي؟ توکي به هڪڙو وڳو وٺي ڏينديس. پراسڪويا، ترجمو ڪري ٻڌائينس.“

”وڏي مهرباني مادام.“ مادموزيل بلانشي ڏاڍي احترام سان جواب ڏنو. حالانڪ گريو ۽ جنرل ڏانهن ڌسندي، سندس اکين ۾ طنز ايري آئي هئي. جنرل صاحب ڪجهه پريشان نظر اچي رهيو هو. پر جڏهن شاهه بلوط واري رستي تان لنگهياسين پئي ته هن کي مڙئي ٿورو آرام آيو.

”فدوسيا ــــ فدوسيا کي به ڏاڍو تعجب ٿيندو.“ ڏاڏيءَ جنرل جي نرس لاءِ سوچيندي چيو.

”مان هن کي به هڪ وڳو وٺي ڏيندس. اليگزي اوانو وچ ــــ اڙي اليگزي، هي هن اپاهج کي ڏيئي ڇڏ!“

اهو هڪ ڪبڙو ماڻهو هو، جنهن کي قاتل پراڻا ڪپڙا بلڪ رنگبرنگا ليڙن جهڙا ڪپڙا پيل هئا، اسان جي پرسان لنگهندي گهوري رهيو هو.

”ڏاڏي، هي اپاهج ڪونهي، ڪو بدمعاش ٿو لڳي.“

”خير ڪير به هجي، تون هن کي هڪ گلڊن ڏيئي ڇڏ. دير ڇو ٿو ڪرين؟“

مون ويجهو وڃي هڪ گلڊن هن کي ڏنو. پوءِ ته هو مون ڏانهن ڏاڏيءَ حيرانيءَ سان گهورڻ لڳو. پر پوءِ گلڊن ورتائين. هن جي وات مان شراب جا ڀڀڪا نڪري رهيا هئا.

”اليگزي، تو ڪڏهن پنهنجي لاءِ جوئا نه کيڏي آهي؟“

”جي نه.“

”پر جڏهن تون سنهنجي لاءِ داءُ هڻي رهيو هئين، ته مون کي اکين تي لڳو ڇڄ تنهنجون اکيون ٽانڊا ٿيو پئي ويون.“

”مون اهو پڪو ارادو ڪيو آهي ته هاڻ ضرور جوئا کندس.“

”۽ ڏس ويندي ٿي پڙيءَ تي داءُ هڻجانءِ، خدا ڪندو ته فتح تنهنجي ٿيندي. هن وقت تو وٽ گهڻا پئسا آهن؟“

”رڳو ويهه فيڊرڪ.“

”هي ته تمام ٿورا آهن. خير ڪا ڳالهه نه آهي. پنجاهه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيلبرڪ مان توکي ڏيندس. جي پيا به ڪپنئي ته قرض ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. هي وٺ بنڊل ـــ“ وري اوچتو جنرل ڏي ڏسي چيائين، ”چڱا مڙس، تون اهڙيءَ طرح ڇو پيو ڏسين؟ توکي ڪجھ، به نه ملندو. مون مان ڪا اميد نه رک.“

جنرل صاحب جي بدن کي ڏڪڻي وٺي ويئي، پر ڪجھ ڪجهيو ڪونه.

”ڪمبخت ڏاڍي خبيث آهي. پر هن جي خيانت مان ڪنهن کي نقصان پهچي نٿو سگهي.“ گريو جنرل جي ڪن ۾ آهستي چيو.

”فقير، فقير.... ڏس سامهون فقير پيو وڃي. اليگزي ايوانووچ! هن ويچاري کي به هڪ گلبن ڏيڻي پئي.“

هو پورن وارن وارو شخص هو ۽ ويسا کيءَ جي سهاري آهستي آهستي هلي رهيو هو. کيس گوڏن تائين نيري رنگ جو ڪوٽ پيل هوس. ڪو جهونو سپاهيءَ ٿي لڳو. جڏهن مون هن کي گلبن ڏيڻ لاءِ هٿ وڌايو، ته هو پٺيان هٽي ويو ۽ ڪاوڙ مان مون کي گهورڻ لڳو.

”بيوقوف! مون کي فقير ٿو سمجهي.“ ائين چئي مون کي سوين ڪچيون گاريون ڏنائين.

”اوهه! هي ته ڪو چريو آهي!“ ڏاڏيءَ هٿ لوڏيندي چيو، ”چڱو هاڻ جلدي هلو. مون کي ڏاڍي بک لڳي آهي. ماني ڪائي ٿورو آرام ڪنديس. پوءِ وري هتي اينديس.“

”ته ڇا ڏاڏي، اوهين وري به کيڏنديون؟“

”پيو نه ته تنهنجي ڪهڙي مرضي آهي ته ويهي مکيون ماريان؟ تون ويٺو پنکيون ڪاڻ ۽ مان تنهنجي شڪل تڪيندي رهان؟ اها ئي مرضي اٿئي نه؟“

گريو ويجهو ايندي چيو، ”يقيناً محترمه! اوهان جو خيال درست آهي. اول ته ڪنهن کي موقعو ملي ٿي نٿو، پر جي ملي، ته به ڏينگ اچڻ کپي. جي موقعي جو فائدو ڏينگ سان نه ورتو

وچي ته اهو موقعي نه ملڻ کان وڌيڪ خطرناڪ آهي.“
”آخر ڇا ڪجي؟ اهو ڏينگ به نه پڄاءِ؟“ مادموزيل ڊلافشي ڳالهه کي ڇهاڙيندي چيو.
”پر توهين آخر منهنجي ڳالهين تي ڀڃرو ڇو پيا؟ توهين ڪره اڪو نه ڪريو، جي مون هارايو ته به پنهنجو پئسو هارائينديس. هو انسٽالي صاحب ڪٿي آهي؟“ ڏاڏيءَ مون کان پڇيو.
”ڏاڏي، هو ڪاسينو ۾ ئي ترسي پيو آهي.“
”هئه، ته هو به اتي آهي. هو ڏاڍو چڱو ماڻهو آهي.“
هرڪل جي ڏاڪڻ تي جڏهن ڏاڏي وڏي پيري سان ملي ته جوڙنا ۾ پنهنجي ڪنڊ جي ڳالهه پڄائڻ لڳيس. پوءِ هن فدوسيا کي سڏيو ۽ هن کي تي فيڊرڪ انعام ڏنا ۽ ماني آڻڻ لاءِ چيائين. ماني کائڻ وقت فدوسيا ۽ نوڪرياڻي مارفا ٻئي ڏاڏيءَ سان گڏ هيون.
مارفا گرهه ڇهاڙيندي چيو، ”مادام، مان اوهان کي باقاعدي ڏسي رهي هيس ۽ پوتا پڇ کي چيم پئي ته ڪٿي مادام کي ڪنهن شيءِ جي ضرورت نه هجي ۽ پئسا، ميز تي پهل پئسا، ايمان سان ايتري دولت مون ڪڏهن به اکين نه ڏٺي هئي. چئن ئي پاسي شريف ماڻهو ويٺا هئا. هڪ به نه لوفر ڪونه هو. مون پوتا پڇ کان پڇيو ته هي سڀ ماڻهو ڪٿان آيا آهن؟ پر هن ڪوبه جواب ڪونه ڏنو. مادام! آءٌ اوهان لاءِ دعا گهري رهي هيس. خدايا، اسان جي مالڪياڻي شل کٽي! يا خدا هن جي مدد ڪر! پر مادام! آءٌ پگهرجي وئي هيس ۽ دل پڌم پئي. يا الاهي اسان جي مالڪياڻي کٽي! ۽ ڏسو، منهنجي دعا قبول ٿي وئي ۽ اوهان الله جي فضل سان کٽي ويون. مان ته ڏڪي رهي هيس. هاڻ وڃي ڪجهه هوش آيو آهي.“
”اليگزي! تون مانيءَ کان پوءِ ٿلي وڃي آرام ڪر. پر ڏس، ٽيڪ چئين بجي هتي پهچي وڃجئين. ڪنهن سٺي ڊاڪٽر کي مون ڏانهن ضرور موڪلي ڏجئين. مان دوا باقاعدي استعمال ڪرڻ ٿي گهران.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن مان ڏاڏيءَ وٽان موٽيس، ته مون کي ائين ٿي لڳو ڄڻ بالڪل مدهوش، بلڪل ديوانو ٿي چڪو آهيان. آءٌ اهو سوچي رهيو هوس ته هنن وچارن جو ڇا ٿيندو! هي ماڻهو ڇا ڪندا، ڪيڏانهن ويندا ۽ معاملو ڪهڙو رخ اختيار ڪندو؟ ان ڳالهه کان ته چڱيءَ طرح واقف هوس ته هي سڀ (خاص ڪري جنرل صاحب) اڄا تائين پهرين جهٽڪو ئي وساري نه سگهيا هئا. هن جي وفات جي خبر آڻڻ ۽ هن جي سڄي ملڪيت جي ورثي واريءَ تار جي بجاءِ ڏاڏيءَ جي اوچتي اچڻ هنن جي خوابن کي اصل پاڙئون پٽي ڇڏيو. سڀ منصوبا مٽيءَ ۾ ملي ويا هئن ۽ هاڻ دولت جي جوڙا خاني ۾ ڏاڏيءَ جي هنگامن کان هو اڃا به وڌيڪ پريشان ٿي ٿيا. هر شخص هوش کان نڪرندو پئي ويو ۽ سڀئي اهڙا ته چپ چاپ هئا، ڄڻ ڏانگ ڪڪي ويو هون.

هيءَ ٻي حقيقت پهرينءَ حقيقت کان به وڌيڪ اهميت ٿي رکي. حالانڪ ڏاڏيءَ جنرل کي صاف چئي ڇڏيو هو ته هوءَ کيس هڪڙي ڪوڏي به نه ڏيندي. پر خدا کي خبر ته ٿيڻو ڇا هو؟ بهرحال، دنيا اميد تي قائم آهي. اميد کي بلڪل ڇڏڻ به ٺيڪ نه آهي. ٺنهنڪري گريو، جو جنرل جي هر معاملي ۾ دخل ڏيندو هو، بلڪل نا اميد نه ٿيو هو. مون کي پڪ آهي ته مادموزيل بلانشي به، جيڪا جنرل جي هر معاملي ۾ گريو وانگيان دخل ڏيڻ جي عادي ٿي چڪي هئي (ڀلا، هڪ ته جنرل پيو هيڏي ساريءَ گهڻي دولت وارو) صفا اميد لاهي نه ويٺي هئي. بلڪ پنهنجي دلفريب مرڪ ۽ دلربائيءَ سان ڏاڏيءَ کي پاڻ وٽائڻ جي ڪوشش ڪندي رهي ۽ معصوم پر مغرور پالينا ته ڪنهن جي خوشنودي حاصل ڪري ئي نٿي سگهي، ان ڪري جو هوءَ چٽ ٻڌڻ ڇا ڄاڻي؟ پر هاڻ ڏاڏي دولت جي جوڙا خاني مان ڪافي رقم کٽي چڪي هئي ۽ ٻين ماڻهن تي پنهنجي عظيم شخصيت جو ڪافي اثر وجهي چڪي هئي. ممڪن آهي ته هوءَ آئينده هارائي به وجهي. هڪ ته هارائڻ جو امڪان، ٻيو هن جي سرڪشي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي هڻ جي پيري — غالباً گريو انهن ٿي ڳالهين کي ٻڌهيون ڳالهيون ۽ خيالي پلاءُ چئي، پنهنجي دل ۾ گڏوگڏ جنرل جي دل پريشاني رهيو هو. ممڪن آهي ته هوءَ واقعي هارائي وڃي. هوءَ پنهنجي ڪمي تي ٻارن وانگر خوش هئي — ايتري خوش، جو اهو به ممڪن هو ته ان حد کان وڌيڪ جوش ۽ مسرت ۾ اچي هو سڄي دولت هارائي ٿي ويهي. آءٌ ذاتي شرارت پريءَ مرڪ سان (خدا مون کي معاف ڪري) سوچي رهيو هوس ته جيڪي داءَ لڳا پئي، انهن مان جنرل صاحب جي دل وري هڪ ڀيرو جلي ڪباب ٿي وئي هوندي ۽ مادموزيل بلانشي چپ تائين آيل جام کي ڀڃي پور ٿيندي ڏسي، ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿي وئي هوندي. وري ڏاڏي پنهنجي ڪاميابيءَ جي نشي ۾ هر ڪنهن کي پئسا ڏيئي رهي هئي. هر لنگهندڙ کي فقير پئي سمجهيائين، وري ان وقت جنرل کي چوڻ ته ”مان توکي هڪ ڪوڏي به نه ڏينديس.“ هيءَ سڀ ڳالهيون خطري کان خالي نه هيون. ان جو ڪلهو ڪلايو اهو مطلب هو ته هن کي واقعي جنرل صاحب کي ڪجهه ڏيڻ جو خيال ڪونهي. هن اهو پڪو ارادو ڪري ڇڏيو هو ته جنرل صاحب کي ڪجهه به نه ڏيندي ۽ اها ڳالهه حقيقتاً خطرناڪ هئي. تمام خطرناڪ!

ان قسم جا گندا خيال منهنجي ذهن ۾ ان وقت اڌما ڪائي رهيا هئا، جنهن وقت آءٌ ڏاڏيءَ جي ڪمري مان نڪري، مٿي پنهنجي ڪمري ڏي وڃي رهيو هوس. حقيقت هيءَ آهي ته مون کي انهن ڳالهين سان ذاتي دلچسپي هئي. بي شڪ آءٌ گهڻو اڳ انهن مقصدن ۽ ڳالهين کي ذهن ۾ آڻي سگهيس ٿي، جن منهنجي سامهون انهن اڪٽرن کي نچائي ڇڏيو هو. پر ان هوندي به ايمان جي ڳالهه هيءَ آهي ته آءٌ اڃا تائين سڄي ڊرامي ۽ ان جي رمزن کي باقاعدي سمجهي نه سگهيو هوس. پولينا ڪڏهن به مون سان ڪو راز نه سليو هو. بيشڪ اهو درست آهي ته هوءَ جڏهن به مون سان ملي ٿي ته ذاتي رازداريءَ مان ٿي ڳالهائين،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻر ڀئي طرف وري پنهنجي ڇهل ڳالهين کي ٿوريءَ دير کان پوءِ رد ڏئي ٿي ڇڏيائين. اصلي ڳالهه تي پڙدو وجهي، ان جو رخ ٻئي پاسي ڦيرائي ٿي. ڀلا ان ۾ هي ڪهڙي نئين ڳالهه آهي جو هوءَ پنهنجي ڳالهه پاڻ ئي وڌائي ٿي. اصل ۾ هن مون کان ڪجهه لڪايو هو. بهرحال هاڻ مون کي صاف نظر پئي آيو ته جلد ئي انهيءَ پراسرار معاملي جو ڦوٽ آهي. جي هڻ قسم جو هڪ ايو جهيڪو لڳو ته سڀ ڳالهيون ظاهر ٿي پونديون. هرڻي ته منهنجي خوشقسمتي ۽ بدقسمتيءَ جو دارومدار به ان سڄي قصي تي ٻڌل هو. پر آءٌ پنهنجي لاءِ گهٽو پريشان ڪونه هوس. منهنجي ذهن جي عجيب حالت هئي. ڪيئي ۾ ڪل ويهه فيبرڪ پيا هئم. هرڏانهن پرديس ۾ بي يارو مددگار، روزگار هو، نه اميد، نه تمنا. پوءِ به پريشان ڪونه هوس. مون کي ڪنهن به شيءِ جو غم نه هو. مگر ها، رڳو هڪ غم منهنجي لاءِ عذاب بڻيل هو ۽ اهو هو پالينا جو غم. جي مون کي پالينا جو خيال نه هجي ها ته شايد ڪنهن به ڳالهه سان ڪو تعلق نه رکان ها. بلڪ هر مصيبت تي بيهي کلان ها، ٺيڪ ڏيان ها ۽ الائي ڇا ڇا ڪريان ها. مون کي رڳو پالينا جو فڪر هو. مون کي خبر هئي ته پالينا جي قسمت جو فيصلو ٿيڻ وارو آهي. تنهنڪري ڏاڍو پريشان هوس. پر اهو چوندي مون کي افسوس پيو ٿئي ته منهنجي پريشاني صرف هن جي قسمت جي ڪري ڪونه هئي. مان هن جي رازن جي تهه تائين پهچڻ جي خواهش ۾ پئي لڇيس ۽ ڦٿڪيس، اها آرزو نانگ وانگر منهنجي سيني تي سُري رهي هئي ته هوءَ اچي ۽ آهستي اچي چوي، ”مون کي تو سان پيار آهي.“ ۽ جي ائين نه آهي، جي اها اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي، جي اهو ڪو جريائيءَ جو خيال آهي، ته خبر ڪا پرواه نه آهي. پوءِ آخر مون کي گهرجي ڇا ٿو؟ آءٌ واقعي چريو ٿي چڪو هوس. مون ته رڳو هي ٿيءُ چاهيو ته هيءَ جيل جيڏي زندگي هن جي گهاڻن وارن جي پاڇن ۾ گذاريان، هن جي ايترو ويجهو رهان جو هن جي دل جي ڌڙڪڻ ٻڌان،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُنَ جي حسن جي نوراني ڪرڻن سان پنهنجي روح کي تازو ڪريان — جيئندو رهان، مرندو رهان، ان کان وڌيڪ مون کجهه به نٿي گهريو. هونئن به ڇا، آءٌ هن کي ڇڏي سگهيس ٿي؟

ٽيءَ ماڙيءَ تي چڙهندي، مون کي ائين لڳو ڄڻ ڪنهن اشاري سان سڏ ڪيو هجيم. پٺيان مڙي ڏٺم ته ويهن قدمن جي فاصلي تي پالينا دروازي مان ٻاهر نڪري رهي هئي. هوءَ شايد منهنجو انتظار ڪري رهي هئي. هن مون کي ڏسندي ئي اشاري سان پاڻ ڏي سڏيو.

”پالينا اليگزنڊروونا...“

”چپ ٿورو آهستي“

”ڏس،“ مون شائستگيءَ سان چيو. ”خبر اٿئي، مون کي ائين لڳو ڄڻ پٺيان ڪو سڏي رهيو هجيم. مڙي ڏٺم ته تون هئينءَ — تون! مون کي اهڙو احساس ٿيو، ڄڻ تنهنجي طرفان ڪا برقي لهر بدن ۾ اچي وئي هجيم.“

پالينا شايد منهنجي ڳالهه ڪان ٻڌي. هن پيشانيءَ تي گهنج وجهندي چيو، ”هي خط وٺ ۽ يڪدم اُسٽلي صاحب کي پهچاءِ. انهيءَ کي ڏجانءِ، ڏس مان التجا ٿي ڪريان. ٿورو جلدي ڪر، جواب جي ضرورت نه آهي. هو خود...“ هوءَ ڳالهه ڪندي ڪندي رڪجي وئي.

”اُسٽلي صاحب؟“ مون سخت حيرانيءَ وچان پڇيو.

”اوه! خط و ڪتابت به آهي!“ بهرحال جلدي ڪاسينو ڏي ويس. سندس ڪمرو ڏٺم. پر هو نه مليو. جڏهن پريشانيءَ ۽ نا اميديءَ جي حالت ۾ واپس پئي آيس، ته اوچتو هو ملي ويو. ان وقت هو هڪ انگريز مرد ۽ عورت سان گڏ گهوڙي تي چڙهيو پئي ويو. مون، هٿ جي اشاري سان سڏيومانس ۽ پالينا جو خط ڏنومانس. هن مون ڏي اک کڻي به نه ڏٺو. بلڪ ڇائي ٻجهي گهوڙي کي لت هڻي تيز تيز اڳيان وڌي ويو.

ڇا آءٌ واقعي رقابت جي باهه ۾ سڙي رهيو هوس؟ ڪابه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خبر نه آهي. اها خبر ضرور اٿم ته شڪست جي احساس منهنجا گوڏا پيچي ڇڏيا هئا. آءٌ بلڪل برباد ٿي چڪو هوس ۽ ايترو شڪست ڪاءِ اٿل، جو اهو به ڄاڻڻ نٿي چاهيم ته هو ڇڻين ۾ هڪٻئي کي ڇا لکي رهيا هئا. مگر پالينا کي هن تي اعتماد ضرور هو. تڏهين ته هن کي خط لکندي هئي. مان سوچڻ لڳس، ”پالينا هن تي اعتبار ڪري ٿي ۽ هو پالينا جو دوست آهي (پر هو پالينا جو دوست ڪڏهن بڻيو؟) خبر اها ڳالهه ته پڪي آهي ته هو پالينا جو دوست آهي. مگر ڇا هنن جي پاڻ ۾ محبت آهي؟ نه بلڪل نه!! عشق، عقل کي جواب ڏئي، پر اهڙين صورتن ۾ عشق جي ڪهڙ ٿو پڇڌي. مطلب هي ته وقت اچي رهيو آهي ان ڳالهه جي خبر به پوندي. پر هن وقت ته معاملي جي مونجهارن ۾ هڪ وڏيڪ ڳنڍ پئجي چڪي هئي.

آءٌ تيز تيز قدمن سان پنهنجي وڏي ڪمري ڏي وڃي رهيو هوس ته ٻهرين هڪ ٻيري ۽ ٻيءِ پٺي ٻيري ڇيو ته جنرل تي دفعا سڏي چڪو هوم، هنن اهو به ٻڌايو ته هو پنهنجي ڪمري منهنجو بي چينيءَ سان انتظار ڪري رهيو هو. تنهن جو مطلب ته مون کي اهو نه ٻڌائڻو پوندو ته ڪٿي هوس ۽ ڪهڙي سبب هوس؟ منهنجي ذهن ۾ آتش فشان ٿي ڦاٿو. پڙهڻ واري ڪمري ۾ جنرل کان سواءِ گريو ۽ اڪيلي مادموزيل بلانشي به هئي. اڪيلي ان لاءِ، جو مائس گڏ ڪانه هيس. هن جي ماءُ ته رڳو هڪ اهڙي ڪاروباري شيءِ جيان هئي، جا سينگاريل ڪمري ۾ رڳو ڏيکاءُ لاءِ رکي ويندي آهي ۽ ضرورت وقت خود بخود پنهنجو ڪم ڪندي آهي. هوءَ هڪ رانديڪو هئي. مٽيءَ جو پتلو — جنهن کي شايد پنهنجي ڌيءَ جي ڪارنامن جي خبر به ڪانه هئي.

بهرحال هو ڪنهن گرما گرم موضوع تي ڳالهائي رهيا هئا. ڪمري جا سڀ در بند ڪيا ويا هئا، هن کان ٻهرين اڳين ڪڏهن به نه ٿيو هو. دروازي وٽ مون گوڙ جو آواز ٻڌو.

گريو جو تيز تيز آواز، بلانشي جو غضبناڪ آواز ۽ جنرل جو مايوسانه آواز، جو شايد هن جي حملن کان پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. جڏهن آءٌ اندر داخل ٿيس، ته هو هميشه جيان پنهنجي جذبات کي ضبط ڪري بلڪل خاموش ٿي ويا. گريو وارن ۾ آگريون ڦيرائيندي پنهنجي پيلاڪ چهري تي زبردستيءَ جي مرڪ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. اها ئي فرانسيسي مرڪ جنهن کان مون کي سخت نفرت آهي. تباه حال جنرل پنهنجي منهن تي عظمت ۽ وقار جا آثار پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. مگر هن جي ڪوشش به گريو جي ڪل جيان ڪوڙي هئي، رڳو بلانشي پنهنجو چهرو بدلائڻ جي ڪوشش نه ڪئي، جو ڪاوڙ جي باه ۾ ٻري رهيو هو. هوءَ رڳو چپ ٿي ويئي ۽ ڪنهن سٺي اميد جي انتظار بلڪ اضطراب ۾ مون کي تڪڻ لڳي. قطع ڪلام معاف، هتي هيءَ ڳالهه ٻڌائڻ ضروري سمجهان ٿو ته مون کي موضوع کان هٽي ڪرڻ ڏيو. ڪجهه ڏينهن کان مادموزيل بلانشي جو رويو مون سان سٺو نه هو. هو منهنجي سلام جو جواب به نه ڏيندي هئي. هوءَ مون کي ڏسڻ به پسند نه ڪندي هئي ۽ هوئن ڪڏهن ڪو اتفاق سان اوچتي مون تي نظر پئجي ٿي ويس، ته اها ٻي ڳالهه هئي.

جنرل صاحب ڏاڍي اداس لهجي ۾ چيو، ”اليگزي ايوانووچ--- اوهان جو رويو مون سان ۽ منهنجي گهر وارن سان ڏاڍو عجيب آهي--- بيشڪ ڏاڍو عجيب.“

”اوه، اهڙي طنز!“ گريو ائين چيو، ڄڻ پنهنجي ڳالهه کي ٿي چٽي رهيو هجي. وري هن جي ڳالهه مون کي سمجهائڻ لڳو، ”ڏسو، جنرل جو مطلب رڳو ايترو آهي ته هن سان سٺو سلوڪ ڪر ۽ هن کان رنج نه ٿيءُ. پيءُ هن جو چوڻ رڳو ايترو آهي ته توهان پنهنجو رويو بدلايو. هو درخواست ڪري رهيو آهي ته توهان پنهنجي موجوده رويي سان هن کي برباد نه ڪريو. مان ته هن جي ڳالهه جو اهڙي مطلب سمجهيو آهيان.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پر، ڇو! آءٌ ڪڏهن ڪنهن کي برباد ڪري رهيو آهيان؟“

”آخر تون ڏاڍيءَ جو رهنما بڻيو ڇو پيو ڦرين! هوءَ ڪمبخت ظاهري طرح ڏاڍي خوشمزاج آهي، پر اندر ۾ ڏاڍي خطرناڪ آهي....“ گريو خود پنهنجي ڳالهه تي جهنجهڪڻ لڳو، ”توکي خبر آهي ته هوءَ جوئا ۾ سڄي دولت هارائي وڃهندي، توکي خود خبر آهي ته هوءَ بي ڍنگي طريقي سان کيڏي رهي هئي. اڄ ته کٽي ويئي آهي، پر خدانخواسته جي هارائڻ شروع ڪيائين، ته هوءَ پنهنجي جوش ۾ سڀڪجهه هارائي ويهندي ۽ ظاهر آهي جوئا ۾ هارايل رقم واپس نه ايندي آهي.... پوءِ .... پوءِ“

جنرل صاحب گريو کي لقمو ڏيندي چيو، ”اهين ته تون سڄي خاندان کي تباهيءَ جي غار ۾ اڇلائي ڇڏيندين، توکي خبر آهي ته مان ۽ منهنجو ڪٽنب — اسين ان ملڪيت جا واحد وارث آهيون. ڇو جو هن جو ڪوبه ٻيو مٽ مائٽ ڪونهي، مان اڄ توکي صاف صاف ٻڌائي ٿو ڇڏيان ته منهنجي مالي حالت نازڪ ٿي چڪي آهي ۽ منهنجون حالتون ڏاڍيون خراب آهن. ڪنهن حد تائين توکي به خبر آهي.... جي خدانخواسته هوءَ هڪ وڏي رقم يا سڄي ملڪيت جوئا ۾ هارائي ويئي، ته منهنجو ۽ منهنجي ننڍڙن ٻارن جو ڇا ٿيندو؟ (جنرل گريو ڏي ڏٺو) ۽ منهنجو ڇا ٿيندو.... (جنرل بلانشي ڏي ڏٺو، جنهن حقارت سان نگاهون ڦيرائي ڇڏيون.) اليگزي! خدارا اسان کي بچاءِ. مان خدا جو واسطو ٿو ڏيانءِ.“

”پر جنرل صاحب، آءٌ توهان کي ڪيئن ٿو بچائي سگهان؟ منهنجو هن سان ڪهڙو تعلق.“

”تون هن کي ڇڏي ڏي. هن سان گڏ وڃڻ کان بلڪل انڪار ڪر.“

”آءٌ نه ويندس ته ڇا ٿيندو، منهنجي جڳهه تي ڪو ٻيو ويندو.“

”اهو به ٺيڪ آهي. چڱو ترن ان کي ڇڏ ۽ گهٽ ۾ گهٽ ايترو ڪر، جو سمجهائي مڃائينس. جوئا کان نفرت ڏيارينس....

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا وري وڏيون رقمون هٽڻ نه ڏينس. بس ٿوري رقم جي بازي هڻي."

"پر آءٌ اهو ڪيئن ٿو ڪري سگهان؟ گريو صاحب هي ڪم ڇو نه ٿو ڪري؟" مون ڀالو ڀولو بڻجي چيو.

مون ڏٺو ته مادموزيل بلانشي گريو ڏي سواليه نظرن سان گهورڻ لڳي ۽ گريو جي چپن تي هڪ معنيٰ خيز مشڪ اڀري آئي، جنهن کي هن لڪائڻ جي ڪوشش ته ڪئي پر لڪائي نه سگهيو.

"ڳالهه هيءَ آهي ته هوءَ مون کي پسند نه ڪندي ۽ هونئن..." گريو پنهنجي هٿن کي مهٽيندي چيو ۽ معنيٰ خيز نگاهن سان بلانشي ڏي ڏسڻ لڳو.

"مونسيو اليگزي ٿورو هيڏانهن به ڌيان ڏيو!" مادموزيل بلانشي قيامت خيز چال سان مون ڏانهن اچڻ لڳي. هن جي منهن تي ڏاڍي دل کسيندڙ مرڪ ڪيڏي رهي هئي. ايندي ئي هن مون کي ٻنهي ڪلهن کان جهليو ۽ ڀاڪر پائڻ جي زور سان چنبڙي وئي. هيءَ شيطان جي ڌيءَ، سنڌن ۾ ڪيترو بدلجي ٿي وڃي! ان خاص لمحي ۾ هن جي منهن تي ميناج سان گڏو گڏ التجا به اڀري آئي هئي. هن جي مرڪ جي سادگيءَ ۾ شرارت به ملي وئي هئي. هڪ ئي لمحي کان پوءِ هن مون کان جدا ٿيندي، مون کي اک پٽي، جا مون کان سواءِ ڪوبه ڏسي نه سگهيو. ان طرح هن مون کي اهو ئي سمجهايو ته "مان تنهنجي آهيان." ۽ ان ۾ هوءَ پنهنجي پر ۾ ڪامياب به ٿي چڪي هئي، پر هي سڀ ڳالهيون ڏاڍيون اڻگهيون ٿي لڳيون.

جنرل صاحب هڪدم ٽپ ڏئي مون وٽ آيو ۽ ڏاڍي عاجزيءَ سان چوڻ لڳو، "اليگزي ايوانو وچ! جيڪي ڪجهه مون هينئر توکي چيو هو، تنهن لاءِ معافي ٿو گهران. منهنجو اهو مطلب هرگز ڪونه هو. مان التجا ٿو ڪريان، درخواست ٿو ڪريان. مان تنهنجي پيرين ٿو پوان. تون ئي رڳو تون اسان کي بچائي ٿو سگهين. مادموزيل ڪامنگز ۽ آءٌ توکي التجا ٿا ڪريون—

تون سمجهي ويو هوندين، بيشڪ تون سمجهين ٿو.“ هن مادموزيل بلانشي ڏانهن اکين سان اشارو ڪندي چيو — حقيقت ۾ هن جي حالت رحم جي قابل هئي.

اوڏي مهل ڪنهن آهستي دروازو کڙڪايو. دروازو کليو. هوٽل جو بيرو ۽ ان جي پٺيان پوڙا پچ بيٺو هو. هن کي ڏاڏيءَ مون ڏانهن اماڻيو هو ته جيئن مون کي سڏي اچي.

”هوءَ ڏاڏي ڪاوڙي ويٺي آهي.“ پوڙا پچ چيو.

”پر اڃا ته ساڍا ٽي ٿيا آهن!“

”هوءَ ته ستي به ڪانهي. سڄو وقت پاسا ورائيندي گذاريو اٿس. هينئر ته پلنگ تان به اٿي آهي. پنهنجي ڪرسي گهرائي اٿس ۽ مون کي هيڏانهن موڪليو اٿس. پاڻ ٻاهرئين دروازي تي ويٺي آهي.“

”ميان، جلدي وڃ.“ گريو چيو.

مون کي ڏاڏي ڏاڪڻ تي ملي. مون کي اڻ شرط پاڻ وٽ نه ڏسي، بنهه آپي کان ٻي نڪري ويئي هئي، ڪمال آهي، چئين بجي تائين به انتظار ڪري نه سگهي.

”هل! هاڻ هل!“ ڏاڏيءَ چيو ۽ اسين ٻيهر رولٽ جي جوئا خاني ڏانهن وياسين.

---

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ٻارهون

ان وقت ڏاڏي ڏاڍي بي آرامي ۽ بي صبريءَ جي حالت ۾ هئي. هيءَ ڳالهه ته صاف ظاهر آهي ته دولت جي جوڻا هڻ جي ذهن تي ڏاڍو گهرو اثر وڌو هو. هوءَ ڪنهن به شيءِ ۾ دلچسپي نه وٺي رهي هئي ۽ بلڪ خالي الذهن هئي. مثلاً هڻ پهرئين وانگيان مون کان قسم قسم جا سوال نه ڪيا. رستي ۾ هڪ شاندار گاڏيءَ کي ڏسي، مون کان هي نه پڇيائين، هيءَ ڪنهن جي گاڏي آهي؟ هڻ ۾ ڪير ويٺو آهي؟ پر مون کي پڪ آهي ته منهنجو جواب اصل ڪونه ٻڌائين. هوءَ پنهنجي خيالن ۾ ئي ايتري گم هئي، جو ٻين جي معمولي معمولي ڳالهين تان چڙيو ئي پئي. جڏهن مون هن کي جاگيردار برهيم ۽ جوڊس ڏيکاريا، جي ڪاسينو وٽي رهيا هئا، ته هن انهن ڏي ڏاڍيءَ بي خياليءَ سان نهاريو ۽ بي پرواهيءَ سان چيائين ته "اوهه ته اهي آهن"، وري پوڙاپڇ ۽ نوڪرياڻيءَ کي تڪڙي ڏناڻين، جي هڻ جي پٺيان هلي رهيا هئا.

"آخر توهين منهنجي پٺيان ڇو اچي لڳا آهيو؟ وڃو، پنهنجو ڪم ڪريو! اسين هميشه ته اوهان کي پاڻ سان ڪونه کنيو پيا هلنداسون. اليگزي ۽ آءٌ ڪافي آهيون". هو ويچارا منجهي پيا ۽ يڪدم هوٽل ڏي موٽي ويا.

ڪاسينو ۾ پهرين ئي امان جو انتظار پئي ٿيو. خدمتگارن امان کي ڏسندي ئي هڪدم ڏاڏيءَ لاءِ خزانچيءَ وٽ هڪ جاءِ خالي ڪرائي. آءٌ ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته هي خزانچي، جي ايتريقدر نهي نهڪي ڏا اچن، پنهنجي پر ۾ پنهنجو پاڻ کي آفيسر ڏا سمجهن. هو ان ڳالهه کان لاتعلق هوندا آهن ته بئنڪ ڪٽي ٿي يا هارائي ٿي. هو رانديگرن کي جوڻا ڏانهن راغب ڪرڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ باقاعدي هدايتون حاصل ڪندا آهن ۽ ان ڪري ڪي چڱيءَ طرح نڀائيندا آهن. صاف ظاهر آهي ته ان لاءِ ڪين انعام اڪرام به مليو هو. مطلب ته هو ڏاڏيءَ کي اکيون ڦاڙي ائين ڏسڻ لڳا ڄڻ چار ئي ڪو وڏو شڪار ڦاٿو هجين.

اهو ئي ٿيو جنهن جي اسان کي اميد هئي.

۽ اهو هيئن ٿيو.

ڏاڏيءَ ويندي ئي مون کي ٻارنهن فيلرڪ ٻڙيءَ تي هڻڻ لاءِ چيو، سو ٻارنهن فيلرڪ تي ڦيرا هنيا ويا، پر ٻڙي نه آئي.

"هل، هل، داءُ هڻ!" ڏاڏيءَ هر ڦيري ائين ٿي چيو، ۽ مون تعميل ٿي ڪئي. "ڪيترين بازين لڳاتار چڪا آهيون؟" هن بي چينيءَ مان ڏند ڪرٽيندي چيو.

"ٻارنهن، ڏاڏي! ۽ انهن بازين ۾ هڪ سؤ چوٽيتاليهه فيلرڪ ضايع ٿي وياهه مان چوان ٿو ڏاڏي، ممڪن آهي شام ٿائين-"

"چپ ڪر، ڪهڙو ڪارزبانو آهين! ٻڙيءَ تي داءُ هڻ ۽ ڳاڙهي نشان تي به هڪ هزار گلڊن هڻ. ڏنو ويندو. هي وٺ نوٽ".

ڳاڙهو نشان اسان جي حق ۾ نڪتو، پر ٻڙي وري رهجي وئي. ڏاڏيءَ هڪ هزار گلڊن کٽيا.

"ڏٺئي، مون ڇا ٿي چيو؟" ڏاڏيءَ آهستي چيو، "جيترو اسان هارايو هو. هڪ ئي چال ۾ واپس اچي ويو. چڱو ٻيهر ٻڙي هڻ. بس ڏهه بازيون کيڏنداسين ۽ پوءِ ختم ڪنداسين".

پر ڏاڏي پنجين بازيءَ ۾ ئي بيزار ٿي وئي.

هي ڪمبخت ٻڙي ته نڪرڻ جو نالو ئي نٿي وٺي. چڱو هي وٺ ۽ چارئي هزار گلڊن ڳاڙهي نشان تي لڳاءِ". هن مون کي حڪم ڏيندي چيو.

"ڏاڏي ايتري وڏي رقم نه هڻ، خدانخواسته جي ڳاڙهو نه نڪتو، ته ڇا ٿيندو؟" مون التجا ڪندي چيو، پر هوءَ پيٺو مون کي مارڻ لڳي (بي شڪ هوءَ اهڙي نموني ٺونٺ هڻندي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي، جو ان کي مارڻ ني چوڻ مناسب آهي). هاڻ مجبوري هئي مان چا ني کري سگهيس. چار هزار گلدن گاڙهي نشان ني هنير، گهيرو ڦرڻ لڳو گولي تيزيءَ سان نچڻ لڳي. ڏاڏي ڏاڍي اطمينان ۽ غرور سان آکڙي ويٺي هئي. ڄڻ ته هن کي پنهنجي کٽڻ جو يقين هو.

”ٻڙي“ خزانچيءَ رڙ ڪندي چيو.

پهرين ته ڏاڏي هن جو مطلب ئي نه پئي سمجهي پر جڏهن اکين سان ڏٺائين ته خزانچي هن جا چار هزار گلدن ۽ ميز تي پيل سڀ پئسا ڪرڇا ٻيري ٻاڻ ڏي ڪري رهيو آهي ته خبر پيس ته ٻڙي نڪتي آهي، جنهن تي خود هن ايترين بازين ۾ ٻه سؤ فيڊرڪ لڳائي ڇڏيا هئا، پر ان وقت نڪرڻ جو نالو ئي نه پئي ورتائين. ڏاڏيءَ گاربون ڏيڻ شروع ڪيون، ۽ ڪنجهندي پنهنجي هٿن کي اڇين مٿي ڪنيائين، جو موجود سڀ ماڻهو کلڻ لڳا.

”خدا جي مار پوئس، هيءَ نياڳي ٻڙي ڪري آئـــي. توبهه توبهه، هي سڀ تنو ڪيو آهي. تو ئي مون کي ان لاءِ چيو هو“. هن مون کي هٿ سان ڌڪو ڏيندي چيو.

”ڏاڏي مون تـ اوهان سان سچي ڳالهه ڪئي هئي، هي ته هڪڙو اتفاق آهي. ان ۾ آءٌ چا ڪريان“.

”مان چا ڪريان؟ تنهنجي ته وٺي ڪري ........ هليو وڃ هتان، دفع ٿي وڃ“.

”چڱو، خدا حافظ، ڏاڏي! آءٌ ٻاهر وڃڻ لاءِ اٿيس.“

”الڳزي، الڳزي اوانو وڃ بهه ته سهي، ميان ڪيڏانهن پيو وڃين؟ آخر ڳالهه ڇا آهي. ٻڌ ته سهي. ايتري ڪاوڙ جو ڪهڙو ڪم؟ بس اڄ هاڻ. ڪاوڙ ڏکي ڇڏ. ايتريءَ ڳالهه تي ڪاوڙجي وئين؟ مان خود چري آهيان. هاڻ ٻڌاءِ ڪهڙي چال هلان؟“

” ڏاڏي آءٌ نه ٻڌائيندس پوءِ وري اوهين الزام ڏيون رکو. اوهين پنهنجي مرضيءَ سان کيڏو، جنهن انگ يا نشان تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چونديون، آءٌ ان تي داءُ هڻندس“.

”چڱو، چڱو، ائين ئي سهي، هي وٺ چار هزار گلڊن گاڏهي نشان تي هڻ، الله مالڪ آهي. پاڪٽ بڪ پاڻ وٽ رک.“ هن ڪيسي مان پاڪٽ بڪ ڪڍي، مون کي ڏيندي چيو. ”جلدي ڪر، جلدي، هن ۾ ويهه هزار روبل جا نوٽ آهن.“

”ڏاڏي! ايڏي وڏي رقم جون بازيون؟“

”تون بازي لڳاءِ. خدا جو قسم اسين کٽنداسين.“

مون داءُ لڳايو ۽ هارايم.

”ڪا ڳالهه نه آهي، اڻ جا اٺ هزار هڻ.“

”ڏاڏي، قانوني طرح اوهين چئن هزارن کان مٿي جو داءُ نٿيون هڻي سگهو.“

”چڱو چار ئي سهي، پر جلدي هڻ.“

هن دفعي کٽيوسين. ڏاڏي خوشيءَ کان تاڙيون وڄائڻ لڳي. ”ڏٺي، ڏٺي، چار هزار وري هڻ.“

داءُ لڳايم، هارايوسين. وري داءُ لڳايم، وري هارايوسين ۽ ان ريت هارائيندائي رهياسين.

”هون، ته سڀ پئسا پورا ٿي ويا!“ هن آهستگيءَ سان ڪاوڙ واري لهجي ۾ چيو. ”خير، ڪا ڳالهه ناهي.“ وري ڪجهه سوچيندي چيائين، ”چار هزار گلڊن پيا هڻ.“

”پر پئسا ڪٿي آهن؟ ڪجهه هنڊيون آهن. ڪجهه بل آهن، جن جي مٽائڻ تي پنج روبل في سيڪڙو ڏيڻو پوندو — ۽ بس پئسا ته ختم ٿي ويا؟“

”پئونءَ ۾ آهي ڪجهه؟“

”ٿورا پئسا پيا آهن.“

”هتي صراف ڪٿي آهن. هڪڙي ماڻهوءَ چيو پئي ته هنن وٽان هر قسم جا نوٽ ۽ هنڊيون مٽائي سگهجن ٿيون!“ ڏاڏي غمگين ٿي پڇيو.

”جيترو اوهين چاهيو مٽائي سگهو ٿا، پر اوهان کي فائدو

ڪجهہ بہ نہ ٿيندو. هي صراف وڏا يهودي ٿيندا آهن. ڦري ويندو."

"تون تہ هر ڳالهہ ساڳي ٿو ڪرين چڱا مڙس. مان سڄي رقم واپس وٺنديس. آهي ڀڏو ڪٿي آهن؟"

مون کي دروازي ڏانهن ڪرسي ڇڪڻ پئي ۽ ان ڪان پوءِ نوڪرن ڇڪي. هاڻ اسين ڪاسينو کان ٻاهر اچي ويا هئاسين.

"جلدي ڪريو جلدي رستو ڪٿي آهي. اليگزي، ويجهي رستي تان هلجانءِ. پري وڃڻو آهي ڇا؟"

"نہ بلڪل ويجهو آهي."

پر شاه بلوط واري رستي وٽان مڙندي، هو سڀئي اچي اسان سان مليا. جنرل صاحب، گريو، بلانشي ۽ هن جي ماءُ، ٻيا سڀئي هئا، پر پالينا ڪونہ هئي ۽ انسٽلي صاحب بہ غائب هو.

"آءٌ واندي ڪونہ آهيان، منهنجو وقت نہ وڃايو، آخر توهان جي مرضي ڇا آهي؟"

آءٌ پٺيان پٺيان هلي رهيو هوس. گريو تيز تيز هلندو منهنجي ويجهو اچي ويو.

مون هن جي ويجهو اچڻ جو مطلب سمجهندي چيو،

"اڄ صبح هن جيڪا رقم کٽي هئي، اها سڄي هارائي ويٺي. ٻاڻ وڏيڪ ٻارنهن هزار گلڊن بہ هارايا اٿس. هاڻ اسين صراف ڏانهن هنڊيون پيچائڻ پيا وڃون."

گريو جت هو اُت ڄمي ويو ۽ وري جنرل کي ڀڄائڻ لاءِ تيزيءَ سان ڏانهس وڌيو. اسين ڏاڏيءَ جي ڪرسي ڇڪيندا رهياسين.

جنرل ڏاڍي پريشان انداز ۾ منهنجي ڪن ۾ چيو،

"هن کي روڪ."

"اوهين ڪوشش ڪري ڏسو." مون بہ آهستي ڪن ۾ جواب ڏنو مانس.

"چاچي.... چاچي.... ڏسو اسين سڀ ٻهراڙيءَ ڏانهن گهمڻ پيا وڃون. گهوڙا بہ آهن. ٻاڻ کي هوءَ جبل جي چوٽي ڏسڻي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. اسين اوهان کي سڌو پٺي آيا سين،" جنرل صاحب
ڪنبندي چيو.

"ڏوڙ وجهي پاءِ، تون به ۽ اها ڇوڪري به. خدا جي ڪا
وٺ پوين — هرويرو پيا تنگ ڪن." ڏاڏيءَ هٿ جي اشاري سان
هن کي پري بيهڻ لاءِ چيو.

"ڏاڏي هتي ڏاڍي ساوڪ آهي، گڏجي وڃي چانهه پيئنداسين!"
جنرل اميد جو سهارو وٺندي چيو.

"نه نه، اوهان خواه مخواه غلط ڳالهه ڪري رهيا آهيو.
بلڪل فرينچن جهڙي ڳالهه ڪئي اٿو!" گريو ڪاوڙجي چيو.
"اهو فرينچن جو خيال هوندو آهي ته ڪنهن مثالي ڳوٺ جا
دلڪش منظر ڏسجن. يعني هنن جي دماغ ۾ هميشه اهو ئي
تصور هوندو آهي ته فطرت کير ڪان اچي ۽ رات ڪان ڪاري،
مطلب ته ان جا رنگ ئي نرالا هوندا آهن!"

"تنهنجي ۽ تنهنجي کير جي ته وٺي ڪري.... تون وڃي
پيءُ — کير پيڻ سان منهنجي پيٽ ۾ سور ٿيو پري. چڱو هاڻ
وڃو مون کي تنگ نه ڪريو. خدا جي واسطي منهنجو مغز نه
کائو. مان پهرين ئي ڇٽي ڇڪي آهيان ته مون وٽ فضول ڳالهين
لاءِ وقت ڪونهي."

"ڏاڏي صراف هتي ويهندا آهن — هتي سامهون."

اسين صرافن جي ڪوٺيءَ وٽ اچي ڇڪا هٽاسين. آءٌ
هنديون ۽ بل ڏوڙائڻ اندر ويس. ڏاڏي ٻاهرين دروازي تي انتظار
ڪندي رهي. گريو، جنرل ۽ بلانشي جدا جدا بيٺا سوچي رهيا
هئا ته هاڻ ڇا ڪريون... ڏاڏيءَ هنن ڏانهن اهڙيءَ حقارت جي
نگاهه سان ڏٺو، جو ويچارا واپس ڪاسينو ڏي هليا ويا.

صراف جا شرط اهڙا ته ڪريل هئا، جو آءٌ ڪنهن به
طرح مٽي نٿي سگهيس. سو وري ڏاڏيءَ کان پڇڻ ٻاهر هليو آيس.
"هي ته ڪي ڏاڍا بدل آهن. خير هاڻ مجبوري آهي. انهن ئي
شرطن تي وٺ. چڱو ڏس صراف کي مون ڏانهن موڪل."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڏيءَ حڪمراڻ واري لهجي ۾ چيو.

”توهان جو مطلب آهي ته اوهين جي منشيءَ کي موڪليان؟“

”ها ها منشي ٻيو ڪير؟ هي سڀ ڏاڙيل آهن، ڏاڙيل.“

پهرين ته منشي ٻاهر اچڻ کان انڪار ڪيو. پر جڏهن چيومانس ته هوءَ هڪ منظور ۽ پوڙهي خاتون آهي، ته نامرون ڦٻائي ٻاهر نڪتو. ڏاڏي هن سان وڏي مد روسي، فرينچ ۽ جرمن زبان جي مرڪب سان بحث ڪندي رهي. جنهن جو ترجمو مون گڏوگڏ پئي ڪيو. ٻوڙهو منشي خاموشيءَ سان ٻڌندو رهيو. هن هر اکر تي ڪنڌ پئي ڌوڻيو ۽ ڏاڏيءَ ڏانهن اهڙين عجيب نگاهن سان پئي ڏٺائين، جن ۾ عزت ۽ احترام جو ڪالهو نشان به نه هو. آخرڪار هو مرڪڻ لڳو.

”چڱو جيئن وڻيو تيئن ڪريو. اندر نگري چرپٽ راجا. دولت سان پلي توهين پنهنجو ڏي پيٽ ڀريو. اليگزي! هن سان گڏ وڃ ۽ هنڊيون مٽائي اچ. ڏس هاڻ وقت بلڪل ڪونهي. جي هي نه مڃي ته پوءِ پئي ڪنهن هنڌ....“

”منشي چوي ٿو ته ٻيا صراف ان کان به گهٽ ڏيندا.“

هن وقت مون کي رقم ته ياد ڪانه ٿي اچي. البت ايترو ياد اٿم ته ڪميشن تمام گهڻي ورتي هئائون. مون حساب ڪتاب ڪري، ٻارنهن هزار فلورن ورتا ۽ ٻاهر اچي گاڏي لڌس.

”اليگزي! گاڏي جي ضرورت ڪانهي. بس جلدي ڪر، هل.“

جوئا خاني ڏانهن ويندي پنهنجي منهن پڙڪڻ لڳي ”هاڻ مان ڪڏهن به پڙيءَ يا ڳاڙهي نشان تي داءُ نه هڻنديس.“

آءٌ ڏاڏيءَ کي اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس ته هميشه ننڍين ننڍين بازين کان شروع ڪري، داءُ وڌائيندي وڃي ۽ جيئن کٽي ته وڌائيندي هلي. اها ڳالهه سمجهايم، پر پلو ٿئي سندس جوش ۽ بي چينيءَ جو، سو جڏهن راند شروع ٿي، ته هوءَ پنهنجي جذبات کي وس ۾ رکي نه سگهي ۽ جڏهن ڏهن فيڊرڪ جي بازي کٽيائين ته چوڻ لڳي، ”ڏٺئي مون ٿي چيو ته

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين ڪندا سين. هاڻ اسين جي ڏهن فيڊرڪن جي بدران چارهزارلکيا ٿيون ها ته يقيناً چار هزار ڪٿون ها. پر سچو ڏوھ تنهنجو آهي، خير جيڪي ٿيو سو ٺيڪ ٿيو.

هن جي راند ڏسي آءٌ ٿورو بيزار ٿي پيس. تنهن ڪري مون سوچيو ته اڳتي بلڪل خاموش رهندس ۽ صلاح لاءِ زبان مان اکر به نه ڪڍندس.

اوچتو گريو ڪرسيءَ وٽ اچي بيٺو.

هو بيٺي يعني مادموزيل بلانشي ۽ شهزادو به اتي بيٺا هئا. بلانشي پنهنجي ماءُ جي ڪابي پاسي هئي ۽ شهزادي سان ڪلي ڳالهيون ڪري رهي هئي. جنرل صاحب ٿورو پري اداس ۽ مغموم ٿيو بيٺو هو. ائين ٿي لڳو، جڻ ذات برادريءَ مان ڪڍي ڇڏيو هجيمس. بلانشي هن ڏانهن اک کڻي به نٿي نهاريو، حالانڪ هن خوشامد ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي هئي. قابل رحم جنرل جي منهن تي ڪڏهن لالاڻ ٿي آئي، ته ڪڏهن زرداڻ. هو ڏڪي رهيو هو ۽ ڏاڏيءَ جي راند سمجهڻ جي باوجود به ڪجهه ڪونه سمجهي رهيو هو. ٿوريءَ دير کان پوءِ بلانشي ۽ شهزادو نظرون بچائي ٻاهر هليا ويا، پر جنرل صاحب وري اهڙو سولو پيڇو ڪٿي ٿو ڇڏين، هو به پٺيان ٻاهر نڪتو.

”مادام! مادام! اهڙا داءُ هنيوَ ته ڪڏهن به ڪونه کٽيندؤ ناممڪن— ناممڪن.“ گريو آواز کي مٺو بڻائيندي، ڀڳل ٽٽل روسي زبان ۾ ڏاڏيءَ کي چيو.

”پوءِ پٽاءِ، ڇا ڪريان؟ تون پاڻ هيڏانهن اچ!“ ڏاڏيءَ چيو.

گريو فرينچ زبان ۾ ڪجهه پڙڪڻ لڳو ۽ نصيحت ڪندي چوڻ لڳو، ”اهڙي موقعي جو انتظار ڪرڻ کپي.“ پوءِ هو پاڻ آڱرين تي حساب ھڻڻ لڳو. ڏاڏي هن جو هڪ لفظ به سمجهي نه سگهي. گريو مون کي ترجمو ڪرڻ لاءِ چيو. هو ميز تي آڱرين سان ڪجهه لکڻ لڳو. پوءِ هڪ ڪاغذ تي پينسل سان حساب ڪتاب ڪرڻ لڳو. ايتري ۾ ڏاڏيءَ کي ڪاوڙ اچي وئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چڱو ڇڏ، ڇڏ! ٻيهر ڀاڻ ته سمجهه!“

”ڏاڏي! پڪ ته سهي.“ هڪ ڀيرو وري گريو پنهنجي ڳالهه جي صفائي پيش ڪرڻ گهري.

”چڱو، جيئن ٿي چوين تيئن ڪر، ته سگهي تو ته ڪٿي وڃون.“ ڏاڏيءَ مون کي چيو.

گريو جو مطلب رڳو ٿي هو ته ڏاڏي وڏين رقمن جي بازي نه هڻي. هن مشورو ڏنو ته نشانن جي بجاءِ انگن تي بازي هڻڻ کپي. مون هن جي صلاح جي مطابق بازي هڻي. شروع ۾ ٻارنهن پٽيءَ وارن انگن تي هڪ هڪ فيڊرڪ ۽ ٻارنهن کان ارڙهن تائين ۽ ارڙهن کان چوويهن تائين پٽيءَ وارن انگن تي پنج پنج فيڊرڪ هنيم. ان طرح ڪل سورنهن فيڊرڪ لڳائي ڇڏيم.

چڪرو ڦرڻ لڳو. گولي هيٺ مٿي نچڻ لڳي.

”ٻڙي“ خزانچيءَ رڙ ڪري چيو.

اسين سورنهن ئي فيڊرڪ هارائي چڪا هئاسين.

”بيوقوف! توهين فرينچ ته اصل بيوقوف آهيو. اها ئي صلاح ڏني هيئي نه! بيوقوف. هليو وڃ هتان. خبر پوين ڪانه، آيا آهن گوڙ ڪرڻ.“

گريو مورڳو ٻڃي ويو ۽ ڪلهن کي هيٺ مٿي ڪرڻ لڳو. هو ڏاڏيءَ کي نفرت جي نظرن سان ڏسي، ٻاهر هليو ويو. لڳو ٿي ته هن معاملي ۾ خوامخواه ٽنگ اڙائي، هو شرمندو ٿي ويو هو.

اسين سڀ ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ به اڌ ڪلاڪ ۾ ئي سڀ ڪجهه هارائي چڪا هئاسين.

”هل، هاڻ گهر هلون.“

شاهه بلوط واري رستي تائين پهچندي، هن ڪنهن سان هڪ لفظ به نه ڳالهايو. ڪوٺي وٽان لنگهي، جڏهن هوٽل ڏانهن هلڻ لڳاسين، ته پنهنجو پاڻ چوڻ لڳي، ”حماقت، سراسر حماقت، بيوقوف، تون به بلڪل بيوقوف آهين.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ڪمري ۾ داخل ٿيندي ئي هن رڙ ڪري چيو،
”چانهن آئيو ۽ هڪدم سامان ٻڌو. سڀ سامان، بس هاڻ مان واپس ٿي وڃان.

”ڪيڏانهن ٿا وڃو مادام؟“ وڃاري ملرفا ائين ڪڇي پڇيو.

”انهن ۾ توهانجو ڇا؟ پنهنجو ڪم ڪر. دفع ٿي هتان. پوڙتا پڇ! سامان ٻڌ - سڀ سامان، اسين واپس ماسڪو ٿا هلون. هن نياڻي شهر ۾ اڳين ئي وڃي ويٺي ۱۵ هزار روبل ضايع ٿي ويا.“

”پندرهن هزار روبل!! اف، منهنجا خدا.“ پوڙتا پڇ آه ڀريندي چيو. حالانڪ هن جو مقصد ڏاڏيءَ جي دلجوئي ڪرڻ هو.

”اڙي ڪمبخت، مان مان ڪرڻ ٻيئي رهئين.... وڃين چو نٿو. خبردار جو هڪ اکر به ڪڇيو آهين؟ هلي سامان ٻڌ. بل آئيو؟ بل موڪليو، يڪدم!“

”ريل هتان سادي نوين وڳي ويندي آهي، ڏاڏي.“ مون هن جي ڪاوڙ ٿڌي ڪرڻ جي خيال کان چيو.

”هاڻ گهڻو وقت ٿيو آهي؟“

”سادا ست.“

”اوه، ته تمام ٿورو وقت اڃي بچيو آهي. خير ڪا ڳالهه نه آهي. اليگزي! هاڻ مون وٽ هڪ پئسو به نه آهي. هي وٺ به نوٽ ۽ مٽائي اچ، مون وٽ ته هاڻ پاڙو به ڪونهي.“

اڌ ڪلاڪ کن ۾ نوٽ مٽائي آيس، ڏٺم ته هرڙئي ڏاڏيءَ جي ڪمري ۾ آهن. اهو ٻڌي ته ڏاڏي ماسڪو وڃي رهي آهي، سيئي ايترا پريشان ٿيا هئا، جيترو رقم ضايع ٿيڻ تي به نه ٿيا هئا. حالانڪ هن جي اتان وڃڻ ڪري گهٽ ۾ گهٽ باقي پئسن ۽ جائداد جي محفوظ رهڻ جو امڪان هو. آءٌ سوچي رهيو هوس ته هاڻ جنرل جو ڇا ٿيندو! گرڊو کي پئسا ڪيئن ملندا؟ بلانشي هاڻ پڪ ڏاڏي جي مرڻ جو وڌيڪ انتظار نه ڪندي ۽ هن شهزادي يا ڪنهن ٻئي دولتمند سان پرڻجي ويندي. هو سيئي ڏاڏيءَ کي تسلي ڏيئي رهيا هئا ۽ پنهنجي پر ۾ هن جي همت افزائي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هوا. هن پيري ۾ پالينا اتي ڪانه هئي. ڏاڏي هڪ هڪ کي چڱيءَ طرح دڙڪا ڏيئي رهي هئي.

"چڱو، هاڻ توهين سڀ هتان هليا وڃو. مان اڪيلائي ٿي چاهيان. تنهنجو مون ۾ ڇا، جو بيٺو آهين؟ ريڍن وانگر ڌڻ ٿي بيهڻ مان ڪهڙو فائدو!" ڏاڏيءَ گريو کي چيو ۽ وري بلانشي ڏانهن منهن ڪندي چيائين، "تون سهڻا پکي، تو کي ڇا کپي؟"

"احمق." بلانشي دل ئي دل ۾ چيو. هن جو اکيون ٻرندڙ ٽانڊي جيان لال ٿي ويون. پر يڪدم الائي ڇو هوءَ ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳي ۽ کلندي کلندي ٻاهر هلي وئي.

"تون ته ڪو ٻوڪ آهين." هن ٻاهر ويندي جنرل کي چيو.

"ها ته تون منهنجي مرڻ جو انتظار ڪري رهيو آهين؟ مون کي اڃين گهرڙڻ جو ڇو پيو؟ پئسا منهنجا هئا. تنهنجا ته ڪونه هئا!"

جنرل ڪنڌ لوڏيو، سلام ڪيائين ۽ ٻاهر هليو ويو. گريو به هن جي پٺيان ٻاهر نڪري ويو.

"پراسڪويا ڪٿي آهي؟ گهرايوس." ڏاڏيءَ ملرفا کي چيو.

پنجن منٽن ۾ ملرفا پالينا کي گڏ وٺي آئي. انهيءَ جي دوران پالينا پنهنجي ننڍڙن ٻچن ۽ ٻاءُ سان گڏ ڪمري ۾ ويٺي هئي ۽ منهنجي خيال ۾ هن سڄو ڏينهن گهر کان ٻاهر نه نڪرڻ جو قسم کنيو هو. هن وقت سندس منهن مان سادگي ۽ سنجيدگي بکي رهي هئي.

"پراسڪويا، هڪ ڳالهه ٿي پڇانءِ. سچ سچ ٻڌائجانءِ. اڄهو هينئر مون کي خبر پيئي آهي ته هو تنهنجو ويڙهو پيءُ هن ڏاڏڻ فرينچ ائڪٽريس سان شادي ڪرڻ ٿو گهري. ٺيڪ آهي نه؟" ڏاڏيءَ پڇيو.

"ٻڪ مان ته مان ڪجهه چئي نٿي سگهان — ڏاڏي! پر ها، مادموزيل بلانشي هڪ ڏينهن ٻاڻ مون سان اهڙي ڳالهه ڪري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي هئي. هوءَ مون کان ڪا به ڳالهه ڪانه لڪائيندي آهي، ان جو مطلب ....“

”بس ڪافي آهي. مان سڀ سمجهي ويس. هو آهي ئي اهڙو. مان هميشه کان سڃاڻانس، هو بلڪل گدڙ آهي. حد درجي جو نامعقول. هن کي مئي ۾ شراب جي ڪٿي به خبر ڪانه پئي آهي. پنهنجو پاڻ کي جنرل ٿو سمجهي. جڏهن ڏس پنهنجي جنرلي جي ڏانءُ ۾ ڦوڪيو پيو هلندو آهي. منهنجي ٻچي، مان هن کي چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿي. تون مون کي ماسڪو تار تي تار موڪلي چڪي آهين ته ڪڏهن ٿي قبر ۾ وڃان. ڪڏهن ٿو منهنجو جنازو نڪري ۽ هو پئسن جا منتظر هئا. پئسن کان سواءِ هوءَ ڪمبخت — ڇا اٿس نالو — بلانشي هن کي پنهنجو نوڪر ڪري به نه رکندي. خاص ڪري انهيءَ لاءِ، جو هن جا ڏند به نقلي آهن. مون ٻڌو آهي ته هن وٽ چڱي خاصي دولت آهي ۽ وياج تي ڏيندي آهي. وياج ٿي هزارن جو ٿيو ٿو وڃي. پر اسڪريا مون کي توهان ڪا به شڪايت نه آهي، بي شڪ تار تون تو نه موڪليون هيون. خير، ڇڏ گذريل ڳالهين جو ڪيڏو ذڪ ڪجي. مون کي ته خبر آهي ته تون ڇڙواڪ مزاج جي آهين، بس ڏينهوءَ وانگر ڏنگ هڻڻ اچيئي. مون کي ته خدا بخشينس، تنهنجي مرحوم ماءُ ڪيڏاڻ سان محبت هئي، تنهن ڪري ئي هر هر تنهنجو خيال ايندو اٿم. تون منهنجي مڃ ته هيئن ڪر، هتي جي هر شيءِ ڇڏي، مون وٽ ماسڪو هلي آءُ. تو کي خود خبر آهي ته تنهنجو پٽي هتي ڪو نڪتو ڪرنهي، نه ماسي نه ماسات ۽ هاڻ هتي وٽ رهڻ تنهنجي لاءِ مناسب به نه آهي — ترس، ترس!“ ڏاڏي پالينا کي روڪيندي چيو، جا پنهنجي ڳالهه شروع ڪرڻ واري هئي. ”منهنجي ڳالهه اڃا ختم نه ٿي آهي. مان توکان ڪو معاوضو ڪرڻ ونديس. ماسڪو ۾ مون وٽ سڄو سارو محل آهي. تون هڪ سڄي ماڙي ڪٽجانءِ. جي تون ڏسين ته منهنجو ۽ تنهنجو مزاج نٿو ملي، ته بيشڪ جيترو وقت چاهين،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موٽ وت نہ اچجانءِ. مان ٻيو ڇا ٿي ڪري سگهان. ايندينءَ نہ؟“

”ڀيرين تہ موٽ ڪي ھي ٻڌايو تہ ڇا واقعي اوهين هيئن وڃو پيون؟“

”واه ڇوڪري! تہ ڇا مان توسان مذاق ڪري رهي آهيان؟ ڪيترا پيرا ڇئي چڪي آهيان تہ، مان وڃي رهي آهيان. لڪي ڏيان ڇا؟ هتي موٽ روولٽ جي جوئا تي ويئي ويئي پندرهن هزار روبل برباد ڪري ڇڏيا. پنج سال ٿيا تہ موٽ عهد ڪيو هو تہ ماسڪو ۾ پنهنجي زمين تي ڪاٺ جي هڪ چرچ ٺهرائيندس ۽ منهنجي بدنصيبي ڏس تہ ان جي بجاءِ ايڏي وڏي رقم جوئا ۾ هارائي ڇڏيم. منهنجي ڏيءَ هاڻ مان گهر وينديئي چرچ ٺهرائيندس.“

”۽ هو چشما نہ ڏسنديون؟ اوهان چيو هو تہ اتي جو پاڻي بہ پيئنديون؟“

”تون ۽ چشما ٻيئي وڃو جهنم جي تري ۾. موٽ کي خوامخواه ڪاوڙ نہ ڏيار. پراسڪوويا ڇا تون ڇاڻي ٻجهي ائين پئي چئين، صاف صاف ٻڌائيندينءَ يا نہ؟“

”ڏاڏي، ماسڪو اچڻ جي دعوت جي وڏي وڏي مهرباني. اوهان کي شايد منهنجي سچي حالت جي خبر ڪانهي. اوهان دعوت ڏيئي موٽ کي مجبور ڪيو آهي تہ مان اتي ضرور اچان... پر اچان نہ ـــ اچا نٿي اچي سگهان. ان جا ڪجهہ سبب آهن.. ايندس ضرور، ڪڏهن! تنهن جو فيصلو بہ هيئنر ڪري نٿي سگهان. جي اوهان پندرهن ڏينهن وڌيڪ رهي پئو ها، تہ....“

”ان جو مطلب آهي تہ تون نہ ايندينءَ“

”خير، ائين ئي سهي. في الحال تہ صفا نہ ٿي اچي سگهان. ٻڌايو تہ پنهنجي ننڍن ڀيڻ ۽ ڀاءُ کي اڪيلو ڪنهن جي آسري تي ڇڏي اچان؟ ها، جي اوهان ٻارن کي آڻڻ جي اجازت ڏيو، تہ مان ضرور ايندس ۽ توهان جي ان احسان جو بدلو بہ ڪڏهن نہ ڪڏهن ضرور لاهيندس. باقي ٻارن کي اڪيلو ڇڏي آءٌ اچي نہ ٿي سگهان....“ پالينا ڏاڏي اثرائتي انداز سان چيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چڱو هاڻ رنگ رنگ نہ ڪر (حالانڪ پالينا جي چهري تي اهڙو ڪوبہ نشان ڪونہ هو؛ درحقيقت مونهن کي ڪڏهن بہ رنجهندي ڪنهن ڪونہ ڏٺو هو)، بابا منهنجو سرغي خانو تمام وڏو آهي. انهن چوزن کي بہ ڪٿي نہ ڪٿي هٽي ڇڏيندس، گهبراءِ نہ. شائي تہ هنن کي اسڪول ۾ وٺي ڪيئي. تہ گويا تون هينئر اچي نٿي سگهين، باقي پراسڪويا! هڪ ڳالهہ ياد رک مان رڳو تنهنجي ڀلائي لاءِ چئي رهي هيس. مون کي خبر آهي تہ تون ڇو نٿي اچي سگهين. مون کي سڀ خبر آهي پراسڪويا! هو بدبخت فرينچ توکي تباهہ ڪري ڇڏيندو.“

پالينا جو رنگ اڇو ٿي ويو، آءٌ خود بہ ڪنبڻ لڳس. (انهيءَ جي معنيٰ تہ هر شخص کي اها خبر هئي. اڄهاڻ هوس تہ رڳو آءٌ).

”چڱو، هاڻ ڪاوڙج نہ! مان ٻي ڪابہ ڳالهہ نہ چوندس. رڳو ٿورو ڌيان رک. سمجهي وٺينءَ، احتياط وڏي شيءِ آهي. تون عقلمند ڇوڪري آهين، تنهنجي حالت تي مون کي هميشہ افسوس ٿيندو آهي. هان، بس ڪافي آهي. خدا جو قسم مان توکي ٻين کان علحده ٿي سمجهيان. چڱو، خدا حافظ!“

”مان اوهان کي الوداع ڪرڻ اينديس.“ پالينا چيو.

”ڪابہ ضرورت نہ آهي. پنهنجو ڪم ڪريو. مان اوهان مان بيزار ٿي پيئي آهيان.“

پالينا ڏاڏيءَ جو هٿ چمڻ لاءِ جهڪي. پر هن هٿ ڇڪي خود هن کي ڳل تي چمي ڏني.

جڏهن پالينا مون وٽان لنگهي، تہ هن يڪدم اکيون هيٺ ڪري، منهن ڦيرائي ڇڏيو.

”چڱو، اليگزي اوانووچ! خدا حافظ! گاڏيءَ ڇٽڻ ۾ صرف هڪ ڪلاڪ وڃي بچيو آهي. تون بہ مون مان تنگ ٿي پيو هوندين! هي وٺ پنجاهہ سونا سڪا.“

”مهرباني مادام! مون کي افسوس آهي، جو اها رقم وٺي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺٺو مگهان!“

”ڙي وٺ ڪٿي، نخرا ڇو ٿو ڪرين؟“ ڏاڏيءَ ڪاوڙ ۾ اچي اهڙيءَ ريت ڇو جو مون کي وڻنا پيا.

”جڏهن ماسڪو ڪنهن ڪم سان اچين ته مون وٽ ضرور اچجانءِ. توسان ڪجهه ڳالهيون ڪرڻيون اٿم.“

آءٌ پنهنجي ڪمري ۾ سڌو سنئون ليٽيو پيو هوس. اڌ ڪلاڪ کن منهنجا ٻي ستا هٿ ستي هيٺان پيا هئا. آخر اهو آسماني قهر نازل ٿي چڪو هو. آءٌ مسلسل اهو سوچي رهيو هوس ۽ سرچيندي سوچيندي ڇرپو ٿي پيو هوس. پالينا ۽ گريو! هيءَ ڪهڙي قسمت آهي! ڪهڙو جوڙو آهي! پر ان جي تهه ۾ ڪهڙو راز آهي؟ ڇا هي واقعي سچ آهي؟ مون سنئون سڌو پالينا کان پڇڻ جو ارادو ڪيو.

منهنجي لاءِ اها ڳالهه بلڪل ويسهه جهڙي نه هئي. آءٌ يڪدم هند تان اٿيس ۽ ائسٽلي صاحب کي ڳولڻ نڪتس. ائسٽلي صاحب سان ڳالهه ڪرڻ ۾ واقعي ڪو هرج ڪونه هو. هن کي ان باري ۾ پڪ مون کان وڌيڪ خبر هئي. پر ائسٽلي صاحب، هي منهنجي لاءِ هڪ پيو معمو هو.

آءٌ اٿيس ٿي، ته ڪنهن دروازو کڙڪايو. هي پوٽا پيچ هو.

”اليگزي صاحب! اوهان کي مادام هيئنر ڊي ياد ڪيو آهي.“

”ڳالهه ڇا آهي؟ وڃي ڪاٿي ٿي ڇا؟ گاڏيءَ جو وقت ته ٿي ويو آهي؟“

”هوءَ ڏاڍي پريشان آهي، بس 'جلدي ڪر! جلدي ڪر' ائين پيئي اوهان کي وٺي اچڻ لاءِ چوري، هن اوهان کي يڪدم گهرايو آهي. خدا جي واسطي جلدي هلو!“

آءٌ يڪدم ڏاڪن تان لٿس. ڏاڏي هيٺ ڊي پنهنجي معذور برادر ڪرسيءَ تي ويٺي هئي ۽ پاڪٽ بڪ هن جي هٿ ۾ هو.

”اليگزي! تون هتي هل، مان اچان ٿي.“

”ڪيڏانهن ڏاڏي؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪاسينو ۾ پيو ڪٽي. مون کي يقين آهي ته هاڻ سان ضرور ڪٽنديس. حجت نه ڪر، جلد وڃ، ڇا جوئا اڏ رات تائين ٿيندي آهي؟“

سان اهو پڌي حيران ٿي ويس. ٿورڙين ته سوچ ۾ پئجي ويس، پوءِ دل جو فيصلو ڏاڏيءَ کي ٻڌايم.

”انٽريندا وٽسيلرنسا! اوهان جي دل جيئن چاهي تيئن ڪريو، باقي آءٌ نه ويندس.“

”ڇو، آخر ڪهڙي ڳالهه آهي؟ اوهان سيني آفيسر ڦڪي ڇڏيو آهي ڪيئن؟“

”جيئن اوهان جي دل گهري، ڪريو. انٽرو يندا وٽسيلوتا! اوهان وري مون تي الزام رکنديون. ان لاءِ ڪيڏڻ سان نائڊو؟ آءٌ نه ويندس. بلڪل نه ويندس. هي وٺو پنجاهه فيڊرڪ. خدا حافظ.“ مون فيڊرڪ ميز تي رکيا ۽ سلام ڪري هليو آيس.

”ڪهڙي بيهودگي آهي!“ ڏاڏيءَ پٺيان چيو. ”جي تون نٿو هلڻ چاهين ته نه هل. سڌيئي ڪير ٿو! تو جهڙا گهڻا ئي ملي ويندا، پوتا پيچ هيڏي اچ مون کي وٺي هل!“

آءٌ ڪوشش جي باوجود انگلي صاحب سان ملي نه سگهيس ۽ واپس پنهنجي ڪمري ۾ آيس. اڌ رات وقت پوتا پيچ مون کي ٻڌايو ته ڏاڏيءَ جو ڏاڍو خراب حشر ٿيو. يعني شام جو جيڪا رقم مون هن کي روسي زر مبادلي ۾ مٽائي ڏني هئي اها سڄي هارائي ڇڏيائين. مطلب ته وڏيڪ ڏهه هزار روبل جوئا تي قربان ڪيائين. هو بندرو پولستاني، جنهن کي هڪ ڏينهن اڳ ٻه فيڊرڪ انعام ۾ ڏنا هوائين سو سڄو ڏينهن هن جي پاران کيڏندو رهيو هو. پولستانيءَ جي اچڻ کان ٿورڙين هن پوتا پيچ کان ٻه داءَ هٽايا هئا. اڃا هن وچاري کي لوڏي ٻاهر ڏي نه ڪيائين ته پولستاني اچي ڪڙڪيو. بدقسمتيءَ سان هن کي ٿوري گهڻي روسي به آئي ٿي. هو هڪ ڏي وقت ۾ ٽي ٻوليون گڏي ڳالهائيندو رهيو. ايتري قدر جو هن هڪڙي جي ڳالهه به

ڏکي ٿي سمجهي. ڏاڏي سڄو وقت هن کي گاريون ڏيندي رهي.
پوتا ٻچ ٿي چئو ته هو ڏاڏيءَ جي ڏاڍي خوشامد ڪري رهيو
هو، ڪنهن مهل ته ٻيرن تي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو ٿي ويو.
”ڙ تنهنجي پيٽ ۾ هو بلڪل نيچ هو. هن هي چيو ته ”ڏاڏي
اوهان کي شريف ماڻهو ٿي سمجهيو هو، مون خود پنهنجين
اکين سان ڏٺو، (خدا آئنده نه ڏيکاري) هن ته لڪ چوريءَ
ڏاڏيءَ جا پئسا به چورائي کيسي ۾ پئي وڌا! ڏاڏيءَ به پيرا
جهلي اهڙيون ٻڌايس، جو ايمان سان وار ڪاندارجي ٿي ويس.
پر هو اهڙو ڍيٺ هو، جو وري ڪاندو رهيو، پيا ماڻهو به کلڻ
لڳا هئا. هوءَ سڀ پئسا هارائي چڪي آهي ۽ هاڻ واپس هوٽل
۾ آئي آهي. ايندي ئي هن هڪ گلاس پاڻي پيتو ۽ هنڌ تي
ڪري پيئي. هوءَ ايتري ٿڪجي پيئي هئي، جو ليٽندي ئي ننڊ
ڪٽي ويس ۽ اڃا تائين متي پيئي آهي، خدا ڪري مٺي ننڊ
اچيس!“ پوتا ٻچ ڪاوڙ ۾ اچي دل جي ٻاڦ ڪڍڻ لڳو. ”هر هر
ٿي چيو مانس، خدا جي واسطي ڪيڏانهن نه وڃو! خوامخواه
مصيبت ۾ منهن وجهڻ مان ڪهڙو فائدو! پر هوءَ ڪٿي ٿي ڪنهن
جي ٻڌي! ’نه، مان ته ضرور ويندس.‘ هر وقت اهو ئي پئي
چيائين. ڪاش اسين جلد ماسڪو هليا وڃون. آتي آخر اسان
لاءِ ڇا نه آهي؟ باغ آهن، خوشبودار گل آهن، جن جو هتي
نالو ئي ڪونهي. گاڙها صوف آهن ۽ الائي ڇا ڇا آهي.... پر،
’نه، مان ته ضرور ويندس....!‘ هاڻ وڃي ڇا مليس؟ توبهه، توبهه!“

---

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب تيرهون

مون گهڻن ۽ پيچيده جذبات جي زور ڪان مجبور ٿي هيءَ ڊائري لکڻ شروع ڪئي هئي، هاڻ ان کي سڄو هڪ مهينو ٿي ويو آهي. اها اوچتي مصيبت جنهن لاءِ مون کي خبر هئي ته ايندي ۽ ضرور ايندي— حقيقت ۾ هاڻي اچي چڪي آهي. پر منهنجي اميد کان وڌيڪ زور ۽ وحشتناڪيءَ سان. گهٽ ۾ گهٽ منهنجي لاءِ هي سڀڪجهه، ڏاڍو حيران ڪندڙ، عجيب ۽ خطرناڪ هو. ڪي ڳالهيون مون کان به اهڙيون ٿيون هيون، جي منهنجي لاءِ معجزي کان گهٽ حيثيت نٿيون رکن ۽ اڄ به آءٌ انهن کي معجزو ئي سمجهان ٿو. حالانڪ جي ٻئي طرح سان ڏٺو وڃي ته انهن حالتن ۾، جن ۾ آءٌ قائل هوس، اهي بلڪل معمولي ڳالهيون هيون. پر ان سڄيءَ ڳالهه کان وڌيڪ حيرت انگيز ڳالهه انهن واقعن بنسبت خود منهنجو رويو هو. ڪوشش جي باوجود اڄ تائين آءٌ پنهنجو رويو نه سمجهي سگهيو آهيان. پنهنجو پاڻ کي نه سمجهي سگهيس. اهو سڀ خواب ۽ خيال وانگر لنگهي ويو ۽ سچ پچ منهنجي ان جذبي کي ڇا ٿيو، جو ايڏو ته شديد هو ۽ جنهن ۾ بي پناهه خلوص هو! ڇا، اهو مري ويو؟ هر هر اهو خيال منهنجي ذهن ۾ ٿو اچي، ڇا، ان وقت آءٌ واقعي چريو ته نه ٿي پيو هوس ۽ ڇا آءٌ ڪنهن پاڳل خاني ۾ ته نه هوس. يا شايد اڄ آءٌ پاڳل خاني ۾ آهيان — پر اهو سڀ منهنجو وهم آهي، محض خيال آهي.

اڄ ڪلهه آءٌ پنهنجي يادداشتن کي گڏ ڪندو آهيان ۽ انهن کي پڙهندو آهيان. (غالباً پنهنجو پاڻ کي هي پڪ ڏيارڻ لاءِ ته هي يادداشت مون ڪنهن پاڳل خاني ۾ ڪانه لکي آهي— پر اها ڳالهه ڪير سمجهي!) هاڻ آءٌ بلڪل اڪيلو آهيان. مرءُ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي موسم ٽيريءَ مان اچي رهي آهي ۽ وڻن جا پن زرد ٿيڻ لڳا آهن. آءٌ اڃا تائين هن ننڍڙي، سڄي ڳوٺ ۾ رهيو پيو آهيان. (آف جرمنيءَ جا ننڍڙا ڳوٺ ڪيترا نه ويران ٿين ٿا) اهو سوچڻ جي بجاءِ ته مون کي اڳتي ڇا ڪرڻ کپي، آءٌ پنهنجي زندگيءَ جا ڏينهن ان احساس جي بار هيٺان پورا ڪري رهيو آهيان، جنهن جو هيٺئر هيٺئر مون ٻانڌ ڪيو، ماضيءَ جي يادگيرين کي تازو پيو ڪريان ۽ جيئان پيو، ان گردش ايام کي، جنهن مون کي جهلي زور سان هڪ طرف اڇلائي ڦٽو ڪيو آهي، هر وقت ياد ڪندو آهيان ۽ زنده رهندو آهيان. زماني جي لڳايل زخمن کي محسوس ڪندو آهيان ۽ جيئندو آهيان. زمانو، جنهن مون کي پنهنجي جنڊ جي ٻن پڙن ۾ پيهي ڇڏيو. ڪڏهن ڪڏهن مون کي ائين لڳندو آهي، ڄڻ ته آءٌ هڪ زبردست طوفان ۾ گهيرجي ويو آهيان ۽ هڪ معمولي ڪک وانگر هيڏانهن ڪان هوڏانهن لڙهي رهيو آهيان، جنهن ڪري آءٌ ڪائنات جي سموري ترتيب ۽ توازن کي پلجهو ٿو وڃان ۽ طوفاني موجن ۾ واهڙن وانگر لڙهندو ٿو وڃان....

شايد آءٌ انهن تيز ۽ تند موجن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري، پنهنجي زندگيءَ ۾ ترتيب ۽ توازن پيدا ڪري سگهان ٿو، پر انهيءَ لاءِ اهو ضروري هو ته گذريل مهيني وارا سڀ واقعا منهنجي ذهن تان ميٽجي وڃن. مون پنهنجو قلم کنيو آهي ۽ لکڻ شروع ڪيو اٿم. ان کان سواءِ ڪري به ڇا ٿو سگهان. ڇو جو شام جو مون وٽ ٻيو ڪو ڪم ڪونهي. مون کي ڪنهن نه ڪنهن ڪم ڪرڻ جي ايتري خواهش ٿيندي آهي، جو آخرڪار مجبور ٿي لائبريريءَ مان پال ڊي ڪاڪ جا جرمن زبان ۾ ترجمو ٿيل ناول ڪڍائيندو آهيان. حالانڪ مون کي اهو ليکڪ پسند به ڪونهي، پوءِ به پڙهندو رهندو آهيان ۽ پنهنجو پاڻ تي حيران ٿيندو رهندو آهيان. شايد آءٌ اهي ڪتاب ان ڪري پڙهندو آهيان ته جيئن ڪنهن سنجيده ڪتاب پڙهڻ يا ڪنهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنجيده ڪم ڪرڻ مان گذريل وقت جو جادو نه ٽٽي پوي. مطلب ته اهو پيوائنٽر خواب ۽ ان جا ڇڏيل سڀ اثر مون کي ايڏا ته عزيز هئا، جو مون انهن تي ڪنهن به قسم جو رنگ چاڙهڻ نٿي چاهيو. مون نه ٿي چاهيو ته مفت ۾ هن شراب جا اثرات وڃائي ويهان. پر ڇا واقعي مون کي گذريل وقت جو پرائيو ۽ اڻ وڻندڙ روپ ايترو عزيز هو؟ ها، بيشڪ اهو مون کي عزيز هو ۽ هاڻ ته آءٌ انهيءَ روپ کي چاهيندي مان ڏينهن به پنهنجي ذهن مان ڪڍي ڦٽو ڪرڻ تي تيار نه ٿيندس....

۽ ان لاءِ ئي آءٌ وري ٻاڻري اڪيلي رهندو آهيان. حالانڪ ان وقت جيڪو جذباتي رد عمل ٿيو هئم سو هن وقت محسوس ڪونه ٿو ٿئي. وقت مان گڏوگڏ تاثرات جو زور به گهٽجي ويو آهي. پر آءٌ انهن کي اختصار مان بيان ڪرڻ جي ڪوشش ضرور ڪندس.

سڀ کان پهرين آءٌ ڏاڏيءَ جي ڳالهه پوري ڪريان ته ٺيڪ ٿيندو. ٻئي ڏينهن هوءَ پنهنجي دڪ هڪ پائي جوئا ۾ هارائي چڪي هئي. پر ان ۾ حيراني جي ڪهڙي ڳالهه، اهڙو ته ٿيڻو هو. جڏهن ته هن جي مقدر ۾ لکيل هو. هونئن به جوا خاني ۾ ويندڙن جو اهو حال ٿيندو آهي. هن جو غرور هميشه اڏين ئي ٽنگندو آهي، جيئن جبلن تان ڇپون. هوءَ شام جو اٺين بجي تائين کيڏندي رهي. آءٌ پاڻ ته اتي موجود ڪونه هوس، پر جيڪي ڪجهه مون کي ماڻهن ٻڌايو، هوبهو اهو بيان ڪري رهيو آهيان.

پورا پنج سڄو ڏينهن جوئا خاني ۾ هن مان گڏ رهيو. هن جي زباني معلوم ٿيو ته چند پولستاني جوئاري هن جي طرفان کيڏندا رهيا. سڀ کان پهرين اهو پولستاني کيڏيو، جنهن کي هڪ ڏينهن اڳ هن ٻاهر ڪيرائي ڇڏيو هو. ٿوريءَ دير کان پوءِ هن کي هٽائي، هڪ ٻئي پولستانيءَ کي ڇهائين، پر هو پهرئين کان به وڌيڪ نڪتو. ٿي کي ڪيئي، هن ٽيهر پهرئين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي حڪم ڏنو، جو پنهنجي برطرفيءَ تي گهڙو ٻاهر ٿيو، سندس
ڪرسيءَ جي پٺيان بيٺو هو. هوءَ ان سان مطمئن نہ ٿي، بلڪ
وڌيڪ نااميد ٿي. ٻيو پولستاني بہ هٿم وارو نہ هو، سو اتي ئي
بيٺو رهيو. هڪ ڪرسيءَ جي ڪاٻي پاسي، ٻيو ساڄي پاسي، هو
هڪٻئي کي گهوريون ڏيندا ۽ ٻاڙيون ڪسي وڙهندا رهيا. سڀئي
هڪٻئي کي بلڪ سڀئي مهذب پولستانين کي ”بيوقوف، احمق“
جي خطابن سان پاڻ ۾ نوازيندا رهيا. هو ڏاڍي بي پرواهيءَ ۽
جلد بازيءَ سان کيڏي رهيا هئا. خاص طرح جڏهن هنن ۾ جهيڙو
ٿي پيو تہ مورڳو هڪٻئي جي خلاف داءُ تي هنيائون. جي هڪ
ڪاري نشان تي ئي داءُ هنيو، تہ ٻئي ڳاڙهي تي. ان ڳالهہ تي
ڏاڍي ڏاڍي پريشان ٿي ۽ خزانچيءَ کي التجا ڪيائين تہ ”خدا
جي واسطي مون غريب کي بچايو ۽ هنن کي ٻاهر ڪيو.“ ان
جو نتيجو هي نڪتو، جو ڏاڍين رڙين ۽ گوڙ کان پوءِ هنن کي
زوريءَ ڪيڏي ٻاهر ڪيو ويو. پر هو ويندي ويندي رڙيون ڪرڻ
لڳا، ”هن پوڙهيءَ اسان کي دوکو ڏنو آهي. هن اسان جي بي عزتي
ڪئي آهي. اسان کي هن کان پئسا وٺڻا آهن.“ اهو سڀڪجهہ
ان شام جو، بدنصيب پوٽاپچ مون کي ٻڌايو، جو ان وقت
باقاعدي ڳوڙها ڳاڙي، روئي رهيو هو. هن ٻڌايو تہ اهي سڀئي
پولستاني ڏاڍيءَ بي شرميءَ ۽ بي حيائيءَ سان چوري بہ ڪري
رهيا هئا ۽ اندران ئي اندران کيسا ڀري رهيا هئا. مثلاً هڪ ٻيري
هنن سان هڪ ڏاڍيءَ کي چوڻ لڳو، ”مان بلڪل تباہ ٿي چڪو
آهيان. خدا جي واسطي مون کي ڪجهہ ڏي!“ ڏاڍيءَ پنج فيلرڪ
ڪڍي هن جي بازيءَ ۾ لڳايا. ڏاڍي کٽي ويئي. هو خوشيءَ کان
نچڻ لڳو تہ اهو مون کٽيو آهي. جڏهن هنن کي ٻاهر ڪڍيائون
تڏهن پوٽاپچ ڏاڍيءَ کي ڪن ۾ ٻڌايو تہ هنن جا کيسا سونن
سڪن سان ڀريل هئا. ڏاڍيءَ خزانچيءَ کي چيو. پوليس آئي، تہ
هو اهين رڙيون ڪرڻ لڳا، جڻ ڪڪڙ کي ڪهڻ ڪڙ چور
پڪڙيو هجي. هنن جي تلاشي ورتي، سڀ سڪا ڏاڍيءَ کي ڏنا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويا. ان واقعي جي ڪري خزانچين ۽ جوئا خاني ۾ ويٺل سڀني ماڻهن تي ڏاڏيءَ جو رعب ويهي رهيو، پر اهو به ان وقت تائين جيستائين سڀڪجهه هارائي نه ڇڏيائين. آهستي آهستي ڏاڏيءَ جو نالو سڄي ڳوٺ ۾ پکڙجي ويو. هر عمر جو ماڻهو، ٻار، پوڙها، مرد عورتون، سڀئي هن عجيب غريب پوڙهيءَ کي، جا ويچاري اوستائين اڪين جا لک هارائي چڪي هئي، ڏسڻ لاءِ جوئا خاني ڏي اچڻ لڳا.

ڏاڏيءَ کي هنن ٻنهي پولستانين کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۾ان ڪو خاص ناڻو ڪرڻو پيو. انهن ٻنهي جي جڳهه وري هڪ ٽئي قسم جي پولستانيءَ حاصل ڪئي، جو چڱيءَ طرح روسي زبان به ڳالهائيندو هو ۽ ظاهري شڪل ۽ پوشاڪ مان ڏاڍو شريف ماڻهو پئي لڳو، حالانڪ پنهنجين ڏکين مڇن ۽ ڪوڪلي احساس برتريءَ مان هڪ معمولي پٽيوالو پئي لڳو. هن به ٻين ٻن پولستانين وانگر ڏاڏيءَ جا قدم ڇهيا ۽ چميا. پر اوسي پاسي جي ٻين ماڻهن مان سندس رويو ڏاڍو هٺيلو هو. هن جي سڀ کان وڏي خوبي هيءَ هئي ته هو مڪمل آزاديءَ مان ۽ پنهنجي مرضيءَ مان کيڏندو رهيو. ان ڪري ٿوريءَ دير ۾ ڏاڏيءَ جو نوڪر ته نهيو پر مورڳو مالڪ پئي نظر آيو. راند جي هر موڙ تي هڪ هڪ منٽ کان پوءِ ڏاڏيءَ کي مخاطب ڪري وڏا وڏا قسم کڻي، اهو ٿي ثابت ڪيائين ته هو خود وڏو ماڻهو آهي. جوئا جو بادشاهه آهي. هڪ ناياب جوهر آهي. تنهنڪري ڏاڏيءَ کان معاوضي ۾ هڪ پائي به نه وٺندو. هو هر هر قسم کڻي رهيو هو، ايتريقدر جو ڏاڏيءَ کي منجهائس ڏپ ٿيڻ لڳو، ته ڪا حرڪت نه ڪري ويهي. پر ڇاڪاڻ ته ان جوهر ناياب جي راند شروع ڪرڻ سان سندس قسمت به ٺهڻ لڳي هئي، ان ڪري پنهنجي مرضيءَ سان هن کي ڇڏي به نٿي سگهي. هڪ ڪلاڪ کان پوءِ ٻيهر اهي ٻئي پولستاني جن کي ٻاهر ڪڍيو هوائون، وري اچي ويا ۽ ڏاڏيءَ جي ڪرسيءَ جي اوسي پاسي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦيريون پائڻ لڳا. هنن وري چيو ته جي اوهان اسان کي ڪيڏڻ ڏيو، ته اوهان جي لاءِ اسين وري به ڪيڏي سگهون ٿا. پوٽا پچ چيو، ته پولستانيءَ هنن کي اڪ پڳي ۽ ڪجهه پئسا هٿ ۾ ڏنائين. ڏاڏيءَ اجها ٽائين ماني نه کاڌي هئي. هن کي سخت بک لڳي رهي هئي. پر هوءَ اتان وڃڻ لاءِ تيار به نه هئي. تنهنڪري ظاهر آهي ته هڪ پولستاني کم اچي ٿي سگهيو. هو يڪدم ڪاسينو جي بورچي خاني مان پهرين ته گوشت جو ٻوڙ ۽ پوءِ چانهه جو سيٽ کڻي آيو. ڏسندي ڏسندي پوءِ پولستاني به هن سان گڏجي ويو. ڏينهن جي خاتمي تي جڏهن هر شخص کي خبر پئجي چڪي هئي ته هن پوڙهيءَ جو بچيل ڏاڍو ڏکيو آهي ۽ هاڻ هوءَ پنهنجو آخري نوٽ داءَ ۾ هڻي رهي آهي. تڏهن هن جي معذور بردار ڪرسيءَ جي چوڌاري هڪ ٻه نه پورا ڇهه پولستاني اچي بيٺا، جن جي شڪل به هن اڳي ڪانه ڏٺي هئي. جڏهن ڏاڏيءَ آخري سڪي جي بازي هڻي، تڏهن هنن سڀني پولستانين جو رويو به بلڪل بدلجي ويو. هاڻ هنن سندس ڪابه پرواه نه ٿي ڪئي. ڏاڏيءَ تيزيءَ سان هو سندس اڳيان ميز تي آيا ٿي ۽ ڪيسن مان پئسا ڪڍي هر هر داءَ تي هڻڻ لڳا ۽ هن 'شريف' پولستانيءَ لاءِ چوڻ لڳا، ”هي ته اسان جو پاءُ آهي.“ ۽ خود اُن حضرت، جنهن پنهنجو پاڻ کي جوهر ناياب پئي سڏيو، ڏاڏيءَ کي اصل وساري ڇڏيو. پنهنجي هڪ هڪ پائي جوئا ۾ هارائڻ کان پوءِ، جڏهن شام جو اٺين بجي ڏاڏي واپس وڃي رهي هئي، تڏهن هو سڀ سندس ڪرسيءَ جي چوڌاري جمع ٿي، زور زور سان رڙيون ڪرڻ لڳا ته هن پوڙهيءَ دوکي سان اسان کي ٺڳيو آهي. هن اسان جو پئسو کاڌو آهي ۽ هاڻ ڏيڻ جو نالو نٿي وٺي. هو ڏاڏيءَ سان گڏوگڏ هوٽل جي دروازي تائين آيا، جتي هنن کي سوچڙا مار ڪري مس مس ڪاٿن ڏاڏيءَ جي جند ڇڏايائون.

پوٽا پچ جي اندازي مطابق ڏاڏي ان ڏينهن ڪل نوي هزار

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روبل هاريا هئا، تنهن ۾ اها رقم شامل نہ آهي، جا ان کان هڪ ڏينهن اڳ هارائي هئائين. سڀ نوٽ، هنڊيون، دستاويز، بئنڪ جا حصا، جي وٽس هئا، سڀئي جوئا ۾ هٿي چڪايائين. تعجب جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ هوءَ لاڳيتي اٺ ڪلاڪ ڪرسيءَ تي ڪيئن ويٺي رهي. هڪ لمحي لاءِ بہ جوئا جي ميز تان نہ هٽي. پوئتا ۾ ڇهو تہ پئي پيري تہ خاصي رقم بہ کٽي هئائين. پر اهڙن موقعن تي وڌيڪ کٽڻ جي لالچ ڪيس ميز کان جدا ٿيڻ نٿي ڏنو. سڄا جوئاري چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا تہ ماڻهو ڪيئن ڇوويهہ ڪلاڪ پتي پتي راند ونهي ڪيڏندا آهن ۽ متي اک کٽي بہ نہ ڏسندا آهن.

هوڏانهن ڏاڏيءَ جو هي حشر ٿي رهيو هو. هوڏانهن هوٽل ۾ ڏاڍي نازڪ حالت پيدا ٿي رهي هئي. يارهين بجي مهل اڃا ڏاڏي هوٽل ۾ ئي هئي تہ جنرل صاحب ۽ گريو گڏجي ڳالهہ ڪرڻ ۽ معاملي کي اڄ ئي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. اها منحوس خبر پڌندي ئي تہ ڏاڏيءَ وڃڻ جو خيال لاهي ڇڏيو آهي ۽ وري کيڏڻ شروع ڪيو اٿس ۽ ان لاءِ ڪاسينو ويئي آهي، هنن ڏاڏيءَ جي ڳالهين کي آخري طور حل ڪرڻ لاءِ هڪ لڪل گڏجاڻي ڪئي، جنهن ۾ پالينا کان سواءِ سڀئي موجود هئا. جنرل صاحب کي اڄا توڙي ڪجهہ نہ ڪجهہ پئسن ملڻ جي اميد هئي، انڪري هو ڪنبي رهيو هو. هن جي دل هر هر پئي پئي ويئي. انهيءَ ڪمزوريءَ اهڙو تنگ ڪيو هوس، جو ڳالهين ۾ سڀني کان اڳرو پاڻ رهيو هو هن اڌ ڪلاڪ تائين دعائون، خوشامدون ۽ التجائون ڪيون ۽ آخرڪار پنهنجي هر ڪمزوري ويندي بلانشي سان عشق ۽ گريو جي قرض جو بہ صاف صاف بيان ڪيائين ۽ ان کان پوءِ هن يڪدم عجيب رويو اختيار ڪيو. هن ڏاڏيءَ کي ڌمڪيون ڏنيون تہ پر گاريون ڏيڻ شروع ڪيون. هن رڙيون ڪندي چيو. ”ماڻي! توهان اسان جي خاندان جي نالي تي داغ هڻيو آهي.“ توهان روس جو نالو بوڙيو آهي ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياد رکو...“ ان قسم جون ڳالهيون ڪرڻ کان پوءِ جنرل، پوليس کي اطلاع ڪرڻ جو دڙڪو ڏنو. ڏاڍيءَ ڪاوڙ ۾ اچي هڪ لت ڪنهن ۾ وهائي ڪڍيائينس، پوءِ ڌڪا ڏئي در کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيائينس. دراصل جنرل صاحب ۽ گريو اڄ صبح جو ئي پيرا پاڻ ۾ صلاح ڪري چڪا هئا ته پوليس کي ئي اطلاع ڏيڻ ۾ آخر ڪهڙو حرج آهي ته، هڪ بدنصيب محترم رڳو پنهنجي سادگي ۽ بي وقوفيءَ جي ڪري سڄي دولت جوئا ۾ هارائي رهي آهي. هن ڳالهه تي غور ڪيائون ته ڇا واقعي هن کي ڪنهن نگرانيءَ يا پابنديءَ ۾ رکي سگهيا ٿي... ! پر گريو ڏاڍي معنيٰ خيز انداز ۾ ڪلها لوڏي، جنرل کي ڏسي، ٽهڪ ڏيڻ لڳو ۽ جنرل صاحب تيزيءَ سان ڪمري ۾ ڇهل قدمي ڪرڻ لڳو. آخر ۾ گريو هن کي سلام ڪيو ۽ ڪمري کان ٻاهر هليو ويو. شام جو خبر پئي ته هوٽل ڇڏي ڪيڏانهن هليو ويو هو. هو وڃڻ کان اڳ الاهي وقت تائين بلانشي سان پراسرار انداز ۾ راز جون ڳالهيون ڪندو رهيو هو. جيستائين مادموزيل بلانشي جو تعلق آهي، هوءَ پنهنجو ڪم صبح ئي ختم ڪري چڪي هئي. هوءَ جنرل صاحب کي ڇڏي هلي وئي. جڏهن جنرل هن کي ڳولڻ لاءِ ڪاسينو ويو، ته اتي هن کي هڪ وراندي ۾ بندري شهزادي سان چڪر هڻندي ڏٺائين. اتي بلانشي ته نه هيو پر مندس ماءُ مادام ڪامنگس به هن ڏانهن اک کڻي نه نهاريو. ايتريقدر جو شهزادي به ڪيس سلام جو جواب نه ڏنو. مادموزيل بلانشي سڄو ڏينهن شهزادي کي مجبور ڪندي رهي ته هو ڪيس پنهنجو آخري فيصلو ٻڌائي. پر افسوس، جو هن کي دوکو مليو. شام جو هن جي اوچن خيالن جو اوچو محل ڌڙام ڪري اچي هيٺ ڪريو. شهزادي صاحب هن کي صاف صاف ٻڌايو ته هو هڪ مفلس شخص آهي ۽ پاڻ به دولت جي جوئا خاني ۾ قسمت آزمائي ڪرڻ لاءِ مس صاحب کان قرض وٺڻ جو سوچي رهيو آهي. بلانشي مشتعل ٿي، هن کي ته دفع ڪيو ۽ پاڻ ڪمري کي تالو هڻي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃي هنڌ تي ڪري.

ان ئي صبح جو آءٌ انسٽلي صاحب وٽ ويس. بلڪ اُئين چئو ته هن کي ڳولڻ نڪتس. پر هو ڪٿي به نه مليو. هوٽل، پارڪ ۽ ڪاسينو، مطلب ته هر جڳهه گهميس. خبر پيئي ته هن هوٽل ۾ ماڻي به نه ڪئڊي آهي. ڇهين وڳي مهل هو اتفاق سان مون کي ملي ويو. هو اسٽيشن ڪان ايڱلو شرٽل ڏانهن وڃي رهيو هو. هو ٿڪو ٿڪو پئي ويو. اُئين پئي لڳو، ڄڻ ڪنهن ڳڻتيءَ سوچ ۾ ٻڏل هجي. حالانڪ منهن تي ڪنهن به قسم جو فڪر ۽ پريشانيءَ جا آثار ڪونه هئس. هن گرمجوشيءَ سان هٿ ملايو ۽ هميشه وانگي "اڇو اڇو" چوندي، اڳيان وڌي ويو. آءٌ جلدي جلدي وک وڌائي وڃي پڳو سانس. اڄ سندس روبو اهڙي قسم جو هو، جو مون کي ڪجهه پڇڻ جي همت نه ٿي ۽ هوئنءَ به مون کي پاڻينا متعلق ڳالهه ڪندي بجا طور تي جهجهڪ ٿيڻ کپندي هئي. مون وانگر هن به ڪٿي چپ ڪئي هئي. آخرڪار آءٌ ڏاڍيءَ جي باري ۾ ڳالهائڻ لڳس. هو اهي ڳالهيون غور سان ٻڌندو رهيو ۽ پنهنجي عادت کان مجبور ٿي ڪلها لوڏيندو رهيو،

"هوءَ پنهنجي سڄي دولت جوئا ۾ هارائي ڇڏيندي."

"جڏهن آءٌ ڪاسينو مان ٻاهر پئي آيس، ته هوءَ ڪيڏڻ لاءِ اندر وڃي رهي هئي. پوءِ مون کي اها به خبر پيئي ته هوءَ پائي پائي هارائي چڪي آهي. جي مون کي ٿورو به وقت ملي ها، ته اها عجيب و غريب راند ضرور ڏسڻ وڃان ها."

"اڄ اوهين هتا ڪٿي؟" مون پڇيو. هي سوال ڪندي، مون کي حيرت پئي ٿي ته آخر، هر هر اهو سوال ڇو ڪري رهيو هوس.

"مان فرانڪ فرٽ وڃيو هوس."

"ڪو ڪم هو، ڇا؟"

"ها، هڪ ضروري ڪم هو."

آءٌ سوچڻ لڳس ته هاڻ ڇا چوانس! هن سان ڪهڙو قدم ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملايو پئي هليس. اوچتو هو ڪوارٽر ميزن هوٽل ڏانهن مڙيو ۽ مون سان هٿ ملائي هوٽل ۾ اندر هليو ويو. جيئن جيئن منهنجا پير پنهنجي هوٽل ڏي وڌندا ويا، اهو خيال پڪو ٿيندو ويو ته جي ٻه ڪلاڪ ٻه ساڻس گفتگو ڪريان ها، ته به ڪجهه پڇي نه سگهان ها. پڇڻ لاءِ ته مون وٽ گهڻيون ئي ڳالهيون هيون، پر مون کي پڇڻ جو ڍنگ ئي ڪونه آيو.

پالينا ڪجهه ڏينهن يا ته پارڪ ۾ ٻارن سان کيڏندي رهي، يا نرس سان گڏ گهمندي رهي. يا وري پنهنجي ڪمري ۾ بند ٿي پئي هئي. ڪجهه وقت کان هن جنرل سان ڳالهائڻ ئي ڇڏي ڏنو هو. مورگ-و هن کان پري پري رهندي هئي. خير اها ته پراڻي ڳالهه آهي. پر اڄ جيڪا حالت جنرل صاحب جي ٿي هئي، تنهن مان ائين ٿي لڳو ته هو پالينا کي پاڻ کان جدا نه ڪندو. بلڪ هاڻ هن کي هر معاملي ۾ پالينا جي مدد جي ضرورت پوندي. بهرحال جڏهن مان ائسٽلي صاحب سان ملاقات ڪري موٽي رهيو هوس، ته رستي ۾ ٻن ٻچن لاءِ پالينا به ملي ويم —— جا ان وقت ٻارن سان چهل قدمي ڪري رهي هئي. هن جي منهن تي سنجيدگي ڇانيل هئي. ائين ٿي لڳو ڄڻ گهر ۾ آيل طوفان کان هوءَ اڪيلي ئي بچي نڪتي هئي. هن منهنجي سلام جو جواب ڏاڍيءَ سادگي سان ڏنو. آءٌ پنهنجي دل ۾ هن جي خلاف ساڙ ۽ حسد جا جذبات محسوس ڪندو واپس آيس.

مون چاڙي ٻڌهي چاهيو ٿي ته هن سان ملان. هرڻ ته ٻه ٻه ڀيرا هم واري افسوسناڪ واقعي کان پوءِ اڃا تائين ساڻس اڪيلائيءَ ۾ ملي نه سگهيو هوس. مون اهو رويو چاڙي ٻڌهي اختيار ڪيو هو. بي شڪ ان ۾ ظاهرداري ۽ بناوت هئي، پر وقت سان گڏوگڏ منهنجي پريشاني ۽ غمگيني به وڌندي ٿي وئي. جي هوءَ منهنجي پرواهه نٿي ڪري، ته نه سهي پر گهٽ ۾ گهٽ منهنجي جذبات کي ان طرح مجروح ته نه ڪرڻ گهرجن ها! ۽ منهنجي ڳالهين کي ۽ منهنجي عشق جي اظهار کي اهڙيءَ حقارت سان نه ڌڪڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس ها. هن کي اها ڳالهه پلي پيت معلوم هئي ته مون کي سائس عشق هو. هن منهنجي عشق کي سمجهو ۽ مون کي اهڙيون ڳالهيون به ڪرڻ ڏنيون— ان حد تائين، جو مون کي ڪنهن به موقعي تي نڪ پيرو به رد نه ڏنائين. مون کي خبر آهي ته ان داستان جو آغاز ڏاڍي عجيب طريقي سان ٿيو. ٻه مهينا اڳ ئي مون کي ان حقيقت جو احساس ٿي چڪو هو، ته هوءَ مون کي پنهنجو دوست، پنهنجو ساٿي ۽ پنهنجو رازدار بنائڻ ٿي گهري ۽ ان لاءِ ئي هوءَ مون کي آزمائي رهي آهي ته جيئن کيس خبر پوي ته آءٌ آزمائش جي ڪسوٽيءَ تي پورو لهان ٿو يا نه. پر شايد هن کي انهيءَ ۾ چڱي طرح ڪاميابي نه ٿي، انهيءَ ڳالهه، مورڳو اسان جي تعلقات جي راهه ۾ ڪئين مونجهارا پيدا ڪري وڌا، جي اڃا تائين قائم آهن. مون انهن ئي عجيب و غريب تعلقات جي ڪري ته ايترو ڪلهي ڳالهيون ٿي ڪيون. جي هن کي منهنجو عشق نه ٿي وڻيو، ته پوءِ آخر ان وقت ڇو نٿي روڪيائين، جنهن وقت آءٌ ڏاڍي جوش وچان پنهنجي بي پناهه عشق جو اظهار ڪندو ٿي رهيس.

هوءَ مون کي اهڙي وقت ڪڏهن به نه روڪيندي هئي ۽ جي ڪڏهن روڪيندي هئي، ته چرچن ۾. مون کي پڪ آهي بلڪ اهو منهنجو ايمان آهي ته هوءَ منهنجي ڳالهين کي ڏاڍي غور سان ٻڌڻ کان پوءِ مون کي سخت پريشانيءَ جي حالت ۾ پهچائي خوش ٿيندي هئي. هن کي منهنجي دل ٽوڙڻ ۾ ڏاڍي خوشي محسوس ٿيندي هئي. ان سان گڏ کيس اها به خبر هئي ته آءٌ ڪانئس ڌاران جيترو نٿو رهي سگهان. جاگيردار برمرهم جي واقعي کي گذري اڃا ٿي ڏينهن ٿيا هئا. پر مون کان هن جو وڇوڙو برداشت ڪونه ٿي ٿيو. اڃا هينئر جڏهن هوءَ مون کي ڪاسينو وٽ ملي، ته منهنجي دل زور زور سان ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي هئي ۽ منهنجو رنگ اڇو ڦڪو جهڙو ٿي ويو هو. مون سوچيو، ”پر هوءَ به ته مون کان سواءِ جيئري رهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نثي سگهي. هن کي به منهنجي ضرورت هئي، منهنجي به ته
ڪا حيثيت هئي.

انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ نه هو ته هن جي دل ۾ ڪو راز
لڪل هو. ڏاڍيءَ سان هن جي گفتگو منهنجي دل تي تير جيان
لڳي هئي. مان سندس هزارين ڀيرا هن کي التجا ڪري چڪو
آهيان ۽ مجبور ڪري چڪو آهيانس ته هوءَ مون کان پنهنجو
راز نه لڪائي، بلڪ مون کي ٻڌائي ته آخر سائس ڪهڙي ويڌن
آهي. هوڏانهن ڪيس به خبر هئي ته آءٌ سندس هڪ اشاري تي جان
قربان ڪري ٿو سگهان. پر هوءَ هميشه مون کي حقارت جي
نظر سان ڏسندي رهي، يا جيڪڏهن زبان سان ڪجهه گهربائين
به ته جان گهرڻ جي بجاءِ اهڙي حرڪت ڪرڻ لاءِ جيڪا
وچي ويچاري برسرهم جاگيردار جي سر تي ڪڙڪي هئي.

ڇا ڪنهن جي جذبات کي مشتعل ڪري ڇڏڻ ڪافي
نه آهي؟ ڳالهه اتي اچي بيٺي آهي ته هاڻ اهو فريڊيچ ۽ اهو
اڱسٽلي صاحب ٿي وڃي هن جا ٻچيا آهن. هيءَ آخري ڳالهه
جڏهن منهنجي ذهن ۾ ايندي آهي، ته سڄو معاملو هڪ عجيب
گڙٻڙ ۾ ڦاٿجي ويندو آهي ۽ هر شيءِ منهنجي سمجهه کان ٻاهر
ٿي ويندي آهي. اف منهنجا خدا! مون کي ڪهڙيون ڪهڙيون
تڪليفون برداشت ڪرڻيون پيون آهن! گهر ايندي ئي مون جوش
۾ اچي قلم کنيو ۽ پالينا ڏانهن هي مختصر چٺي لکيم:

”پالينا اليگزنڊ رونا! مون کي صاف نظر اچي رهيو آهي
ته هاڻ گهڻي عرصي کان لڪل رازن تان پردو کڄڻ وارو
آهي. جنهن جو اثر ضرور توتي به پوندو. آءٌ آخري
ڀيرو پڇان ٿو ته توکي منهنجي جان جي ضرورت آهي
يا نه؟ جي آءٌ تنهنجي ڪنهن به ڪم اچي سگهان ته
مون کسان فائدو وٺ. تنهنجي جواب اچڻ تائين آءٌ
پنهنجي ڪمري ۾ ئي آهيان ۽ بلڪل ٻاهر ڪونه ويندس.
جي توکي منهنجي ضرورت آهي ته جواب لک، يا مون کي گهراءِ.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون لفافو بند ڪيو ۽ هوٽل جي بيري کي ڏنم ته پالينا کي پهچائي. ڳالهه ڳالهه هيءَ هدايت به ڪئي مانس ته جي پالينا نه هجي، ته اها چٺي ٻئي ڪنهن کي نه ڏجئين، بلڪ واپس ڪئي اچجانءِ. مون کي ڪنهن جواب جي اميد ڪانه هئي، پر بيري واپس اچي ٻڌايو ته هن اوهان کي سلام چيو آهي.

ڇهين بجي ڊاڪٽر جنرل صاحب مون کي گهرايو.

ان وقت هو پنهنجي پڙهڻ واري ڪمري ۾ هو. اڱڻ تي لڳو چڱو ٻاهر وڃڻ وارو هو. ٽوپي ۽ ڪوٽ ڪرسي تي پيا هئس. جڏهن آءٌ ڪمري ۾ اندر داخل ٿيس، ته هو ڪمري جي وچ ۾ بيٺو، پنهنجي منهن ڳالهائي رهيو هو. زبان سان ڳالهه ڳنڍيندس هٿ، پير ۽ مٿو به هلي رهيا هئا. مون کي ڏسندي ئي، هو اهڙيءَ طرح گهبرائجي مون ڏي ڊوڙيو، جو مان ڊوڙي واپس وڃڻ لڳس، پر هن مون کي جهلي ورتو ۽ زبردستيءَ ڪرسيءَ ڏي وٺي هليو. پاڻ ڪوچ تي ويٺي رهيو ۽ مون کي پير ۾ آرام ڪرسيءَ تي ويهاريائين. اوچتو سندس ڇپر ڪنبڻ لڳا ۽ اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳس — جهڙي ڳالهه ٿيڻ واري لڳس. منهنجي ڪلهن تي هٿ رکي، ڏاڍي هيٺانهين وندي چيائين، ”اليگري اوانو وچ! مون کي بچاءِ، خدارا، ان مصيبت مان بچائينم.“

مون کي هن جو مطلب ڪافي دير کان پوءِ سمجهه ۾ آيو. هو مسلسل ڳالهائي رهيو هو ۽ هر هر 'مون کي بچاءِ، مون کي بچاءِ' رٽي رهيو هو. انهن ڳالهين جو مطلب مون هي ڪڍيو هو ته شايد هو مون کان ڪا صلاح ٿو وٺڻ گهري، يا هيئنڪ ڪٿي ڇڪجي ته فڪرن ۽ پريشانين هن کي ايترو گهيريو هو، جو هاڻ کيس مون کان سواءِ ڪوبه نظر نٿي آيو. جنهن مان دل جو حال اوري دل جو بار هلڪو ڪري سگهي.

هو صفا بدحواس بلڪ چريو ٿي پيو هو. هو ڏاڍي ڏک سان ٻاڏائيندو رهيو، ”خدارا مادموزيل بلانشي کي ميڄا! هن کي چئو ته مون سان شادي ڪري!“ هو منهنجي آڏو هٿ ٻڌڻ وارو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ته مون ڏوري زور سان چيو، ”مادموزيل بلانشي منهنجو چيئه چو وٺندي، آخر آءٌ هن کي ڪهڙي حيثيت سان چوان؟“

پر هو اهڙيون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ تيار ئي ڪونه هو. هو ته صفا واهي تباهي بڪي رهيو هو. هن ڏاڏيءَ پريشانيءَ جي حالت ۾ ڏاڏي جي متعلق به ڳالهيون ڪيون. اڃا تائين هن جو خيال هي هو ته جي پوليس کي اطلاع ڪيو وڃي ته سڄو معاملو ٺيڪ ٿي سگهي ٿو.

اوچتو هو ڪاوڙ ۾ اچي چوڻ لڳو، ”هيڏي سڄي شهر ۾ جتي هيڏي سڄي حڪومت آهي، اهڙيءَ پوڙهيءَ کي حوالات ۾ ڇو بند ڪري سگهجي؟“ اهو چوندي هڪدم اٿيو ۽ ڪنهن خيالي ماڻهوءَ سان ڳالهائيندي، چڪر هڻڻ لڳو، ”ها سائين! مان ٺيڪ ٿو چوان. مان ٺيڪ ٿو چوان، اهڙيءَ عورت کي ڪاريءَ ڪوٺيءَ ۾ بند ڪيو وڃي. ها ها، مان سچ ٿو چوان.“

هو ڏڪندو، وري اچي ڪرسي تي ويٺو ۽ هڪ لمحي ڪان پوءِ آهون ڀريندي، مون کي چوڻ لڳو، ”هاڻ مادموزيل بلانشي ڪڏهن به مون سان شادي نه ڪندي. ڇو جو تار جي بجاءِ خود ڏاڏي اچي وئي آهي. ظاهر آهي، هاڻ ورثي ۾ مون کي ڪجهه به نه ملندو.“ اٿڻ ٿي لڳو جڻ هن جي خيال ۾ مون کي ان جي ڪابه خبر نه آهي. مون ڳرو جو ذڪر ڇيڙيو. هن ڪاوڙ ۾ اچي، هٿ الاريندي چيو ”هو ڪميڻو هتان هليو ويو آهي. منهنجي هر شيءِ هن جي قبضي ۾ آهي. هن مون کي دوکو ڏنو. جيڪي پئسا تو آندا هئا الائي ڪيترا هئا، شايد ست سؤ فرانڪ هئا. هاڻ مون وٽ بس رڳو آهي پئسا آهن. باقي سڀ ختم ٿي چڪو آهي. خبر ناهي ته قسمت ۾ ڇا لکيل آهي.“

”هوٽل جو بل ڪير ادا ڪندو ۽ ان کان پوءِ ڇا ٿيندو؟“ مون حيرانيءَ مان پڇيو.

هو مون کي ڏاڍيءَ حيرانيءَ سان تڪيندو رهيو. پر منهنجو خيال آهي ته هن منهنجي ڳالهه سمجهي ته ڇا، پر ٻڌي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻه ڪالهه، مون ٻالڪنا ۽ ننڍن ٻارن لاءِ ڳالهائڻ چاهيو، پر هو جلدي چوڻ لڳو، ”ها، ها، ٺيڪ آهي.“ وري يڪدم زبان ترڪي ويس ۽ هو ٻهور شهزادي جو ذڪر ڪرڻ لڳو. ”هاڻ بلائشي هُن ڪمبخت سان هلي ويندي. ٻوءِ ڇا ٿيندو؟ اليگزي اِوانو وچ! ٻوءِ ڇا ٿيندو؟ خدا جو قسم مان ته صفا ڇريو ٿي ويو آهيان. ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڇا ڪريان، ڇا نه ڪريان. چڱو، تون ٻيداءَ اهڙا احسان فراموش نه آهي؟ هوءَ منهنجي سڀني احسانن کي وساري ويٺي آهي!!“

ٻوءِ اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳو.

اهڙي بدنصيب شخص کي آءٌ ڇا ٿي چئي سگهيس. ان خيال کان ته ڪجهه ڪري نه ويهي، آءٌ هُن کي اڪيلو ڇڏي نٿي ڇڏي سگهيس. پر آخرڪار خود هُن کان ڇوٽڪارو به حاصل ڪرڻ ٿي گهريم. نهنڪري نرس کي چيم ته هُن جو خيال رکي ۽ ڪمري مان ڪيڏانهن به نه وڃي. ان سان گڏ هوٽل جي بيري کي به چيم. هو ڪو ڏاڍو شريف ماڻهو هو. هُن جنرل صاحب جو خيال رکڻ جو واعدو ڪيو.

آءٌ اچا پنهنجي ڪمري ۾ پهتس ته پوتاپچ ملڻ آيم. ان وقت رات جا اٺ لڳا هئا ۽ ڏاڍي پائي پائي هارائي، ڪاسينو مان واپس آئي هئي. مجبوراً هُن وٽ ويس. هوءَ هڪ بيمار وانگيان ٽڪجي ٿڪي، ڪرسيءَ تي پئي هئي. نوڪرياڻي هُن کي چانهه جو مگ ڏيئي رهي هئي ۽ هُن کي چانهه پيئڻ تي مجبور ڪري رهي هئي. ڏاڏيءَ جو ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ سڄو نمونو بدلجي چڪو هو.

”اچ اليگزي اِوانو وچ! معاف ڪجانءِ. مون توکي هڪ ڀيرو وري تڪليف ڏني. اميد آهي تون مون پوڙهيءَ کي معاف ڪندين. ڳالهه هيءَ آهي ته مان تقريباً هڪ لک روبل هارائي ويٺي آهيان. تون اڄ مون سان گڏ نه هلئين. چڱو جو نه هلئين، نه ته توکي به تڪليف ٿئي ها. هاڻ مون وٽ ٽڪو به ڪونهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ مان هت هڪ منٽ به ترسڻ نٿي گهران. مادي نوين واري گاڏيءَ ۾ واپس پئي وڃان. مون تنهنجي ان انگريز دوست جا اُتس نالوـــ ها اُنسٽلي ڏي ماڻهو موڪليو آهي ته هو مون کي هڪ هفتي لاءِ ٽي هزار فرانڪ اڌارا ڏئي. هن کي مجبور ڪري پئسا هيٺئر ٿي موڪلي ۽ ڏس ڪٿي هو انڪار نه ڪري. اڃا به خدا جي فضل مان مـون وٽ گهڻو ڪجهه آهي. ٽي سڄيون ديهون آهن. ٻه وڏا محل آهن. چڱي خاصي نقدي به آهي. جي مان ڪٽي ڪانهه آئي هيس. هيئنر هن وٽ وڃ. ڪٿي هن جي دل ۾ مون لاءِ شڪ نه پيدا ٿين. ڏسڻ ۾ ته هو تمام چڱو ماڻهو ٿو اچي!“

آءٌ اڃا اتي ئي هوس ته انسٽلي صاحب ڏاڏيءَ جو پيغام ملندي ئي اچي ويو ۽ بنا ڪنهن جهجهڪ جي ٽي هزار فرانڪ ڳڻي ڏنائينس ۽ قرض نامي تي صحيح ڪرائي، اجازت گهري، واپس هليو ويو.

”چڱو اليگزي اِوانو وچ! هاڻ تون ٻلي وڃ. گاڏيءَ ۾ اڃا هڪ ڪلاڪ پيو آهي. ٽيستائين مان ٿورو آرام ڪري وٺان. سڄو بدن ٽٽي رهيو آهي. مون چريءَ کان رنج نه ٿجانءِ. اڄ کان پوءِ ڪڏهن به نوجوانن کي جلدباز ۽ بدحواس ٿيڻ جو الزام نه ڏينديس ۽ يقين ڪجانءِ ته هڻ بدنصيب جنرل کي به ڪجهه نه چونديس. جي چوان ته خدا اڳيان گهنگار ٿيان. اها ٻي ڳالهه آهي ته ڏينديسانس هڪ پئسو به ڪونه. ان ڪري جو هو بيوقوف آهي. آءٌ نه هڻ کان به وڌيڪ بيوقوف آهيان. سچي ڳالهه هيءَ آهي ته وڏا جيڪي چڙهي ويا آهن ته غرور جو ڪنڌ هميشه جهڪيل رهندو، سچ آهي. خدا پوڙهپڻ ۾ به غرور جي سزا ڏيندو آهي. چڱو، خدا حافظ! الوداع! مائي تون اچ مون کي ٿورو اٿار.“

پوءِ به مون ڏاڏيءَ کي اسٽيشن تي چڙهڻ ٿي گهريو. مون کي ديپ هئي ته وري ڪا ٻي ڳالهه نه ٿي پوي. ان ڪري آرام سان ڪمري ۾ ويهي نه سگهيس، بلڪ ورانڊي ۾ چڪر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿئمدو رهيس. اتان نڪري رستي تي آيس. پاڻينا ڏانهن منهنجو هي خط آخري هو. هيءَ مصيبت واقعي وڏي هئي. آءٌ هوٽل ۾ ئي ٻڌي چڪو هوس ته گريو هليو ويو هو. جي هوءَ مون کي نڪرائي به ٿي، ته شايد نوڪر جي حيثيت سان نه نڪرائيندي. منهنجو وجود هن لاءِ ضروري هو. آءٌ هن لاءِ فائديمند هوس. خواه منهنجي حيثيت هن لاءِ هڪ نوڪر جهڙي ڇو نه هجي! پر اڻين هو ضرور.

اڃا گاڏي ڇٽڻ ۾ ڪجهه منٽ هئا. آءٌ ڊوڙندو اسٽيشن تي پهتس ۽ ڏاڏيءَ سان مليس، جا هڪ خاص گاڏي ۾ ويٺي هئي. چوڻ لڳي، ”ان بي لوث همدرديءَ لاءِ مهرباني.“ جڏهن گاڏي هلڻ لڳي، ته چيائين ”پراسڪوويا کي چئجانءِ ته ڪالهوڪي ڳالهه ياد رکي، مان هن جو انتظار ڪنديس.“ هن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا.

آءٌ هوٽل واپس آيس. جنرل صاحب جي ڪمري وٽان لنگهندي، پوڙهيءَ نرس کان پڇيم ته جنرل صاحب جو ڪهڙو حال آهي، ته نراسائيءَ سان ٻڌايائين ته ٺيڪ آهي. جڏهن آءٌ ڪمري ۾ داخل ٿيس ته اهو ڏسي حيران ٿي ويس ته جنرل صاحب ۽ بلانشي ٺهڪ ڏيئي کلي رهيا هئا! جنرل صاحب ڏاڍو خوش پئي نظر آيو ۽ بي ربط نموني سان ٻڙڪي رهيو هو ۽ وڏا وڏا ٺهڪ ڏيئي رهيو هو. ٺهڪ ڏيندي وقت منهن تي گهنج ٿي ايري آيس.... اصل اکيون به گم ٿي ٿي ويس. پوءِ بلانشي کان خبر پيم ته شهزادي کان جدا ٿيڻ کان پوءِ جڏهن خبر پيس ته جنرل هن لاءِ روئي پيو، ته رڳو تسليءَ خاطر هن وٽ هلي آئي هئي، نه ته جنرل ويچاري کي ڪهڙي خبر ته سندس قسمت جو فيصلو ٿي چڪو هو. هوءَ صبح جو پهرينءَ گاڏيءَ ۾ پئرس وڃي رهي هئي.

سون جنرل جي پڙهڻ جي ڪمري جي در ۾ بيهي

ارادو بدلايو ۽ موٽيس. هن مون کي ڪونه ڏٺو هو. آءٌ واپس ڪمري ۾ آيس. آهستي دروازو کوليم. ان اونداهيءَ ۾ دريءَ واريءَ ڪرسيءَ تي ڪو ويٺو هو. جڏهن آءٌ آهستي اندر داخل ٿيس، ته هو چريو پريو به ڪونه. تيزيءَ سان وڌي، ويجهو ويس ته هن کي ڏسي منهنجي دل ڄڻ ته ڌڙڪڻ وساري ڇڏيو — هوءَ پالينا هئي.

---

# باب چوڏهون

مون کان ٻه، رڙ نڪري ويئي.

”ڇا آهي، آخر ٿيو ڇا؟“ هن تعجب مان پڇيو. اداسيءَ کان هن جو رنگ هيڊو ٿي ويو هو.

”تون مون کان ٿي پڇين، سو ٻه منهنجي ڪمري ۾؟“

”منهنجو طريقو اهو ئي آهي. جي اڇٽو هوندو اٿم ته هلي ايندي آهيان. توکي سڀ خبر پئجي ويندي. ٿوري بتي ٻار.“

مون بتي ٻاري، هوءَ اٿي اچي ميز تي ويٺي ۽ هڪ ڪاغذ ڇني منهنجي هٿ ۾ ڏنائين،

”هن کي پڙهه.“ هن حڪم ڪندي چيو.

”هي ته گرڊو جي اڪيلي آهي.“ مون ڇني وٺندي چيو. منهنجا هٿ ڪنبڻ لڳا ۽ سڄون منهنجي اکيون نچڻ لڳيون. مون کي هن چٺيءَ جا صحيح اکر ته ياد ڪونهن، پر اڪيلي مڙڏي هيئن هو.

مادموزيل سلام:—

جيئن اوهان کي خبر آهي، ڪن خاص حالتن ۽ مجبورين جي ڪري مان هتان وڃي رهيو آهيان. مڪمل صورتحال کي اوهان جي سامهون صاف صاف بيان ڪرڻ لاءِ مان اڄ تائين اوهان سان ملي نه سگهيس. بلڪ هينئن ئي سمجهو ته مون ڄاڻي واڻي ان جي ڪوشش نه ڪئي. اوهان جي پوڙهي ماڻهياڻيءَ جي اچڻ ۽ هن جي جهاڙائن روئي منهنجي سيني شڪن کي ختم ڪري ڇڏيو. منهنجا ذاتي حالات ايترا خراب آهن، جو مان وڌيڪ خوشگوار حالات جي ڪابه اميد نٿو رکي سگهان، جيڪي ڪجهه وقت کان دل ۾ ماڻيندو ٿي آيس. مون کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماضيءَ جو افسوس آهي. خير، جو گذريو سو ڇڏيو. پر منهنجي متعلق ايتري خبر ته اوهان کي به پهچي چڪي هوندي ته منهنجو روبو هميشه هڪ شريف ۽ ايماندار ماڻهوءَ جهڙو رهيو آهي. مان پنهنجي سڄي دولت اوهان جي ويچاري پيءُ کي قرض ۾ ڏيئي چڪو آهيان ۽ هاڻ وڏيڪ رقم برباد ڪرڻ نٿو گهران. بلڪ جيڪي ڪجهه باقي بچيو آهي، تنهن مان وڌ ۾ وڌ فائدي وٺڻ تي مجبور آهيان. مون پيئرز برگ ۾ پنهنجي هڪ دوست کي خط لکيو آهي، ته هو مون وٽ جنرل جي گروي رکيل ملڪيت وڪري جو يڪدم ڪو انتظام ڪري. اهو پڪي ته اوهان جي نادان ويچاري پيءُ اوهان جي پنهنجي ذاتي ملڪيت به برباد ڪري ڇڏي آهي، مون ارادو ڪيو آهي ته هن کي پنجاه هزار فرانڪ ڇوٽ ڏيئي ڇڏيان. ان رقم جي ماليت جيتري ملڪيت آءٌ هن کي واپس ڪري رهيو آهيان. ان طرح اوهان جيڪا رقم قانوني طرح هن کان وٺڻ جو حق رکو ٿيون، اها اوهان کي ملي ويندي. مادموزيل، اميد آهي ته موجوده صورتحال ۾ منهنجي ڪارگذاري اوهان لاءِ نفع بخش ثابت ٿيندي. مون کي هيءَ به اميد آهي ته مان ان ڪارگذاريءَ سان هڪ انسان، هڪ شريف انسان واري فرض ادائيءَ جي تڪميل ڪري رهيو آهيان. يقين رکو اوهان جي ياد هميشه هميشه لاءِ منهنجي دل تي نقش ٿيل آهي."

"هئه! اها ته بلڪل صاف ڳالهه آهي." مون پالينا ڏانهن ڏسندي چيو. "ان کان وڌيڪ ته توکي ٻي ڪا اميد نٿي ٿي سگهي." منهنجي لهجي مان ڪاوڙ ظاهر ٿي رهي هئي.

پالينا ڪنبندڙ آواز ۾ چيو. "مون کي وڌيڪ ڪابه اميد ڪانه هئي. مان هن کان ڪجهه وٺڻ به نٿي گهريو. حالانڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان گهڻي عرصي کان سمجهي چڪي هيس ته هو ضرور ائين ڪندو. مون هن کي چڱيءَ طرح سڃاتي ورتو هو ۽ جيڪي ڪجهه هو سوچي رهيو هو، تنهن جي به مون کي خبر هئي. هن جو خيال هو ته مان خود هن جي پئيان پوڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهيان. مان خود هن کي چوان ته...." (هوءَ پنهنجو جملو پورو ڪري نه سگهي ۽ چپن کي ڏندن سان ڪٽڻ لڳي. پوءِ صفا چپ ٿي وئي.) وري اوچتو پاڻمرادو ڳالهائڻ شروع ڪيائين، ”مون چاڙهي واري هن مان پنهنجي حقارت ۽ نفرت وڌائي هئي. مون رکيو هيءَ ٿي چاڙهه چاهيو ته آخر هن جو ارادو ڇا آهي ۽ هو مون کان ڇا ٿو گهري. جي ورتي جي متعلق اها تار آئي هجي ها، جنهن جو اسان کي انتظار هو، ته هن جا سڀ پئسا هن جي پوت تي ڦهڪائي ڪيان ها ۽ چوانس ها وڃ پنهنجو رستو وٺ. مان هميشه هن سان نفرت ڪندي رهي آهيان پر پهرين هو اهڙو نه هو. توکي پڌايان ٿي ته هو مختلف هو. پر هاڻي— هاڻي جي مون وٽ پنجاه هزار فرانڪ هجن ها، ته پهرين هن جي منهن تي ٿڪ هڻان ها ۽ پوءِ اهي سندس منحوس منهن تي ڪڍي نڪاءُ ڪريان ها."

”پر پنجاه هزار فرانڪ جو دستاويز ته جنرل صاحب وٽ آهي. اهو وٺي هن کي واپس ڪر."

”اها ڳالهه ڪانهي، اها ڳالهه ڪانهي، ائين اها ڳالهه نه ٿيندي!"

”ها، بيشڪ اها ڳالهه نه ٿيندي. برابر اها ماڳي ڳالهه نه ٿيندي! پئي ڪندي جنرل صاحب وٽ هاڻي بچيو به ڇا آهي؟ ۽ هوءَ ڏاڏي؟" مون چيو.

پالينا عجيب انداز ۾ مون کي تڪڻ لڳي، ”ڇا چيئي؟ ڏاڏي! مان هن کان ڪڏهن به نه گهرنديس. مان ڪنهن جي آڏو هٿ ٽنگڻ نٿي گهران." هن پريشانيءَ وچان چيو.

”پوءِ آخر ڇا ڪجي؟ توکي هن ذليل، بدمعاش گريو سان

آخر محبت ڪيئن ٿي؟ جي چوين ته آءٌ وچي هن جو خون ڪري اڇان! هو هاڻ ڪٿي آهي؟"

"هو فرئنڪفرٽ ۾ آهي ۽ اُتي ئي ڏيهن رهندو."

"جي ٿورو به اشارو ڪرين ته آءٌ صبح جو پهرين ئي گاڏيءَ ۾ اوڏانهن هليو وڃان!" مون ڏاڍي جذباتي انداز ۾ چيو.

"۽ جو هو چوي ته ميان، پهرين منهنجا پنجاه هزار فرانڪ ته ڏي! ته پوءِ تون ڇا ڪندين؟ پيو هن سان ڇا لاءِ وڙهندين؟ نه نه! اها سراسر ڇرانڀ ٿيندي."

"پوءِ پنجاه هزار فرانڪ ڪٿان آڻيون؟" آءٌ ڏند پيهڻ لڳس، ڇڻ هيئر زمين ڦاٽي پوندي ۽ ان ۾ پنجاه هزار پيا هوندا ۽ آءٌ رڳو هٿ وجهي اُهي کڻي وٺندس. اوچتو هڪڙو خيال منهنجي ذهن ۾ پيدا ٿيو، جو مون صلاح طور ڀالينا کي ٻڌايو، "۽ جي ائسٽلي صاحب کان گهرون، ته ڪهڙو حرج آهي."

هن جون اکيون ڦاٽي ويون.

"يعني تون پاڻ ٿو چاهين ته مان هن انگريز کان خيرات گهرڻ وڃان." هن منهنجي منهن ۾ معني خيز نگاهن سان ڏسندي، طنزيه مرڪ سان چيو. هن زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو مون کي سڌو تون چئي مخاطب ڪيو هو.

هوءَ جوش کان چڪرائجي وئي هئي. هڪدم ڪوچ تي ائين ڪري پئي، ڄڻ ڏاڍي ٿڪجي پيئي هجي.

مون کي ائين لڳو، ڄڻ ته منهنجي رڳ رڳ ۾ ڪا بجلي ڊوڙي ويئي. آءٌ هڪ هنڌ ڄمي ويس. مون کي پنهنجي اکين ۽ ڪنن تي اعتبار ئي نٿي آيو. ته ڇا هوءَ واقعي مون سان محبت ٿي ڪري. هوءَ ائسٽلي صاحب وٽ وڃڻ جي بجاءِ مون ڪنگال وٽ هلي آئي هئي.

هڪ جوان ۽ سهڻي ڇوڪريءَ جو منهنجي ڪمري ۾ هيئن اڪيلو هليو اچڻ، سو به اهڙي اعتماد سان! هن جي اچڻ خود سندس گهاڻ، صاف طرح ظاهر ڪئي هئي — پر آءٌ —

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جي سامهون بيٺو هوس ۽ ڪاٻه ڳالهه اجا تائين نه سمجهي سگهيو هوس.

اوچتو هڪ جنوني خيال منهنجي ذهن تي ايري آيو.

”پاليتا! مون کي صرف هڪ ڪلاڪ جي مهلت ڏي. رڳو هڪ ڪلاڪ .... مان اجهو هينئر ٿو واپس اچان. تون خود پنهنجين اکين سان ڏسنديئن. تون هتي ئي ويهه. ڪيڏانهن وڃجانءِ نه .... آءٌ اجهو ٿو اچان. بس اجهو!“

آءٌ هن جي سواليه نگاهن جو جواب ڏيڻ بجاءِ تيزيءَ سان ڪمري مان نڪتس. هوءَ مون کي سڏ ڪندي رهي. پر آءٌ واپس ٿيڻ وارن مان نه هوس.

ڪڏهن ڪڏهن ڪو جنون ۽ ناممڪن خيال انسان کي اهڙيءَ طرح اچي ورائيندو آهي، جو هو ان کي بلڪل اصلي ۽ حقيقي سمجهندو آهي ۽ جي اهو خيال ڪنهن زبردست خواهش جي ڪري پيدا ٿيو هجي، ته پوءِ ان کي بلڪل اٽل سمجهندو آهي. ڄڻ روز ازل کان اهو ئي قسمت ۾ لکيل هو، بلڪ ان خيال ۾ ڪي پيون ڳالهيون به لڪل ٿينديون آهن. آئينده جي واقعن جي اڳواٽ خبر پوڻ. ارادي جي غير معمولي قوت. پنهنجي ئي تصور رستي پاڻ کي پڌي رکڻ ۽ پهو الائي ڇا ڇا، جنهن جي خبر مون کي به ڪانهي. پر ان شام (جنهن کي آءٌ مرڻ گهڙيءَ تائين نه وساريندس) مون سان هڪ معجزو ٿي ويو. حالانڪ اهو رياضيات جي اصولن جي بلڪل مطابق آهي، پر منهنجي لاءِ اج تائين اهو هڪ آسماني معجزو آهي. سوال رڳو ايترو آهي ته اهڙي پڪ اڳواٽ منهنجي ذهن ۾ ڪيئن پيدا ٿي؟ ڇو منهنجي ذهن ۾ انهيءَ ارادي ۽ انهيءَ يقين جي پاڙ ايتري مضبوط کپي ويئي هئي؟ مون اول ئي يقين ڪري ورتو هو ـــ اها ڳالهه مان وري ڪري رهيو آهيان ـــ مون اول ئي يقين ڪري ورتو هو ته ضرور اٿين ٿيندو، هر صورت ۾ ٿيندو ۽ ان جي نه ٿيڻ جو ڪو سوال ئي ڪونه ٿو اٿي ـــ هڪ اهڙي مقدر جي ڳالهه وانگر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جو ٿيڻ لازمي ۽ اٽل هو.

سوائين ڏهين ٻجي دل ۾ ڏاڍيون اميدون ۽ تمنائون کڻي، ڏاڍيءَ خود اعتماديءَ ۽ جوش سان، آءٌ ڪسينو ۾ ويس.

اڃا اُتي گهڻا ٿي جوئا کيڏي رهيا هئا. البت صبح جي نسبت هنن جو تعداد ڪجهه گهٽ هو. جوئا خاني ۾ ڏهن ۽ ٻارهن جي وچ ۾ به ڏاڍا جهونا ۽ هوشيار جوئاري موجود هوندا آهن، جن جي لاءِ اهڙن گرم چشمن وارين جڳهين تي رولٽ کان سواءِ ڪا وندر ئي ڪانهي. هو هتي رڳو رولٽ جي جوئا لاءِ ايندا آهن. سڄي موسم ۾ هو جوئا کان سواءِ ڪنهن به ٻي شيءِ ۾ دلچسپي ڪونه وٺندا آهن، بلڪ صبح کان شام تائين جوئا کيڏندا رهندا آهن ۽ جي ممڪن هجي، ته جيڪر سڄي رات ٻازين ۽ چالن جي چڪر ۾ گذاري ڇڏين. جڏهن ٻارهين ٻجي جوئا خانو بند ڪندا آهن، ته هو ڏاڍيءَ بيزاريءَ سان ٻاهر نڪرندا آهن، ڇڻ دل نٿي گهرين، پر مجبور آهن ۽ جڏهن اڌ رات گذرڻ تي وڏو خزانچي وڏي سڏ 'هيءَ آخري بازي آهي' چوندو آهي ته هو سڀ پنهنجي کيسن ۾ پيل سموري رقم هڪ ئي وقت نن نشانن تي هڻي ڇڏيندا آهن ۽ عام طرح هميشه هارائيندا آهن. آءٌ ان جڳهه تي وڃي ويٺس، جتي ڏينهن جو ڏاڏي ويٺي هئي. ميڙ گهڻو ڪونه هو. تنهنڪري مون کي جڳهه حاصل ڪرڻ ۾ ڪا تڪليف ڪانه ٿي. منهنجي سامهون سائي رنگ جي ڪپڙي تي لکيل اچو اکر 'پولي' موجود رکيو هو. 'پولي' اٺونجهن کان ڇٽيهن تائين انگن جو هڪ سلسلو آهي، جنهن تي داءُ هنيو ويندو آهي.

هڪ کان ارڙهن تائين جي انگن جو سلسلو 'شدني' سڏائيندو آهي. پر هن وقت آءٌ شدني يا پوليءَ جي چڪر ۾ نه هوس. ڪٿي ته نهيو، پر آءٌ هي به نه ٻڌي سگهيس ته ڪنڻ جو آخري انگ ڪهڙو هو؟ ۽ ان جوئاريءَ وانگر، جنهن ۾ ذرو به خود داريءَ جو مادو هوندو آهي، مون ڪنهن کان پڇيو ئي

ڪونہ. مون ڪيسي مان پنهنجي ڪل ملڪيت، يعني ويهہ فيلبرڪ ڪڍيا ۽ يڪدم 'پولي' تي هنيا، جو ان وقت منهنجي بلڪل سامهون هو.

"بهترين بازي، سائين!" خزانچيءَ چيو.

آءٌ ڪٿي ويس. مون پهرَ سڄي رقم بازيءَ ۾ هڻي.

"واهہ واهہ!" خزانچيءَ چيو.

هڻ پيري بہ مون کٽيو. هاڻ مون وٽ اسي فيلبرڪ تي ويا. مون سڀ وچ وارن ٻارهن انگن تي هنيا. چڪرو قرڻ لڳو ۽ اوچتو چوويهن جي انگ تي بيهي رهيو. خزانچيءَ مون کي پنجاهہ پنجاهہ فيلبرڪ جي نوٽن جا ٽي بنڊل ۽ ڏهہ سونا سڪا ڏنا. هاڻ مون وٽ ڪل ٻہ سؤ فيلبرڪ هئا.

آءٌ عجيب ويچار ۾ پئجي ويس تہ هاڻ ڇا ڪريان. مون يڪدم سڄي رقم ڳاڙهي نشان تي هڻي ۽ سوچڻ لڳس تہ ٺيڪ ٿيندو. منهنجا هٿ پير ۽ سڄو جسم ڪنبي رهيو هو ۽ جسم ۾ اندر بہ هلڪا هلڪا جذبات رقي رهيا هئا — آخرڪار جڏهن ڪجهہ پاڻ سنڀاليم، تہ احساس ٿيم تہ هاڻ مون کي پئسن جي بازي هارائڻ ۾ ڪهڙو ڏپ، جڏهن تہ مون جان جي بازي هڻي ڇڏي آهي.

"ڳاڙهو!" خزانچي چيو.

مون آهستي ٿڌو ساهہ پريو. منهنجي جسم ۾ اندر ۽ ٻاهر خوشيءَ جون هلڪيون سيون ڇڙي رهيون هيون. هو مون کي بيتاب ڪري رهيون هيون. خزانچيءَ چار هزار فلورن ۽ اسي فيلبرڪ بئنڪ جي نوٽن جي شڪل ۾ ڏنا. پر عادت مطابق مون ان جي بہ گهٽ ڪانہ ڪئي.

ان ڪان پوءِ جيسنائين مون کي ياد آهي، مون ٻہ هزار فلورن وچ وارن ٻارنهن انگن تي هنيا ۽ هارايم. مون کي سخت ڪاوڙ لڳي. وري اسي فيلبرڪ جي بازي هنيم. اها بہ هارايم. باقي ٻہ هزار فلورن ڪاوڙ ۾ يڪا هنيم. ان وقت منهنجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل ۾ اهڙو احساس ضرور موجود هو، جو شايد مادام بلانڪرڊ پيرس ۾ خودڪشيءَ خاطر مينار تان ٽپ ڏيندي وقت محسوس ڪيو هوندو.

”واهه سائين!“ خزانچيءَ چيو.

هيءَ بازي ڪٽڻ تي مون وٽ ڇهه هزار فلورن ٿي ويا. آءٌ پوريءَ ٺي ڏاڍو خوش هوس. مون کي ڪنهن شيءِ جو ڏپ ڪونه هو. ڏچڻ جي ضرورت به ڪهڙي هئي؟ مون ڇهن هزارن جا چار هزار فلورن ڪاري نشان تي هنيا. ڏسندي ڏسندي نون ٻين ماڻهن به ڪارن نشانن تي داءُ هنيو. خزانچي هڪٻئي کي معنيٰ خيز نگاهن سان گهورڻ لڳا ۽ مس ڦس ڪرڻ لڳا. سڀ تماشائي حيرت سان پاڻ ۾ پڻ پڻ ڪري رهيا هئا.

ڪارو نشان منهنجي حق ۾ نڪري آيو. ان کان پوءِ مون ڪيتريون بازيون کٽيون ۽ مون هر بازيءَ ۾ ڪيترا پئسا لڳايا، اهو مون کي ياد ڪونهي. رڳو ايترو ياد اٿم ته ان وقت خواب جهڙي حالت ۾ هوس. ان حالت ۾ مون غالباً سورنهن هزار فرانڪ کٽيا. اوچتو ٽي منحوس بازيون انهن مان ٻارنهن هزار فرانڪ واپس وٺي ويون. پوءِ مون ڪاوڙ ۾ اچي باقي چار هزار ’ٻوائي‘ تي هنيا ۽ پاڻ هڪ بيجان مشين جيان بيٺو رهيس. هن ڀيري مون کٽيو. ان کان پوءِ مسلسل چار بازيون منهنجي حق ۾ نڪتيون. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته آءٌ پئسن ۽ نوٽن سان مٺيون ۽ کيسا ڀري رهيو هوس. مون کي هي به ياد آهي ته وچ وارا ٻارنهن انگ منهنجي حق ۾ ڏاڍا سٺا ٿي نڪتا ۽ ان لاءِ هر ڀيري انهن تي ٿي داءُ هنيم. ڏاڍيءَ باقاعدگيءَ سان اهي انگ ٽي چار ڀيرا نڪتا. اهڙي حيران ڪندڙ باقاعدگي عام طرح رنگين نشانن تي ٿيندي آهي ۽ اها باقاعدگي ناتجربيڪار ۽ ڪچن جوارين جا ڏير ڏيرا ڪري ڇڏيندي آهي، جيڪي هڪ هڪ گهڙيءَ ڪاغذ تي لکڻ ۽ هار جيت جو اندازو ڪرڻ ۾ رڌل هوندا آهن ۽ واقعي اهڙن موقعن تي قسمت جون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لهواريون ۽ اوپاربون اڪثر خطرناڪ صورت اختيار ڪنديون آهن.
جوئنا خاني ۾ آئي اچا مون کي اڌ ڪلاڪ به نه ٿيو هو، ته اوچتو خزانچيءَ اطلاع ڏنو، ته آءٌ ٽيهه هزار فلورن ڪٿي چڪو آهيان ۽ ڇو جو بئنڪ ايترا پئسا هڪ ئي وقت ڏيئي نٿي سگهي، ان ڪري رولٽ جي جوئنا صبح تائين بند رهندي. مون پنهنجي سامهون پيلي نرت ۽ مڪا ڪنيا. گوڙري پدم ۽ ٻئي ڪمري ۾ هليو ويس، جتي رولٽ جي جوئنا جي ٻي ميز موجود هئي. سڀ ماڻهو منهنجي پٺيان پٺيان اچڻ لڳا. اتي ويندي ئي منهنجي لاءِ جاءِ خالي ڪئي ويئي. مون ڪرسيءَ تي ويهندي، اڳي جيان بنا سوچي سمجهي ڏاڍيءَ لاپرواهيءَ سان بازي هنئي — خدا کي خبر، مون کي ڪهڙي شيءِ بچائي رهي هئي.
البت ڪڏهن ڪڏهن خود داريءَ جي هڪ جهلڪ، هوش منديءَ جو هڪ ڪرڻو مون کي نظر آيو ٿي. ٻهرين پهرين ته مون خاص خاص انگن ۽ نشانن تي ٻئي داءَ هنيا، پر پوءِ انهن ئي نوڪل تي ڪم ڪرڻ لڳس. ان وقت آءٌ بلڪل خالي الذهن هوس. مون کي ياد آهي ته گهڻا ئي پيرا خزانچيءَ منهنجيون چڪون جهليون. منهنجون لونڌڙيون پگهر سان پرجي ويون هيون ۽ هٿ ڏڪي رهيا هئم. منهنجي اهڙي حالت ڏسي گهڻن ئي پولستانين پنهنجون مخلصانه خدمتون پيش ڪيون. پر مون ڪنهن ڏانهن اک کڻي به نٿي ڏٺو. مون کي خبر هئي ته منهنجي تقدير کي دنيا جي ڪابه طاقت زير ڪري نٿي سگهي. اوچتو ماڻهو ٺهڪ ڏيڻ ۽ زور زور سان تاڙيون وڄائڻ لڳا. مون هتان پڻ ٽيهه هزار فلورن ميڙي ڪنيا. هي بئنڪ به سڀاڻي صبح تائين بند ٿي چڪي هئي.
”هاڻ هليا وڃو، هاڻي اوهين هتان هليا وڃو!“ ڪنهن منهنجي ڪن ۾ آهستي چيو. هيءُ فرئينڪفرٽ جو يهودي هو. رانند هلندي منهنجي پرسان بيٺو هو ۽ گهڻا ئي پيرا منهنجي مدد ڪئي هئائين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

'خدارا هليا وڃو،' ڪنهن وري آهستي منهنجي ساڄي ڪن ۾ چيو.

هيءَ ٽيهن پنجٽيهن سالن جي هڪ خاتون هئي. زرق برق لباس ۾ ملبوس. چهري تي حالانڪ هيبتاڪ ۽ اداسي ڇانيل هيس، پر کنڊر ٻڌائي رهيا هئا ته عمارت عظيم هئي. پنهنجي جوانيءَ ۾ ته ڏاڍي سهڻي هوندي. آءٌ نوٽ مروڙي سروڙي کيسي ۾ وجهي رهيو هوس ۽ سونا سڪا گڏ ڪري رهيو هوس. آخري ٽهي ڪٽي مون ان عورت کي ڏيئي ڇڏي. دراصل ان وقت منهنجي دل ۾ پئسن ڏيڻ جي زبردست خواهش هئي. مون کي ياد آهي، هن جي ڏکهين هيٺين آڱرين منهنجي هٿ کي شڪريي جي طور تي آهستي زور ڏنو، هي سڀ ڪجهه هڪ ئي لمحي ۾ ٿي ويو.

پنهنجي ڪٽيل رقم کڻي مان ان ڪمري ۾ هليو ويس، جتي شرط هئي ڪيڏڻ واري ميز رکي هئي ان جو نالو 'شرطيه ميز' پئجي ويو آهي.

شرطيه ميز تي هميشه رئيس جوئا ڪيڏندا آهن. رولٽ جي جوئا جي خلاف هن ۾ پتن تي بازي هڻي ويندي آهي. هتي يڪدم هڪ ئي وقت ۾ هڪ لک فلورن تائين ادا ڪري سگهي ٿي. هوئن رولٽ وانگر هتي به هڪ بازيءَ ۾ وڌ ۾ وڌ چار هزار فلورن هڻي سگهجا آهن. مون کي هيءَ راند کيڏڻ جي خبر اصل ڪانه هئي. پيو ته نه هيو، پر مون کي شرط هڻڻ به نئي آئي. رڳو اها خبر هيم ته هتي به ڳاڙهي ۽ ڪارن نشانن تي داءُ هڻبو آهي. ان ڪري مون هڪ ئي وقت ڪاري ۽ ڳاڙهي نشان تي بازي هڻي ۽ آخر تائين انهن تي کيڏندو رهيس. هجوم ايڏو هو جو سڄو ڪاسينو هتي مڙي آيو هو. قسم ونو جي هڪ پيرو به کيڏڻ جي وچ ۾ مون کي پالينا ياد آئي هجي. ڪرچن مان نوٽن جون ٿهون ۽ سڪا ميڙيندي مون کي جا خوشي ٿي رهي هئي، سا بيان کان ٻاهر آهي. منهنجي پئسن جا

ڏيکي جيئن پوءِ تيئن وڌندا ٿي رهيا.

مون کي اهين پئي لڳو ڄڻ قدرت خود مون کي کيڏڻ تي مجبور ڪري رهي هجي. قسمت جي ڳالهه آهي ته هن ڀيري به مون کي هڪ خوشگوار موقعو پيش آيو. جو عام طرح جوئا ۾ ٿيندو آهي. مثلاً ڳاڙهو نشان ڏهه ڏهه بلڪ پندرهن ڀيرا متواتر نڪرندو آهي. مون ٽيون ڏينهن ٿي پڙو هو ته هڪ ڏينهن ڳاڙهو نشان ٻاويهه ڀيرا پئي نڪتو. اها هڪ اهڙي ڳالهه آهي، جا رولٽ جي جوئا ۾ اڻ ٿيڻي سمجهي ويندي آهي ۽ جي هتي ڪو نشان متواتر نڪرندو آهي، ته ماڻهو اڻ ٿيڻا خيال ڪندا آهن ۽ ان تي گرما گرم بحث ڪندا آهن. جي ڳاڙهو نشان ڏهه ٻارنهن ڀيرا لاڳيتو نڪري، ته ظاهر آهي ڪوبه شخص ان نمبر تي بازي هڻڻ جي هام نه ڀريندو. پر اها به ڳالهه آهي ته اهڙي حالت ۾ تجربيڪار جوئاري ڪاري نشان تي به بازي نه هڻندو. پرانو ۽ پڪو جوئاري اتفاق جي انهن ڳالهين کي چڱيءَ طرح سمجهي ٿو. جڏهن ڳاڙهو نشان متواتر سورنهن ڀيرا نڪري چڪو آهي، ته ان جو مطلب اهو ٿي هوندو ته هاڻ قسمت جو داءُ ڪاري نشان تي اچلايو وڃي. ڪچا رانديگر عموماً اهو ٿي اندازو ڪندا آهن. ان ڪري ڀيري ڀيري مان پنهنجون بازيون کي ٻيڻو ٽيڻو ڪري هڻندا آهن ۽ هارائيندا آهن.

جڏهن مون ڏٺو ته ڳاڙهو نشان يڪو ست ڀيرا نڪتو آهي، ته مان بلڪل ڪونه گهٻرايس، بلڪ ڏاڍيءَ بي خوفيءَ سان ان ئي نشان تي داءُ هنيم. آءٌ يقين سان چئي سگهان ٿو ته ان جو وڏو سبب منهنجو غرور ۽ خودداري هئي، پر شايد ان کان وڌيڪ سبب کٽڻ جي شديد خواهش هئي. درحقيقت مون چاهيو ٿي ته هارائڻ جو هي احمقاڻو خطرو مٿي تي کڻي به انهن سڀني تماشاين تي ڇانئجي وڃان. هنن کي پنهنجي انفراديت سان متاثر ڪريان. دل ۾ اهڙا اهڙا خيال ۽ ذهن ۾ اهڙا اهڙا جذبات رکڻ جي باوجود منهنجو روح مطمئن نه هو. اها ئي بي چيني،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو ئي اضطراب هڪ نئي جذبي جي خواهش، هڪ نئي خيال جي تمنا. وري گهٽي بي چيني ـــ گهڻو اضطراب ـــ ايترو جو منهنجو روح تڪڙي چور ٿي پيو. آءٌ سچ ٿو چوان ته جي پنجاه هزار فاورن جي بازي هٽي هجي ها، ته آءٌ يڪي پنجاه هزارن جي بازي هٽان ها. ماڻهو رڙيون ڪري چئي رهيا هئا، ”اها چريائي آهي. سراسر حماقت آهي. گهڙهو نشان ته پهرين ئي چوڏنهن پيرا نڪري چڪو آهي!“

”هي ته ڪو جن ٿو لڳي!“ مون هڪ شخص جو آواز ٻڌو، جو پٺيءَ کي چئي رهيو هو. الائي ڇو، آءٌ پنهنجي لاءِ سوچڻ لڳس ته ڇا واقعي هڪ لک فاورن کٽي چڪو آهيان! ۽ هاڻ وڌيڪ رقم کي ڇا ڪندس؟ مون نوٽن جون ٿهون ۽ پئسا ڇڪي کيسن ۾ وڌا ۽ گهرڙي ڌار ٻڌي کنيم. ٻاهر ايندي وقت مون ڏٺو ته هرڪو منهنجي پٺين مان پريل کيسن کي لالچ ڀريل نگاهن سان ڏسي رهيو هو ۽ زيرلب مسڪرائي رهيو هو. رستي ۾ آءٌ خود سڪن جي بار کان ٿڪجي پيس. منهنجي خيال ۾ اهو بار ڏهن سيرن کان گهٽ هو. گهٽا ئي هٿ مون ڏي وڌيا، جن کي مون خالي وڃڻ نه ڏنو. بلڪ هرهڪ کي مٺيون ڀري ڀري ڏنم. ٻه يهودي وڏي دروازي جي ٻاهران بيٺا هئا.

”اوهين ڏاڍا بهادر آهيو. واقعي ڏاڍا همت وارا آهيو. پر اسان جي هڪ ڳالهه ياد رکو، سياڻي هتي بلڪل نه اچجو، نه ته سڀ هارائي ويندؤ.“

مون هنن جي ڳالهين تي اصل ڌيان نه ڏنو. رستي ۾ ايتري ته اوندهه هئي، جو پنهنجو هٿ به ڏسي نه ٿي سگهيس. هوٽل اڌ ميل کن پري هئي. چورن ۽ ڌاڙيلن کان ته مون کي ڊپ ئي ڪونه لڳندو هو. سو هاڻي ڇا لڳندو. مون کي ياد ڪونهي ته ان وقت آءٌ ڇا سوچي رهيو هوس. درحقيقت آءٌ ڪجهه به ڪونه سوچي رهيو هوس. آءٌ ته رڳو مسرت، خوشي، ڪاميابي، طاقت، مطلب ته ڇا چوان، ڪهڙيءَ طرح بيان ڪريان!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ معلوم ڪهڙيءَ شي جي نشي ۾ مست هوس. رڳو پاليئا جو تصور منهنجي ذهن ۾ هلي رهيو هو. وسري ل يادگيريون هڪ هڪ ٿي بيدار ٿي رهيون هيون. مون کي شعوري طور تي خبر هئي تہ ڪيڏنهن پيو وڃان ۽ ٿورن لمحن ۾ هن وٽ هوندس. هن کي پڌائيندس، هن کي ڏيکاريندس تہ... پر اهي سڀ ڳالهيون وسري ويون، جي ٿوري دير پهرين هن مون سان ڪيون هيون. آخر آءٌ ڇو نڪتو هوس؟ اهي سڀ جذبات ۽ احساسات جي مون ڏيڍ ڪلاڪ پهرين محسوس ڪيا هئا، انهن تي لڳو ڄڻ ماضيءَ جي ڪا ڳالهہ هئا. هاڻ انهن جي صورت بدلجي ويئي هئي. اهي پراڻا ٿي ويا هئا ۽ انهن جو ذڪر ئي ڪهڙو ڪجي، جڏهن هاڻي هر شيءِ نئين طرح شروع ٿيندي. رستو ختم ٿيڻ تي هو تہ اوچتو هڪ عجيب و غريب خيال ستائڻ لڳم. جي ڪو مون کي ڦري وٺي يا قتل ڪري ڇڏي، تہ ڇا ٿيندو؟ هر قدم تي اهو خيال منهنجي ذهن ۾ پڪو ٿيندو ويو. آءٌ ڊڄي ڊوڙڻ لڳس. اوچتو ڏٺم تہ رستو ختم ٿي چڪو آهي ۽ سامهون هوٽل جي درين مان روشني ڇڻي ٻاهر نڪري رهي آهي — مون خدا جو شڪر بجا آندو.

آءٌ ڊوڙندو ڊوڙندو پنهنجي منزل تي پهتس ۽ ڪمري جو دروازو کوليم. پاليئا ساڄي هٿ جون آڱريون کابي هٿ جي آڱرين ۾ ڦاسايو ڪوچ تي ويٺي هئي. سامهون هڪ ميڻ بتي ٻري رهي هئي. هن مون کي حيرانيءَ سان ڏٺو ۽ واقعي ان وقت منهنجي حالت اهڙي ئي هوندي، جو مون کي هر ڪو حيرانيءَ سان ئي ڏسي سگهيو ٿي. آءٌ هن وٽ ٻيهي سڪڻ ۽ نوڙن جا ڍير مٿ تي رکڻ لڳس.

---

# باب پندرهون

مون کي ياد آهي تہ هوءَ چڱ پنڌ پهڻ تي وئي. بس مون ڏانهن نهاريندي رهي. نوٽن جي آخري ٿهي ميز تي اڇلائيندي، مون ٿورو زور سان چيو، ”پورا ٻہ لک فرانڪ کٽيا اٿم!“

نوٽن جون ٿهيون ۽ سونن سڪن جو ڍير ميز تي پيو هو. آءٌ ڪوشش جي باوجود پنهنجون اکيون ان ڍير مان ڪڍي نہ سگهيس. پنهنجي ڪٽيل دولت ڏسڻ ۾ ايترو تہ ٻڏل هوس، جو چند لمحن تائين پالينا بہ وسري ويم. اوچتو خبر ناهي تہ ڇا ٿيم، جو بينڪ جا نوٽ ترتيب سان رکڻ لڳس ۽ سڪا هڪ هنڌ ننڍڙن ننڍڙن ڍيرن ۾ جمائڻ لڳس. پوءِ يڪدم سڄي دولت کي ميز تي پکڙيل ئي ڇڏي، تيز تيز قدمن سان ڪمري ۾ هلڻ لڳس. آءٌ ڪنهن گهريءَ سوچ ۾ ٻڏل هوس. ڪڏهن ڪمري جي هن ڪنڊ ۾ ٿي ويس، ڪڏهن هن ڪنڊ ۾.... ڪڏهن تيزيءَ سان ميز تي واپس ٿي آيس ۽ ٻيهر ٿي پئسا ڳڻڻ ۾ لڳي ويس. آءٌ پئسا ڳڻي رهيو هوس. اوچتو دل ۾ خيال آيم، سو يڪدم دروازي ڏي ڊوڙيس. ڪڙو لڳائي، تالو بند ڪيم ۽ وري ميز تي اچي ڇمڙي جي ٿيلهي کي تڪڻ لڳس.

اوچتو مون کي پالينا جو خيال آيو. مون هن کان پڇيو، ”پئسا سڀائي تائين هن ٿيلهي رهڻ ڏيان؟ ڪهڙو خيال اٿئي؟“

هوءَ اڃا تائين پنڌ پهڻ ٿيو ويٺي هئي ۽ مون کي چتائي ڏسي رهي هئي. البت هن جي چهري تي رنگن جو لهڻ چڙهڻ ڏاڍو عجيب هو، جيڪو مون کي نہ وڻندو آهي. هن جي چهري مان نفرت ۽ بيزاريءَ جا آثار نظر اچي رهيا هئا.

مون جلدي هن وٽ وڃي چيو، ”پالينا! هي وٽ پنجويهہ هزار فلورن، يعني پنجاه هزار فرانڪ ۽ سڀائي صبح جو ٿي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃي پوٽ تي هٽينس....“

هن ڪو جواب ڪونه ڏنو.

”جي تنهنجي مرضي هجي ته سڀاڻي صبح جو مون سان گڏجي وٺس هلي. ڇا خيال آهي؟“

هوءَ اوچتو ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳي ۽ دير تائين کلندي رهي.

آءٌ هن کي ڏاڍيءَ حيرت ۽ هڪ اهڙي احساس سان ڏسڻ لڳس، جو ان وقت منهنجي لاءِ روح جو عذاب ثابت ٿي رهيو هو. هن جي اها اوچتي کل، منهنجي بي عزتيءَ لاءِ ڪافي هئي. اهي ٺهڪ منهنجي روح لاءِ تازيانا هئا. هڪ زبردست ٺوڪ هئي. دراصل جڏهن به آءٌ محبت جي جوش ۾ ڪي ڳالهيون ڪندو هوس، ته هوءَ هميشه ٺي ٺوڪ واري نموني ۾ ٺهڪ ڏيڻ شروع ڪندي هئي.

آخر هن جا ٺهڪ ختم ٿيا. پيشانيءَ تي هزار گهنج وجهي، پيرون ڇڪي، ڏاڍيءَ حقارت سان چوڻ لڳي، ”مون کي تنهنجا پئسا نه کپن.“

”ڇا مطلب؟ ڇا ڇٺي؟ پاڻينا! ڇو نه وٺنديءَ؟“

”بس اڻين ٿي ڪو خاص سبب ڪونهي.“

”آءٌ هيءَ رقم هڪ دوست وانگر ٿو اوهان کي پيش ڪريان. آءٌ ته پنهنجي جان به اوهان کي پيش ڪري چڪو آهيان.“

هوءَ تيز تيز نظرن سان مون کي گهوريندي رهي. ڇڻ ڪرتي ڇڏيندي.

”پر تون تمام گهڻو ڏئي رهيو آهين.“ هن کلندي چيو.

”گريو جي محبوبه جي قيمت پنجاه هزار فرانڪ نه آهي.“

”پاڻينا! ڪهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين. آءٌ گريو ٿورو ٿي آهيان.“ مون هن جي ڪرسيءَ جي ٻانهن تي هٿ رکندي چيو.

”مان توسان نفرت ٿي ڪريان.... ها .. ها ... مان توسان گريو کان وڌيڪ محبت نٿي ڪريان.“ هن ڪاوڙ ۾ ايندي چيو. اوچتو هن جي اکين ۾ رت لهي آيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن منهن کي هٿن سان لڪايو ۽ اهڙيءَ طرح اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي، ڄڻ هسٽيريا جو دورو پيو هجيس.

آءٌ جلدي اڳيان وڌيس. مون کي خيال آيو ته جڏهن آءٌ جوتا خالي ڏانهن ويو هوس، ته شايد منهنجي غير حاضريءَ ۾ هن کي ڪجهه ٿي ويو هو. هوءَ ان وقت اصل هوش و حواس ۾ نٿي لڳي.

”خريدار مون کي — ته ڇا تون به؟ تون به اهو ئي ٿو چاهين؟ پنجاه هزار فرانڪ جي بدلي، گريو وانگر؟“ هن سڏڪا ڀريندي چيو.

مون هن کي سيني سان لڳايو، آڱريون ڇهيون، ماٿس، هٿ ڇهيامانس ۽ پوءِ سندس آڏو گوڏن ڀر ويهي رهيس.

هن جو دورو ختم ٿي ويو. هن پنهنجا هٿ منهنجي ڪلهن تي رکيا ۽ سڄو بار مون تي وجهندي منهنجي اکين ۾ اکيون وجهي ڏسڻ لڳي. ائين ٿي لڳو، ڄڻ هوءَ منهنجي منهن ۽ اکين ۾ ڪا خاص شيءِ ڳولي رهي آهي. هوڏانهن ته، هوءَ منهنجي هر ڳالهه ڌيان سان ٻڌندي رهي. پر ظاهري طرح ائين ٿي لڳو، ڄڻ هوءَ ڪجهه به ڪانه ٿي سمجهي. هن جي اکين مان ڪجهه شڪ ۽ ڪجهه فڪر جهاتيون پائي، ڪجهه ڇڏي رهيا هئا. آءٌ هن لاءِ ڏاڍو بي چين ۽ پريشان هئس. هن جي حالت مان مون اندازو لڳايو ته هن جي دماغ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي. هن ڏاڍي نرميءَ سان مون کي ڪلهن کان جهلي آهستي پنهنجي ڇاتيءَ ڏانهن ڇڪيو. اوڏيءَ مهل هن جي منهن تي نهايت پروقار مرڪ کيڏي رهي هئي. وري اوچتو هن مون کي پري ڌڪو ڏنو ۽ ڏاڍيءَ نراسائيءَ وچان منهنجي منهن ۾ تڪڻ لڳي.

اوچتو وري مون ڏانهن وڌي ۽ ڇڪي ڪئي ڇاتيءَ سان لاتائين. ”تون مون سان پيار ٿو ڪرين؟ تون .... آخر منهنجي پيار کان سواءِ ٻي ڪهڙي قوت هئي، جنهن توکي جاگيردار سان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿڻ جي همت ڏني؟ ٽيڪ ٽي ڇوان نہ؟“

اهو چئي اوچتو هوءَ اچي ٿهڪن ۾ پئي، جڻ ڪا عجيب اڻ وڻندڙ ڳالهہ ياد اچي ويئي هجيس. هوءَ ويتر وڌيڪ زور سان ٿهڪ ڏيڻ لڳي. جيستائين منهنجو حال هو اهو نہ پڇو تہ بهتر آهي. سمجهو تہ آءٌ واقعي بيهوش ٿي چڪو هوس يا خلا ۾ لڙڪي رهيو هوس. مون کي ياد آهي، تہ هوءَ مون سان ڳالهيون ڪري رهي هئي، پر آءٌ هڪڙي ڳالهہ بہ سمجهي نہ سگهيس. اهو هڪ قسم جو وڦلڻ هو، جڻ هوءَ جلدي جلدي مون کي ڪا ڳالهہ ٻڌائي پنهنجو بار هلڪو ڪري رهي هئي. هن جا پيارا ٿهڪ انهيءَ وڦلڻ جي سلسلي کي هر هر ٽوڙي رهيا هئا! هن چيو پئي: ”تون واقعي ڏاڍو مٺو آهين. منهنجو سچو رازدار آهين.“ هن پوءِ منهنجي ڪلهن تي هٿ رکيا ۽ منهنجي اکين ۾ غور سان جهاتي پائيندي چيائين، ”تون مون سان محبت ڪندو هئين – ڪندو آهين – ڪندين؟“ منهنجون اکيون هن جي چهري ۾ کتل هيون. مون هن کي پهرين ڪڏهن بہ عشق ۽ محبت واري اهڙي رنگ ۾ نہ ڏٺو هو. اها ڳالهہ صحيح آهي تہ هوءَ وڦلي پئي، پر هاڻ جو ڏٺائين تہ مون بہ وڦلڻ شروع ڪيو آهي تہ وري چالاڪيءَ سان مرڪڻ لڳي ۽ هروڀرو ائسٽلي صاحب جي باري ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳي.

هوءَ لاڳيتو ائسٽلي صاحب جي باري ۾ ڳالهيون ڪندي رهي. (سو بہ شايد هن مون کي ائسٽلي صاحب جي باري ۾ ٻڌائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي.) مون کي تہ انهن ڳالهين جو مطلب سمجهہ ۾ ئي ڪونہ ٿي آيو. پڪ انهن ڳالهين ڪرڻ سان هن جو مقصد منهنجي بي عزتي ڪرڻ هو! هر هر ٿي چيائين تہ ’هو انتظار ڪري رهيو آهي.‘ هڪ دفعو مون کان پڇڻ لڳي: ”ڇا توکي خبر آهي تہ هو دريءَ وٽ بيٺو آهي؟ ها، ها، هن دريءَ جي هيٺان. وڃ دري کول ۽ پنهنجي اکين سان ڏس.“ آءٌ اٿڻ وارو ئي هوس، تہ هوءَ ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳي. آءٌ ٿڪو ٿي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرڪڻ لڳس. هن وري مرڪي مون کي زور سان پاڪر پائي
وئي ڇاتيءَ سان لڳايو.
”ته پوءِ ڇا پاڻ ٻئي سڀاڻي صبح واريءَ گاڏيءَ ۾ گڏ
هلون؟“ اهو سوال هن جي ذهن کي ڏاڍو بي تاب ڪري رهيو
هو. هوءَ ڪجهه گهڙيءَ سوچ ۾ پئجي هئي ۽ ان ئي حالت ۾
مون کي چوڻ لڳي، ”ڇا، تون واقعي مون سان گڏ هلندين؟-
اسين ٻرلن ۾ ئي ڏاڍيءَ کي هلي پڇنداسون. ڇا خيال آهي،
امان کي ڏسي هوءَ ڇا چوندي؟ ۽ انسٽال صاحب ڇا چوندو؟
مون کي پڪ آهي ته هو منهنجي لاءِ شلنگبرگ جي چوٽيءَ
تان ٽپو نه ڏيڻي سگهندو. ڇا پيو سوچين؟“ (هو ڪلڻ لڳي)
”خبر اٿئي، هو گرمين ۾ ڪيڏانهن پيا وڃن؟ سائنسي تحقيقات
لاءِ اتر پولينڊ وڃڻ جو ارادو اٿن. هن جو خيال آهي ته مان
به ساڻن گڏ وڃان. واه! هن هڪ ڀيري مون کي چيو ته اوهين
روسي، يورپين بنان دنيا ۾ ڪجهه به نه ٿا ڪري سگهو، يعني
روسي ڪنهن قابل ئي نه آهن.... هوئن هو طبيعت جو سٺو
آهي. ايسٽائين جو ڪڏهن جنرل جهڙي ماڻهوءَ کان به
معافي گهريو وجهي. هن چيو ٿي ته مادموزيل بلانشي ڏاڍي
محبت سان.... پر تنهن ۾ منهنجو ڇا! مون کي ڪهڙي خبر؟“
هن اها ڳالهه اٿين ڪئي ڄڻ واقعي ڪيس ڪابه خبر ڪانه هئي.
”هو ويچارو، مون کي هن تي ڏاڍو رحم ايندو آهي- ۽ ڏاڍي....
ها، تون ڇا چئي رهيو هئين ته گريو کي خون ڪري ڇڏيندين؟
ڇا واقعي تون هن کي خون ڪري سگهين ٿو؟ ڪهڙي نه
بيوقوفي آهي. ڇا تنهنجي خيال ۾ مان تو کي گريو سان وڙهڻ
لاءِ چوندي‌س. تون جاگيردار کي ته ڪجهه ڪري ڪونه سگهندين.“
هوءَ يڪدم رڪجي وئي ۽ کلندي چوڻ لڳي، ”جاگيردار سان
تو چڱو چرچو ڪيو؛ مون پريان بيٺي توهان ٻنهي کي ڏٺو.
اصل ۾ تون نه چاهيندي به اوچتو وڏي وئين، ايمان سان ان
مهل تو مون کي ڏاڍو کلايو هو.“ اوچتو هن مون کي چمي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏني ۽ وري زور سان ڇنڀڙي ويئي ۽ ڏاڍي پيار سان پنھنجو ڳل منھنجي ڳل سان ملائي، نرميءَ سان زور ڏنائين. مون نه ڪا ڳالھه پڌي پئي نه سوچي پئي. منھنجو دماغ چڪرائجي رهيو هو.

شايد صبح جا ستَ ٿيا هئا، جو منھنجي اک کلي. سج جا ڪرڻا دريءَ مان ڇڻي اندر اچي رهيا هئا. پالينا منھنجي ويجھو ويٺي هئي ۽ عجيب نگاهن سان هيڏانھن هوڏانھن ڏسي رهي هئي. اٿڻ تي لڳو ڄڻ ڪنھن هيبت ناڪ خواب مان اک کلي هجيس، يا ڄڻ غفلت جي دنيا مان نڪري هوش ۽ حواس جي دنيا ۾ آئي هجي ۽ گذريل واقعن کي ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هجي. هوءَ اجا اٿڻ مان مس اٿي هئي. هوءَ ميز تي پکڙيل پئسن کي ڏسي رهي هئي. آءٌ سٿو وهاڻي تي رکيو سٿو پيو هوس. منھنجو سٿو اتنرو نه ڳرو ٿي پيو هو جو کڻي نه ٿي سگھيس. مون پالينا جو هٿ جھليو ۽ کيس پاڻ ڏانھن ڇڪيم. هن مون کي زور سان ڌڪو ڏنو ۽ ڪوچ تان ٽپ ڏيئي اٿي. آسمان تي ڪارا ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا. سج نڪرڻ کان پهرين هلڪو هلڪو مينھن پوندو رهيو هو. هوءَ دريءَ وٽ ويئي، تاڪ کولي ڪونيون دريءَ تي رکي هٿ جي پٺيءَ تي ڪاڏي رکي ٻاهر ڏسڻ لڳي. هن منھنجي ڪابہ ڳالھه ڪان ڌيان ڏي پڌي. بلڪ ٽڪ آسمان ڏانھن پئي ڏٺائين. منھنجي بہ عجيب حالت هئي. سوچي رهيو هوس ته هاڻي ڇا ٿيندو. آخر ٿيندو ڇا؟ آخر هوءَ دريءَ کان هلي ميز تي آئي هن جي منھن تي نفرت ۽ حقارت جا نشان ظاهر هئا. ڪاوڙ کان چپ ڪنبي رهيا هئس. ڇوڙڻ لڳي، "هاڻ ته منھنجا پنجاه هزار فرانڪ ڏي؟"

"پالينا ڏس وري اهائي ڳالھه — وري اهائي—؟"

"يا هاڻ تنھنجو ارادو بدلجي ويو آهي؟ شايد هاڻ توکي افسوس ٿي رهيو آهي."

پنجويھه هزار فلورن، جي هڪ طرف پيا هئا، مون کڻي

هن کي ڏنا.

"هاڻ ته اهي منهنجا آهن. چو؟ ـ نه" هن پئسا وٺندي حقارت سان چيو.

"هميشه کان تنهنجا هئا" مون جواب ڏنو.

"واه! ته هي ونو پنهنجا پنجاه هزار فرانڪ." هن پئسن جي ٿيلهي زور سان منهنجي منهن تي هڻيئين. سڪا ڇڙڪات ڪري زمين تي ڪري پيا ۽ هوءَ ڊوڙي ڪمري کان ٻاهر هلي ويئي.

مون کي اهتري خبر آهي ته پاليما ان وقت هوش و حواس ۾ ڪانه هئي. ته ڇا هن کي عارضي جنون هو؟ آءٌ هن جي باري ۾ ڪابه ڳالهه پڪيءَ طرح ڪري نه ٿي سگهيس. ها، اها ڳالهه درست آهي ته هوءَ هاڻ هڪ مهيني کان پوءِ به اڃا بيمار آهي. هن جي هن بيماريءَ ۽ هن ذهني قوت جو سبب آخر ڪهڙو هو؟ ڇا ان جو سبب غرور جو ٽٽڻ ته نه هو؟ ڇا مون وٽ اچڻ جي ڪري غمگين هئي؟ ائين ته نه آهي ته مون پنهنجي فتح ۽ خوشيءَ تي مغرور ٿي هن جي اڳيان ڪا ڳالهه ڪئي هجي؟ ته ڇا مون گريو وانگر پنجاه هزار فرانڪ ڏيئي هن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ٿي گهريو؟ پر خدا ڄاڻي ٿو ته ائين ڪونه هو. انهن سان ڪابه ڳالهه هن جي بيماريءَ جو سبب ڪانه هئي. مون کي پڪ ته ڇا، اهو منهنجو ايمان آهي ته هن جي بيماريءَ جو سبب هڪ حد تائين هن جو غرور هو. هوءَ پنهنجي غرور ۾ مون تي اعتبار ڪرڻ بدران منهنجي بي عزتي ڪرڻ تي سندرو ٻڌيو بيٺي هئي. حالانڪ انهيءَ ڳالهه جي ڪيس صاف طور تي خبر ڪانه هئي. ان غرور جي نتيجي ۾ هن گريو جي ڪاوڙ مون تي لاٿي ۽ هن جي بجاءِ مون کي ظلم ۽ ستم جو نشانو بڻايو. مون کي پنهنجي بيماريءَ جو ذميدار بڻايائين. حالانڪ مون تي ان لاءِ رتيءَ جيترو به شڪ نٿو ڪري سگهجي. هي سچ آهي ته، اهو سڀ وقتي هو اهو به درست آهي ته مون کي هن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي حالت جي خبر هئي. تنهنڪري مون دل ۾ ڪونه ڪيو.
پر هاڻ شايد هوءَ مون کي معاف نه ڪري، چڱو، خير، هلو،
ان وقت ته هوءَ پنهنجي هوش ۾ ڪانه هئي، پر ان وقت، جنهن
وقت هوءَ مون وٽ آئي هئي. ان وقت ڪابه بيماري ڪانه
هيس، جو هوءَ نه سمجهي ته ڇا پئي ڪريان، ڇا نه پيئي ڪريان!
حقيقت هيءَ آهي ته جڏهن هوءَ گريو جو خط کڻي مون وٽ
آئي هئي، ته هن کي سڀڪجهه خبر هئي ته ڇا پئي ڪريان.

آءٌ جلد جلد نوٽبڪ جون ٿهيون ۽ سونا سڪا هنڌ ۾ ويڙهي
ڏهن ڏي منٽن ۾ پالينا جي پٺيان نڪتس. منهنجو خيال هو ته
هوءَ پنهنجي ڪمري ۾ ويئي هوندي، ان لاءِ سڌو اوڏانهن
ويندس ۽ نرس کان پڇندس، پر جڏهن نرس مون کي ٻڌايو ته
هوءَ اڃا اتي نه پهتي آهي ۽ هوءَ پاڻ هن کي ڳولڻ لاءِ مون
وٽ اچي رهي هئي، ته آءٌ ششدر ٿي ويس.

”اڃا هيئنئر ته مون وٽان نڪتي آهي، آخر ڪيڏانهن ويئي؟“

نرس ڏاڍي عجيب نگاهن سان مون کي ڏسڻ لڳي.

ٿوريءَ دير ۾ پالينا جي گم ٿي وڃڻ جي خبر سڄي
هوٽل ۾ ڦهلجي ويئي. جيترا منهن اوتريون ڳالهيون. سڀئي پنهنجي
پنهنجي ٻولڻ لڳا. وڏي بيري ۽ پهريدار جي ڪمري ۾ ماڻهو
ڳالهيون ڪري رهيا هئا ته مس مينهن ۾ صبح جو سويل ڇهين
بجي اينگلو هوٽل ڏانهن پئي ويئي. ماڻهو اشارن ۾ ڳالهيون
ڪري رهيا هئا، تن ۾ مان مون اندازو لڳايو ته هنن کي اڳواٽ
ئي خبر هئي ته هوءَ سڄي رات منهنجي ڪمري ۾ رهي هئي.
مطلب ته سڄي ڪٽنب لاءِ عجيب عجيب ڳالهيون گهڙجڻ لڳيون.
هوٽل جي سڀني ماڻهن کي خبر پئجي ويئي ته جنرل جو دماغ
خراب ٿي ويو آهي ۽ هو زور زور سان چرڻ وانگر رڙيون پيو
ڪري، مثلاً هڪ چيو، ”اها پوڙهي جا هتي آئي هئي، سا جنرل
جي ماءُ آهي. هوءَ روس مان رڳو ان ڪري آئي هئي ته پنهنجي
پٽ کي بلانشي سان شادي ڪرڻ نه ڏي ۽ جي پٽ سندس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪم نہ مڃي، تہ وصيت نامي مان هن جو نالو ڪڍي ڇڏي. پٽ پڪ تہ هن جو ڇوڪرو نہ سچو هوندو. تڏهن تہ هوءَ ڇاڪري ٻچي پنهنجي دولت رولت جي جوڙنا خاني ۾ پائيءَ وانگر هارائي ويٺي تہ جيئن جنرل کي ڪجهہ نہ ملي سگهي." وڏي بيري ڪاوڙ ۾ اچي چيو، "بلڪل ٺيڪ آهي، سائين." ٻيا ماڻهو ڪلہ لڳا ۽ وڏو ٻيرو ٻل ڌاهڻ لڳو. هوٽل جي ماڻهن کي اها بہ خبر هئي تہ ڪالهہ مون هڪ وڏي رقم کٽي آهي. سڀ ڪان ڀرڻ هوٽل جي ڀربدار ڪارل مون کي مبارڪون ڏنيون، پر مون کي ڪنهن جي مبارڪن جو خيال ڪونہ هو. آءُ تڪڙو تڪڙو اينگلو هوٽل ويس.

صبح جو وقت هو. ان ڪري ائسٽلي صاحب اڪيلو هو ۽ ڪو ملڻ وارو بہ ڪونہ آيو هوس. منهنجي اچڻ جو ٻڌي ورانڊي ۾ آيو ۽ مون وٽ اچي بيٺو. پنهنجي جهنگلي ٻلي جهڙين اکين سان گهورڻ لڳو ۽ منهنجي ڳالهہ ٻڌڻ جي انتظار ۾ بلڪل چپ ٿي بيٺو. مون پالينا متعلق پڇيو سانس.

"هوءَ بيمار آهي." هن ڀرڻين وانگر گهوريندي چيو.

"ڇا هوءَ واقعي اوهان وٽ آئي آهي."

"ها هوءَ مون وٽ آهي."

"ڇا هاڻي ـــ ڇا اوهين هن کي پاڻ وٽ ٿي رهائيندا؟"

"جي ها."

"پر ائسٽلي صاحب! اهو ناممڪن آهي. ڏاڍي شرمناڪ ڳالهہ آهي. ڏسو تہ ڇا هوءَ واقعي بيمار آهي. شايد اوهان اها ڳالهہ هن کي ڪونہ ڏنو آهي."

"سائين، مون ڏنو آهي ـ ـ هينئر اوهان کي چئي چڪو آهيان تہ هوءَ بيمار آهي. جي بيمار نہ هجي ها، تہ مان قسم سان ٿو چوان تہ رات توسان ڪانہ گذاري ها."

"تہ اوهان کي اها بہ خبر آهي؟"

ها، مون کي سڀ آهي. هوءَ ڪالهہ مون وٽ آئي هئي

۽ آءٌ هنءَ کي گڏ وٺي هڪ مائٽ سان ملڻ ويس. پر جو جو هوءَ بيمار هئي، ان ڪري غلطيءَ کان اوهان وٽ پهچي ويئي."

"ڪهڙي نه عجيب ڳالهه آهي؟ ته پوءِ اڳسٽلي صاحب آءٌ اوهان کي مبارڪ ٿو ڏيان، ها سچي ياد آيو. ڇا رات اوهان دريءَ هيٺان بيٺا هئا؟ مس پالينا پاڻ مون کي دري کولڻ لاءِ چيو هو. اوهين پڪ اتي بيٺا هوندا. هوءَ اوڏي مهل ڪلي به پيئي."

"واقعي آءٌ دريءَ جي هيٺان ته نه هوس، البت هيٺ ورانڊي ۾ بيٺي انتظار ڪيم."

"اڳسٽلي صاحب! ڪنهن کي ڏيکاري به آئو يا نه؟"

"ها، ڊاڪٽر کي گهرايو هوم. ياد رکو، جي خدانخواسته هن کي ڪجهه ٿي پيو، ته ان لاءِ آءٌ اوهان کي ڳچيءَ کان جهليندس."

آءٌ حيران ٿي ويس، "آخر اوهان جي مرضي ڇا آهي؟"

"مان صرف هي ٿو پڇڻ گهران ته ڪالهه توهان هڪ لک فلورن کٽيا آهن نه؟"

"ها، هڪ لک فلورن."

"بهتر. اهو ٿي آهي ته اوهين مهرباني ڪري اڄ ئي پئرس هليا وڃو."

"ڇو؟ ڇا لاءِ؟"

"اهي سڀ روسي جن وٽ دولت هوندي آهي، پيرس ويندا آهن." اڳسٽلي صاحب اهڙي نموني ۾ چيو، ڄڻ ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو هئائين.

"اهڙين گرمين ۾ پيرس وڃي ڇا ڪندس؟ توهان کي اها ته خبر آهي اڳسٽلي صاحب ته مون کي پالينا سان محبت آهي؟"

"واقعي؟ مون کي يقين آهي ته اوهان کي هن سان محبت

ڪانهي — اوهان هن مان محبت ڪري ٿي نٿا سگهو، ڏسو جي اوهان هتي رهيو، ته سڀ ڪجهه هارائي ڇڏيندؤ ۽ پيرس وڃڻ لاءِ ڪجهه به نه بچندؤ، پوءِ پڇتائيندو. تنهن مان ڪهڙو فائدو؟ چڱو خدا حافظ! مون کي پڪ آهي ته اوهين اڄ ئي پيرس هليا ويندا.“

”چڱو خدا حافظ! پر هڪڙي ڳالهه، منهنجي به گهٽيءَ ۾ پڙي ڇڏيو. مان اڪيلو پئرس نه ويندس — هتي، اوهان پنهنجين اکين سان ڏسندؤ ته ڇا ٿيندو، جنرل صاحب ۽ مس پالينا مان اوهان جي هيءَ ڪارستاني... هيءَ خبر سڄي شهر ۾ پکڙجندي.“

”ها ها، ٺيڪ آهي. پلي پکڙجي. پوءِ ڇا ٿيندو؟ جنرل وٽ هاڻ نه سوچڻ لاءِ دماغ آهي نه وقت. ان کان سواءِ مس پالينا کي پورو پورو حق حاصل آهي ته هوءَ جتي وڻيس اتي رهي. اوهان کي خبر آهي ته اهو ڪٽنب هاڻي برباد ٿي چڪو آهي. بلڪ ان ڪٽنب جو وجود ئي ڪونهي.“

آءٌ هن انگريز جي عجيب ڳالهه، ته آءٌ پئرس ضرور ويندس تي ڪلندو، واپس پئي ويس. آءٌ سوچڻ لڳس، ”هي ته مون مان خوامخواه ٿو جهيڙو ڪرڻ گهري. جي مس پالينا سري ٿي پوي، ته ڪيڏي نه ڏکي ڳالهه ٿي پوندي! آءٌ سچ ٿو چوان ته مون کي مس پالينا جو ڏاڍو ڏک آهي. پر اها ڳالهه ڪيتري نه عجيب آهي ته ان وقت جڏهن آءٌ هن کي پنهنجي ڪمري ۾ ڇڏي جوئا خاني ۾ ويو هوس ۽ پئسا کٽڻ شروع ڪيا هئم، تڏهن منهنجو سڄو عشق ڇڻ گم ٿي ويو هو. ڪنهن گهرائيءَ ۾ دفن ٿي چڪو هو. هيءَ ڳالهه آءٌ اڄ پيو ڪريان. نه ته ان وقت مون کي ان جي ڪابه خبر ڪانه هئي. ڇا آءٌ واقعي جوئاري آهيان؟ ڇا آءٌ واقعي پالينا مان سچي محبت ٿو ڪريان؟ خدا شاهد آهي ته آءٌ اڄ به هن مان محبت ٿو ڪريان. جڏهن آءٌ انسٽلي صاحب وٽان واپس پنهنجي هوٽل ڏانهن پئي ويس ته شڪست جي احساس ۽ غمگينيءَ منهنجو بت پيچي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. هڪڙو ڀيرو هڪ هڪ مڻ جو لڳي رهيو هو. اصل ڳجهه ٿي ڪونه ٿي. آءٌ پڪو پنهنجي ضمير کي گهٽ وڌ ڳالهائي رهيو هوس ۽ ان کي ڏوهه ڏيئي رهيو هوس. پر ان موقعي تي مون کي هڪ ڏاڍو عجيب واقعو پيش آيو.

آءٌ جنرل صاحب ڏانهن پئي ويس. هن جو ڪمرو ويجهو اچي ويو هو ته اوچتو هڪ دروازو کليو ۽ ڪنهن آواز مون کي پاڻ ڏي سڏيو. هيءَ مادام ڪانگز هئي، جا مون کي بلانشي جي چوڻ تي سڏڻ آئي هئي. آءٌ بلانشي سان ملڻ لاءِ هن جي ڪمري ۾ ويس.

هن وٽ رڳو ٻه ڪمرا هئا. هڪ ۾ نوڪر ٻه هئا. بلانشي جا ٿهڪ مون کي صاف ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هئا. هوءَ اڃا هاڻ ننڊ مان اٿي هئي، نه چاڻ ڪنهن کي چئي رهي هئي، ”منهنجي خيال ۾ هي ڪرڙ آهي. اهڙيون عجيب شرطون ٻه ڪنهن لڳيون آهن. جي اهين ممڪن آهي ته ٻوءِ اهو ته معجزو ٿيندو.“

”پر مون واقعي شرط هئي ڪئي آهي،“ مون ڪمري ۾ داخل ٿي ڪلندي چيو.

”ڪيترا پئسا؟“

”هڪ لک فلورن.“

”واهه، ٻازي هڻڻ جو موقعو ته هاڻ آيو آهي. اندر اچ. مون کي پري ڪان ڳالهه ٻڌڻ ۾ ڪانه ٿي اچي. هتي!“

آءٌ آهستي آهستي هن ڏانهن وڌيس. هوءَ گلابي ساٽن جي سوڙ ويڙهيو ليٽي پيئي هئي، جنهن مان هن جا پيربل پيريل ڪلها ٻاهر نڪتل هوا. اهڙا ڪلها جن کي ڪو خواب ۾ ئي ڏسندو آهي. سفيد ململ جي قميض مان هن جون نرم نرم ٻانهون صاف نظر پئي آيون. جن تي ڪاريون پٽيون ڪنڌ تائين اهڙيءَ خوبصورتيءَ سان ٽاڪيل هيون، جو مون تي سهاڳي جو ڪم پئي ڏنائون.

”تون واحد شخص آهين، جو ان موقعي مان فائدو وٺي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهين ٿو،“ هن مون کي پنهنجي ويجهو ايندو ڏسي ڳالهه شروع
ڪئي. هوءَ ڏاڍي سليقي ۽ ناز انداز سان ڳالهائي رهي هئي.

”ڀاڻ ٻڌايو ته ڇا آهي؟ آءُ موقعي مان فائدي وٺڻ جي
ضرور ڪوشش ڪندس.“ مون وضاحت گهرندي چيو.

هن جواب ڏنو، ”آهستي ڳالهاءِ ڪو ٻڌي نه وٺي. ڇگهي
پهرين مون کي جوراب ڪٽي ڏي، بلڪ پاراءِ، جوئا ۾ بازي هٽڻ
جو مزو ته پئرس ۾ آهي. خبر اٿئي ته مان اڄ پئرس پئي وڃان.“

”ها، ته اڄ ئي؟“

”بس اڌ ڪلاڪ کن ۾.“

واقعي هن جو سامان ٻڌو پيو هو. هڪ طرف هنڌ ۽ پيٽي
رکيا هئا. چانهه جو سيٽ ميز تي پيو هو، جنهن مان ثابت ٿو
ته هينئر چانهه پيتي هوائون.“

”جوئا جو مزو ته پئرس ۾ آهي. هتي دغابازي گهڻي
ٿيندي آهي ۽ اها ڏاڍي خراب ڳالهه آهي. اگرچه مون کي خبر
آهي ته خود شرط ٻڌڻ ۽ هٽڻ به خراب ڳالهه آهي. منهنجا جوراب
ڪٽي آهن. پارائيندء نه؟“

هن پنهنجا سنگ مرمر جهڙا سهڻا ۽ جرڪندڙ پير سڌا
ڪري مون ڏانهن وڌايا. آءُ هٻڪندي، هن کي ريشمي جوراب
پارائڻ لڳس ته هوءَ اٿي ويٺي ۽ ٻارن واري سادگيءَ سان ڳالهيون
ڪرڻ لڳي.

”دوکو ڏيڻ به ڪيترو حوصلي جو ڪم آهي، ڳالهه هيءَ
آهي ته مون کي پنجاهه هزار فرانڪن جي ڏاڍي ضرورت آهي.
فرينڪفرٽ ۾ تون اها رقم مون کي ڏجانءِ پوءِ پئرس ۾ اسين
پئي گڏ ڪيڏنداسين. رانڊ ته اتي ٿيندي. جوئا کيڏڻ جي سچي
خوشي پئرس ۾ ملي سگهي ٿي. ڇو جو جوئا جو اصلي هنڌ اهو
آهي. توکي اتي اهڙيون سهڻيون عورتون ملنديون، جي
تو سڄي عمر ۾ نه ڏٺيون هونديون. ڏس.....“

”پر سوچڻ جي ڳالهه هيءَ آهي ته توکي پنجاهه هزار فرانڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيئي به ڇڏيان، ته پوءِ مون وٽ باقي ڇا بچندو!"

"تون پهرين ٽي مهينن کي فرانڪن ۾ بدلائي ڇڪو آهين ۽ ان کان سواءِ به هوٽن آءٌ مهينو به مهينا تو وٽ رهڻ لاءِ تيار آهيان ۽ پڪ توکي مون سان رهڻ ۾ ڪو اعتراض ڪونه ٿيندو. انهن ٻن مهينن ۾ اسين پنجاهه هزار فرانڪن مان ڏيڍ لک فرانڪ ٺاهي ڇڏيندا سين. مان پهرين ٽي پڌائي ڇڏيان ۽ ته اهو سيڪنجهه اٿي وڃڻ کان پوءِ ئي پورو ٿي ٿو سگهي. نه ته اٿي وڃي خيالي پلاءُ پچائڻ مان ڪجهه به ڪين ورندو."

"صرف ٻن مهينن ۾!"

"آخر تون ٻڌڻ ڪهڙي ڳالهه کان ٿو، اٿي توکي ڪير پڌي ته ڪونه ڇڏيندو؟ خبر اٿئي پئرس جو هڪ مهينو ٻي سڄي زندگيءَ جي برابر آهي. هڪ مهينو تمام گهڻو ٿيندو آهي. پنهنجو پاڻ کي فريب نه ڏي. آءٌ سمجهان ٿي ته هن ڳالهه ۾ جيڪو مزو آهي، اهو توکي ملي ئي نٿو سگهي، يعني تون ان قابل ئي ڪونه آهين. تون ته ڪجهه سمجهڻ ئي ڪونه ٿو. صفا ڪو ٻڏو آهين."

ان وقت آءٌ هن جي ٻئي پير ۾ جوراب پارائي رهيو هوس. خبر ناهي ته ڇو آءٌ هن جي پيرپل گلابي ٻڪيءَ تي ڇمي ڏيڻ کان رهي نه سگهيس. هن پير ڇڪي ورتو ۽ آهستي آهستي ڪڙي منهنجي مٿي تي هڻڻ لڳي. ڇڻ ٺڪيون ڏيئي رهي هجي. وچڻ مهل هن مون کي ڇيو: "ياد رک جوئا ۾ بازي لڳائڻ وقت ڏاڍي احتياط ۽ هوشياريءَ جي ضرورت آهي. مان بس پندرهن ويهن منٽن ۾ اسٽيشن هلي وينديس."

آءٌ جڏهن پنهنجي ڪمري ۾ واپس آيس، ته ائين لڳم ڇڻ منهنجو مٿو ڦري رهيو هو. ان گردش ۾ منهنجا خيالات پيسجي ڏانوا ڊول ٿي ويا هوا. پولز جي مس پالينا پئسن جي ٿيلهي منهنجي منهن تي ٺوڪائي ڪيئي هئي ۽ هن انگريز ائسٽلي کي مون تي ترجيح ڏني هئائين. ته ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه؟ اڇا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

به ڪجهه سگهيا ۽ نوٽ زمين تي پکڙيا پيا هئا. مون وينديئي اهي ميڙيا، ان وقت در کليو ۽ وڏو بيرو ظاهر ٿيو. (جو ان ڪان پهرين ڪڏهن به منهنجي ڪمري ۾ نه آيو هو). مون کي صلاح ڏيندي چيائين:

”سائين، منهنجو خيال آهي ته اوهان هيٺين منزل تي ڊاڪٽر جي پر وارن ڪمرن ۾ هليا وڃو، جيڪي اڄ نواب صاحب خالي ڪيا آهن.“

آءٌ خاموش ٿي ويس ۽ ڪجهه سوچڻ لڳس.

”منهنجو بل موڪل. آءٌ هيٺ ئي ٻاهر پيو وڃان.“ اهو چئي آءٌ سوچڻ لڳس. ”جي پئسا نه پئسا ئي سهي. ڇاڪاڻ ته روز اول کان منهنجي مقدر ۾ لکيل آهي.“

پندرهن منٽن کان پوءِ اسين ٽيئي يعني مادام ڪامنگز، بلانشي ۽ آءٌ واقعي ٽرين جي هڪ خاص گاڏي ۾ ويٺا هئاسين. بلانشي مون سان کلي ڳالهيون ڪري رهي هئي ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏسي رهي هئي، هوءَ ايتري ٿي کلي جو اکين ۾ پاڻي اچي ٿي ويس. هاڻ منهنجي زندگي پڻ حسن ۾ ورهائجي چڪي هئي. پر گذريل ڏينهن کان مون پنهنجي هر شيءِ پٽڻ جي بازيءَ ۾ هڻڻ شروع ڪئي هئي. شايد اها ڳالهه به درست آهي ته هيءَ اوچتو هٿ آيل دولت منهنجي ضرورت کان گهٽ هئي ۽ ان مون کي ڪجهه مغرور ڪري ڇڏيو هو. هاڻ ته آءٌ پنهنجي سڄي پونجي بازيءَ ۾ هٽي چڪو آهيان. شايد ان لاءِ دکي هوس. اهو خيال منهنجي ذهن ۾ آيو، پر رڳو هڪڙو پيرو. ان کان پوءِ يڪدم خيال پاسو ورايو. ”پر هڪ مهيني کان پوءِ هتي ئي موٽي ايندس ۽ اوهان سان قوت آزمائي ڪندس انسٽلي صاحب!“ حقيقت هيءَ آهي ته ان وقت آءٌ خوش ڪونه هوس، بلڪ خوفناڪ حد تائين اداس ۽ غمگين هوس. اها به ڳالهه آهي ته آءٌ هن شيطان جي ڌيءَ، مادموزيل بلانشي جي اوچن ٽهڪن جو ساٿ ڏيئي رهيو هوس.

”توکي ڇا ٿيو ٿئي؟ تون ته کو بيوقوف آهين؟“ ٻلانشي پنهنجي ٿڪڻ وچان مون کي تڙي ڏيندي چيو. ”جي آءٌ تنهنجا ٻه لک فرانڪ خرچ ڪري ڇڏيان، ته پوءِ ڇا ٿيندو! هڪ ڏي ته ڳالهه آهي. ان جي بدلي آءٌ توسان ظاهر ظهور ٻاهر گهمنديس. تنهنجو مرتبو ۽ وقار وڌندو ۽ هوئڻ پنهنجي هٿ سان تنهنجي نيڪنامي ڀڃنديس ۽ جي خدانخواسته سڀ پئسا هارائي ٻه ڇڏيون، ته تون وري هتي اچجانءِ ۽ هاڻي وانگر وري ٻئي ڪنهن جو رڪارڊ ڀڄجانءِ. ياد اٿئي پهوديءَ توکي ڇا ٿي چيو؟ جرئت ۽ حوصلو تو ۾ آهي. مون کي پڪ آهي ته تون پئرس ۾ سنهنجي لاءِ اڳي ڪان ٻه وڌيڪ پئسا ڪٺي ايندين. جتي رهجي اتي ڪنهن ۾ ڏاڍو مزو ايندو آهي.“

”۽ جنرل صاحب....“

”جنرل صاحب روز مون وٽ گلن جو هڪ گلدستو ڪٺي ايندو هو. اڄ مون هن کي چيو ته فلاڻي رنگ جا گل آڻ. جڏهن غريب واپس ايندو ۽ ڏسندو ته پنڇي اڏري ويو آهي، ته هو ٻه امان جي ڳولا ۾ نڪرندو. تون خود ڏسندين. مون کي هن سان ملي ڏاڍي خوشي ٿيندي. پئرس ۾ مون کي هن مان گهڻو ڪي فائدو حاصل ٿي سگهندو. هتي انسٽلي صاحب هن جي هوٽل جو بل ادا ڪندو....“

ان طريقي ۽ اهڙين حالتن ۾ آءٌ پئرس پهتس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب سورهون

پئرس لاءِ ڇا چوان؟ بس ائين سمجهو تہ اتي وڃي، مون وڏي بيوقوفي ڪئي. آءٌ پئرس ۾ ٽن هفتن کان ٿورو مٿي رهيو هوندس، پر ايتري وقت ۾ منهنجا هڪ لک فرانڪ خرچ ٿي ويا. هي تہ آءٌ رڳو هڪ لک فرانڪن جي ڳالهہ ڪري رهيو آهيان، نہ تہ باقي هڪ لک فرانڪ بہ مون مادموزيل بلانشي کي ڏيئي ڇڏيا. پنجاهہ هزار فرينڪفرٽ ۾ ۽ ٽن ڏينهن کان پوءِ باقي رقم جو دستاويز پئرس پهچي هن کي اڳي ڏنم ۽ سو بہ هن پوري هڪ هفتي کان پوءِ مون کان مٽارائي ورتو. پئسا تہ پنهنجي اصلي جڳهہ تان ڏاڍيءَ سولائيءَ سان مٽارائي سگهجن ٿا، پوءِ اهي پلي کنهن نديڙي ماڻهوءَ وٽ ئي ڇو نہ هجن. هوءَ مون کي تيوتر ڪري سڏيندي هئي. انسانن جي جنهن طبقي سان مادموزيل بلانشي جو تعلق آهي، ان کان وڌيڪ ذليل، ان کان وڌيڪ بخيل ۽ ان کان وڌيڪ ڪم ظرف دنيا ۾ ڪوبہ ٿئو ٿي سگهي، پر اهو فقط پنهنجن پئسن خرچڻ مهل. جيستائين منهنجي هڪ لک فرانڪن جو تعلق آهي، هن ڪجهہ ڏينهن بعد مون کي صاف ٻڌايو هو تہ انهن پئسن جي کيس ڏاڍي سخت ضرورت هئي. 'ڇو جو، في الحال منهنجي اسڪيم اها آهي تہ، هاڻ، مان شاناڻتي نموني سان هميشہ لاءِ هتي ئي رهڻ چاهيان — پنهنجي حياتي هڪ بهتر انداز ۾ گذارڻ ٿي چاهيان. هاڻي ڪجهہ وقت تائين ڪو مون کي ڪجهہ چئي نٿو سگهي.' پوءِ اهي هڪ لک فرانڪ مون ڏٺا بہ ڪونہ. هوءَ هميشہ پئسا پنهنجي ۾ رکندي هئي جنهن ۾ ڪڏهن بہ هڪ سؤ فرانڪ کان وڌيڪ نہ ڏٺم — بلڪ جيئن پوءِ ٿيئن ان ۾ سؤ فرانڪن کان بہ گهٽبا پئي ويا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”توکي آخر پئسا چو گھرجن.“ هوءَ اهڙا ڳالهه اهڙي ٺٺ ۽ ٻالي ٻولي انداز ۾ ڪندي هئي جو مون کي جهڙي ڪرڻ جي همت ئي ڪانه ٿيندي هئي. پر هن انهن پئسن مان پنهنجي فليٽ کي سينگارڻ ۾ ڪا ڪسر ڪانه ڇڏي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جڏهن هوءَ مون کي سنڌس نئين رهائشگاهه تي وٺي ويئي، ته هن مون کي ڪمرا ڏيکاريندي چيو ”ڏٺئي، تورڙن پئسن مان به ڪيترو نه سگهڙپائيءَ جو ثبوت ڏنو اٿم“. حالانڪ تورڙن پئسن جي ڪل رقم پنجاه هزار فرانڪ هئي. ٻين پنجاه هزارن مان هن ٻن گهوڙن واري گاڏي ورتي. ان کان سواءِ اسان ٻه ٽيرا ناچ جي دعوت به ڪوٺائي. يعني شام جو ڀاڻ وٽ پارٽيون ڪيونسين، جن ۾ هارتنسي، لزيٽ ۽ قلوپطره جهڙين عورتن شرڪت ڪئي، جن جي خاصيتن ۽ صلاحيتن جي ڏاڍي ڳالهه هئي، جي واقعي خوبصورت به هيون. انهن ٻن دعوتن ۾ مون کي ميزبان ٿيڻ جو ڏاڍو احمقاڻو فرض به ادا ڪرڻو پيو. ڪڏهن جاهل ترين دولت مند واپارين جو استقبال ٿئي ڪيم، ته ڪڏهن بيوقوف ۽ بيحيا قسم جي فوجي ڪپتانن جو ته ڪڏهن خبيث قسم جي چاپلوس، خود پسند ۽ فيشن جي سڪايل اديبن ۽ صحافي ڪتن کي وڏي عزت ۽ مان سان ٿئي ويهارڻو پيم، جن اهڙي ته ظاهريءَ بناوت ۽ ڏيکاءَ جو اظهار ٿئي ڪيو، جو انهن جو ٻيهرز برگ ۾ تصور به ڪني ٿي سگهيو. واقعي اها وڏي ڳالهه آهي! انهن مان ڪي ته مون سان چرچا ڪرڻ لڳا هوا، پر آءٌ شيمپين جي نشي ۾ مخمور پوئين ڪمري ۾ پير پٿاريو ستو پيو هوندو هوس. هي سڀڪجهه منهنجي لاءِ ڏاڍي فضول ۽ مڪروه بڪواس هئي. هوڏانهن بلانشي منهنجي لاءِ چوندي هئي، ”هي بنهه نظرانداز ڪرڻ جهڙو ماڻهو آهي- ننڍڙو ماڻهو جو ٿيوءَ سينٽن کي جي فرانڪن ۾ بدلايائين ته رڳو منهن جي لاءِ; نه ته مون کان سواءِ ته هن کي خبر ئي ڪانه هئي ته پئسو خرچ ڪيئن ڪجي. پر هي ورتي به ننڍڙو ماڻهو بنجي ويندو. ماڻهوءَ کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي اصليت ڪانءِ وسرندي، ڪانگ هنج جي چال هلندو ته آخر پنهنجي به وساري ويهندو، هن جي لاءِ ضرور ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻو پوندو.“

آءٌ گهڻو ڪري ڏاڍو اداس رهندو هوس. هاڻ ته هن زندگيءَ کي ئي مصيبت سمجهندو هوس. ان ڪري اڪثر شمپئن پي بي خود ٿي ويندو هوس ۽ ان ۾ ئي پنهنجي سلامتي سمجهندو هوس. آءٌ پئرس جي شهري وچولي طبقي ۾ رهندو هوس، جنهن جا ماڻهو ايترا ته ڪنجوس ۽ خود غرض ٿيندا آهن، جو توبهه. شروعاتي ٻن هفتن ۾ ماد موزيل بلانشي مون کان ڪجهه پري پري رهي، ڇو جو هوءَ مون سان نفرت ڪندي هئي. ان جي مون کي خبر هئي. هوندءِ منهنجي ڪپڙي لٽي جو ڏاڍو خيال رکندي هئي. منهنجا وار چڱيءَ طرح ٺاهيندي هئي ۽ روز مون کي ٿاءِ ٻڌندي هئي. پر پنهنجي روح ۾، پنهنجي دل ۾ مون کي حقير ٿي سمجهيائين. مون به ان ڳالهه ۾ ڪا خاص دلچسپي نه ورتي. نا اميدي، ناڪامي، حسرت ۽ ياس ۽ شڪست دليءَ کان مجبور ٿي، آءٌ تقريباً روز فليزر هوٽل ۾ ويندو هوس، ڏاڍيءَ باقائدگيءَ سان روز شراب جا جام تي جام چاڙهيندو هوس. انهن سڀني عورتن ۽ مردن سان گڏ نچندو هوس، جيڪي گڏ نچنديون، فحش پر خفيف ۽ هلڪڙيون حرڪتون ڪندا هئا ۽ اهڙيءَ طرح انهن کي ناچ ۾ ڏاڍو مزو ۽ لطف ايندو هو.

آخرڪار بلانشي منهنجي اصلي شخصيت ۽ ڪردار جو اندازو ڪري ورتو. خدا ڄاڻي هن کي ڇو هي خيال آيو ته آءٌ هر وقت ڪاغذ ۽ پينسل کڻي هن سان گهمندو آهيان ۽ جيڪي به هوءَ ڪجهه خرچي ته لکي ڇڏيان، ۽ رڳو اهو اندازو به ڪندو رهان ٿو ته ٽي لکان ٿو ته هن هيترو خرچ ڪيو آهي، هيترو هن چورايو آهي، هيترو اڇا خرچ ڪندي، هيترو چورائيندي وغيره. هن کي اصل پڪ ٿي ويئي هئي ته امان کي هر ذهن فرانڪن جي نوٽ تي باقاعده جهيڙو ڪرڻ گهرجي. هن کي منهنجي طرفان جنهن به

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اعتراض جي اميد هئي ان جو جواب هوءَ پهرين ئي گهڙي تيار
ڪندي هئي. ۽ جڏهن ڏسندي هئي ته آءٌ ڪوبه اعتراض ڪونه
پيو ڪريان ته به پاڻ جواب ڏيڻ کان نه رهندي هئي. مورڳو
ڪاوڙجي به ويندي هئي. ڪنهن ڪنهن وقت ته ڏاڍيءَ ڪاوڙ
۾ اچي ڳالهائڻ لڳندي هئي، پر مون ڪي خاموشيءَ سان ڪٽ
تي ليٽي ڇت ڪي تڪيندو ڏسي هوءَ سخت حيران ٿيندي هئي.
هوءَ اهو سوچي ته آءٌ بلڪل احمق ۽ نڌڙو ساڌو آهيان،
پنهنجي ڳالهه مختصر ڪندي هئي، ۽ شايد دل ئي دل ۾ سوچيائين
ٿي ته، ”ڪيڏو نه بيوقوف آهي هي! هن کي ڇوڙ جي ڪهڙي
ضرورت آهي. هو مطلب ته سمجهي ئي ڪونه ٿو“ ائين هوءَ
توبهه توبهه ڪندي، ٻئي ڪمري ۾ هلي ويندي هئي ۽ وري
ٻيهر ٻاهر ايندي هئي. (اهو عام طرح ان وقت ٿيندو هو جڏهن
هوءَ ڪا وڏي فضول خرچي ڪندي هئي، يعني جڏهن خرچ
آمدنيءَ جي حساب کان وڌيڪ ٿي ويندو هو، مثلاً پهريون دفعو
جيڪي گهوڙا خريد ڪيا هوائين تن ڪي وڪڻي، هن نئين
جوڙي سورنهن هزار فرانڪن ۾ خريد ڪئي.)

هوءَ مون وٽ ايندي هئي ۽ چوندي هئي، ”تو کي تڪليف
ته ڪانه ٿي؟“

”نه نه! هرهر پڇي ڇو ٿي خواه مخواه پريشان ڪرين.“ آءٌ
پنهنجي سيني تي رکيل هٿ کڻي چوندو هوس. پر هن کي اها
ڳالهه اهڙي عجيب لڳندي هئي، جو يڪدم منهنجي پاسي ۾
ويهندي هئي.

”ڏس نه، مون ايتري رقم ان لاءِ خرچي، جو ضرورت
جي وقت اسين ٻوءِ به وڪڻي سگهون. ويهن هزار فرنڪن ۾
هنن کي ٻيهر وڪڻي سگهجي ٿو.“

”بي شڪ گهوڙا به عمدا آهن. هاڻ تو وٽ به هڪ عمدي
جوڙي ٿي ويئي. خدا مبارڪ ڪريئي! هونئن به تنهنجي لاءِ
موزون رهندا.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تہ توکي ان مان ڪاہ تڪليف ٿي آهي؟“

”مون کي ڪهڙي تڪليف ٿي آهي! تون پاڻ عقل مند آهين. جن جن شين جي توکي ضرورت آهي، انهن کي حاصل ڪرڻ تون پاڻ بہ سمجهي سگهين ٿي. يعني اهي سڀ شيون، جيڪي تنهنجي لاءِ مفيد ثابت ٿي سگهن ٿيون. آءُ سمجهان ٿو تہ اهڙي شاندار نموني سان پئرس ۾ رهڻ جي شروعات ڪرڻ تنهنجي لاءِ نهايت ٿي ضروري آهي. نہ تہ تون ڪڏهن بہ هزارين، لکين فرانڪ ميڙي ڪين سگهندينءَ ۽ هي اسان جا معمولي هڪ لک فرانڪ تہ شروعات لاءِ آهن- بلڪل سمنڊ ۾ ڦڙيءَ جيان.“

ماد موزيل بلانشي کي مون سنجهان اهڙن خيالن جي بلڪل اميد ڪانہ هئي. بلڪہ اهڙن موقعن تي اها ٿي اميد رکندي هئي تہ آءُ ٽوڪ ڪندس، طعنو هڻندس، زور سان ڳالهائيندس وغيره- ۽ منهنجي انهيءَ طريقي جون ڳالهيون ٻڌندي ٿي هوءَ گويا ڪڪرن تان لهي زمين تي اچي ڪرندي هئي.

”تون چا آهين، مون کي هاڻ خبر پئي. تون پنهنجي ضمير ۽ ڪردار جي ڪري تہ ڏاڍو سٺو آهين. جيتري تعريف ڪريان ٿوري آهي، پر بدڪردارن سان گڏجي، تنهنجي اصليت دٻجي ويئي آهي ۽ چند خاميون تو ۾ پيدا ٿي ويون آهن. حالانڪ تون هڪ ننڍو ماڻهو آهين، پر حقيقت ۾ توکي هڪ شهزادو هجڻ گهرجي ها. ها، تہ تون پئسن جي ايترو جلد ختم ٿيڻ تي ناراض تہ نہ آهين؟.

”پئسن کي باہ ڏي مون کي تہ بس اها خبر آهي تہ پئسا جيترو گهٽو خرچ ٿين، اوترو سٺو.“

”تون تہ واقعي رئيس ماڻهو آهين تڏهين تہ پئسن کي ايترو حقير ٿو سمجهين. اها ڳالهہ واقعي درست آهي تہ توکي پئسن جي ڪا پرواہ ٿي ڪانهي. باڪ تون پئسن کي نفرت جي نظر سان ٿو ڏسين! هائو نہ؟“

”تون ٺيڪ ٿي چوين، ان لاءِ سان همہ گ...

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آتان هڪ لک ڏرائڪ پيا ٻه ڪٺي ايندس.“

”بيشڪ پئسا واقعي رکڻ جي شيءِ آهن. دولتمند ٿيڻ ڪيتري نه شاندار ڳالهه آهي. مون کي خبر آهي ته تون آئي ضرور ڪمائيندين ۽ هتي مون وٽ آڻيندين، اهو ٿيندو ۽ ضرور ٿيندو ۽ رڳو ان لاءِ ٿيندو، جو مان توسان محبت ٿي ڪريان. يقين ڪر تون منهنجي دل جي ڏاڍو ويجهو آهين. مان هميشه هميشه توسان محبت ڪندي رهنديس ۽ ڪڏهن به بيوفائي نه ڪنديس. خبر اٿئي اڄ تائين مون توسان، محبت ڇو نه ڪئي؟ ان ڪري، جو منهنجي دل ۾ تو لاءِ ڪجهه نفرت جو احساس به هو ۽ اهو رڳو تنهنجي بدشعاري ڪري، (ڇو جو تنهنجي تعريف رڳو جوئا ۾ بهترين بازين کٽڻ جي ڪري ٿيندي هئي) پر مان هميشه وفادار ۽ مخلص رهي آهيان، ڇو جو محبت دل جي هوندي آهي.“

”تون ڪوڙ پئي ڪرين. تون سمجهين ٿي ته مون هڻ ڪاري بندري البرت کي ڏنو ئي ڪونهي، ڪيئن؟“

”آءُ ته هڻ کي سڃاڻان به ڪون.“

”ڪوڙ ڇو پئي ڳالهائين ۽ تون سمجهين ٿي ته آءٌ چڙي پوندس؟ اڙي، منهنجي لاءِ ته اها ڪا ڳالهه ئي ڪانهي ۽ خبر اٿئي ته آءُ ڪاوڙجندس ڇو نه؟ ان ڪري جو تون هميشه بهترين بازي هٿندي آهين. تنهنجو داءُ ڪڏهن به خالي نه ويندو آهي. بيشڪ منهنجي موجودگيءَ ۾ به هڻ کي آڻي ٿي سگهين. هڻ کي منهنجي آڏو آڻيندي، نوکي ڪا جهجهڪ ٿيڻ نه کپي. صرف هڪ ڳالهه پڇ ۽ ڪن کولي ٻڌ. هڻ کي پئسا نه ڏجانءِ.“

”ته ڇا تون واقعي ان ڳالهه مان ناراض نه ٿيندين؟ تنهنجو ته فلسفو ئي انوکو ۽ عجيب آهي!“

”مون کي ته پنهنجي خلوص تي ناز آهي، دنيا جي هڪ هڪ شيءِ ۽ هڪ هڪ ڳالهه جي اندر ڪان واقف آهيان.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ان وقت هوءَ واقعي منهنجي ويجهو رهي ۽ صحيح معنيٰ ۾ باوفا ۽ مخلص. اهڙيءَ طرح اسان جا آخري ڏهه ڏينهن به گذري ويا. بهرحال مون آهي چمڪندڙ تارا ڪونه ڏٺا، جن جي هن پهرئين ڏينهن ڳالهه ڪري مون کي هر ڪائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هڪڙيءَ طرح سان ته هن پنهنجو آهو واعدو به پورو ڪري ڏيکاريو. هن مون سان هرتنسيءَ جو تعارف به ڪرايو، جا واقعي ڏاڍي ناٺ واري عورت هئي ۽ اتي هن کي لذتيت جي فلسفي جي ديوي ڪوٺيو ويندو هو. ڪاڏو پيو ۽ عيش ڪريو، اهو ئي هن جي حياتيءَ جو مقصد هو .........

بهرحال انهيءَ قصي جي تفصيل ۾ وڃڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي، انهيءَ لاءِ هڪ دفتر جي ضرورت آهي، يا اڻين ڪئي چئجي ته هيءَ هڪ الڳ ڪهاڻي آهي، جنهن جو ذڪر آءٌ هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪرڻ مناسب نٿو سمجهان. حقيقت هيءَ آهي ته مون هن قصي کي جلد از جلد ختم ڪرڻ ٿي گهريو. ها ته جيئن آءٌ پهرين ٻڌائي آيو آهيان، اسان جا هڪ لک فرانڪ ته ڪو مهيني ڪن ۾ ئي ختم ٿي ويا، جنهن تي منهنجي حيرت بجا هئي. انهن مان گهٽ ۾ گهٽ اسي هزار ته بلانشي خود پنهنجيءَ ذات تي خرچ ڪيا ۽ باقي رهيل ويهن هزارن مان اسان کي گذارو ڪرڻو پيو - اسان لاءِ آهي به ڪافيءَ کان زياده هئا. بلانشي، جا آخرڪار اسان سان بي تڪلف ٿي ويئي هئي يا، گهٽ ۾ گهٽ مون سان کوڙ ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو هئائين، تنهن هڪ ڏينهن مون کي چيو ته هن جيڪو قرض کنيو آهي، تنهن جو بار مون تي ڪونه پوندو. چوڻ لڳي، ”مون ڪڏهن به توکي ڪنهن دستاويز يا قرض نامي تي صحيح ڪرڻ لاءِ ڪونه چيو آهي. ان ڪري، جو مون کي تنهنجو ڏاڍو خيال آهي. منهنجي جڳهه تي ڪا ٻي ڇوڪري هجي ها، ته هيستائين تون جيل ۾ پهچي چڪو هجين ها! ڏٺي! مون کي توسان ڪيترو پيار آهي ۽ آءٌ ڪيتري سٺي آهيان. ٿورو سوچ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نه سهي، هي اڪيلار شاديءَ جو خسارو ئي منهنجو ڪيترو خرچ طلبي رهيو آهي؟“

واقعي شادي مٿان اچي وئي هئي. جون واري مهيني جي ٻنهي پڇاڙيءَ ۾ شادي ٿي گذري. منهنجي هڪ لک فرانڪن مان باقي جيڪي فرانڪ وڃي بچيا هئا، سي ان جي نذر ٿي ويا ۽ اهڙيءَ طرح سڄي معاملي جي اچي پڄاڻي ٿي: يعني منهنجو مهينو اچي پورو ٿيو ۽ مون کي دستوري رخصت ناماو عطا ڪيو ويو.

ان جو تفصيل هي آهي ته پئرس ۾ اسان جي اچڻ کان هفتو کن پوءِ جنرل صاحب به اچي نڪاح ڪيو ۽ سڌو بلانشي وٽ وڃي پهتو. پهرئين ڏينهن جيئن آيو، تيئن چڱ اسان سان ئي گڏ رهيو، البت رهائش جو انتظام هن جو پنهنجو الڳ هو. بلانشي هن جي آجيان ڏاڍيءَ خوشيءَ سان، ٽهڪ ڏيندي ڪئي. بڪ جوش ۾ اچي ڀاڪر به پاتائينس. جهڙي صورتحال هئي، ان ۾ هن جنرل کي چاڙهي نئي گهريو ۽ هو هر جڳهه، هن جي پٺيان پيو ڦرندو هو. شاهي رستي کان وٺي ٿيئٽر تائين ۽ پنهنجن واقفڪارن وٽ. هيءَ طرح گهمڻ ڦرڻ وقت به هو هميشه هن سان گڏ رهندو هو. گاڏيءَ ۾ به گهڻو ڪري گڏ جي سير ڪندا هئا.

مطلب ته بلانشي لاءِ جنرل صاحب اچا اهڙن موقعن تي ڪمائتي ثابت ٿيڻ جهڙو هو. هن جي منهن مان رعب تاب پيو بکندو هو. اتي وڌيڪ به شاندار هوس. هو اميراڻي شائستگيءَ جو هڪ نمونو هو. قد عام ماڻهن کان ڊگهو ۽ مڇون ڪيس ۾ ڪاريون ٿيل ڏسڻ وٽيل هونديون هيس. بت البت ڪجهه ٿلهيرو ۽ ڦيڪو ٿي لڳس. پر ڏسڻ ۾ بهرحال ڏاڍي آب تاب وارو ٿي لڳو. هن جي روايتي طور طريقن مان اڄ به شان شوڪت نمايان هو. شام جي لباس ۾ هو ڏاڍو ڪڙوتڙو ۽ ٺاهوڪو لڳندو هو. پئرس ۾ اچي، هن پنهنجا اعزازي فوجي ٻلا به لڳائڻ شروع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيا هئا. پئرس شهر جي ڪشادن رستن تي اهڙي ڏيل ڏول واري شخص سان گڏ گهمڻ، جيڪڏهن ممڪن ٿي سگهيو ٿي، ته اهڙي فائدي بخش موقعي مان بلانشي پورو پورو ڪم وٺي چاهيو ٿي. اسان جي ڀولي ڀالي جنرل صاحب کي ته انهن ڳالهين مان ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي. پئرس ۾ اچڻ کان پوءِ هڪ پيرو به هن کي اڳين معاملن جي باري ۾ سوچڻو ڪونه پيو. نه ته اچڻ کان اڳ ان ڏيپ ۾ ڪنهن رهيو هو ته ڪٿي بلانشي کو هل بگيڙو نه ڪري وجهي ۽ ٽڪا ڏيئي ٻاهر نه ڪيارائي ڇڏي، ان ڪري هيءَ بدليل حالت ڏسي، هو ڏاڍو خوش پئي ٿيو ۽ ان خوشيءَ ۾ هن سڄو مهينو گذاري ڇڏيو ۽ جڏهن آءٌ انان ويس، ته به، ان ئي حالت ۾ مون کيس اتي ڇڏيو. مون کي خبر پئي هئي ته جنهن ڏينهن اسين هئي روانا ٿيڻ برگ مان هليا آيا هئاسين، ان ڏينهن جنرل صاحب تي ڏاڍو سخت دورو پيو هو ۽ هو صفا بي هوش ٿي ويو هو. پوءِ سڄو هفتو ڇرڻ جيان وقفي وقفي ڳالهيون ڪندو رهيو هو. ڊاڪٽرن جو باقاعدي علاج ڪيو ويو، هوشن ۾ چڱو خيال رکيائونس. پر هن هر شيءِ کي خيرآباد چئي پئرس جي راهه ورتي، جتي بلانشي جو استقبال هن جي دورن لاءِ چڱو علاج هو. بيماريءَ جون نشانيون ته اڃا به ملنس هيون، پر ان هوندي به خوش هو— هاڻ ته هو سوچڻ جي قابل به ڪونه رهيو هو، ڇاڪاڻ ته ڪنهن سنجيده مسئلي تي ڳالهائي ئي نه ٿي سگهيو. جڏهن به ڪا اهڙي ڳالهه سندس آڏو ڪئي ٿي ويئي، ته هن رڳو ڪنڌ ٿي لوڏيو— سو به، ڳالهه کي ٻڌڻ لاءِ ۽ هر لفظ تي هون، ها، چوڻ شروع ڪري ڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪِل به ايندي هئس، پر مريضن واري. ائين لڳندو هو، ڄڻ هو ان کي ڇپن ۾ روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجا گهاٽا ڀرون تاڻي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪنهن شيءِ کي تڪيندو رهندو هو. ڪيترين ئي شين سندس حافظي مان نڪري چڪيون هيون ۽ ڪوشش کان پوءِ به ياد ڪونه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايندڙيون هوس. هو صفا خالي الذهن ٿي چڪو هو ۽ هن ۾ پنهنجي منهن ڳالهائڻ جي عادت به پئجي چڪي هئي. مادموزيل بلانشي ٽي اڪيلو فرد هئي، جا ڪِيس تسلي ڏيئي ٿي سگهي ۽ واقعي جڏهن به هو ڪنهن ڪمرَ پاسي ۾ اکيون وجهي گهوڙها وهائيندو هو ۽ غمگين نظر ايندو هو، تڏهن ان جو مطلب سواءِ ان جي ڪوبه ڪونه هوندو هو ته هن گهڻي دير کان مادموزيل بلانشي کي ڪونه ڏٺو آهي يا وري بلانشي هن سان بنا ڳالهائڻ جي ئي ڪيڏانهن ٻاهر هلي ويئي آهي، يا وري وچڻ کان پهرين ساڻس خوش مزاجيءَ سان پيش ڪانه آئي هئي. پر ان سان گڏوگڏ هيءَ ڳالهه به آهي ته، هو پاڻ اصل پڌائي ڪونه ٿي سگهيو ته آخر سندس مرضي ڇا هئي ۽ ايترو پريشان ۽ غمگين ڇو ٿيو آهي، ته ٿي ڪلاڪ ويهڻ کان پوءِ (اها ڳالهه مون تڏهن ڏٺي جڏهن بلانشي سچي ڏينهن لاءِ غالباً آلبرٽ سان ملڻ ٻاهر هلي ويندي هئي)، هو ڏاڍي گهبراهٽ سان چئني طرف ڏسندو هو، يا وري ڪنهن شيءِ کي تڪيندو رهندو هو ۽ حافظي تي زور ڏيئي ڪنهن شيءِ کي ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ائين لڳندو هو، ڄڻ ڏاڍي بي قراريءَ سان ڪنهن جو انتظار ڪري رهيو هجي. پر جڏهن ڪجهه ياد نه ايندو هوس ته، ٻيهر غفلت ۽ بي خوديءَ جي حالت ۾ پهچي ويندو هو ۽ اها حالت اوستائين رهندي هيس، جيستائين ڪلنڊڙ ڪلنڊڙ بلانشي شوخ رنگ جي زرق برق لباس ۾ ملبوس پنهنجن گهونجنڊڙ ٽهڪن سان ٻيهر واپس نه اچي ويندي هئي. هوءَ ڏاڍي خوشيءَ جي حالت ۾ ڊوڙندي جنرل کي چنبڙي ويندي هئي، هن کي تنگ ڪندي هئي ۽ چمون به ڏيندي هئي ۽ اها ٿي نوازش هئي، جا هوءَ ڪڏهن ڪڏهن هن تي ڪندي هئي. هڪ ڀيري هن کي ڏسي جنرل صاحب کي ايتري ته خوشي ٿي، جو باقاعدي روئڻ لڳو. سندس اها حالت ڏسي آءٌ حيران ٿي ويس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀيرين ٿي ڏينهن بلانشي منهنجي سامهون هن جي طرفداري ڪرڻ شروع ڪري ڏني هئي ۽ هن جي هر ڳالهه کي زور ونائڻ جي ڪوشش ڪندي رهندي هئي. مون کي پراڻيون ڳالهيون ياد ڏياريائين ته ”مون جنرل سان رڳو تنهنجي ڪري بي وفائي ڪئي هئي. منهنجو مڱڻو حقيقت ۾ هن سان ٿي ٿيل آهي. هاڻ زبان ڏيئي چڪي آهيان ۽ زبان ڏيئي ڦرڻ شريفن جو ڪم ڪونهي.“ وري جنرل صاحب جي طرفان به پاڻ ڏي ٿي چيائين ته هن سندس لاءِ ٿي پنهنجو ڪٽنب ۽ خاندان ڇڏي ڏنو ـــ ۽ مون کي منهنجي فرض جو احساس ڏيارائين ته تون هيترو وقت هن جي نوڪري ڪري چڪو آهين، توکي ڪجهه ته خيال ڪرڻ کپي ـــ توکي شرم اچڻ کپي. حالانڪ هن جي زبان ڪينچيءَ جيان هلندي رهي، پر آءٌ بلڪل خاموش رهيس. الائي ڇو مون ڪان ٿهڪ نڪري ويو ۽ ائين ڳالهه آئي وئي ٿي وئي. اها به انڪري، جو پهرين ته هن اهو سوچيو ته آءٌ صفا ٻوڪ آهيان، پوءِ نتيجو ڪڍيائين ته شريف ۽ بامروت آهيان. درحقيقت اها منهنجي خوش قسمتي هئي ته هر ڳالهه جي آخر ۾ آءٌ هن شاندار نوجوان عورت جي خوشنودي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو هوس. (حقيقت ۾ بلانشي، پنهنجي نموني جي هڪ شاندار ۽ نيڪ فطرت عورت هئي، ائين برابر آهي ته هن جي باري ۾ اڳ منهنجي راءِ اها ڪانه هئي). جڏهن ڳالهه ختم ٿيڻ لڳندي هئي، تڏهن هوءَ مون کي چوندي هئي، ”تون ڏاڍو مٺو ۽ هوشيار ماڻهو آهين ۽ ... ۽... افسوسناڪ ڳالهه هيءَ آهي ته تون ايترو بيوقوف آهين جو تو ڪڏهن پائي به ڪانه بچائي.“

ڪڏهن ڪڏهن ته هوءَ مون کي جنرل صاحب سان گڏ گهمڻ لاءِ موڪلي ڇڏيندي هئي. بلڪل ان طرح جيئن هو پنهنجي وڏي ڪتي کي پهريدار سان گڏ موڪليندي هئي. مطلب هيءَ ته آءٌ هن کي پاڻ سان گڏ، ٿيئٽر، ناچ گهرن ۽ ريسٽورنٽ ۾ وٺي ويندو هوس. انهن سڀني خرچن لاءِ بلانشي مون کي پهرين

ٽي پئسا ڏيئي ڇڏيندي هئي. جنرل صاحب وٽ هوندي پنهنجو به ڪافي پئسو هو. ڪيس هر موقعي تي ماڻهن جي سامهون پئسن کولڻ جو ڏاڍو شوق هو. هڪ دفعي ته مون ڪيس ستن سون فرانڪن جي هڪڙي پن خريد ڪرڻ کان روڪيو جيڪا هن 'رائل پئلس' ۾ ڏٺي هئي ۽ بلانشي کي تحفو ڏيڻ لاءِ ٿي ورتائين. ڀلا ست سؤ فرانڪن جي پن جي ڪهڙي ضرورت؟ جنرل صاحب وٽ مجموعي طور تي هڪ هزار فرانڪ کان وڌيڪ رقم نه هئي ۽ اها خبر مون کي ڪڏهن به پئجي نه سگهي ته هن اهي پئسا ڪٿان حاصل ڪيا هئا؟ آءٌ ڀانيان ٿو ته ائسٽلي صاحب ڏنا هوندس. ان ڳالهه کي ان مان هٿي ملي ٿي ته هن جو هوٽل جو بل به هن ڀريو هو. مون سان جنرل صاحب جنهن رويي سان هليو ٿي، ان مان مون کي پڪ هئي ته ڪيس منهنجي ۽ بلانشي جي تعلقات جي باري ۾ ڪا به خبر ڪانهي. حالانڪ هن کي ڪٿان اها خبر پئجي وئي هئي ته مون جوئا ۾ ڪافي پئسا کٽيا هئا، پر هن وري به ائين ٿي سمجهيو ته آءٌ بلانشي وٽ هن جي پرائيويٽ سيڪريٽري طور هڪ نوڪر جي حيثيت سان هوس. بهرحال هو مون سان هميشه مٿانهين لهجي ۾ ڳالهائيندو هو، بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ته دڙڪا ڏيڻ لڳندو هو. هڪ ڏينهن صبح جو نيرن تي هن مون کي ۽ بلانشي کي ڏاڍو ڪلايو. بيشڪ هن دل شڪني ڪرڻ ٿي گهري، پر اوچتو مون سان ڇڙي پيو — ڇو؟ اهو آءٌ اڄ تائين ڪونه سمجهي سگهيو آهيان. حقيقت هيءَ آهي ته هو پنهنجو پاڻ کي به ڪونه سمجهندو هو. ان ڏينهن هن اهڙي تقرير ڪئي، جنهن جو ڪوبه مقصد ڪونه هو. زور سان منهنجي لاءِ چوڻ لڳو ته آءٌ ڏاڍو گستاخ ۽ بدتميز آهيان.... هو مون کي اهڙو مزو چکائيندو، جو آءٌ سڄي زندگي ياد رکندس.... ۽ مون کي ڀڄائيندو ته .... وغيره. پر اسان مان ڪوبه هن جي ڳالهه جو مطلب سمجهي نه سگهيو. کلندي کلندي بلانشي کي پيٽ ۾ سور پئجي ويو. آخر گهڻين

ترڪيبن ڪان پوءِ هن جي ڪاوڙ جي باهه ڪي وسايو ويو ۽ ڪيس گهمڻ لاءِ ٻاهر وٺي وياسين. مون اڪثر اها ڳالهه به ڏٺي ته هو ٻلاڻشي جي هوندي به غمگين رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڳالهه تي افسوس جا هٿ مهٽيندو هو ۽ تڏا ساهه کڻيو پڇتائيندو پيو هو ۽ ڪڏهن ڪنهن ڳالهه جي جستجو ۾ پريشان هوندو هو. اهڙن وقتن تي هو خود مون سان ڳالهائيندو هو. پنهنجي فوج جي زماني جون ڳالهيون، مرحوم زال جون ڳالهيون، گهريلو ڳالهيون، ۽ پنهنجي ملڪيت جي باري ۾ تفصيل — پر هو ڪنهن به ڳالهه جو مطلب صاف طور تي بيان ڪري نه سگهندو هو. ڳالهائيندي ڳالهائيندي اوچتو هو ڪنهن ڳالهه ۾ منجهي پوندو هو— ۽ آن منجهڻ مان به مزو وٺندو هو. اهڙي وقت اڪر ڪي پيو ورجائيندو هو. مون ماڻس، سندس ٻارن جي متعلق ڳالهائڻ گهريو ٿي، پر ان موضوع تي ڳالهائڻ ڪان هو نٽائيندو هو ۽ موضوع بدلائڻ جي ڪندو هو، ”ها ها، منهنجا ٻار، ها ها، بلڪل ٺيڪ آهن.“ رڳو هڪڙو ڀيرو هو جذباتي ٿي ويو هو. تڏهن اسين ٿيئٽر ۾ ويٺا هئاسين، ”ها ها، اهي بدنصيب ٻار به — جي — اهي بدنصيب ٻار به...“ انهيءَ شام ڪان پوءِ هن ’بدنصيب ٻار‘ جو اکر گهڻا ڀي دفعا استعمال ڪيو هو. هڪ دفعي جاهن مون ٻالينا جو ذڪر ڪيو، ته ڪاوڙ ڪان ڳاڙهو ٿي اول فول بڪڻ لڳو. چيائين، ”هوءَ احسان فراموش ۽ ناشڪرگذار آهي. هن خاندان جو نڪ ڪپائي ڇڏيو. جي ڪو اهڙو قانون هجي ها ته آءٌ هن جو دماغ بلڪل ٺيڪ ڪرائي ڇڏيان ها. ها ها، سچ ٿو چوان. جيستائين ڳريو جو تعلق آهي، ان جو ته آءٌ نالو ٻڌڻ به نٿو چاهيان. ان ذليل ڀي ته مون کي تباهه ڪيو آهي. برباد ڪري ڇڏيو اٿس. لڳاتار ٽيه سال هڪ هيبت ناڪ خواب بڻجي منهنجي ذهن تي ڇانيو رهيو آهي، ها ها، هو— سچ ٿو چوان — اڳتي منهنجي اڳيان ڪڏهن به هن جو ذڪر نه ڪجانءِ.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون ڏنو ته هن ٻنهي ۾، يعني بلانشي ۽ جنرل صاحب ۾، هاڻ ڪجهه ڪجهه مڙني ڪو ناهه ٿي ويل هو، پر آءٌ هميشه وانگيان خاموش رهيس. منهنجي واپس ٿيڻ کان هفتو اڳ بلانشي مون کي گهرائي چيو ته، ”هاڻ سنهري موقعو اٿئي. هاڻ ڏاڏي واقعي بيمار آهي ۽ پڪ مري ويندي، انسٽلي جي تار آئي آهي. توکي ته خبر آهي ته جنرل هن جو اڪيلو وارث آهي ۽ جي نه به هجي ته به هو منهنجي ڪمن ۾ ڪڏهن به دخل اندازي نه ڪندو. پهرين ڳالهه ته هن کي پنهنجي پينشن وصول ٿيندي رهي ٿي ۽ ٻيو ته ڪنهن پاسي واري ڪمري ۾ پيو هوندو ۽ پاڻ هميشه خوش گذاريندا سين، سان مادام جنرل سڏائيندي س. پوءِ اعليٰ سوسائٽي هوندي ۽ آءٌ.“ (بلانشي هر وقت ان شيءِ جا جواب ڏيندي هئي)؛ ”۽ آخر آءٌ هڪ روسي دولت مند جاگيردارياڻي بڻجي ويندي س — ۽ هوئڻ جي ڪو مون کي لکين ڪروڙين روپيا به ڏئي ته آءٌ پنهنجي زندگيءَ جا اصول ڇڏڻ لاءِ تيار ڪانه آهيان. آءٌ ڪنهن به طرح حسد ڪانه ٿي ڪريان، اهو سڀڪجهه منهنجي گهري محبت پٺي ڳالهائي....“

”چڱو، فرض ڪر ته جيڪڏهن هو، تو سان به ڪڏهن حسد ڪرڻ لڳي، ۽ اصرار ڪرڻ لڳي ته.... خدا ڄاڻي مون ڇا پئي چيو؟ تون ته سمجهي وئينءَ نه؟“

”نه، نه، نه! اڻين ته هو ڪري ئي ڪونه ٿو سگهي. مون پهرين ئي پڪ ڪري ڇڏي آهي. توکي پريشان ٿيڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي. مون ته هن کان آلبرٽ جي نالي تي قرض نامو به لکارائي ڇڏيو آهي. هن ٿوري به گڙٻڙ ڪئي، ته گرفتار ڪرائي ڇڏيندي سانس ۽ هوئڻ به ظاهر آهي ته هن ۾ ايتري همت ڪٿي آهي؟“

”واهه، ته پوءِ شادي ڪرينس نه....“

ڪنهن به قسم جي ڏيڻ ڏام کان سواءِ شادي ٿي وئي. بلڪل اهڙيءَ طرح چڻ گهر جو ڪو معمولي ڪم هجي. آلبرٽ کان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سواءِ پنهنجي سيني دوستن ۽ واقفڪارن کي دعوت ڏني وئي هئي. هرتنسي ۽ قلوپطره کي ڇاڻي ٻڇهي ڪونه گهرايو ويو هو. گهوٽ کي پنهنجي حيثيت جو ڏاڍو خيال ڪرڻو پيو. بلانشي پنهنجي هٿن سان ڪيس نيڪ ٽاءِ ٻڌي، هن جي ڪوٽ جي ڪالر تي عطر لڳايائين ۽ وارن ۾ خوشبودار تيل جي هلڪي مالش ڪيائين. انهن ڪپڙن ۾ هو ڏاڍو رعب دار پئي لڳو.

”ڏاڍو معزز ۽ رعب دار پيو لڳين.“ بلانشي جنرل صاحب جي ڪمري مان ايندي چيو، جنهن ته هي خيال ته هو ڏاڍو رعب دار آهي، خود هن جي لاءِ به حيرت انگيز هو. آءٌ حالانڪ هڪ معمولي تماشائيءَ جيان دلچسپي ڏيکاري رهيو هوس، ان ڪري گهٽيون ٿي ڳالهيون وسري ويون اٿم. رڳو ايترو ياد اٿم ته بلانشي جي ماءُ ’ڪامنگز‘ جي بجاءِ مادام ’پلاسٽ‘ بڻجي ويئي هئي. هو ٻئي اڃا تائين ڪامنگز ڇو نه ٿيون رهيون، ان جي خبر مون کي پئجي ڪانه سگهي، پر ان تبديليءَ مان جنرل صاحب ڏاڍو خوش ٿيو هو ۽ ڪامنگز جي جڳهه تي ’پلاسٽ‘ هن کي ڏاڍو وڻيو ٿي. شاديءَ جي ڏينهن صبح جو هن پنهنجي بر ۾ ڏاڍا سٺا ڪپڙا پاتا ۽ ڊرائينگ روم ۾ چهل قدمي ڪرڻ لڳو. پوءِ آهستي آهستي پنهنجي خاص انداز ۾ پاڻ ٿي جهونگارڻ لڳو، ”ماد موزيل بلانشي ڊي پلاسٽ، ڊي پلاسٽ—“ ۽ سندس منهن هڪ خاص سڪون ۽ اطمينان جي اثر ڪري ڳاڙهو ٿي ويو. گرجا ۾ نڪاح کان پهرين ۽ شاديءَ جي مانيءَ کان پوءِ هو نه رڳو خوش هو بلڪ مغرور به پئي لڳو. مون کي هنن ٻنهي ۾ ڪافي ڦير نظر اچي رهيو هو.... بلانشي ۾ به هڪ خاص قسم جو وقار پيدا ٿي ويو هو، جو سندس منهن مان بکيو پئي.

بلانشي ڏاڍيءَ سنجيدگيءَ سان چيو، ”هاڻي مون کي پنهنجو رويو بدلائڻو پوندو. پهرين ته مون کي سنجيده ٿيڻو پوندو. اهڙين ڳالهين متعلق ته مون ڪڏهن سوچيو به ڪونه هو. هاڻ نه مون کي پنهنجو خانداني نالو به بدلائڻو پوندو. اوهو،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي ته پنهنجو نئون نالو ٿي ياد ڪرڻو هو. ڇا هو؟ ياگويا وسڪي- نه، ياگوز يافسڪي، مادام جنرل ساگو- ساگو؟ آئين چئي، بلانشي پنهنجي نئين نالي جي آب تاب مان لطف اندوز ٿيڻ لاءِ فرينچ ٻوليءَ ۾ پنهنجي روسي لقبن القابن کي بيان ڪرڻ ۽ ساراهڻ شروع ڪري ڏنو.

آخرڪار اسين جدا ٿياسين. بلانشي- نادان بلانشي، مون کي الوداع چوڻ وقت روئڻ لڳي، هيءَ ٻاراڻي ڳالهه آهي، هن روئيندي چيو، ”سراسر حماقت آهي. تون ته هوا ۾ قلعا ٺاهڻ جو عادي ٿي ويو آهين ۽ توکي شايد اهو ئي ٺيڪ ٿو لڳي.“ رخصت وقت هن منهنجي هٿ کي زور ڏيندي ڏک ڀريل آواز ۾ چيو. ”چڱو ٻاٻا،“ اهو چئي، يڪدم پنهنجي ڪمري ۾ ويئي ۽ ٻن منٽن کان پوءِ ٻن هزارن فرانڪن جو هڪڙو ٻنڊڪ جو نوٽ کڻي آئي، جا منهنجي خيال ۾ نهايت ئي عجيب ڳالهه هئي. نوٽ ڏيندي چوڻ لڳي، ”ٿي سگهي ٿو ته هي تنهنجي ڪنهن ڪم اچي وڃن. ٺيڪ آهي تون هڪ پڙهيل ڪڙهيل نيڪ ماڻهو آهين، پر ٻوڪ آهين. مان توکي ٻن هزارن کان وڌيڪ نه ڏينديس، ڇو جو تون جوئا ۾ هارائي ڇڏيندين- چڱو خدا حافظ خدا ڪري تون پنهنجي راند ۾ ڪامياب ٿين-- ۽ جي ڪٿي وڃين ته مون کي پڪ آهي ته تون مون وٽ ضرور ايندين. تنهنجي اچڻ مان مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي.“

مون وٽ باقي پنج سؤ فرانڪ وڃي بچيا هئا. ان کان سواءِ مون وٽ هڪڙي شاندار واچ هئي، جنهن جي قيمت هڪ هزار فرانڪ کان گهٽ نه هئي ۽ هيري جا ڪجهه ڪف بٽڻ هئم. ان ڪري بي فڪرو رهي سگهيس ٿي. هن ننڍڙي ڳوٺ ۾ جاءِ ٻڌي اچي رهيو آهيان ته جيئن ماضيءَ جي يادگيرين کي تازو ڪري وٺان ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه هيءَ ته مون کي اڊسٽلي صاحب جو انتظار آهي. مون کي خبر پئي آهي ته هو هتان ٿي لنگهندو ۽ هن ڳوٺ ۾ پنهنجي ڪاروبار جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سلسلي ۾ چوويهه ڪلاڪ ترسندو. آءٌ هن ڪان هر ڳالهه پڇندس ۽ مون کي هر ڳالهه جي خبر پئجي ويندي- پوءِ آءٌ سڌو هيمبرگ هليو ويندس. رولٽن برگ ڪونه ويندس. اتي وڃڻ جو اينڌڙ سال تائين ته ڪو ارادو ڪونه اٿم. ماڻهو چوندا آهن ته هڪڙي ميز تي ٻيهر قسمت آزمائيءَ ڪرڻ سٺو شگون ڪونهي ۽ هونئن به هيمبرگ اصل جوئا جو گهر آهي.

---

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب سترهون

هيءَ ڊائري لکندي هڪ سال ۽ اٺ مهنا گذري چڪا آهن. هاڻ ذاتي ڏک ۽ افسوس جي حالت ۾ خيال آيم ته ان کي پڙهي ونان. ها ته مون لکيو هو ته آءٌ هيمبرگ ڏي وينس. خدا کي خبر ته مون اهي آخري سٽون ڪهڙي خيال سان لکيون هيون. اطمينان سان نه پاڪ ديوانين اميدن جي عجيب احساس ۾ هڪ خاص خود اعتماديءَ ۽ جرئت سان. ڇا مون کي پنهنجي ذات تي ڪو شڪ هو؟ ۽ هاڻ هڪ سال اٺ مهينا گذرڻ کان پوءِ به منهنجي حالت هڪ پينو فقير کان بدتر آهي ۽ واقعي فقير جي زندگي ٿيندي به ڪهڙي آهي؟ هو ته ڪجهه به ڪونه هوندو آهي. مون پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙي هنئي آهي. پنهنجو پاڻ کي خود تباه ڪيو اٿم. بهرحال ايترو ته ڄاڻيو ۽ سمجهيو آهيان، جو پنهنجي پيٽ دنيا جي ڪنهن به شيءِ سان ڪري ٿو سگهان ۽ هوندي پنهنجو پاڻ کي اطمينان ڏيارڻ لاءِ پاڻ کي ڪنهن اخلاقي وعظ ڏيڻ جي ڪابه ضرورت ڪانهي. اهڙن موقعن تي اخلاقي نصيحتون ڪرڻ وڏو بيوقوفيءَ جو ڪم آهي. هي زندگيءَ کان مطمئن ماڻهو، هي پيٽ ڀريل ڪوڙا ڪهڙي نه تڪبر واري انداز ۾ ٻين کي اخلاقي نصيحتون ٿا ڪن. جي هنن کي ٿوري به خبر هجي ته مان پنهنجي حالت جي گندگيءَ کان ڪيتري قدر واقف آهيان ته هنن کي، مون تي لعنت ملامت ڪرڻ لاءِ وات کولڻ جي همت ئي نه ٿئي ها. آخر هو مون کي، اهڙي ڪهڙي ڳالهه ٻڌائيندا، جا مون کي پهرين معلوم نه آهي؟ ۽ ڇا اصلي ڳالهه صرف اها ئي آهي؟ اصل ڳالهه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ آهي ته هڪڙو چڪر ڦيٽي جو هڪڙو ڦيرو ـــ ۽ سڀڪجهه
بدلجي ٿو وڃي. پوءِ ڀي اخلاق پرمت ناهج سڀ کان پهرين
مون کي مبارڪ باد جي دوستاڻن ٽهڪن سان نوازيندا ـــ مون
کي پڪ آهي ـــ ان وقت هي مون کان منهن ڪونه موڙيندا.
سندن رويو هڪدم بدلجي ويندو. پر آنهن کي باهه ڏيو. منهنجو
آنهن سان ڪهڙو واسطو. سوال رڳو هي آهي ته آءٌ اڄ ڇا
آهيان؟ ٻُڌي. سڀاڻي ڇا ٿي ويندس؟ ٿي سگهي ٿو ته سڀاڻي وري
جيڪرو ٿي وڃان. مون ۾ اڃا ڏاڍيون هڪ انسان بڻجڻ جون
صلاحيتون ضرور موجود آهن.

ٿورن لفظن ۾ هي ته آءٌ هيمبرگ هليو ويس. اتان وري
رولٽن برگ ويس ۽ اتان 'سپا' هليو ويس. آءٌ بيڊن به ويس،
جتي مون کي جينٽسي نالي هڪ ڪائونسل جي نوڪري به
ڪرڻي پئي. آءٌ پنج مهينا اُن حرامزادي وٽ نوڪر رهيس. هيءَ
نوڪري مون کي جيل مان نڪرندي ئي ملي ويئي هئي. (ياد
رهي ته آءٌ هڪ قرض نه ڏيڻ جي سلسلي ۾ رولٽن برگ جي
جيل ۾ به رهي چڪو آهيان.) خبر نه آهي ته منهنجو اهو قرض
ڪنهن ادا ڪيو؟ پالينا؟ يا شايد اٽسٽلي صاحب؟ خير ان ڳالهه
کي ڇڏيو. ڪنهن به منهنجو قرض، يعني ٻه سؤ ڊالر ڀريو ۽
آءٌ آزاد ٿي ويس. هاڻ مون وٽ ٽڪو به ڪونه هو. ان ڪري
هُن جينٽسيءَ جي نوڪري ڪرڻي پيم. هو ڏاڍو گهڻ ڳالهائو
۽ رول قسم جو نوجوان آهي. هو آرام طلب ۽ ٽن زبانن جو
ماهر آهي. مون تيهه گلڊن ماهيانو پگهار تي هن جي سيڪريٽريءَ
جي حيثيت سان نوڪري قبول ڪئي ۽ اها لهندي لهندي، هڪ
ادني نوڪر جي حيثيت تي وڃي بيٺي ۽ ائين ئي ختم ٿي.
ڳالهه هيئن هئي ته هن وٽ پيسو ڪونه هو. هو هڪ سيڪريٽريءَ
جي پگهار برداشت ڪرڻ جي قابل ڪونه هو. هو منهنجو
پگهار هر ڀيري گهٽائيندو ويو. پر آءٌ ڇا ٿي ڪري سگهيس! آخر
ڪيترو وقت بيروزگار رهان ها؟ سو اُتي ئي پيو هوندو هوس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ان طرح خود به خود هڪ جو نوڪر بڻجي ويس. ان نوڪريءَ جي دوران مون وٽ ڪائي پئي لاءِ به ڪجهه ڪرڻ هوندو هو. پر اڃا هو ته آئون پنجڻ مهينن ۾ مون ڪنهن نه ڪنهن طرح ستر گلڊن گڏ ڪري ورتا هئا. هڪ شام جو مون هن وٽان نڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ سڌو رولٽ جي جوا خاني ۾ هليو ويس. منهنجي دل ڌڙڪي رهي هئي. وار وار ڪنبيو پئي. سچ ٿو چوان ته مون کي پئسن جي ضرورت ڪانه هئي. منهنجي ته رڳو اها خواهش هئي...... ته سڀائي صبح جو ٿي ئي جنهن قسم جا ماڻهو هي سڀ ننڍا وڏا بيرا، بيلن جون سڀ حسين عورتون بس رڳو منهنجا گيت ڳائينديون رهن. سڀڻن چپن تي منهنجي ڪارنامن جو ذڪر هجي. منهنجي ڪارنامن تي مون کي مبارڪون ڏين. اهي سڀ ٻاراڻيون خواهشون آهن. مجذوب جي بڪ — چريءَ جو خواب — پر شايد — اهو به ٿي سگهي ٿو ته ٻالپڻا مون سان ٻيهر ملي ۽ پنهنجين اکين سان ڏسي ته آءٌ قسمت جي هيڏانهين هوڏانهين ڪان بلڪل بي نياز هوس.... ها، هيءَ حقيقت آهي ته مون کي پئسا عزيز ڪونه آهن، مون کي خبر آهي ته آءٌ هڪ ڀيرو وري پنهنجي سموري دولت ڪنهن ماد موزيل بلانشي کي ڏيئي سگهان ٿو ۽ وري پئرس ۾ ٽي هفتا، سورهن هزار فرانڪن جي بڻ شاندار گهوڙن واري گاڏين ۾ ويهي گذاري سگهان ٿو. مون کي خبر آهي ته آءٌ ڪنجوس ڪونه آهيان ۽ اها به خبر اٿم ته فضول خرچ به ڪونه آهيان— پر پوءِ به جڏهن خزانچيءَ جو 'ڳاڙهو'، 'پولي'— 'هڪ ڊاءِ' جا آواز ٻڌم ٿي ته دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ ٿي لڳي ۽ جسم ڪنبڻ ٿي لڳو. ڏاڍي اشتياق سان جوئا جي ميز ڏانهن ٿي ڏٺم، جنهن تي لوئيس، فيڊرڪ ۽ ٿالر جا سڪا پيا هئا. خزانچيءَ جي ڪرچي يا گهمر مان جي ڪو پئسو ڪريو ٿي، ته اڃان ٿي لڳو چڻ ڪا چڻنگ چمڪي ٿي وئي، جوئا خاني جي ڪمري وٽ پهچي. جڏهن منهنجي ڪنڻ سڪڻ جي چڻ چڻ پئي، ته منهنجي ذهن ۾ هلچل

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مچي ويٺي ۽ لونڊڙيون ڦاٽڻ لڳيون.

اها شام — آه اها شام به ڪيتري نه عجيب هئي. مون ويندي ٿي ڏٺو، گلدان "انگ" تي هنيا. داءُ اڇلائڻ وقت "انگ" کان ڪجهه بدظن هوس، تنهنڪري هارايم. هاڻ باقي ست گلدان بچيا هئا. آءٌ سوچڻ لڳس ۽ سوچيندي پنج گلدان ٻڙيءَ تي هنيم- چڪر ڦرڻ لڳو ٽئي ئي چڪر ۾ ٻڙيءَ تي بيهي رهيو. جڏهن خزانچيءَ مون کي هڪ سؤ پنجهتر گلدان ڏنا ته آءٌ خوشيءَ کان ڇڙ چريو ٿي پيس. حقيقت ۾ مون کي ايتري خوشي ان وقت به نه ٿي هئي، جڏهن هڪ لک گلدان کٽيا هئم. مون يڪدم هڪ سو گلدان ڳاڙهي نشاني تي هنيا ۽ کٽيم. پيهر به سؤ گلدان ڳاڙهي تي ئي هنيم ۽ کٽي ويس. يڪا چار سؤ گلدان سائي تي هنيم- کٽي ويس، وري اٺين سؤ "انگ" تي هنيم ۽ کٽي ويس. اڌين پنجن ئي منٽن ۾ هاڻ مون وٽ ڪل هڪ هزار ست سؤ گلدان ٿي ويا. ها — زندگيءَ جي اهڙن لمحن ۾ ماڻهو پنهنجيون اڳيون هڙئي ناڪاميون وساري ڇڏيندو آهي — آخر ڇو نه! مون اهو سڀڪجهه جان جي بازي لڳائي کٽيو هو. مون جان جي بازي هنئي ۽ نتيجو؟ هڪ ڀيرو وري آءٌ انسانن ۾ شامل ٿي ويس.

مون هوٽل ۾ هڪڙو ڪمرو مسواڙ تي ورتو ۽ دروازا بند ڪري ٽيڻ ٻجي تائين پيسا ڳڻيندو رهيس. صبح جو اک کليم ته محسوس ڪيم ته هاڻ آءٌ ڪنهن جو به نوڪر ڪونه آهيان. مون انهيءَ ڏينهن هيمبرگ وڃڻ جو فيصلو ڪيو. ان لاءِ، جو اتي نه ڪنهن جو نوڪر رهيو آهيان ۽ نڪوئي جيل ۾ ويو آهيان. گاڏيءَ ڇٽڻ کان اڌ ڪلاڪ اڳ آءٌ وري رولٽ ۾ ويس ۽ ڳاڙهي تي به داءُ هنيم ۽ پندرهن سؤ فلورن هارائي ويٺس. آءٌ جلدي ٻاهر نڪري ويس ۽ هيمبرگ روانو ٿي ويس، جت هڪڙو مهينو رهيس.

آءٌ زندگيءَ جا ڏينهن مونجهه ۽ پريشانيءَ ۾ ڪاٽي رهيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيان. جوئا ڪرڻ وقت نئين نئين رقمن جون بازيون هڻندو آهيان. سڄو سڄو ڏينهن جوئا جي ميز جو سهارو وٺيو بيٺو هوندو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن ته خواب ۾ به جوئا کيڏندو آهيان— پر مون کي ائين ٿو لڳي ڄڻ انهن سڀني شين جي وچ ۾ هڪ سخت نوس ڪانئيءَ جهان بي حس ۽ بي جان چيز بڻجي ويو آهيان ۽ ڄڻ ڪنهن گدلي دٻڻ ۾ ڦاسي ويو آهيان. انهن سڀني ڳالهين جو خيال مون کي تڏهن ٿيو، جڏهن انسٽلي صاحب سان مليس، اسين پڻ ڪافي وقت کان ڪونه مليا هئاسين. دراصل هو مون کي اتفاق سان ملي ويو، ڳالهه هيءَ هئي ته جيئن مون باغ ۾ چهل قدمي پئي ڪئي ۽ سوچي رهيو هوس ته هاڻ وري پئسا ختم ٿي چڪا آهن— ها بس باقي پنجاهه گلڊن آهن— ۽ ٿيو ڏينهن جي ڳي ته ڳالهه آهي جو مون هوٽل جو بل ڀريو آهي. آءٌ اڃا هڪ ڀيرو رولٽ جي جوئا خاني ۾ وڃي سگهان ٿو. جي هارايم ۽ ڪنهن روسيءَ کي اتاليق جي ضرورت نه ٿي ته پوءِ وري ڪنهن جنسي قسم جي شخص جي نوڪري ڪندس. انهن خيالن ۾ ٻڏو پيو هوس ۽ هلندو هلندو پارڪ ۽ جهنگ مان نڪري پاسي واريءَ پنيءَ ڏانهن رخ رکيم.

ڪڏهن ڪڏهن آءٌ خيالن ۾ ٻڏو، چار چار ڪلاڪ گهمندو رهندو هوس. جڏهن واپس هيمبرگ ايندو هوس ته ڏاڍي ٿڪ محسوس ٿيندي هئم ۽ ٿڪجي به ڏاڍو پوندو هوس. آءٌ باغ مان نڪري پارڪ ۾ ٿي گهڙيس ته اوچتو انسٽلي صاحب تي نظر پيم. هن به مون کي ڏٺو ۽ سڏ ڪيائين، آءٌ هن جي پاسي ۾ وڃي ويٺس. مون هن جي منهن تي دستوري وقار ۽ تڪلف جا نشان ڏٺا، دل کي ڪجهه مانو ڪيو ۽ مرڪندڙ منهن ڪٿي هيٺ ڪيم، هوئن، هن کي ڏسي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي هئي.

”تون اوهين هت آهيو. مون پهرين ٿي سمجهيو هو ته اوهان سان ضرور ملاقات ٿيندي. فڪر نه ڪريو اوهان کي پنهنجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کھائي پڌائڻ جي ضرورت نہ پوندي. مون کي سڀ خبر آهي.
گذريل هڪ سال اِنَ مهنَ ۾ اوهان تي جيڪي ڪجهہ وهيو واپريو آهي، تنهن جي سڄي خبر اٿم.“ هن چيو.
”ماشاالله، اوهان کي پنهنجن پراڻن دوستن سان ڪيتري نہ الفت آهي. واقعي اوهان ۾ دوستن کي نہ وسارڻ جي خصلت آهي— ها هڪڙي ڳالھہ ياد آئي، ڇا روانڻ برگ جي جيل مان اوهان مون کي ڇڏايو هو؟ هوءَ جيڪا ٻن سون گلڊن جي قرض ۾ گرفتاري ٿي هئي— خبر نہ آهي ڪنهن ڇڏايو هوم؟“
”نہ نہ، مون اوهان کي رولنڻ برگ جي جيل مان ٻہ سؤ گلڊن ڏيئي ڪونہ ڇڏايو هو. ايتري خبر سا اٿم تہ اوهان کي ٻن سون گلڊن جو قرض نہ ادا ڪرڻ جي ڪري گرفتار ڪيو ويو هو.“
”اوهان کي خبر آهي تہ اهو قرض ڏنو ڪنهن هو؟“
”نہ مون کي خبر ڪانهي.“
”عجيب ڳالھہ آهي، منهنجو تہ اهڙو ڪو روسي دوست آهي ئي ڪونہ، جو قرض ڏيئي، مون کي ڇڏائي ۽ هونئن هتي جا روسي اڌيڻ ڪري بہ ڪونہ ٿا سگهن. روس ۾ تي سگهي ٿو تہ ڪو ڪٽر عيسائي ڪنهن ٻئي ڪٽر عيسائيءَ کي قيد مان ڇڏائي. مون تہ سمجهيو هو تہ ڪنهن انگريز موج ۾ اچي مون کي ڇڏايو هوندو.“
ائسٽلي صاحب ڏاڍيءَ حيرت سان منهنجون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو. مون کي پڪ آهي تہ هن پهرين سمجهيو هوندو تہ آءٌ ڏاڍو مغموم ۽ اداس هوندس.
”مون کي اهو ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي آهي تہ اوهان پنهنجي روح جي آزاديءَ تي ڪو اثر ڪونہ وڌو آهي ۽ پنهنجي زنده دليءَ ۽ خوش مزاجيءَ کي برقرار رکيو آهي.“ هن پيشانيءَ ۾ گهنج وجهندي چيو.
”اوهين مون کي اداس نہ ڏسي اندر ۾ ٻوسري ڇو رهيا

آهيو، آخر ايترو خيال ڇو اٿو؟“ آءٌ کلڻ لڳس.

پهرين تہ هو منهنجي ڳالهہ ڪونہ سمجهيو، پر جڏهن سمجهيئين تہ مرڪي چوڻ لڳو، ”واهہ، واهہ— ڏاڍا سٺا خيالات اٿو. اوهان جي انهن اکرن ۾ منهنجو هڪڙو هوشمند، پرجوش ۽ گڏ گڏ چريائي قسم جو ۽ عجيب و غريب دوست لڪل آهي. ان قسم جا تضاد هڪ ئي وقت ۾ رڳو روسين ۾ گڏ ٿي سگهن ٿا. ميان، اها حقيقت آهي تہ هڪ شخص ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي دوست کان بہ نفرت ڪندو آهي. سچي دوستيءَ جو هڪ زبردست پاسو نفرت بہ آهي. جيستائين اوهان جو تعلق آهي، آءٌ قسم کڻي چوان ٿو تہ اوهان کي مغموم نہ ڏسي مون کي واقعي ڏاڍي خوشي ٿي. خير هاڻ ٻڌايو تہ توهان جوڙا ڇڏيندين يا نہ؟“

”توبهہ، توبهہ، اها تہ آءٌ ان ئي مهل ڇڏي ڏيندس جڏهن .... .. ....“

”جڏهن توهان پنهنجا هارايل سڀ پيسا وري ڪٽيندين.... ها نہ؟ ڇو، منهنجو خيال ٺيڪ آهي نہ؟ دل جي ڳالهہ ڪڏهن بہ ڪانہ لڪندي آهي. پنهنجي زبان تي اچيو وڃي. تنهنجي ڳالهہ واقعي صحيح آهي، اڄڪلهہ جوڙا کان سواءِ ٻيو ڪهڙو شغل اٿو؟“

”ڪوبہ نہ.“

هو مون کان مختلف قسمن جا سوال ڪرڻ لڳو. حالانڪ مون کي دنيا جي ڪا بہ خبر ڪانہ هئي، ان وچ ۾ مون ڪڏهن اخبار بہ ڪانہ پڙهي هئي. حقيقت تہ هيءَ آهي تہ ڪڏهن قسم خاطر ڪتاب بہ کڻي ڪونہ ڪوليو هئم.

”اوهين ايترا ڇيڙاڪ ڇو ٿي پيا آهيو؟ آءٌ سمجهان ٿو تہ ان نامراد جوڙا جي لاءِ اوهان نہ رڳو پنهنجي خانگي ۽ مجلسي زندگيءَ کي ختم ڪيو آهي، بلڪ پنهنجي ماضيءَ کي بہ وساري ڇڏيو اٿو. زندگي جي مزن ۽ دلچسپين کي ختم ڪري ڇڏيو اٿو. هڪ انسان ۽ هڪ شهريءَ جي حيثيت حقن ۽ فرضن کي وساري ڇڏيو اٿو. پنهنجي سموري دوستن کي وساري ڇڏيو

اٿئي— مون کي تنهنجي زندهه دليءَ جا خوشگوار لمحا اڃا تائين ياد آهن. مون کي پڪ آهي ته تو پنهنجن سٺن خيالن کي، حسين خوابن کي، نيڪ ۽ سچين خواهشن کي دفن ڪري ڇڏيو آهي— ۽ رڳو نيرن، ڀيلن، ڳاڙهن ۽ ڪارن نشانن ۽ وڇوڙن ڀريل اڱڻن جي خاطر، مون کي ٺڳيو آهي......"

"بس ائنسلي صاحب، توهان حد ٽپندا پيا وڃو، خدا جي واسطي مون کي پرائيون ڳالهيون ياد نه ڏياريو." مرن ٿورو ڪاوڙجي چيو. "آءٌ اوهان کي صاف صاف ٿو ٻڌايان ته مون ڪانه ڳالهه ڪانه وساري آهي. مون کي هر ڳالهه هوبهو ياد آهي— پر جيستائين آءٌ پنهنجي حالتن ۾ ڪو خوشگوار ڦيرو نه آڻيان تيستائين رڳو عارضي طور تي— وقتي طور تي مون انهن سمورين ڳالهين کي پنهنجي ذهن مان ڪڍي ڇڏيو آهي. ان کان پوءِ اوهين خود ڏسندؤ ته آءٌ هڪ ڀيرو وري ان مئلي جهڙيءَ حياتيءَ مان اٿندس ۽ جيئرن وانگر جيئندس."

"پر تون ڏهن سالن ۾ به پنهنجي حالتن ۾ ڦيرو ڪونه آڻي سگهندين ۽ جتي آهين اتي ئي هوندين ۽ جي آءٌ جيئرو رهيس ته ڏهن سالن کان پوءِ هن ئي ساڳيءَ جڳهه، تي توکي اِها ڳالهه ياد ڏياريندس."

مون هن جي ڳالهه ڪاٽيندي، چڙ مان چيو، "بس، بس، اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ته ماضيءَ کي وساريو ڪونه اٿم، آءٌ پڇان ٿو ته پالينا ڪٿي آهي؟ جي اوهان مون کي قيدخاني مان ڪونه ڇڏايو هو ته پڪ پالينا ڇڏايو هوندو— ان وقت کان اڄ تائين مون هن جي باري ۾ ڪابه خبر ڪانه ٻڌي آهي."

"نه، مون کي پڪ آهي ته پالينا اوهان کي ڪونه ڇڏايو آهي. اڄ ڪلهه هوءَ سوئٽزرلئنڊ ۾ آهي. چڱو، اوهان جيڪڏهن پالينا جو ذڪر نه ڪريو ته مهرباني ٿيندي." ائنسلي بيزاريءَ کان چيو.

"ان جو مطلب هي آهي ته هن اوهان جي جذبات کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجروح ڪيو آهي،“ آءٌ ڏڪارو ٿي ڪلڻ لڳس.

”مس پالينا هڪ احترام جي لائق هستي آهي. سڀئي هن جي عزت ڪندا آهن ۽ هوءَ آهي به هزارن ۾ هڪ. پر آءٌ وري ٿو چوان ته، مون کان پالينا جي باري ۾ ڪجهه نه پڇو. اها اوهان جي مون تي مهرباني ٿيندي، اوهين هن کي ڪڏهن به سمجهي ڪونه سگهندؤ ۽ آءٌ چڙهي به، هن جو نالو اوهان جي واتان ٻڌان ٿو ته دل تي ڌڪ ٿو لڳيم.“

”خدا جي واسطي ائين نه چئو، اوهين خود ٻڌايو ته آءٌ اوهان سان پالينا کان سواءِ ٻي ڪهڙي ڳالهه ٿو ڪري سگهان! ان ڪري، جو اسان جو ماضي، اسان جون سڀئي يادگيريون هن سان ڳنڍيل آهن. اڏسٽلي صاحب! پريشان ٿيڻ جي ضرورت ڪانهي. آءٌ اوهان کان ذاتي ڳالهيون پڇڻ ڪونه ٿو گهران — منهنجو تعلق ته مس پالينا جي خارجي معاملات سان آهي، جيڪي اوهين ٻڪ مون کي ٻڌائي سگهندؤ.“

”ٺيڪ آهي، پر ان شرط تي ته ان کان سواءِ اوهين مون کان ڪجهه به نه پڇندؤ. مس پالينا گهڻو وقت بيمار رهي ۽ اڃا تائين بيمار آهي. ڪجهه وقت تائين هوءَ منهنجي پيءُ سان گڏ ڏکڻ انگلستان ۾ رهي. ڇهه مهينا ٿيا نه هن جي ڏاڏي — اوهان کي ته خبر آهي — مري ويئي ۽ هن جي نالي ست هزار پائونڊ هن جي ورثي ۾ ڇڏي ويئي. هينئر مس پالينا منهنجي شادي شده ڀيڻ سان گڏ سفر ڪري رهي آهي. هن جي ننهي ننڍن ڀاءُ ڀيڻ کي به وصيت ناسي ۾ ڪجهه دولت ملي ويئي آهي. هو لنڊن ۾ پڙهن پيا. سندن ماڻيجو پيءُ جنرل مهينو کن ٿيو مري ويو. مادموزيل بلانشي هن سان ڏاڍو سٺو سلوڪ ڪيو. هوئتن به هوءَ جنرل جي ورثي جي سموري دولت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي. بس مون کي ايتري خبر آهي.“

”۽ هو گريو ڪٿي آهي؟ ڇا هو به سوئٽزرلئنڊ ۾ سفر پيو ڪري؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نه، هو آتي ڪرڻي ۽ سچ پچ ته مون کي خبر ڪانهي ته ڪٿي آهي. پر هاڻ ڏسو ورڻي اهڙيون اڪل ٿوڪون نه هئو، ۽ ته ڏسو ان جو نتيجو به توهان کي پوڳاڻو پوندو.“

”اسان جي پراڻن تعلقات جي هوندي به؟“

”ها، پراڻن تعلقاتن هوندي به.“

”معاف ڪجو انسٽلي صاحب! پر هڪڙي ڳالهه ضرور پڇندس. آخر ان ۾ اهڙي ڪهڙي بي عزتيءَ واري ڳالهه آهي؟ آءٌ مس پالينا کي ته ڏوهه ڪرڻ پيو ڏيان — ۽ هوئن سچي ڳالهه هيءَ آهي ته هڪ روسي عورت ۽ فرينچ مرد جو جوڙو، اها ڳالهه منهنجي ۽ اوهان جي بيان ڪرڻ ته ڇا پر سمجهه کان به ٻاهر آهي.“

”هڪ فرينچ مرد ۽ روسي عورت — ڇا مطلب؟ آخر اوهان ڳريو جو ٿالو ڪنهن ٻئي سان ڇو ٿا ملايو؟ ۽ ’جوڙي‘ سان اوهان جو مقصد ڇا آهي؟ خاص طور تي فرينچ مرد ۽ روسي عورت ڇو؟“

”اڄين تو لڳي ٿو اوهين ان ڳالهه ۾ دلچسپي وٺي رهيا آهيو. پر انسٽلي صاحب! هي هڪ ڊگهو داستان آهي. ان کي سمجهڻ لاءِ پهرين اوهان کي ٻيون گهڻيئي ڳالهيون سمجهڻيون پونديون. اها ڳالهه هوئن پڻي اوهان کي خراب لڳي، پر اوهين ان جي اهميت کان انڪار نٿا ڪري سگهو. انسٽلي صاحب! فرينچ خوبصورت ۽ نازڪ روايتن جو پابند هوندو آهي. ممڪن آهي ته اوهين انگريز هجڻ جي صورت ۾ ان کان انڪار ڪريو ۽ آءٌ روسي هجڻ ڪري ان سان اتفاق نٿو ڪريان. ٻئي طرف رقابت جا جذبات ڳالهه مڃڻ کان مانع آهن.“

”پر اسان جون عورتون ان باري ۾ مختلف راءِ ٿيون رکن. اوهين هڪ فرينچ کي بناوٽي ۽ تصنع سان ڀرپور ٿا سمجهو، حالانڪ اوهين هن کي سمجهي به ڪونه ٿا سگهو. آءٌ به ائين ٿو سمجهان — حالانڪ هڪ طرح سان اها بڪواس ئي آهي. پر

وري به ائسٽلي صاحب! هو ڏاڍو وڻندڙ هوندو آهي. شاعر هوندو آهي، اها ٻي ڳالهه آهي ته اسين هن کي پسند نه ڪريون. فرينچن بلڪ ٻَرس وارن جون خصلتون به ڏاڍيون سٺيون ٿينديون آهن ۽ اسين اڄ به گويا ان گهڙيل ڪاٺ آهيون. فرينچ انقلاب هنن کي اميرائي شان وارين خوبصورت ورثي ۾ ڏنيون ۽ هاڻ اها حالت آهي، جو جٽ ڪان جٽ فرينچ به ڏاڍو آب تاب وارو ۽ مان شان وارو ٿي آئي ويهي ٿو ۽ هلي چلي ٿو. هن کي ڳالهائڻ جو ڍنگ ايندو آهي. سٺيون سٺيون ڳالهيون سوچيندو آهي ۽ هر ڳالهه ۾ پنهنجي ذات ۽ ڳالهه مطابق اهڃاڻ به پيدا ڪندو آهي— حالانڪ هن جي پنهنجي فطرت— هن جي روح ۽ ضمير جو سندن ان تي ڪجهه به ڪوبه هٿ ڪونه هوندو آهي. اهو سڀڪجهه هن کي ورثي ۾ مليل آهي. ائسٽلي صاحب! آءُ اوهان کي اهو به ٻڌائي ڇڏيان ته دنيا جي تختي تي هڪ روسي دوشيزهه کان وڌيڪ رازدار، اندر جي صاف، سليقه مند، سادي، بي داغ ۽ مٺي دوشيزهه ٻي هند ڪٿي به ڪانهي، گريو جهڙو فرينچ هڪ خاص قسم جي ڏيکاءَ سان هن جي دل مٺ ۾ ڪري سگهي ٿو ۽ هن جي سچي حياتي کٽي سگهي ٿو. ائسٽلي صاحب! هو سٺين عادتن جو ڏيکاءُ ڪري ٿو ۽ روسي عورت ان کي هن جو اندر سمجهندي ويهي. هوءَ ڪڏهن به اهو نٿي سمجهي ته اهو ظاهري ڏيکاءُ آهي، جو هن کي ورثي ۾ مليل آهي ۽ دراصل سندس پنهنجو ناهي. اوهين رنج نه ٿيو، پر سچ هي آهي ته انگريز ڏاڍا بدسليقه، غير مهذب ۽ ناشائسته ٿيندا آهن. روسي هميشه حسن جي ڳولا ۾ پريشان ۽ بيتاب رهندا آهن. پر روح جي خوبصورتي ۽ ڪردار جي مضبوطيءَ لاءِ جنهن آزاديءَ، باطني وصفن ۽ جنهن بي نيازيءَ جي ضرورت آهي، اها امان جي عورتن ۾، خاص ڪري— نوجوان ڇوڪرين ۾ تمام گهٽ آهي. مس پالينا کي— معاف ڪجو زبان تي آيل ڳالهه روڪڻ نه گهرجي— ان بدمعاش گريو جي بجاءِ اوهان کي چونڊڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ اچا ڪافي وقت جي ضرورت آهي. بيشڪ هوءَ اوهان کي
مٺو ماڻهو سمجهي ٿي. اوهان جي باري ۾ سٺا خيال رکي ٿي.
اوهان کي پنهنجي دل جا هزئي راز کولي ٻڌائي ٿي. پر انهن
مڙني ڳالهين هوندي، هو شيطان زر پرست گروهه جي دل تي
حڪمراني ڪندو. رڳو هن جي خود پسندي ۽ خود آرائي هن
جي برتري قائم رکڻ لاءِ ڪافي آهي ۽ ان جو سبب رڳو هي
آهي ته هو شروع کان ٿي پالينا جي اکين هڪ آزاد خيال،
فراخ دل ۽ باوقار نواب جي حيثيت سان ظاهر ٿيو هو، جنهن
جي متعلق اهو خيال ڪيو ويندو آهي ته هن پنهنجي سچي
نوابي رڳو هن جي گهرائي ۽ بدنصيب ماڻهن پيءُ لاءِ ختم
ڪئي آهي ۽ جنهن هن لاءِ ائين پنهنجو پاڻ کي تباهه ڪري
ڇڏيو آهي. اهو درست آهي ته پوءِ انهن سمورن ڪوڙن تان
پردو کڄي ويو آهي ۽ اصلي ڳالهه سامهون اچي ويئي آهي، پر
ان سان ڪهڙو فرق ٿو پوي. پالينا اچا تائين اصلي گروهه سان پيار
ٿي ڪري ــــ ۽ هن کي اهو ئي ته گهرجي! جيئن جيئن هوءَ
موجوده گروهه سان نفرت ڪندي ٿي وڃي، تيئن تيئن اصلي
گروهه سان محبت وڌندي ٿي وڃيس، حالانڪ اصلي گروهه رڳو
سندس خيالن ۾ آهي ۽ اوهين ته ڪنهن جا واپاري آهيو."

"ها، آءٌ لاول اينڊ ڪمپنيءَ جي مشهور فرم جو
حصيدار آهيان."

"ته پوءِ انسٽاني صاحب ڪٿي هو راجا ۽ ڪٿي اوهين!
آءٌ ته ڪنهن ناهيندڙ به ڪونه آهيان. ڪٿي اوهان ڪٿي هو عشق
جو ديوتا، اها ته غير فطري ڳالهه آهي ــــ ۽ آءٌ ته هڪ معمولي
جواري آهيان ۽ سندن نوڪر به رهي چڪو آهيان. مون کي
پڪ آهي ته مس پالينا کي هن ڳالهه جي خبر آهي. ڇو جو هن
جا جاسوس ڏاڍا هوشيار آهن."

"اوهان کي هرويرو ڪاوڙ پئي اچي. تڏهن ئي ته اهڙيون
بي وقوفيءَ جون ڳالهيون پيا ڪريو." انسٽلي صاحب ٿڌي ...

رڳي، چيو ته، ”۽ هونئن اوهان جيڪي ڪجهه چيو آهي، تنهن ۾ ذرو به سچ ڪونهي.“

”آءٌ سڄان ٿو پر دوست! عجيب ڳالهه ته هيءَ آهي ته منهنجيون ڳالهيون ڪئي ڪيترين به عجيب ڇو نه لڳي رهيون هجن، پر انهن ۾ صداقت ضرور آهي. اصلي ڳالهه ته هيءَ آهي ته پاڻ سڀئي ڪنهن شمار ۾ نه آهيون.“

”اهو سڀ ڪوڙ آهي، بڪواس آهي — ان ڪري منهنجا احسان فراموش نااهل، بدنصيب، نادان دوست! آءٌ هتي هميشه رڳو پالينا جي چرڻ تي آيو آهيان ته جيئن اوهان سان روبرو ملي، معلوم ڪريان ته اوهان جا خيالات، جذبات ۽ تمنائون ڪهڙيون آهن — پوءِ اهو سڀڪجهه پالينا کي ٻڌايان — سمجهيوءِ؟“

”واقعي — واقعي؟ ته ڇا ائين به ٿي سگهي ٿو؟“ مون بي اعتباريءَ وچان چيو. منهنجي اکين مان ٻه ٻه ڳوڙها وهڻ لڳا. آءٌ انهن کي ضبط ڪري نه سگهيس. زندگيءَ ۾ غالباً پهريون پيرو منهنجي اکين مان ڳوڙها نڪتا هئا.

”بدنصيب انسان! هوءَ تو سان محبت ڪندي هئي — ۽ اهو سڀڪجهه آءٌ توکي ان ڪري پيو ٻڌايان، جو تون هڪ شڪست کاڌل انسان آهين — ۽ — جي توکي اهو به ٻڌايان ته هن کي اڄ ڏينهن تائين تو سان پيار آهي ته مون کي پڪ آهي ته تون پنهنجي موجوده زندگيءَ ڏان هڪ قدم به اڳتي وڌي نه سگهندين. تو پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هنيو آهي. تو خود پنهنجو پاڻ کي برباد ڪيو آهي...... تو ۾ ڏاڍيون صلاحيتون هيون، خصوصيتون هيون. طبيعت به سٺي هئي. جي تنهن جي مرضي هجي ها ته جيڪر پنهنجي ملڪ جي بيش بها خدمت ڪرين ها، جنهن کي تو جهڙن ماڻهن جي سخت ضرورت آهي — پر نه، تون هتي ئي رهندين ۽ ان حد کان اڳتي وڌڻ تنهنجي لاءِ ناممڪن آهي ۽ نيٺ تون پنهنجي زندگي ائين ئي ختم ڪندين. قسم سان آءٌ طنز ڪونه ٿو ڪريان، نڪو توکي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوھہ تو ڏيان. منهنجي خيال ۾ هڙئي روسي اهڙا ٿيندا آهن. انهن جي طبيعتن جا لاڙا به اهڙا ئي هوندا آهن. جي رولٽ جي جوا نہ سهي تہ ڪا بي لعنت ئي سهي. رڳو اوهين نہ، پر ڪو بہ روسي ڪم جي اهميت ڪونہ سمجهي (ڳوناڻن جي ڳالهہ ڪونہ ٿيو ڪريان). رولٽ جي جوئا اهڙي آهي، جا رڳو روسين لاءِ ئي ناهي وئي آهي. اوهين بيشڪ ايماندار آهيو. تڏهن تہ اوهان چوري ڪرڻ بجاءِ نوڪري ڪئي— پر مون کي تہ آئينده جو ڊپ آهي. مستقبل ۾ ڇا ٿيندو- چڱو خدا حافظ! تو کي پئسي جي ضرورت آهي؟ هي وٺ، ڏهہ لوئيس. ان کان وڌيڪ ڪونہ ڏيندس ڇو جو تون جوئا ۾ اڏائي ڇڏيندين - ها، ها، وٺ، وٺ."

"نہ، مسٽر ائسٽلي! پر اوهان جيڪي ڪجهہ چيو، سو ٺيڪ آهي."

"وٺ وٺ، مون کي خبر آهي تہ تون هڪ قابل احترام شخص آهين. هي تہ آءٌ تو کي سچي دوست جي حيثيت مان ڏيئي رهيو آهيان. جي مون کي پڪ هجي ها تہ تون جوئا ڇڏي هيمبرگ مان پنهنجي ملڪ هليوويندين تہ خدا جو قسم آءٌ تو کي هڪ هزار پائونڊ ڏيئي ڇڏيان ها تہ جيئن تون نئين سر پنهنجي زندگي مداري سگهين، پر نہ، آءٌ هڪ هزار پائونڊ ڪونہ ڏيندس. رڳو هي ڏهہ لوئيس ڏيندس. ڇو جو تنهن جي لاءِ ڏهہ لوئيس هڪ هزار پائونڊن جي برابر آهن. تون سڀ هارائي ڇڏيندين. چڱو تہ هاڻ وٺ."

"چڱو وٺان ٿو، پر هڪڙي شرط تي تہ وڃڻ کان پهرين ڀاڪر پائي ملندؤ."

"منظور آهي."

اسين ڏاڍن پرخلوص جذبن مان هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي ملياسين ۽ پوءِ هو هليو ويو.

نہ، هو غلطيءَ تي آهي، جي مون کي پالينا ۽ گريو جي متعلق غلط فهمي آهي تہ هو وري روسين جي باري ۾ متعصب

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. آءُ پنهنجي باري ۾ ڪجهه به نٿو چوان — بهرحال — بهرحال، هن وقت اهو نڪتو زير غور ڪونهي. اهي سڀ ڳالهيون آهن — بي معنيٰ ڳالهيون — ضرورت ته ڪم جي آهي. جدوجهد جي — هاڻ ته سڀڪجهه مٿس زلزلي ۾ آهي. سپاٽي!...... ڪاش اهو ممڪن هجي ها ته آءُ نئين سر زندگي شروع ڪريان ۽ مستقبل کي چمڪائڻ لاءِ سپاٽي اتي پهچي وڃان ها. هنن سڀني کي خبر پوڻ گهرجي ته آءُ .... ۽ پالينا کي به خبر پوڻ گهرجي ته آءُ اڃا به هڪ انسان بڻجي سگهان ٿو .... مون کي رڳو .... پر هاڻ ته گهڻي دير ٿي ويئي آهي — پر سپاٽي — آه — مون کي پهرين ڏي خيال هو ته هاڻ ڪجهه نه ڪجهه ٿي رهندو. هاڻ مون وٽ پندرهن لوئيس آهن ۽ جوئا کيڏڻ لاءِ ته پندرهن گلڊن ڏي ڪافي آهن. جي ڪو احتياط سان کيڏي ته .... آءُ ڪو ٻار ٿوروئي آهيان. ڇا ايترو به ڪونه ٿو سمجهان ته آءُ تباهه ٿي چڪو آهيان ۽ هاڻ مون کي ٻيهر زندگي سڌارڻي آهي، ها مون کي هڪ ڀيرو وري صبر ۽ تحمل کان ڪم وٺڻو پوندو — ۽ سپاٽي ڪو ڏينهن منهنجي زندگيءَ جو بهترين ڏينهن هوندو. رڳو هڪ ڀيرو وري پنهنجي قوت ارادي کي ظاهر ڪرڻو پوندو. بس، هڪ ڪلاڪ ۾ قسمت بدلجي ويندي. گردش جا ڏينهن پورا ٿي ويندا. اصل ڳالهه قوت ارادي جي آهي. منهنجي لاءِ زندگيءَ جو رڳو هڪڙو واقعو ئي ياد رکڻ ڪافي آهي. اڄ کان ست مهينا اڳ آخري ناڪاميءَ کان ٿوري دير اڳ رولٽن برگ ۾ مون تي ڇا وهيو واپريو هو؟ حقيقت ۾ اهو مستقل مزاجيءَ جو ڪارنامو هو. آءُ پائي پائي هارائي چڪو هوس .... ۽ ڪاسينو جي جوئا خاني مان ٻاهر پئي آيس. مون واسڪوٽ جي کيسي ۾ ڏٺي حسرت مان هٿ وڌو هو ته ڏٺم ته اڃا تائين هڪڙو گلڊن پيو هو. ان وقت يڪدم خيال ۾ آيم ته رات جو ماني به کائڻي آهي. آءُ اڃني وڌيس اڃا سؤ قدم مشڪل سان هليس، ته ذهن ڦيرو کاڌو ۽ آءُ ٻيهر جوئا خاني ۾ هليو ويس. ويندي ئي اهو گلڊن

’انگ‘ تي هنيم (ان وقت ”انگ“ جوئي وارو هو.) جي اوهين پرديس ۾، هڪ اڻڄاڻ شهر ۾، جتي اوهان جو ڪو يار مددگار نه هجي ۽ اوهان وٽ رڳو هڪڙو گلدن هجي ۽ اها به خبر نه هجيوَ ته شام جو ڪاڏو ملندوَ يا نه ۽ اصل ان ئي وقت اوهين پنهنجو اهو آخري گلدن به داءَ تي هڻي ڇڏيو ته اوهان کي ان احساس ۾ ڪيتري نه لذت ايندي؟ آءٌ ڪٿي ويس ۽ ويهن منٽن کان پوءِ کيسي ۾ هڪ سؤ ستر گلدن وجهيو، ڪاسينو کان ٻاهر نڪتو ويس. اها هڪ حقيقت آهي ته واقعي ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻچيل گلدن به گهڻو ڪجهه ڪري سگهي ٿو. جي آءٌ ان وقت بي همت ٿي وڃان ها ته ڇا ٿئي ها؟ جي مون هارائڻ جو خطرو نه کنيو هجي ها ته ڇا ٿئي ها؟....

سڀاڻي — سڀاڻي اهو سڄو قصو نهي ويندو.

---

# سنڌي ادبي بورڊ جا ڇپايل ڪي پيا ڪتاب

**تن ۽ تندرستي:** صفحا ٣٣٦ (ڪرائون سائيز)؛ قيمت ٠.٥-٤ ر
مصنف: ڊاڪٽر علي احمد قاض

**جنرل سائنس:** صفحا ٣٥٢ (ڊيمي سائيز)؛ قيمت ٠.٥-٣ ر
مترجم: ڊاڪٽر علي احمد قاض

**اقتصادي انصاف:** صفحا ٢٨٢ (ڪرائون سائيز)؛ قيمت ٠.٠-٥ ر
مترجم: غلام رضا پٺ

**سنڌ جي اقتصادي تاريخ:** صفحا ٣١٤ (ڊيمي سائيز)؛
قيمت ٠.٠-٦ رپيا؛ مصنف: سراج.

**ڪيمياي سعادت:** صفحا ١٨٢ (ڪرائون سائيز)؛ قيمت ٠.٠-٣ رپيا؛
مترجم: غلام حسين جلباڻي.

**جادو ۽ سائنس (٣ ڀاڱا):** صفحا ١٨٢٠ (ڊيمي سائيز)؛
قيمت ٠.٠-٣٤ رپيا؛ مترجم: سومار علي سومرو.

**معاشرو ۽ تعليم:** صفحا ١٤٨ (ڪرائون سائيز)؛ قيمت ٠.٠-٥ رپيا؛
مصنف: سيد غلام مصطفيٰ شاهه.

**علاءُ مان مٿي چاڙهو:** صفحا ٣٨٦ (ڪرائون سائيز)؛
قيمت ٠.٠-٦ رپيا؛ مصنف: مرزا قليچ بيگ.

## ڪتابن ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
جنرل پوسٽ آفيس باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو سات نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book